# آدابِ طعام

شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنت، بانیٔ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال
محمد الیاس عطّار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# آدابِ طعام

شيطان ڪيڏي بہ سستي ڏياري ھي باب مڪمل پڙھي وٺو، شايد توھان کي احساس ٿئي تہ اڄ تائين مونکي ”ڪائڻ“ ئي نہ ايندو ھو!

## باڪمال فرشتو

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آھي ”بيشڪ الله تعاليٰ ھڪ فرشتو منھنجي قبر تي مقرر فرمايو آھي جنھن کي تمام مخلوق جا آواز ٻُڌڻ جي طاقت عطا فرمائي اٿس، پوءِ قيامت تائين جيڪو مون تي درود پاڪ پڙھندو آھي تہ ھو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آھي، چوندو آھي فلاڻي پٽ فلاڻي جي توھان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙھيو آھي.“ (مجمع الزوائدج10ص 251 حديث 17291)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! درود شريف پڙھڻ وارو ڪيڏو ڀاڳ وارو آھي جو ان جو نالو پيءُ جي نالي سميت بارگاھِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾

پيش ڪيو ويندو آهي، هتي هي نڪتو بہ انتهائي ايمان افروز آهي تہ قبر مبارڪ عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي حاضر فرشتي کي ٻُڌڻ جي قوت ايڏي تہ گهڻي ڏني وئي آهي جو هو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هڪ ئي وقت ۾ درود شريف پڙهڻ وارن لکين مسلمانن جي انتهائي هلڪي آواز کي بہ ٻُڌي وٺندو آهي ۽ ان کي **علم غيب** بہ عطا ڪيو ويو آهي، جو هو درود پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا بلڪ انهن جي پيئرن جا نالا بہ ڄاڻي وٺندوآهي، جڏهن دربارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خادم جي سماعت (يعني ٻُڌڻ) جي قوت ۽ **علم غيب** جو اهو حال آهي تہ سرڪارِ والا تبار، مڪي مديني جي تاجدار، محبوب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اختيارات ۽ علمِ غيب جو ڇا شان هوندو! پاڻ ڇو نہ پنهنجي غلامن کي سُڃاڻيندا ۽ ڇو نہ سندن جي فرياد ٻُڌي ڪري **باذن الله تعالیٰ** امداد فرمائيندا.

میں قُرباں اِس اداۓ دَستْ گیری پر مرے آقا
مدد کو آ گئے جب بھی پُکارا یا رسولَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**ڪاڌو ڪائڻ بہ عبادت آهي**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڌو اللهعَزَّوَجَلَّ جي تمام پياري نعمت آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ قسمين قسمين لذت بہ رکي وئي آهي، سنين سنين نيّتن سان شريعت ۽ سنّت جي مطابق حلال ڪائڻ ثواب جو ڪم آهي، **مفسرِ شهير** حڪيم الامت حضرت **مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا.

” كاڏو بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت آهي مومن جي لاءِ.“ وڌيڪ فرمائن ٿا، ڏسو نڪاح انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي، پر حضرتِ سيّدُنا يحييٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام نڪاح ناهي ڪيو، پر ڪاڏو اها سنّت آهي جو حضرتِ سيّدُنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان سيّدُنا محمّد رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين سيني نبين ضرور ڪاڏو آهي. جيڪو شخص ”بُک هڙتال“ ڪري بُک جي ڪري جان ڏيندو اهو حرام موت مرندو. (تفسير نعيمي ج 8 ص51)

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، ”ڪاڻي ڪري شڪر ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن روزو رکي صبر ڪرڻ وارو.“

(ترمذي ج 4 ص 219 حديث 2494)

## حلال گرھ جي فضيلت

اسان جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت مطابق ڪاڌو ڪائون تہ ان ۾ اسان جي لاءِ برڪتون ئي برڪتون آهن. حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي احياءُ العلوم جي ٻئي جلد ۾ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو قول نقل ڪن ٿا تہ مسلمان جڏهن حلال ڪاڌي جو پهريون گرھ ڪائيندو آهي تہ ان جا پهريان جا گناھ مُعاف ڪيا ويندا آهن ۽ جيڪو شخص حلال (روزيءَ) جي طلب لاءِ ذلت جي جڳھ تي ويندو آهي ان جا گناھ وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن.

(احياءُ علوم الدين ج 2 ص 116)

## ڪاڌي ڪائڻ جي نيت ڪيئن ڪجي؟

ڪائڻ وقت بُک لڳل هجڻ سنّت آهي، ڪائڻ وقت هيءَ نيّت ڪريو تہ الله ربّ العزّت عَزَّوَجَلَّ جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪائي رهيو آهيان.

ڪاڏي مان فقط لذت حاصل ڪرڻ مقصد نہ هجي، حضرت **سيّدُنا ابراهيم بن شيبان** عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا تہ”مون اسي سالن کان ڪابہ شيءِ رڳو نفس جي لذت جي غرض سان ناهي ڪاڌي. (احياء العلوم ج 2ص5) گهٽ ڪائڻ جي نيّت بہ ڪجي، جو عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت تڏهن ئي سچي ٿيندي جو تہ پيٽ پري ڪائڻ سان عبادت ۾ ويتر رڪاوٽ پيدا ٿيندي آهي! گهٽ ڪائڻ صحت جي لاءِ فائديمند آهي، اهڙي شخص کي ڊاڪٽر جي ضرورت گهٽ ئي پيش ايندي آهي.

## ڪاڌو ڪيترو ڪائڻ گهرجي؟

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي،”ماڻهو پنهنجي پيٽ کان وڌيڪ خراب ٿانوُ ناهي ڀريندو، انسان جي لاءِ **ڪجهہ گرهہ** ڪافي آهن جيڪي سندس پُٺيءَ کي سڌو رکن جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهي تہ ٽيون حصو ڪائڻ جي لاءِ، ٽيون حصو پاڻي جي لاءِ ۽ هڪ ٽيون حصو ساهہ جي لاءِ هجي.“

(سنَن ابن ماجه ج 4 ص 48 حديث 3349)

## نيت جي اهميت

**بخاري شريف** جي سڀ کان پهرين حديث پاڪ آهي،”اِنَّمَاالۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات“ يعني عملن جو دارومدار نيّتن تي آهي. (صحيح بخاري ج1 ص 5 حديث 1) جيڪو عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي، ان ۾ ثواب ملندو آهي، رياءُ يعني جيڪڏهن ڏيکاءُ جي لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو ئي عمل گناهہ جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ بہ نِيّت نہ هجي تہ نہ ثواب ٿيندو نہ گناهہ، جڏهن تہ اهو عمل حقيقت ۾ مُباح (يعني جائز) هجي. مثال طور ڪا حلال

شيءِ جيئن آئسڪريم يا منائي يا ماني ڪاڏي ۽ ان ۾ ڪجهه به نِيَّت نه ڪئي ته نه ثواب ٿيندو نه گناهه. البت قيامت ۾ حساب جو معاملو درپيش ٿيندو، جيئن ته سرڪارِ نامدار، بِنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، حَلَالُهَا حِسَابٌ وَّ حَرامُهَاعَذَابٌ يعني: ان جي حلال ۾ حساب آهي ۽ حرام ۾ عذاب.
(فردوس بما ثور الخطاب ج 5 ص 283 حديث 8192)

## سرمو چووڏو ؟!

رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهوءَ کان ان جي هر هر ڪم، ايتري تائين جو اک جي سرمي جي باري ۾ به پُڇيو ويندو." (حلية الاولياء ج10 ص 31 حديث 14404) تنهنڪري عافيّت ان ۾ ئي آهي ته پنهنجي هر مباح ڪم ۾ سنيون سنيون نيّتون شامل ڪيون وڃن. جيئن ته هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا، "مان هر ڪم ۾ نيّت پسند ڪندو آهيان، ايتري تائين جو کائڻ پيئڻ، سمهڻ ۽ بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ به. (احياء العلوم ج 4 ص 126) نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رَحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، **"مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي"**. (طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942)

نيّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، زبان سان چوڻ شرط ناهي، بلڪ زبان سان نِيَّت جا لفظ چيا پر دل ۾ نيّت موجود نه هئي ته نيّت ئي نه چَوَرائبي ۽ ثواب نه ملندو. **ڪاڏي جون 43 نيتون** خدمت ۾ حاضر آهن، انهن مان جيڪي حال موجب هجن ۽ ممڪن هجن اهي ڪري

ڇڏڻ گهرجن، هي بہ عرض ڪندو هلان تہ اهي نيّتون مڪمل ناهن، نيّت جو علم رکڻ وارو ان جي ذريعي ٻيون ڪيتريون ئي نيّتون ڪري سگهي ٿو، جيتريون نيتون گهڻيون هونديون اوترو ئي ثواب بہ گهڻو ملندو. اِنْ شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

## ڪاڌي جون 43 نيتون:

﴿1،2﴾ڪاڌي کان اڳ ۽ پوءِ وارو وضو ڪندس ( يعني هٿ ۽ وات جو اڳيون حصو ڌوئندس ۽ ڪرڙيون ڪندس) ﴿3﴾ ڪاڌو ڪائي ڪري عبادت ﴿4﴾ تلاوت ﴿5﴾والدين جي خدمت ﴿6﴾ علمِ دين حاصل ڪرڻ ﴿7﴾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر﴿8﴾ علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۾ شرڪت ﴿9﴾ آخرت جي معاملن ۾ ۽ ﴿10﴾ ضرورت مطابق حلال روزي ڪمائڻ خاطر پيٽ ڍڪ لاءِ قوت حاصل ڪندس. (اهي نيّتون انهيءَ صورت ۾ فائديمند ٿينديون جڏهن بُک کان گهٽ کاڌو وجهي، خوب پيٽ ڀري کائڻ سان ويتر عبادت ۾ سُستي پيدا ٿيندي آهي، گناهن ڏانهن رجحان وڌندو آهي ۽ پيٽ جون خرابيون پيدا ٿينديون آهن) ﴿11﴾ زمين تي ﴿12﴾ سنّت جي پيروي ۾ دستر خوان تي ﴿13﴾(چادر يا قميص جي دامن جي ذريعي) پردي ۾ پردو ڪري ﴿14﴾ سنّت جي مطابق ويهي ڪري ﴿15﴾ کائڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله ۽﴿16﴾ ٻيون دعائون پڙهي ڪري﴿17﴾ ٽن آڱرين سان﴿18﴾ ننڍا ننڍا گرهہ ناهي ڪري﴿19﴾ چڱي طرح چٻاڙي کائيندس ﴿20﴾ هر گرهہ تي يَاوَاجِدُ پڙهندس (يا گرهہ جي ختم ٿيڻ تي اَلحَمدُلله ۽ هر گرهہ جي شروع ۾ يَاوَاجِدُ ۽ بِسْمِ الله) ﴿21﴾جيڪو داڻو وغيره ڪِري پيو اهو کڻي ڪري کائي ڇڏيندس

﴿22﴾ مانيءَ جو هر گرهه پاڄيءَ جي ٿانوَ جي مٿان ڪري پيئندس (ته جيئن مانيءَ جا ذرڙا ٿانوَ ۾ ئي ڪِرن) ﴿23﴾ هڏيون ۽ گرم مصالحو وغيره چڱي طرح صاف ڪرڻ ۽ چٽڻ ڪانپوءِ اڇلائيندس ﴿24﴾ بُک کان گهٽ کائيندس ﴿25﴾ آخر ۾ سنّت جي ادائيگيءَ جي نيّت سان ٿانوَ ۽ ﴿26﴾تي پيرا آڱريون چٽيندس ﴿27﴾ ڪاڌي جو ٿانءُ ڌوئي پيئي ڪري هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي ثواب جو حقدار بڻجندس ﴿28﴾ جيستائين دسترخوان نه کنيو وڃي ان وقت تائين بنا ضرورت جي نه اٿندس (جو هي به سنّت آهي) ﴿29﴾ ڪاڌي ڪانپوءِ مسنون دعائون اوّل ۽ آخر درود شريف سميت پڙهندس ﴿30﴾ خلال ڪندس. (يعني ڏندن جي وٿين مان ڪاڌي جا ذرا ڪيندس)

ملي ڪري ڪائڻ جون وڏيڪ نيتون

﴿31﴾ دسترخوان تي جيڪڏهن ڪو عالم يا بزرگ موجود هوندو ته انهن کان اڳ ۾ ڪاڌو شروع نه ڪندس ﴿32﴾ مسلمانن جي ويجهڙائيءَ جون برڪتون حاصل ڪندس. ﴿33﴾ انهن جي خدمت ۾ بوٽي، ڪدو شريف، ڪرڙ ۽ پاٽي وغيره پيش ڪري انهن جي دل خوش ڪندس (ڪنهن جي پليٽ ۾ پنهنجي هٿ سان ڪٽي ڪري وجهڻ آداب جي خلاف آهي، جيڪا شيءِ اسان رکي، تي سگهي تو ته ان وقت ان کي ان جي خواهش نه هجي) ﴿34﴾ انهن جي سامهون مُرڪي صدقي جو ثواب ڪمائيندس ﴿35﴾ ڪنهن کي مُرڪندو ڏسي ڪري ان جي مسنون دعا پڙهندس (مُرڪندو ڏسي پڙهڻ جي دعا اَضْحَکَ اللّٰهُ سِنَّکَ

يعني: الله عَزَّوَجَلَّ توکي سدائين کِلندو رکي) (صحيح بخاري ج4 ص403 حديث 3294)

﴿36﴾ ڪاڌي جون نيّتون ۽ ﴿37﴾ سنّتون ٻُڌائيندس ﴿38﴾ موقعو مليو تہ ڪائڻ کان اڳ ۽ ﴿39﴾ بعد جون دعائون پڙهائيندس. ﴿40﴾ ڪاڌي جو سنو حصو مثلاًبوٽيون وغيره حرص کان بچندي ٻين جي خاطر ايثار ڪندس (تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي، ”جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي ضرورت هجي ٻئي کي ڏئي ڇڏي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.“) (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 779) ﴿41﴾ انهن کي خلال ۽ ﴿42﴾ ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت وجهڻ جي لاءِ رٻڙ بيند جو تحفو پيش ڪندس﴿43﴾ ڪاڌي جي هر گرهہ تي ٽي سگهيو تہ ان نيّت سان بلند آوازسان يَاوَاجِدُ چوندس جو ٻين کي بہ ياد اچي وڃي.

## ڪاڌي جو وضو محتاجي دور ڪندو آهي

حضرت سيّدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ رحمت بنياد آهي، ڪاڌي کان پهريان ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ محتاجي کي دور ڪندو آهي ۽ اها مرسلين (عَلَيْهِمُ السَّلَام) جي سنّتن مان آهي (المعجم الاوسط ج 5 ص 231 حديث 7166)

## ڪاڌي جو وضو گهر ۾ ڀلائي وڌائيندو آهي

حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو،”جيڪو هي پسند ڪري تہ الله تعالیٰ ان جي گهر ۾ خير (يعني ڀلائي) گهڻي ڪري تہ جڏهن ڪاڌو حاضر ڪيو وڃي (تہ) وضو ڪري ۽ جڏهن کنيو وڃي (تہ) ان وقت بہ وضو ڪري.“ (ابن ماجه شريف ج 4 ص 9 حديث 3260)

## ڪاڌي جي وضوءَ جون نيڪيون

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ” ڪاڌي کان اڳ **وضو** ڪرڻ **هڪ نيڪي** ۽ ڪاڌي کان پوءِ ڪرڻ **ٻہ نيڪيون** آهن.“ (جامع صغير ص 574 حديث 9682)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪاڌي کان اڳ ۽ پوءِ هٿ وغيره ڌوئڻ ۾ سُستي نہ ڪرڻ گهرجي، خدا جو قسم ”هڪ نيڪيءَ“ جي اصل حقيقت قيامت جي ڏينهن ئي خبر پوندي، جڏهن ڪنهن جي رُڳو هڪ ئي نيڪي گهٽ هوندي اهو پنهنجي عزيزن کان رُڳو هڪ نيڪي جو سوال ڪندو پر ڏيڻ جي لاءِ ڪو تيار نہ هوندو.

## شيطان کان حفاظت

**سرڪارِ مدينه، سلطانِ با قرينه** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ برڪت** نشان آهي،” ڪاڌي کان پهريان ۽ پوءِ وضو (يعني هٿ ۽ وات ڌوئڻ) رزق ۾ ڪشادگي ڪندو آهي ۽ شيطان کي دور ڪندو آهي.

(ڪنزالعمال ج 10 ص 106 حديث 40755)

## بيمارين کان حفاظت جا نسخا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪاڌي جي وضوءَ مان مُراد نماز وارو وضو ناهي بلڪ ان ۾ ٻئي هٿ ڪراين تائين ۽ وات جو اڳيون حصو ڌوئڻو ۽ ڳرڙي ڪرڻي هوندي آهي. **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا ”توريت شريف ۾ ٻہ ڀيرا هٿ ڌوئڻ ۽ ڳرڙي ڪرڻ جو حڪم هو ڪاڌي کان اڳ ۾ ۽ ڪاڌي کانپوءِ پر يهودين صرف بعد وارو باقي رکيو، پهرئين جو

ذڪر متائي ڇڏيو، ڪاڏي ڪان اڳ ۾ هٿ ڌوئڻ ۽ گرڙي ڪرڻ جي ترغيب ان لاءِ آهي تہ عمومًا ڪم ڪار جي ڪري هٿ ۽ ڏند ميرا ٿي ويندا آهن ۽ ڪائڻ ڪان بعد هٿ ۽ وات سٺيا ٿي ويندا آهن، تنهنڪري ٻنهي وقتن تي صفائي ڪئي وڃي. ڪاڌو ڪائي ڪري گرڙي ڪرڻ وارو شخص اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڏندن جي موذي مرض پائيريا (PHYORRHEA) ڪان محفوظ رهندو، وضوءَ ۾ ڏندڻ جو عادي ڏندن ۽ معدي جي بيمارين ڪان بچيل رهندو آهي. **ڪاڌي ڪان فورًا بعد پيشاب ڪرڻ جي عادت وجهو ان سان گردن ۽ مثاني جي بيمارين ڪان حفاظت ٿيندي آهي، هي گهٽو مجرب (يعني آزمايل) آهي.**" (مرآة شرح مشكوٰة ج6ص 32)

## ڊرائيورجو پراسرار موت!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا سنّت ۾ عظمت آهي، جتي سنّت تي عمل ڪرڻ ۾ ثواب ملندو آهي اتي ان جا دنياوي فائدا بہ هوندا آهن، ڪاڌي ڪان اڳ ۾ ٻئي هٿ ڪرائُن تائين ڌوئڻ سنّت آهي. وات جو اڳيون حصو ڌوئڻ ۽ گرڙي بہ ڪري ڇڏڻ گهرجي ڇوتہ هٿن سان مختلف ڪم ڪيا ويندا آهن ۽ اهي مختلف شين سان لڳندا رهندا آهن تنهن ڪري مٿائن مر مٽي ۽ ڪيترن ئي قسمن جا جراثيم لڳي ويندا آهن. ڪاڌي ڪان پهريان هٿ ڌوئڻ سان انهن جي صفائي ٿي ويندي آهي ۽ ان سنّت جي برڪت سبب اسان ڪيترن ئي بيمارين ڪان بچي ويندا آهيون،ڪاڌي ڪان اڳ ۾ ڌوتل هٿ نہ اگهيا وڃن جو توال وغيره جا جراثيم هٿن ۾ لڳي سگهن ٿا. چيو وڃي ٿو تہ هڪ ٽرڪ ڊرائيور هوٽل ۾ ماني ڪاڌي ۽ ڪائڻ ڪان فورًا پوءِ تڙپي تڙپي ڪري مري ويو،

ٻين ڪيترن ئي ماڻهن بہ ان هوٽل ۾ ماني کاڌي پر انهن کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو، تحقيق شروع ٿي تہ ڪنهن ٻُڌايو تہ ڊرائيور کاڌي کان اڳ ۾ هوٽل جي پرسان ٽرڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو هيو بعد ۾ هٿ ڌوئڻ بغير ان ماني کاڌي هئي. جنهن بعد ٽرڪ جي ٽائرن کي چيڪ ڪيو ويو تڏهن اهو انڪشاف ٿيو تہ ڦيٿي جي هيٺان هڪ زهريلو نانگ چِٿجي ويو هو جنهن جو زهر ٽائر تي ڦهلجي ويو ۽ اهو ڊرائيور جي هٿن تي لڳي ويو، **هٿ نہ ڌوئڻ جي سبب کاڌي سان گڏ اهو زهر پيٽ ۾ هليو ويو جيڪو ڊرائيور جي ٽُرت موت جو سبب بڻيو.**

الله کی رحمت سے سُنّت میں شرافت ہے
سرکار کی سنّت میں ہم سب کی حفاظت ہے

## بازار ۾ کائڻ!

**حضرت سيّدُنا ابو امامہ** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبيِّ ڪريم، رسولِ عظيم، رؤفُ رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو،"بازار ۾ کائڻ بُرو آهي".

**(جامع صغير ص184حديث3073)**

**صدرالشريعہ بدرالطريقہ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي** اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا،"رستي ۽ بازار ۾ کائڻ مڪروہ آهي".

**(بهارِ شريعت حصو 16 ص19)**

## بازار جي ماني!

**حضرت سيِّدُنا امام برهان الدين ابراهيم** زَرنُوجي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا، امامِ جليل حضرتِ سيّدُنا محمّد بن فضل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تعليم جي دوران ڪڏهن بہ بازار مان کاڌو نہ کاڌو، سندن والد صاحب هر جمعي تي پنهنجي ڳوٺ کان سندن لاءِ کاڌو آڻيندا هئا، هڪ ڀيري جڏهن هو کاڌو ڏيڻ آيا تہ

سندن کمري ۾ بازار جي ماني رکيل ڏسي سخت ناراض ٿيا ۽ پنهنجي پٽ سان ڳالهايائون به نه، صاحبزادي معذرت ڪندي عرض ڪيو ته "بابا سائين! هيءَ ماني بازار مان مون ناهي آندي منهنجو دوست منهنجي رضا مندي جي بغير وٺي آيو آهي. والد صاحب اهو ٻُڌي دڙڪا ڏيندي چيو ته جيڪڏهن تنهنجي اندر تقويٰ هجي ها ته تنهنجي دوست کي اها جرئت نه ٿئي ها. (تعليم المتعلم طريق التعلم ص 67 با ب المدينه ڪراچي)

## بازاري کاڌو بي برڪت هوندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! ته اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين تقويٰ جو ڪيڏو خيال رکندا هئا ۽ پنهنجي اولاد جي ڪهڙي زبردست تربيت فرمائيندا هئا، جو هوٽل جون ۽ بازاري غذائون انهن کي کائڻ نه ڏيندا هئا. حضرت امام زَرنوجي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا "جيڪڏهن ممڪن هجي ته غيرفائديمند ۽ بازاري کاڌي کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، ڇو ته بازاري کاڌو انسان کي خيانت ۽ گندگي جي قريب ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان پري ڪري ڇڏيندو آهي. ان جو سبب هي آهي ته بازار جي کاڌن تي غريبن ۽ فقيرن جون نظرون به پونديون رهنديون آهن ۽ اهي پنهنجي غربت جي سبب ان کاڌي کي خريد ڪري ناهن سگهندا ته مايوس ٿي ويندا آهن ۽ ائين ان کاڌي مان برڪت ختم ٿي ويندي آهي." (ايضًا ص 88)

## هوٽل ۾ کائڻ ڪيئن آهي؟

بازارن ۾ ريڙهين ۽ اسٽالن وغيره تي قِسم قِسم جي چَهرين غِذائن جا مزا وٺڻ وارا هن مان درسِ عبرت حاصل ڪن. جڏهن بازار ۾ کائڻ

بُرو آهي تہ فلمي گيتن جي آوازن ۾ هوٽل جي اندر وقت بي وقت کائڻ، چانهہ جون سُرڪيون ڀرڻ ۽ ٿڌا مشروب پيئڻ ڪيڏو نہ بُرو هوندو! جيڪڏهن گانا نہ بہ وڄي رهيا هجن تڏهن بہ هوٽلن جو ماحول اڪثر غفلتن ڀريو هوندو آهي، ان ۾ وڃي ڪري ويهڻ شريفن ۽ باشرع ماڻهن جي شان وٽان ناهي، تنهنڪري جيڪڏهن ضرورت هجي تڏهن بہ خريد ڪري ڪنهن محفوظ جڳهہ تي کائڻ پيئڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، ها جيڪو مجبور آهي اهو معذور آهي، پر جڏهن هوٽل ۾ فلمن ڊرامن يا گانن باجن جو سلسلو هجي تہ اتي نہ وڃي جو ڄاڻي واڻي موسيقيءَ جو آواز ٻُڌڻ گناهہ آهي جيئن تہ

## موسيقيءَ جي آواز کان بچڻ واجب آهي

حضرتِ سيِّدُنا علامہ شامي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا، ”(جهمريون هٽندي) نچڻ، مذاق اڏائڻ، تاڙيون وڄائڻ، سِتار (يعني تنبوري) جون تارون وڄائڻ، سُرندو، سَارنگي، رَباب (سارنگي جهڙو ساز) بانسري، قانون (هڪ قسم جو ساز)، جهانجهر (پازيب) ۽ توتارو وڄائڻ مڪروهہ تحريمي (يعني حرام جي قريب) آهي. ڇو تہ اهي سڀ ڪافرن جا طريقا آهن ڳڙوڳڙ بانسري ۽ (موسيقي جي) ٻين سازن کي ٻُڌڻ بہ حرام آهي جيڪڏهن اوچتو ٻُڌي ورتائين تہ معذور آهي ۽ ان تي واجب آهي تہ نہ ٻُڌڻ جي پوري ڪوشش ڪري. (ردالمحتار ج9 ص566)

## ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوشنصيب آهن اهي مسلمان جيڪي ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جو ڪلام، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نعت ۽ سنّتن ڀريا

بيانات تہ ٻُڌندا آهن پر فلمي گانن ۽ موسيقي جي آوازاچڻ تي خوفِ خداوندي جي سبب نہ ٻُڌڻ جي پوري ڪوشش ڪندي ڪنن ۾آڱريون داخل ڪري اتان ڪان هڪدم پري هليا ويندا آهن، جيئن حضرت نافع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، مان ننڍپڻ ۾ حضرت سيّدُنا **عبــدالله** ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ مِزمار (يعني باجا) وڄائڻ جو آواز اچڻ لڳو حضرت ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا **پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون** ۽ رستي ڪان ٻئي طرف هٽي ويا ۽ پري وڃڻ ڪانپوءِ پُڇيائون، "نافع! آواز اچي رهيو آهي؟ مون عرض ڪيو هاڻي نہ ٿو اچي تہ ڪنن مان آڱريون ڪڍيائون ۽ ارشاد فرمايائون" هڪ ڀيري مان سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي طرح ڪيو هو جيئن مون ڪيو." **(ابوداود ج4 ص 307 حديث 4924)**

## موسيقيءَ جو آواز ايندو هجي تہ هٽي وڃو

معلوم ٿيو تہ جيئن ئي موسيقيءَ جو آواز اچي تہ هڪدم ڪنن ۾ آڱريون وجهي اتان ڪان پري هٽي وڃجي چو تہ جيڪڏهن آڱريون تہ ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون پر اتي ويٺا يا وينا رهيؤ يا ٿورو پري هٽي ويؤ، تہ موسيقي جي آواز ڪان بچي نہ سگھندؤ ، آڱريون ڪنن ۾ پلي نہ وجهو پر ڪيئن بہ ڪري موسيقيءَ جي آواز ڪان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ واجب آهي، آهہ ! آهہ! آهہ! هاڻي تہ گاڏين، جهازن، گهرن، دڪانن، گهٽين ۽ بازارن ۾ جنهن طرف بہ هليا وڃو موسيقي جون ڌنون ۽ گانن جا آواز ٻُڌڻ ۾ ايندا

آهن ۽ جيڪو عاشقِ رسول ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڪري پري هٽي ويندو آهي، ان جو مذاق اڏايو ويندو آهي.

وہ دور آیا کہ دیوانہ نبی کیلئے
ہر ایک ہاتھ میں پتّھر دکھائی دیتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان وابستگي سان اهڙيون تہ حيرت انگيز تبديليون ايندڙيون آهن جو ڪيترائي ڀيرا اسلامي ڀائرن کي چوندي ٻُڌو ويو آهي تہ ڪاش! اسان کي گهٽواڳ ۾ دعوتِ اسلامي جو **مدني ماحول** ملي ويو هجي ها! دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** جي برڪتن سان مالامال هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو، جيئن تہ

## گهر درس جي برڪت جي حڪايت

آگولا (مهارا شٽر هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن طرح جو بيان ڏنو تہ بدمذهبن سان تعلقات جي سبب اسان جو گهراڻو بدعمليءَ سان گڏ بدعقيدگيءَ ڏانهن وڌي رهيو هو. هڪ ڏينهن اسان سيئي گهر وارا ملي ڪري ٽي وي ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين تہ منهنجو سترنهن سالہ ننڍو ڀاءُ جيڪو **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ اچڻ وڃڻ لڳو هو، هو ٽي وي جي طرف پٺي ڪري هلندي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي ڪا شيءِ الماڙيءَ مان ڪڍي انهيءَ انداز ۾ واپس موٽيو ان جي اها عجيب ۽ غريب حرڪت ڏسي ڪري مون ڪاوڙ ۾ چيو چا تنهنجو دماغ خراب ٿي

ويو آهي جو اڄ ٻاراٽي حرڪت ڪري رهيو آهين هو بنا جوابي ڪارروائي ڪرڻ جي بي ڪمري ۾ هليو ويو والده صاحبه وضاحت ڪئي ته ان مون کي ٻڌايو هو ته مون قسم کنيو آهي ته آئنده ٽي وي ڏانهن ڏسندس به نه! مون ڪاوڙجي نندي ياءَ سان ڳالهه ٻولهه بند ڪري ڇڏي، ان گهر ۾ سيني کي گڏ ڪري **فيضانِ سنت** جو درس جاري ڪيو مان ان ۾ نه ويهندو هئس، هڪ ڏينهن مان ويجهو ٿي ڪري ويهي رهيس ته ٻڌان ته سهي هي درس ۾ ڇا ٿو ٻڌائي، ٻُڌم ته ڏاڍو سٺو لڳو، ٿنهنڪري مان روزانو **گهر درس** ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس. آهستي آهستي منهنجي دل جي ڪاراڻ دور ٿيڻ لڳي، ايتري تائين جو دعوتِ اسلامي جي **هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع** ۾ حاضري ڏيڻ لڳس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، بدمذهبن جي صحبت مان جان ڇڏايم ۽ چهري تي ڏاڙهي سجايم گڏوگڏ بدعقيده مقرّر جون گمراهه ڪندڙ ڪيسيٽون جيڪي شوق سان ٻُڌندو هئس، هاڻي ان جي جڳهه تي **مكتبة المدينه** جي طرفان جاري ٿيڻ وارن سنّتن ڀرئي بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ لڳس. اسان جي چئني ڪمرن ۾ ٽي وي (T.V) سيٽ رکيل هئا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ گڏيل مشوري سان چار ئي ٽي وي سيٽ گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيا آهن.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر اور اچھوں کے پاس آ کے پا مَدَنی ماحول
تمہیں لطف آ جائیگا زندگی کا قریب آ کے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان جي حفاظت جو ذريعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **گهر درس** ۾ گهر وارن جي ايمان جي تحفظ ۽ عملن جي اصلاح جا اسباب موجود آهن،اهڙي طرح اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي اخلاقي تربيت جي لاءِ **فڪرِ مدينه** جي ذريعي روزانو **مدني انعامات** جو ڪارڊ پُرڻ جي بہ ترڪيب آهي ۽ ان ڪارڊ ۾ درج ٿيل ٻارهين مدني انعام مطابق هر هڪ کي روزانو **فيضانِ سنت** مان **ٻہ درس** ڏيڻ يا ٻُڌڻ جي ترغيب بہ موجود آهي، انهن ٻنهي درسن ۾ هڪ" گهر درس" بہ آهي. توهان سڀني جي خدمت ۾ گهر درس جاري ڪرڻ جي **مدني التجا** آهي.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی
سعادت ملے درسِ فیضانِ سنّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی

## قبر جي روشني

**درس** ۽ بيان جي ثواب جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! حضرت علامہ **مولانا جلال الدين سيوطي الشّافِعي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی "شرح الصّدور" ۾ نقل ڪن ٿا تہ " الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي موڪلي، "ڀلائيءَ جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن بہ قسم جي وحشت نہ ٿئي." (حلية الاوليا ج 6 ص 5 حديث 7622)

## قبرون جڳ مڳ ڪري رهيون هونديون

**هن** روايت مان نيڪيءَ جي ڳالهہ سکڻ ۽ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو، سنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا

درس ڏيڻ ۽ ٻُڌڻ وارن جا ٻيڙا پار ٿي ويندا، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندر کان جڳ مڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو، **انفرادي ڪوشش** ڪندي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارن، **مدني قافلن** ۾ سفر ۽ **فڪرِ مدينه** ڪري **مدني انعامات** جو ڪارڊ روزانو پرڻ جي ترغيب ڏيارڻ وارن ۽ سنّتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ۽ پڻ مبلغين جي نيڪي جي دعوت کي ٻُڌڻ وارن جون قبرون بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضورِ مُفِيْضُ النُّور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نورُ عليٰ نور ٿينديون.

قبر میں لہرائیں گے تا حشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی

## گھروارن جي اصلاح ضروري آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جي اصلاح اسان تي ضروري آهي جيئن تہ سيپاري 28 سُوْرَةُ التَّحْرِيْم جي آيت نمبر 6 ۾ الله تعاليٰ جو ارشا د آهي،

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ”اي ايمان وارو! پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گهر وارن کي باهہ کان بچايو جنهن جا ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.“

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”گهر درس“ جي ذريعي بہ هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڏنل حڪم تي عمل ممڪن ٿي ويندو، گڏو گڏ هن ضمن ۾ مڪتبة المدينه کان جاري ڪيل سنّتن ڀريا رسالا پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سنّتن

پرئي بيانات ۽ مدني مذاڪري جون ڪيسيٽون گهر ۾ هلائڻ بہ مفيد آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنّتن پرئي رسالن ۽ ڪيسيٽن جي ذريعي بہ ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح جا واقعا ملن ٿا جيئن تہ

**مڪتبة المدينہ جي رسالي جي بهار**

ضلعي بهاولپور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسڪول ۾ بُري ماحول جي سبب فلمن جو جُنون جي حد تائين شوقين ٿي ويو هئس، صرف فلمون ڏسڻ لاءِ ٻين شهرن مثال طور: لاهور، اوڪاڙه، وغيره ايتري تائين جو ڪراچي تائين پهچي ويندو هئس. فلمن جي (Sex Appeal) مناظر جي نُحُوست جي سبب مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ بي پرده ڇوڪرين جو ڪاليج تائين پيڇو ڪرڻ ۽ روزانو ڏاڙهي ڪوڙائڻ منهنجي عادت هئي، نُحُوست مٿان نُحُوست هي تہ مون تي ٿيٽر ۾ ۽ سرڪس ۾ موت جي کوهہ جي اندر ڪم ڪرڻ جو ڀوت سوار ٿي ويو، گهر وارا انتهائي پريشان هئا. هڪ ڏينهن والد صاحب **دعوتِ اسلاميءَ** جي ذميدارن سان ڳالهہ ڪري علائقي جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر تي موڪلي ڇڏيو، آخري ڏينهن اميرِ قافلہ مون کي ”ڪالے بچھو“(مطبوعہ مڪتبة المدينہ) نالي رسالو پڙهڻ جي لاءِ ڏنو، مان پڙهيو تہ ڏڄي ويس، هڪدم گناهن کان توبهہ ڪيم ۽ چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي سڄائڻ جي نيّت ڪيم. واپسي تي دعوتِ اسلامي جي ٿيڻ واري هفتيوار **سنّتن پرئي اجتماع** ۾ شرڪت ڪيم ۽ مڪتبة المدينہ جي طرف کان جاري ٿيڻ واري بيان جي ڪيسيٽ جنهن جو

نالو ” ڈھل جائے گی یہ جوانی “ هيو. خريد ڪيم ۽ جڏهن گهر اچي ڪري بيان ٻُڌم تہ ان منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي! اَلحَمدُللهعَزَّوَجَلَّ مان پابنديءَ سان نمازون پڙهڻ لڳس ۽ دعوتِ اسلاميءَ جو مدني ڪم شروع ڪيم، اَلحَمدُللهعَزَّوَجَلَّ هن وقت (هي بيان ڏيڻ وقت) مان پنهنجي شهر ۾ **مدني قافلہ ذميدار** جي حيثيت سان **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ڪم ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ملي ڪري ڪائڻ ۾ برڪت آهي

**خليفهءِ ثاني امير المؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ مدينهءِ منّوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي تہ ” گڏجي ڪائو الڳ الڳ نہ ڪائو جو برڪت جماعت سان گڏ آهي“.

(سنَن ابن ماجه شريف ج 4 ص 21 حديث 3287)

## ڍؤ ڪرڻ جو نسخو

**حضرت سيّدُنا** وحشي بن حرب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ڏاڏي سائين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا تہ صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو، ”يارسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڪاڌو تہ ڪائيندا آهيون پر ڍؤ ناهي ٿيندو؟ “ سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”توهان الڳ الڳ ڪائيندا هوندؤ؟“ عرض ڪيائون ”جي ها“. فرمايائون، گڏجي ويهي ڪاڌو ڪائيندا ڪريو ۽ بِسۡمِ الله پڙهي ڇڏيندا ڪريو توهان جي لاءِ ڪاڌي ۾ برڪت ڏني ويندي.

(ابوداود شريف ج3 ص 486 حديث 3764)

## ملي ڪري کائڻ جي فضيلت

**هڪ** ئي دسترخوان تي ملي ڪري کائڻ وارن کي مبارڪ هجي جو حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ کي هيءَ ڳالهه سڀ کان وڌيڪ پسند آهي ته هو مؤمن ٻانهي کي ٻارن ٻچن سان گڏ دستر خوان تي ويهي ڪري کائيندو ڏسي، ڇو ته جڏهن سڀ دستر خوان تي جمع ٿي ويندا آهن ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي رحمت جي نگاهه سان ڏسندو آهي ۽ جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ انهن سيني کي **بخشي** ڇڏيندو آهي. (تنبيه الغافلين ص343)

## ملي ڪري کائڻ ۾ معدي جو علاج

**پيٿالوجي** جي هڪ پروفيسر انڪشاف ڪيو آهي جڏهن کاڌو ملي ڪري کاڌو ويندو آهي ته سڀ کائڻ وارن جا جراثيم کاڌي ۾ ملي ويندا آهن ۽ اهي ٻين بيمارين جي جراثيمن کي ماري ڇڏيندا آهن گڏو گڏ ڪڏهن ڪڏهن کاڌي ۾ **شفا** جا جراثيم شامل ٿي ويندا آهن جيڪي **معدي بيمارين** کي دور ڪرڻ لاءِ فائديمند هوندا آهن.

## هڪ جو کاڌو ٻن لاءِ ڪافي آهي

**حضرت** سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون نبيِّ ڪريم،رؤف رَّحيم عَلَيْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِيْم کي فرمائيندي ٻُڌو،”هڪ جو کاڌو ٻن لاءِ ڪافي آهي ۽ ٻن جو کاڌو چئن لاءِ ۽ چئن جو کاڌو انن لاءِ ڪفايت ڪندو آهي.“ (صحيح مسلم ص 1140 حديث 2059)

**مٺي مٺي آقا** مديني واري مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ڪفايت نشان آهي ته ”ٻن جو کاڌو ٽن لاءِ ۽ ٽن جو کاڌو چئن لاءِ ڪافي آهي.“ (بخاري ج 6 ص 346 حديث 5392)

## قناعت جي تعليم

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان هن حديثِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا، ”جيڪڏهن ڪاڏو ٿورو هجي ۽ ڪائڻ وارا گهڻا ته انهن کي گهرجي ته ٻن ماڻهن جي ڪاڏي تي ٽي ماڻهو ۽ ٽن جي ڪاڏي تي چار ماڻهو گذارو ڪن جيئن ڪ پيٽ ته نه ڀربو پر ايترو ڪائڻ سان ڪمزوري به نه ٿيندي، عبادتون چڱيءَ طرح ادا ٿي سگهنديون، هن فرمان عاليشان ۾ قناعت ۽ مُرُوَّت جي اعلىٰ تعليم آهي.“ (مرآة ج 6 ص 16)

## پگهار گهٽ ڪرائي ڇڏي

خليفةُ الرَّسول حضرت سيّدُنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خلافت جي دؤر جو واقعو آهي، هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي گهرواريءَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي حلوو ڪائڻ جي خواهش ٿي پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ”ارشاد فرمايائون اسان وٽ ايتري رقم ناهي جو اسان حلوو خريد ڪري سگهون.“ عرض ڪيائين ”مان پنهنجي گهريلو خرچ مان ڪجهه ڏينهن ۾ ٿورا ٿورا پيسا بچائي ڪري ڪجهه رقم جمع ڪري وٺنديس انهيءَ مان حلوو خريد ڪنداسين، فرمايائون ” ائين ئي ڪجو.“ جيئن ته سندن گهرواري محترم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا رقم گڏ ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهه ڏينهن ۾ ٿورڙي رقم گڏ ٿي وئي. جڏهن انهن پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ٻُڌايو ته جيئن پاڻ حلوو خريد ڪن ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اها رقم ورتي ۽ بيت المال ۾ موٽائي ڏنائون ۽ فرمايائون ته هي اسان جي خرچ کان وڌيڪ آهي. تنهن کان پوءِ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ آئنده جي لاءِ بيت المال مان ملڻ واري پگهار مان اوتري رقم گهٽ ڪرائي ڇڏيائون! (الکامل في التاريخ ج 2 ص 271)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت کي پڙهي ڪري ساراهه ۽ واکاڻ جو نعرو بلند ڪري دل کي خوش ڪري وٺڻ بدران اسان کي به تقويٰ ۽ قناعت جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي، بالخصوص حڪمرانن، سرڪاري آفيسرن، مسجدن جي پيش امامن، ديني مدرسن جي استادن ۽ مختلف اسلامي شعبن سان لاڳاپيل اسلامي ڀائرن لاءِ هن حڪايت ۾ قناعت ۽ خود داري اختيار ڪرڻ، حرص ۽ لالچ کان پاڻ کي بچائڻ ۽ پنهنجي آخرت کي بهتر بڻائڻ لاءِ خوب خوب عبرت جو سامان آهي، ڪاش! اسان سڀ صرف نفس جي خواهش تي پگهار جي گهاٽي واڌي يعني”هن جي پگهار ته ايڏي گهٽي ۽ منهنجي ايتري ٿوري“ چئي ڪري ان طرح جي معاملن ۾ الجهڻ بدران ٿوري آمدني تي قناعت ڪندي نيڪين ۾ ڪثرت جا تمنائي بڻجي وڃون. **سيدُنا صديق اڪبر** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي پرهيزگاري ۽ دنياوي دولت کان بي رغبتي جي متعلق هڪ بي حڪايت ٻڌو جيئن ته

## وقف جي شين جي باري ۾ احتياط

**امامِ عالي مقام**، امامِ عرش مقام، امامِ الهمام حضرت سيّدُنا امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”خليفة الرسول حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي وفات جي وقت اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا **عائشه صديقه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي فرمايو. ڏسو! هي ڏاچي جنهن جو اسين کير پيئندا آهيون ۽ هي وڏو پيالو جنهن ۾ کائيندا پيئندا آهيون ۽ هي چادر جيڪا مون ويڙهي آهي اهي سڀ بيت المال مان ورتا ويا آهن. اسان انهن مان ان وقت تائين فائدو حاصل

www.dawateislami.net

ڪري سگهون پيا جيستائين مان مسلمانن جي خلافت جا معاملا سنڀاليندو هئس، جڏهن مان وفات ڪري وڃان ته اهو سڀ سامان حضرتِ سيّدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڏئي ڇڏجو. تنهن ڪانپوءِ جڏهن حضرت سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو انتقال ٿي ويو ته اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيّدتنا عَائِشَه صِديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا اهي سڀ شيون وصيّت مطابق واپس ڪري ڇڏيون. حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (شيون واپس ملڻ تي) فرمايو، الله تعالىٰ متانئن رحم فرمائي جو انهن پاڻ کان پوءِ اچڻ وارن کي ٿڪائي ڇڏيو آهي. (تاريخ الخلفاء ص 60)

## کائڻ واري جي مغفرت جي هڪ صورت

جيڪو به شان وارو ڪم شروع ڪيو وڃي ان کان اڳ ۾ بِسْمِ الله شريف ضرور پڙهڻ گهرجي جو سنّت آهي، اهڙي طرح ڪائڻ يا پيئڻ کان اڳ ۾ به بِسْمِ الله پڙهڻ سنّت آهي ۽ ان جون تمام گهڻيون برڪتون آهن، جيئن ته حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”ماڻهوءَ جي آڏو ڪاڏو رکيو ويندو آهي ۽ کڻڻ کان پهريان ئي ان جي مغفرت ٿي ويندي آهي، ان جي صورت هيءَ آهي ته جڏهن رکيو وڃي (ته) بِسْمِ الله پڙهي ۽ جڏهن کنيو وڃي (ته) الحمدلله چوي.“ (الجامع الصغير ص 122 حديث 1974)

## ٽيبل ڪرسي تي کائڻ سنت ناهي

صحيح بخاري ۾ حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته نبيِّ آخِرُالزّمان، رَحمتِ عالميان، ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ميز تي ماني ڪاڏي نه ئي ننڍين ننڍين پيالين ۾

ڪاڌائون ۽ نہ ئي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ سنهيون چپاتيون(يعني مانيون) پچايون ويون، حضرت سيّدُنا قتاده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان جڏهن پُڇيو ويو، تہ اهي حضرات ڪهڙي شيءِ تي ڪائيندا هئا؟ فرمايائون، دسترخوان تي. (صحيح بخاري ج 3 ص 532 حديث 5415)

## صدرالشريعہ فرمائن ٿا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٽيبل ڪرسي تي ڪائڻ جيتوڻيڪ گناهہ ناهي پر سنّت بہ ناهي، صدرالشريعہ بدرالطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی بهارِ شريعت جي حصي سورهين ۾ فرمائن ٿا تہ ”خوان، ٽِپائي (ننڍي ميز) وانگر مٿانهين شيءِ هوندي آهي جنهن تي امير ماڻهن وٽ ڪاڌو رکيو ويندو آهي تہ جيئن ڪائڻ وقت جهڪڻو نہ پوي ان تي ڪاڌو ڪائڻ تڪبّر وارن جو طريقو هيو، جهڙي طرح ڪجهہ ماڻهو هن زماني ۾ ميز يعني (ٽيبل) تي ڪائيندا آهن، ننڍين ننڍين پيالين ۾ ڪائڻ امير ماڻهن جو طريقو آهي، انهن وٽ مختلف قسمن جا ڪاڌا ننڍين ننڍين ٿانوَن ۾ رکيا ويندا آهن.

(بهارِ شريعت حصو 16 ص12)

## ڪهڙو دسترخوان سنت آهي؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا،”سنّت هي آهي تہ ڪاڌي جي اڳيان ٿورو جهڪي ڪري ويهجي. دستر خوان ڪپڙي جو، چمڙي جو ۽ ڪجيءَ جي پنن جو هوندو هو، انهن ٽن قسمن جي دسترخوانن تي ڪاڌو حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ

وَاٰلِہٖوَسَلَّم ڪاڏو آهي، دستر خوان بہ هيٺ زمين تي وڇائبو هو ۽ پاڻ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖوَسَلَّم بہ زمين تي تشريف فرما ٿيندا هئا. (مراٰة ج 6 ص 13)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جيتوڻيڪ گناهہ ناهي پر زمين تي دسترخوان وڇائي ڪري کائڻ سنّت آهي ۽ سنّت ۾ ئي عظمت آهي، افسوس! اڄڪلهہ اها سنّت مسلمانن ڪافي حد تائين ڇڏي ڏني آهي مذهبي گهراڻن ۾ بہ هاڻي ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جو رواج پئجي ويو آهي، شادين ۾ بہ **ٽيبل ڪرسي** بلڪہ هاڻي تہ ڪرسي بہ هٽائي وئي آهي ماڻهو ٽيبل جي چوڌاري ڦري ڪري کاڌو کائيندا آهن. آهہ! سنّتن پريو دؤر وري ڪڏهن ايندو!

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## هر گهڙي ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ مدينہ

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي،”الله عَزَّوَجَلَّ ان ٻانهي کان راضي ٿيندو آهي جو جڏهن گرهہ کائيندو آهي تہ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي واکاڻ ڪندو آهي ۽ پاڻي پيئندو آهي تہ ان تي بہ ان جي واکاڻ ڪندو آهي.

(صحيح مسلم ص 1463 الحديث 2734)

## هر گهڙي پڙهڻ جو طريقو مدينہ

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جو ڪيڏو آسان نسخو آهي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا کان وڏيڪ ڪا سعادت ئي ناهي. جنهن کان هو راضي ٿيندو، ان کي پنهنجو ديدار بخشيندو، انهيءَ کي جنّت الفردوس ۾ داخل فرمائيندو، هر گرهہ کائڻ ۽ هر ڍڪ

ڏکـ پيئڻ تي اللهعَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ ۽ گرهه کائي چکڻ ۽ ڏکـ پي چکڻ کانپوءِ اَلحمدُلِلّٰه چوڻ جي عادت بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو ته جيئن کائڻ پيئڻ جو وقت به غفلت ۾ نه گذري، تي سگهي ته هر ٻن گرهن جي وچ ۾ اَلحمدُلِلّٰه، ياواجِدُ ۽ بِسۡمِ الله چوڻ جي عادت بڻايو جو ائين هر گرهه جي شروعات ۾ بِسۡمِ الله ۽ ياواجِدُ جي ذڪر سان ۽ هر گرهه جي پُڄاڻي حمد تي ٿيندي. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ نيڪين جا انبار ۽ ثواب جا انوار ٿي انوار ٿيندا. مڪتبة المدينه جي ڇپيل پاڪيٽ سائيز رسالي **40 روحاني علاج**[1] جي ص11 تي آهي ياواجِدُ جيڪو ڪاڌو کائڻ وقت هر گرهه تي پڙهندو اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ اهو ڪاڌو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ مرض دور ٿيندو.

ڪر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی
عطا کر دے اپنی رِضا یاالٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ سفر جي ترڪيب بڻائيندا رهو، اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ عملي طور تي ڪاڌي جي سنّتن پري تربيت ٿيندي رهندي ۽ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ته اهڙو ڪاڌو ملي ويندو جو توهان جا ڀاڳ کُلي ويندا، جيئن ته اسلامي ڀائرن سان پيش اچڻ وارو **مدني واقعو** پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

---

[1] هي 16 صفحن جو رحمتن ۽ برڪتن ڀريو رسالو مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو.

## داتا صاحب جي طرفان مدني قافلي جي خير خواهي

اسان جو مدني قافلو مرڪز الاولياء لاهور داتا دربار رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مسجد جي اندر ٽن ڏينهن لاءِ ترسيل هو. اسان مدني قافلي جي جَدوَل جي مطابق سنّتن جي تربيت حاصل ڪري رهيا هئاسين. حلقي جي دوران هڪ شخص آيو. ان **عاشقانِ رسول** سان تمام گهڻي محبت سان ملاقات ڪئي، پوءِ چوڻ لڳو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ رات منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ **حضور داتا گنج بخش علي هجويري** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مون گناهگار جي خواب ۾ آيا ۽ ڪجهه هن طرح فرمايائون، **”دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي وارا عاشقانِ رسول ٽن ڏينهن جي لاءِ منهنجي مسجد ۾ ترسيل آهن تنهنڪري توهان انهن جي ڪاڏي جو انتظام ڪريو.“** تنهنڪري مان مدني قافلي وارن جي خيرخواهيءَ جي لاءِ ڪاڏو آندو آهي، توهان قبول فرمايو.

ڪيا غرض در در پهرون مين بهيڪ لينی کيلئے | هے سلامت آستانہ آپکا داتا پيا
جهوليان بهر بهر کے لے جاتے ہيں منگتے رات دن | هو مری اميد کا گلشن ہرا داتا پيا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### صاحبِ مزار مدد فرمائي

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی مزارن ۾ رهندي به پنهنجي مهمانن جو آدرڀاءُ فرمائيندا آهن جيئن ته **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللهِ الْوَالِي ڪجهه هن طرح نقل ڪن ٿا ته، ”مڪهءِ مڪرمه جي هڪ شافعي مُجاور (يعني ٻهاريدار) جو چوڻ آهي، مصر ۾ هڪ غريب

شخص جي گهر ٻار ڄائو ان هڪ سماجي ڪارڪن سان رابطو ڪيو، اهو نئين ڄاول ٻار جي پيءُ کي وٺي ڪيترن ئي ماڻهن سان مليو پر ڪنهن مالي امداد نہ ڪئي، آخرڪار هڪ مزار تي حاضري ڏنائين، ان سماجي ڪارڪن ڪجهہ هن طرح فرياد ڪئي، ”ياسيّدي! الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي، توهان پنهنجي ظاهري زندگيءَ ۾ تمام گهڻو ڏيندا هئا، اڄ ڪيترن ئي ماڻهن کان نئين ڄاول ٻار لاءِ گهريوسين پر ڪنهن بہ ڪجهہ نہ ڏنو.“ اهو چوڻ کانپوءِ ان سماجي ڪارڪن ذاتي طور تي اڌ دينار نئين ڄاول ٻار جي پيءُ کي اوڌر تي ڏيندي چيو، ”جڏهن بہ توهان وٽ پيسن جي ترڪيب بڻجي وڃي تہ مونکي موٽائي ڏجو“. ٻئي پنهنجي پنهنجي رستي سان هليا ويا. سماجي ڪارڪن کي رات خواب ۾ **صاحبِ مزار جو ديدار** ٿيو، فرمايائون توهان مونکي جيڪو چيو اهو مون ٻُڌي ورتو هو پر ان وقت جواب ڏيڻ جي اجازت نہ هئي، منهنجي گهروارن کي وڃي چئو تہ اهي سِگري (لوهي چلهہ) جي هيٺان واري جڳهہ کوٽين، هڪ گلي نڪرندي ان ۾ **500** دينار هوندا، اها سڄي رقم ان نئين ڄاول ٻار جي پيءُ کي پيش ڪري ڇڏيو.“ پوءِ هو **صاحبِ مزار** جي گهروارن وٽ پهتو ۽ سڄو واقعو ٻُڌايائين. گهر وارن نشاندهي جي مطابق جڳهہ کوٽي ۽ **500** دينار ڪڍي ڪري حاضر ڪيائون، سماجي ڪارڪن چيو اهي سڀ توهان جا ئي آهن، منهنجي خواب جو ڪهڙو اعتبار! انهن چيو، ”**جڏهن اسان جا بزرگ دنيا مان پردو فرمائڻ کان پوءِ بہ سخاوت ڪن ٿا تہ اسان ڇو پوئتي هٽون!**“ پوءِ انهن اصرار

ڪندي اهي دينار ان سماجي ڪارڪن کي ڏنا ۽ ان وڃي ڪري ان نئين چاول ٻار جي پيءُ کي پيش ڪري ڇڏيا ۽ سچو واقعو ٻڌايائين، ان غريب شخص **اڌ دينار** مان قرض لاٿو ۽ **اڌ دينار** پاڻ وٽ رکندي چيائين"مون لاءِ اهو ئي ڪافي آهي". باقي سڀ ان سماجي ڪارڪن کي ڏيندي چيائين باقي سڀئي دينار غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو. راوي جو بيان آهي، مون کي سمجهه ۾ نہ ٿو اچي تہ انهن سڀني مان ڪير وڌيڪ سخي آهي! (احياء علوم الدين ج 3 ص309)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

خالی کبھی پھیرا ہی نہیں اپنے گدا کو — اے سائلو مانگو تو ذرا ہم ہاتھ بڑھاکر

خود اپنے بھکاری کی بھرا کرتے ہیں جھولی — خود کہتے ہیں یا ربّ! مرے منگتا کا بھلا کر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام وفات ڪانپوءِ بہ نفعو پهچائيندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پهريان جا ماڻهو بزرگن جي باري ۾ ڪيتري قدر سٺو عقيدو رکندا هئا ۽ ضرورت جي وقت انهن کان پنهنجون حاجتون طلب ڪندا هئا. انهن جو هي ذهن ٻڌيل هوندو هو تہ الله وارا الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان مدد ڪندا آهن، بهرحال اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان پنهنجي مزارن ۾ حيات هوندا آهن. ايندڙ ويندڙن جي ڳالهہ ٻڌندا آهن، هدايت ۽ مدد ڪندا آهن ۽ پنهنجي گهرن جي معاملن جي بہ خبر رکندا آهن تڏهن ئي تہ صاحبِ مزار بزرگ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خواب ۾ وڃي ڪري ان سماجي ڪارڪن جي رهنمائي فرمائي ۽ ان نئين

چاول ٻار جي غريب پيءُ جي دستگيري ۽ مالي امداد ڪئي. **حضرت** علامہ ابن عابدين شامي رَحْمَةُاللهِ تَعالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللهُ تَعالٰی ربِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ مختلف درجا رکندا آھن ۽ زائرين کي پنهنجي مُعارف ۽ اسرار جي لحاظ کان نفعو پهچائيندا آھن.

(ردالمحتار ج 1 ص 604)

ہم کو سارے اولیا سے پیار ہے
ان شاءَاللہ اپنا بیڑا پار ہے

## کھڙو کاڌو بيماري آھي؟

**حضرت** سيِّدُنا عقبه بن عامر رَضِیَ اللهُ تَعالٰی عَنْهُ کان روايت آھي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مکّي مَدَني، عربي قُرَشي صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آھي، ”جنهن کاڌي تيالله عَزَّوَجَلَّ جو نالو نہ ورتو ويو هجي اھو **بيماري** آھي ۽ ان ۾ برڪت ناھي ۽ ان جو ڪفارو ھي آھي تہ جيڪڏھن اڃان دسترخوان نہ کڻيو ويو هجي تہ بِسْمِ الله پڙھي ڪري ڪجھ کائجيۦ دسترخوان کڻيو ويو هجي تہ بِسْمِ الله پڙھي آڱريون چٽي ونجن.“

(الجامع الصغير ص 394 حديث6327)

## شيطان جي لاءِ کاڌو حلال

**حضرت** سيِّدُنا حُذيفه رَضِیَ اللهُ تَعالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب وسينہ صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آھي، ”جنهن کاڌي تي بِسْمِ الله نہ پڙھي وڃي اھو کاڌو شيطان جي لاءِ حَلال ٿي ويندو آھي.“ (يعني بِسْمِ الله نہ پڙھڻ جي صورت ۾ شيطان ان کاڌي ۾ شريڪ ٿي ويندو آھي.)

(صحيح مسلم ص 1116 حديث 2017)

## ڪاڌي کي شيطان کان بچايو

**ڪاڌي ڪان اڳ** ۾ بِسۡمِ اللّٰه نہ پڙهڻ سان ڪاڌي ۾ بي برڪتي ٿيندي آهي. حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، ” اسان تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر هئاسين، ڪاڌو پيش ڪيو ويو، شروعات ۾ ايڏي برڪت اسان ڪنهن ڪاڌي ۾ نہ ڏٺي، پر آخر ۾ ڏاڍي بي برڪتي ڏٺي سون اسان عرض ڪيو،” **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ائين ڇو ٿيو؟ “ ارشاد فرمايائون، ” اسان سڀني ڪاڌو ڪائڻ وقت بِسۡمِ اللّٰه پڙهي هئي، پوءِ هڪ شخص بغير بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي ڪائڻ لاءِ ويهي رهيو ان سان گڏ شيطان ڪاڌو ڪائي ورتو.“

(شرح السنة ج 6 ص 62 حديث 2818)

## شيطان کان حفاظت

**حضرت سيّدُنا** سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ رَحمتِ عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”جنهن کي هيءَ ڳالهہ پسند هجي تہ شيطان ان وٽ نہ ڪاڌو ڪائي سگهي ۽ نہ قيلوله (نماز ظهر کان بعد آرام) ڪري سگهي ۽ نہ ئي رات گذاري سگهي تہ ان کي گهرجي تہ جڏهن بہ گهر ۾ داخل ٿئي تہ سلام ڪري ۽ ڪاڌي جي لاءِ بِسۡمِ اللّٰه پڙهي وٺي.“ (مجمع الزوا ئد ج 8 ص 77 حديث 12773)

## گهرو جهيڙن جو علاج

**مفسرِ شهير** حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا،” گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ڪري پهريان ساڄو قدم دروازي ۾ داخل ڪرڻ گهرجي پوءِ گهروارن کي سلام ڪندي گهر جي

اندر اچو، جيڪڏهن گهر ۾ ڪو نہ هجي تہ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئو. ڪجهہ بزرگن ڪي ڏٺو ويو آهي تہ ڏينهن جي شروعات ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ قُلۡ هُوَ اللّٰهُ شريف پڙهي وٺندا آهن جو ان سان گهر ۾ اتفاق بہ رهندو آهي (يعني جهيڙو ناهي ٿيندو) ۽ روزيءَ ۾ برڪت بہ.“ (مرآة ج 6ص9)

## بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي تہ ڇا ڪجي؟

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون تہ تاجدارِ مدينهءِ منوره، سُلطانِ مکهءِ مکرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”جڏهن ڪو شخص ڪاڌو ڪائي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺي. يعني بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ۽ جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي تہ هيئن چوي، بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ.“ (ابوداود شريف ج 3 ص 487 حديث 3767)

## شيطان ڪاڌو ٻاهر ڪڍي ڇڏيو!

**حضرت** سيّدُنا اُمَيَّہ بن مَخۡشِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، ”هڪ شخص بغير بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي ڪاڌو ڪائي رهيو هو جڏهن ڪائي چُڪو، صرف هڪ ئي گرهہ باقي رهجي ويو تہ اهو گرهہ کڻائين ۽ چيائين بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ. تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُرڪڻ لڳا ۽ هي ارشاد فرمايائون تہ ”شيطان ان سان گڏ ڪاڌو ڪائي رهيو هو، جڏهن ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ذڪر ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ ان جي پيٽ ۾ هو ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين.“ (ابوداود ج3 ص356 حديث 3768)

## نگاھِ مصطفيٰ ﷺ کان ڪجھ لڪل ناھي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏھن بہ ڪاڌو کائو تہ ياد ڪري بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙھي ڇڏيو. جيڪو نہ ٿو پڙھي ان جو ”قَرِين“ نالي شيطان بہ کاڌي ۾ گڏ شريڪ ٿي ويندو آھي.سيّدُنا اُمَيَّہ بن مَخۡشِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ واري روايت مان صاف ظاھر ٿي رھيو آھي تہ اسان جي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نگاھون سڀ ڪجھ ڏسي وٺنديون آھن تڏھن ئي تہ شيطان کي بدحواسي جي حالت ۾ الٽي ڪندو ڏسي مُرڪي ڏنائون، جيئن تہ مفسرِ شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا، ”رَحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون حقيقت ۾ لِڪيل مخلوق کي بہ ڏسي وٺنديون آھن ۽ حديثِ مبارڪ بلڪل پنھنجي ظاھري معنيٰ تي آھي ڪنھن تاويل جي ضرورت ناھي، جيئن اسان جو پيٽ مڪ وارو کاڌو (جڏھن مڪ ان ۾ موجود ھجي) قبول ناھي ڪندو، ائين ئي شيطان جو مِعدو بِسۡمِ اللّٰہ وارو کاڌو ھضم ناھي ڪري سگھندو، جيتوڻيڪ ان جو الٽي ڪيل کاڌو اسان جي ڪم جو ناھي پر مردود بيمار ٿي پوندو آھي ۽ بُکيو بہ رھجي ويندو آھي ۽ اسان جي کاڌي جي وڃائجي ويل برڪت موٽي ايندي آھي، مطلب تہ ان ۾ اسان جو فائدو آھي شيطان جا بہ نقصان ۽ ممڪن آھي تہ اھو مردود آئنده اسان سان گڏ بنا بِسۡمِ اللّٰہ پڙھڻ وارو کاڌو بہ ان پوءِ کان نہ کائي تہ شايد ھي وچ ۾ بِسۡمِ اللّٰہ پڙھي وٺي ۽ مون کي الٽي ڪرڻي پئجي وڃي، حديثِ پاڪ ۾ جنھن ماڻھو جو ذڪر آھي غالبًا اھو اڪيلو کائي رھيو ھو،

جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪائي ها تہ بِسۡمِ اللّٰه چوڻ نہ وساري ها چو تہ اتي حاضرين بِسۡمِ اللّٰه بلند آواز سان چوندا هئا ۽ گڏ ويهڻ وارن کي بِسۡمِ اللّٰه چوڻ جو حڪم ڪندا هئا. (مرأة شرح مشکٰوۃ ج 6 ص 30)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ بالخصوص **مدني قافلن** ۾ خوب دعائون پڙهڻ ۽ سکڻ جو موقعو ملندو آهي، دعوتِ اسلامي جي بهارن جو تہ ڇا چئجي! باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو.

## ماءُ ڪٿ تان اٿي ويهي رهي!

**منهنجي** امڙ سخت بيماري جي سبب ڪٿ تان اٿڻ کان بہ لاچار ٿي وئي هئي ۽ ڊاڪٽرن بہ جواب ڏئي ڇڏيو هو. مان ٻُڌندو هوس تہ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ بيماريون دور ٿينديون آهن، آخر مون بہ دل ٻَڌي **دعوتِ اسلامي** جي نور وسائيندڙ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** جي اندر قائم مدني تربيت گاھ ۾ حاضر ٿي ڪري ٽن ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جو ارادو ظاهر ڪيو، اسلامي ڀائر نهايت شفقت ۽ محبت سان پيش آيا، عاشقانِ رسول سان گڏ اسان جو **مدني قافلو باب الاسلام** سنڌ جي صحراءِ مدينہ جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پهتو سفر جي دوران **عاشقانِ رسول** جي خدمت ۾ دعا جي درخواست ڪندي مون امڙ جي ڳُٽِيءَ جوڳي حالت

بيان ڪئي ان تي انهن امڙ لاءِ خوب دعائون ڪندي مون کي ڪافي دلجاءِ ڏني، اميرِ قافله تمام نرمي سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مونکي وڏيڪ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ تيار ڪيو، مون به نيّت ڪري ڇڏي. مون امڙ جي صحتيابي جي لاءِ خوب ٻاڏائي دعائون گهريون. ٽن ڏينهن جي ان مدني قافلي جي ٽين رات مون کي هڪ روشن چهري واري بزرگ جي زيارت ٿي، انهن فرمايو، ”پنهنجي ماءُ جو فڪر نه ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ هوءَ صحتياب ٿي ويندي.“ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي کان فارغ ٿي ڪري مون گهر اچي دروازو کڙڪايو، **دروازو کليو ته مان حيرت ۾ پئجي ويس ڇو ته منهنجي اها بيمار امڙ جيڪا ڪٿ تان اٿي نه سگهندي هئي ان پنهنجي پيرن سان اچي ڪري دروازو کوليو هو!** مون خوشيءَ وچان ماءُ جا پير چُمي ورتا ۽ مدني قافلي ۾ ڏٺل خواب ٻُڌايو، پوءِ ماءُ کان اجازت وٺي وڌيڪ 30 ڏينهن جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي ويس.

ماں جو بیمار ہو　قرض کا بار ہو　رنج و غم مت کریں　قافلے میں چلو
ربّ کے در پر جُھکیں　التجائیں کریں　بابِ رحمت کھلیں　قافلے میں چلو
دل کی کالک دُھلے　مرضِ عصیاں ٹلے　آؤ سب چل پڑیں　قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا ڪرڻ جي برڪت سان اسلامي ڀاءُ جي علاج کان مايوس ٿي ويل ماءُ شفاياب ٿي وئي، دعا ته وري دعا هوندي آهي، امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان

روايت آهي تہ مکي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،

اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ، وَعِمَادُ الدِّيْنِ، وَنُوْرُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ

(مُسند ابي يعليٰ ج1 ص215 حديث 435)

يعني ”دعا مومِن جو هٿيار آهي ۽ دين جو ٿنڀو آهي ۽ زمين ۽ آسمان جو نُور آهي“ اچو ان سلسلي ۾ دعا جي مدني گلن سان پنهنجي دلين جي مدني گلدستن کي مهڪايون ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”دعا مومن جو هٿيار آهي“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 17 مدني گل

(تقريبًا سيئي مدني گل احسن الوعاء لاداب الدعا مع شرح ذيل المدعا لاحسن الوعا ڇپيل مڪتبة المدينه ڪراچي تان ورتل آهن)

﴿1﴾ هر روز تقريبًا 20 ڀيرا دعا گهرڻ واجب آهي، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نمازين جو اهو واجب نماز ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ سان ادا ٿي ويندو آهي جو اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۙ (ترجمو ڪنزالايمان: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ) بہ دعا ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ (ترجمو ڪنزالايمان: سڀ خوبيون الله لاءِ جيڪو مالڪ ساري جهان وارن جو) چوڻ بہ دعا آهي (ص 123، 124)

﴿2﴾ دعا ۾ حد کان نہ وڌجي، مثال طور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهڻ جي تمنا ڪرڻ، گڏوگڏ ٻنهي جهانن جون سموريون ڀلايون ۽ سڀ جو سڀ خوبيون گهرڻ بہ منع

آهي، انهن خوبين ۾، انبياءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جا مرتبا بہ آهن جيڪي ملي نہ سگهندا. (ص 80، 81) ﴿3﴾ جيڪو مُحال (يعني ناممڪن) يا مُحال جي قريب هجي ان جي دعا نہ گهري تنهنڪري هميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيّت گهرڻ جو ماڻهو سڄي عمر ڪڏهن بہ ڪنهن طرح جي تڪليف ۾ نہ پوي اهو مُحالِ عادي جي دعا گهرڻ آهي، ائين ئي ڊگهي قد واري ماڻهوءَ جو ننڍو قد هئڻ يا ننڍي اک واري جو وڏي اک جي دعا گهرڻ ممنوع آهي جو هي اهڙي امر جي دعا آهي جنهن تي قلم جاري ٿي چُڪو آهي (ص 81) ﴿4﴾ گناهہ جي دعا نہ گهري تہ مونکي پرائو مال ملي وڃي جو گناهہ جي طلب ڪرڻ بہ گناهہ آهي(ص 82) ﴿5﴾ قَطعِ رِحَم (مثلًا فلاڻي مائٽن ۾ جهيڙو ٿي پوي) جي دعا نہ گهري (ص 82) ﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ کان صرف حقير شيءِ نہ گهري جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ غني آهي بلڪ پنهنجي سڄي توجهہ ان جي ئي طرف رکجي ۽ هر شيءِ جو ان کان سوال ڪري (ص84) ﴿7﴾ رنج ۽ مصيبت کان گهبرائجي ڪري پنهنجي مرڻ جي دعا نہ گهرجي. خيال رهي تہ دنياوي نقصان کان بچڻ جي لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ناجائز آهي ۽ ديني نقصان جي خوف کان جائز. (ص 85، 87) ﴿8﴾ بنا شرعي ضرورت جي ڪنهن جي مرڻ ۽ بربادي جي دعا نہ گهرجي، البت جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نہ آڻڻ تي يقين ۽ غالب گمان هجي ۽ (ان جي) جيئڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبهہ ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نہ هجي ۽ ان جو مرڻ، برباد ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ فائديمند هجي تہ اهڙي شخص لاءِ بد دعا ڪرڻ صحيح آهي. (ص86، 89) ﴿9﴾ ڪنهن مسلمان کي هي بددعا نہ ڏي تہ” تون ڪافر ٿي وڃين“ جو ڪجهہ علماءَ جي مطابق (اهڙي دعا

ڳھرڻ) ڪفر آھي ۽ تَحقيق ھي آھي تہ جيڪڏھن ڪفر کي سٺو يا اسلام کي بُرو ڄاڻي ڪري چيائين تہ بيشڪ ڪفر آھي نہ تہ وڏو گناھ آھي جو مسلمان جو بُرو چاھڻ حرام آھي خصوصًا اھو بُرو چاھڻ (تہ فلاڻي جو ايمان برباد ٿي وڃي) تہ سيني بد خواھين کان بدتر آھي. (ص 90) ﴿10﴾ ڪنھن مسلمان تي لعنت نہ ڪري ۽ ان کي مردود ۽ ملعون نہ چوي ۽ جنھن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناھي ان تي بہ نالو وٺي لعنت نہ ڪري، ائين مڇر، ھوا ۽ بي جان شين مثال طور پٿر، لوھہ وغيرہ ۽ حيوانات تي لعنت منع آھي. البت وِڇون وغيرہ ڪجھہ جانورن تي حديثِ پاڪ ۾ لعنت آئي آھي. (ص 90) ﴿11﴾ ڪنھن مسلمان کي ھيءَ بد دعا نہ ڏي تہ ”توتي خدا عَزَّوَجَلَّ جو غضب نازل ٿئي ۽ تون (ڄُلھي ۽) باھہ يا دوزخ ۾ داخل ٿين“، جو حديث پاڪ ۾ ان جي منع آيل آھي. (ص 100) ﴿12﴾ جيڪو ڪافر تي مُئو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا حرام ۽ ڪفر آھي. (ص 101) ﴿13﴾ ھي دعا ڪرڻ ”خدايا! سيني مسلمانن جا سڀ گناھ بخشي ڇڏ.“ جائز ناھي جو ان مان انھن احاديثِ مبارڪہ کي ڪوڙو سمجھڻ معلوم ٿئي ٿو جن ۾ ڪجھہ مسلمانن جي دوزخ ۾ وڃڻ جو ذڪر آھي. (ص 106) البت ھيئن دعا ڪرڻ ”سڀجي امتِ محمّد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مغفرت (يعني بخشش) ٿئي يا سمورن مسلمانن جي مغفرت ٿئي جائز آھي. (ص 102) ﴿14﴾ پنھنجي لاءِ ۽ پنھنجي دوستن لاءِ (پنھنجي) اھل و مال ۽ اولاد جي لاءِ بد دعا نہ ڪري، ڪھڙي خبر قبوليت جو وقت ھجي ۽ بد دعا جو اثر ظاھر ٿيڻ تي ندامت ٿئي (ص107) ﴿15﴾ جيڪا شيءِ اڳ ۾ پاڻ وٽ موجود ھجي ان جي دعا نہ ڪري مثلاً مرد ھيئن نہ چوي تہ ”يا الله عَزَّوَجَلَّ مونکي مرد ڪر“ جو اھو استھزا (يعني مذاق اڏائڻ) آھي، البت اھڙي دعا جنھن ۾

شريعت جي حڪم جي پوئِواري يا عاجزي ۽ بندگيءَ جو اظهار يا پروردگار عَزَّوَجَلَّ ۽ مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت يا دين يا ديندارن ڏانهن رغبت يا ڪفر ۽ ڪافرن سان نفرت وغيره جا فائدا نڪرندا هجن اها جائز آهي، جيتوڻيڪ ان ڳالهه جو حاصل ٿيڻ يقيني هجي، جيئن درود شريف پڙهڻ، وسيلي جي، صراط مسقيم جي، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دشمنن تي غضب ۽ لعنت جي دعا ڪرڻ (ص 108، 109) ﴿16﴾ دعا ۾ تنگي نہ ڪري مثلاً هيئن نہ گهري تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ صرف مون تي رحم فرماءِ يا صرف مون کي ۽ منهنجي فلاڻي فلاڻي دوست کي نعمت بخش (ص 109) بهتر هي آهي تہ سيني مسلمانن کي دعا ۾ شامل ڪري ان جو هڪ فائدو هي بہ ٿيندو تہ جيڪڏهن پاڻ ان نيڪ ڳالهه ۾ حقدار نہ بہ هوندو تہ سنن مسلمانن جي طفيل حاصل ڪري وٺندو﴿17﴾ حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ”مضبوط عقيدي سان دعا گهري ۽ قبوليت جو يقين رکي.“ (احياءُ العلوم ج 4 ص 770)

## ويهڻ جي هڪ سنت

ڪاڏو ڪائڻ جي لاءِ ويهڻ جي هڪ سنّت هي آهي تہ ساڄو گوڏو اڀو ڪريو ۽ کابو پير وڇائي ڪري ان تي ويهي رهو، جڏهن تہ هڪ بي بہ ويهڻ جي سنّت آهي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون حضور سراپا نُور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڇوهارا ڪائيندي ڏٺو ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم زمين سان لڳي ڪري اهڙي طرح ويٺا هئا جو سندن ٻئي گوڏا مبارڪ اڀا هئا.

(صحيح مسلم ص 1130 حديث 2044)

## گوڏا ايا ڪري ڪائڻ جا فائدا

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! ٻئي گوڏا ايا ڪري زمين تي ويهي ڪري ڪائڻ سان ضرورت جيترو ئي ڪاڌو معدي ۾ ويندو آهي، جنهن جي سبب بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي، هڪ گوڏو ايو ڪري ۽ ٻيو وڇائي ڪري ڪائڻ جي برڪت سان **ٽِريهَ جي بيمارين** کان بچاءُ ٿيندو آهي ۽ راڻن جون مَشڪون مضبوط ٿينديون آهن چون ٿا، پلٽي هڻي ڪائڻ جي عاديءَ جي توله وڌندي ۽ پيٽ نڪري ايندو آهي، گڏوگڏ پلٽي هڻي ڪائڻ سان قولنج (يعني وڏي آنڊي جو سور) تي وڃڻ جو خطرو رهندو آهي، هڪ شخص جو چوڻ آهي”مون هڪ انگريز کي ڏٺو ته هو ٻئي گوڏا ايا ڪري زمين تي ويهي ڪري کائي رهيو هو، مون حيرت مان ان جو سبب پُڇيو ته هڪدم پنهنجي نڪتل پيٽ تي هٿ هڻي ڪري چوڻ لڳو،”هن کي اندر ڪرڻ لاءِ“.

## ڪاڌو ۽ پردي ۾ پردو

**ڪاڌي** ۾ سنّت جي مطابق ويهڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي گهرجي ته گوڏن کان وٺي پيرن تائين چادر سان چڱيءَ طرح پردي ۾ پردو ڪن، جيڪڏهن قميص جو دامن وڏو هجي ته ان کي چڱي طرح ڦهلائي ڪري پردي ۾ پردو ڪري ڇڏيو، پردي ۾ پردو نه ڪرڻ سان سامهون وينل ماڻهن جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اکين جي حفاظت تمام مشڪل ٿي ويندي آهي. اڪيلائيءَ ۾ به **پردي ۾ پردو** ڪرڻ گهرجي جو اللهعَزَّوَجَلَّ کان حياءُ ڪرڻ جو سڀ کان وڌو حق آهي. ”اللهعَزَّوَجَلَّ کان حياءُ ڪري رهيو آهيان اها نيّت ڪندؤ ته اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جو ڪثير ثواب حاصل ڪندؤ ۽

ٻين جي موجودگيءَ ۾ **پردي ۾ پردو** ڪرڻ وقت هيءَ نيّت بہ ڪري سگهجي ٿي تہ مسلمانن جي لاءِ بدنگاهي جو سبب دُور ڪري رهيو آهيان.“هر ڪم ۾ جيتري قدر ٿي سگهي سنيون سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن، جيتريون سنيون نيتون گهڻيون هونديون اوترو ثواب بہ گهڻو ملندو.اللهعَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشان آهي تہ” **مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي** .“

(طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942)

## ٽيبل ڪرسي تي ڪائڻ

**اعليٰ حضرت** مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا تہ ” جوتا پائي ڪري کائڻ جيڪڏهن ڪا مجبوري تحت هجي جو زمين تي وينل آهي ۽ فرش (يعني گلم وغيره) ناهي تہ پوءِ صرف هڪ **سنّت مُستَحِبّہ** تي عمل نہ ٿيو، ان جي لاءِ بهتر هي هو تہ جوتا لاهي ڇڏي ها ۽ جيڪڏهن ميز تي کاڌو (رکيل) آهي ۽ هو ڪرسيءَ تي جوتا پائي ڪري کائي تہ اهو خاص عيسائين جو طريقو آهي، ان کان پري ڀڄي، ڇو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا! مَنۡ تَشَبَّہَ بِقَوۡمٍ فَھُوَ مِنۡھُمۡ ترجمو: جيڪو ڪنهن قوم سان مشابهت پيدا ڪري اهو انهن مان ٿي آهي.

(ابوداود ج 4 ص 62 حديث 4031)

## شادي خانہ بربادىءَ جا سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪلهہ اسان وٽ تقريبًا هر مُعاملي ۾ يهودين ۽ عيسائين جي پيروي ڪئي ويندي آهي، شادي يقينًا مٺي مٺي سنّت آهي پر افسوس جو هن

عظيم سنّت جي ادائيگيءَ ۾ بين مقدس سنّتن بلڪ ڪيترن ئي فرائض تائين جو خون ڪيو ويندو آهي! گانا باجا، فلمون، ڊراما، ورائٽي پروگرام ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا هل هنگاما ڪيا ويندا آهن، گهر جون عورتون خوب دهل وڄائينديون آهن، مَعاذالله ثم مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ ناچ به ڪنديون آهن، آخر ڪهڙو حرام ڪم اهڙو آهي جيڪو اڄڪلهه اسان وٽ شادين ۾ نه ٿو ڪيو وڃي؟ مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ گهوٽ شاديءَ کان اڳ پنهنجي مڱيندڙيءَ کي پنهنجي هٿ سان منڊي پارائيندو آهي، گڏوگڏ سير ۽ تفريح به ٿيندي آهي، شادي ۾ بي حيائيءَ سان ڀرپور تقريبون منعقد ٿينديون آهن، عورتن ۾ غير مرد مُوويز ڀريندا آهن، ڪاڄي جي دعوت به نه ميز ڪرسي تي، بلڪ هاٿي نه وڏيڪ "ترقي" ٿيڻ لڳي آهي جو ڪرسيون به هٽايون ويون آهن رُڳو ميز تي قسمين قسمين کاڌا رکيا ويندا آهن ۽ ماڻهو گهمندي ڦرندي ميز جي چوڌاري هلندي کائيندا پيئندا آهن، حالانڪ ائين ڪرڻ هرگز سنّت ناهي. توهان غور نه فرمايو جو اڄ "شادي خانهٔ آبادي" ٿيندي ڪنهن جي آهي؟ شادي کان پوءِ عام طور تي هر ڪو "خانهٔ بربادي" جو شڪار نظر اچي رهيو آهي! ڪٿي ائين نه ناهي جو شادي جهڙي پاڪيزه ۽ مٺي مٺي سنّت ۾ غير شرعي رسمن جي دنيا ۾ ئي سزا ڏني ٿي وڃي! جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ غضب فرمايو نه آخرت جي سزا ڪيتري قدر خوفناڪ هوندي !! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي فرنگي تهذيب ۽ فيشن کان نجات عطا فرمائي سنّتن جو آئينهٔ دار بڻائي.

اٰمين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّتن ڀري تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان هردم وابسته رهو. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ برڪتون ۽ سعادتون ئي سعادتون ماڻيندؤ. هڪ مبلغ **دعوت اسلامي** ۾ پنهنجي شامل ٿيڻ جا جيڪي اسباب بيان ڪيا آهن اهي ٻُڌڻ سان تعلق رکن ٿا، تنهن ڪري سندس جذبات پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

## مان دعوتِ اسلاميءَ ۾ ڪيئن آيس؟

**مندن ڳڙهه** ضلعو رتناگري مهاراشٽر (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو ته 2002ع جي ڳالهه آهي، مان بُري دوستن جي صحبت جي سبب غنڊا گينگ ۾ شامل ٿي ويو هئس، ماڻهن کي مارڻ، ڪُٽڻ ۽ گاريون ڪڍڻ منهنجو معمول هو، چاڙهي واٽي جهيڙا ڪندو هئس. جيڪو نئون فيشن ايندو هو اهو سڀ کان پهريان آءُ اختيار ڪندو هئس. ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪپڙا تبديل ڪندو هئس، سواءِ جينز (Jeans) جي ٻي پينٽ نه پائيندو هئس، آواره دوستن سان گڏ گهمي ڦري رات جي آخري حصي ۾ گهر موٽندو هئس ۽ ڏينهن جو دير تائين سمهندو هئس، والد صاحب جو انتقال ٿي چڪو هو، بيواهه ماءُ سمجهائيندي هئي ته مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ زبان درازي ڪندو هئس، هڪ ڀيري **دعوتِ اسلاميءَ** جي ڪنهن عوامي واري اسلامي ڀاءُ ملاقات ۾ هڪ رسالو **جنات جو بادشاهه** (مطبوعه مڪتبة المدينه) تحفي ۾ ڏنو، پڙهيم ته سٺو لڳو، رمضان المبارڪ ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن مسجد ۾ وڃڻ جي سعادت ملي ته اتفاق سان هڪ سبز عمامو ۽ اڇو لباس پهريل سنجيده نوجوان تي نظر پئي، معلوم ٿيو ته هو هِتي معتڪف آهي، ان **فيضان سنت** جو درس ڏنو ته مان ويهي رهيس، درس کان بعد

ان مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول جون برڪتون ٻڌايون، ان اسلامي ڀاءُ جو لباس ايتري قدر سادو هو جو ڪجهه جڳهن تي چتيون لڳل هيون، جڏهن ان جي لاءِ گهران ڪاڏو آيو ته اهو به بلڪل سادو هو!مان سندس سادگيءَ مان بيحد متاثر ٿيس، مون کي ساڻس محبت ٿي وئي، مان ساڻس ملاقات لاءِ ايندو ويندو رهيس، اتفاق سان عيد الفطر ڪانپوءِ ان اسلامي ڀاءُ جو نڪاح هو، هو ويچارو غريب ۽ تنگدست هو پر حيرت جي ڳالهه اها آهي جو ان هن ڳالهه جو مون کي ٿورو به احساس ٿيڻ نه ڏنو ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي مالي امداد جو سوال ڪيو، مان اجان وڌيڪ متاثر ٿيس ته مَاشَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جو **مدني ماحول** ڪيڏو پيارو آهي ۽ ان سان تعلق رکندڙ ڪيتري قدر سادا ۽ خود دار آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** جي محبت منهنجي دل ۾ گهر ڪندي وئي ايتري تائين جو مون **عاشقانِ رسول** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ **8** ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو. منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي، قلب ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ مان گناهن کان سچي توبهه ڪري پنهنجو پاڻ کي **دعوتِ اسلاميءَ** جي حوالي ڪري ڇڏيم، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون تي اهو مدني رنگ چڙهيو جو اڄڪلهه مان علائقائي مشاورت جي **خادم** (نگران) جي حيثيت سان پنهنجي علائقي ۾ **دعوت اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيو آهيان.

سادگی چاہیے عاجزی چاہیے آپ کو گر چلیں قافلے میں چلو
خوب خودداریاں اور خوش اخلاقیاں آیئے سیکھ لیں قافلے میں چلو
عاشقانِ رسول لائے سنّت کے پھول آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! دين جي تبليغ جي لاءِ استري ڪيل، پڙڪيلو لباس ۽ ڪلف لڳل خوبصورت عِمامو ئي ضروري ناهي، چتيون لڳل لباس ۽ سادي عمامي شريف سان به ڪم هلي ويندو آهي..... هلندو ئي ناهي ڊوڙندو آهي..... بلڪ ڊوڙندو ئي ناهي ان ڪي ته مدني پر لڳي ويندا آهن ۽ اهو مدينهءِ منوره ڏانهن اڏڻ لڳندو آهي، سادي لباس جي ته ڇا ڳالهه ڪجي!

## سادي لباس جي فضيلت

**ڪافرن جي پيروي** ۾ فيشن ڪرڻ وارا، هر وقت نهي ٺُڪي رهڻ وارا، نئين نئين ڊزائينن ۽ طرح طرح جي ڪٽ ست وارا لباس پائڻ وارا جيڪڏهن سادگي اختيار ڪن ته ٻنهي جهانن ۾ بيڙا پار ٿي وڃن. هاڻي سادي لباس پائڻ جي فضيلت پڙهندا ۽ جهومندا. **تاجدارِ مدينه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو طاقت هوندي به سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (عاجزيءَ) جي طور تي ڇڏي ڏيندو الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي ڪرامت جو حُلّو (جنّتي لباس) پارائيندو.

(ابوداود ج 4 ص 326 حديث 4778)

## فيشن پرستو! خبردار!!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جهومي وڃو! دولت موجود آهي، عمدو لباس پائڻ جي طاقت آهي، پوءِ به الله ربُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر عاجزي اختيار ڪندي سادو لباس پائڻ وارو جنّتي لباس پائيندو ۽ ظاهر آهي ته جيڪو جنّتي لباس پائيندو اهو يقيني طور تي جنّت ۾ به ويندو، ماڻهن تي رعب وجهڻ اميراڻي ڍاڪ جمائڻ ۽ رڳو پنهنجي نفس جي لاءِ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي خاطر ڏيکاءُ، فينسي ۽ پڙڪيلو لباس پائڻ وارا پڙهن عبرت حاصل ڪن، حضرت سيّدنا عبدالله بن

عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آهي تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”دنيا ۾ جنهن شهرت جو لباس پاتو، قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ذلت جو لباس پارائيندو“. (سنن ابن ماجه ج 4 ص 163 حديث3606)

## شهرت جو لباس ڇا کي چوندا آهن؟

مفسرِ شهير حکيم الامت حضرت مولانا مفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الۡحَنَّان هن حديثِ پاک جي تحت فرمائن ٿا، ”يعني اهڙو لباس پائي جو ماڻهو مالدار سمجهن يا اهڙو لباس پائي جو جنهن سان ماڻهو نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهن، اهي ٻئي قسمن جا لباس شهرت جا لباس آهن، مطلب ته جنهن لباس ۾ نيّت هي هجي ته ماڻهو ان جي عزت ڪن اهو ان لاءِ شهرت جو لباس آهي. صاحبِ مرقاة رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمايو مسخرائپ جو لباس پائڻ جنهن سان ماڻهو کلن هي به شهرت جو لباس آهي.
(ملخص از مراة ج 6 ص109)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي سخت امتحان آهي لباس پائڻ ۾ تمام گهڻو غور ڪرڻ ۽ ڏيکاءَ کان بچڻ جي سخت ضرورت آهي گڏوگڏ جيڪو ماڻهن کي پنهنجي سادگيءَ جو مُعۡتَقِد بڻائڻ جي لاءِ سادو لباس، عمامو ۽ چادر وغيره پائيندو آهي اهو رياڪار ۽ جهنم جو حقدار آهي، اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان اخلاص جي خيرات گهرون ٿا.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو　　کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی
رِیاکاریوں سے سیاہ کاریوں سے　　بچا یا الٰہی بچا یا الٰہی

### ٽِپ ٽاپ رهڻ وارن لاءِ لمحهءِ فڪريه

فيشن جي خاطر روز روز نوان لباس پائڻ وارا، تورو فيشن تبديل ٿيو يا لباس تورو پراڻو ٿيو يا ڪٿان معمولي ڦاٽو ته چَتيون هڻي ڪري

ان کي پائڻ ۾ عيب محسوس ڪرڻ وارا هن روايت کي هرهر پڙهن:

**ابو امامہ اياس بن ثَعْلَبَہ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو چا توهان ٻُڌو نہ ٿا؟ چا توهان ٻُڌو نہ ٿا؟ تہ ڪپڙو پراڻو تيڻ ايمان منجهان آهي، بيشڪ ڪپڙي جو پراڻو تيڻ ايمان منجهان آهي. **(سنَن ابوداود ج 4 ص 102 حديث 4161)**

**هن روايت جي تحت حضرت سيِّدُنا شاهہ عبدالحق محدث دهلوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا تہ "زينت **(يعني ٺاهہ ٺوهہ)** کي ڇڏي ڏيڻ ايمان وارن جي اخلاق **(يعني عمده عادتن)** مان آهي." **(اشعة اللمعات ج 3 ص 585)**

## چِتيون لڳل لباس جي فضيلت

**حضرت سيِّدُنا عَمرو بن قيس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، اميرالمؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ويو، توهان پنهنجي قميص ۾ چِتيون جو لڳائيندا آهيو؟ فرمايائون، ان سان دل نرم رهندي آهي ۽ مومِن ان جي پيروي ڪندو آهي، (يعني مومِن جي دل نرم ٿي هئڻ گهرجي)
**(حلية الاولياء ج 1 ص 124 حديث 254)**

## بيهي ڪري کائڻ ڪيئن آهي؟

**حضرت سيِّدُنا انس بن مالڪ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ "نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم بيهي ڪري پيئڻ ۽ بيهي ڪري کائڻ کان منع فرمايو آهي. **(مجمع الزوائد ج 5 ص 23 حديث 7921)**

## بيهي ڪري کائڻ جا طبي نقصان

**اٽلي** جي هڪ غذائي ماهر ڊاڪٽر جو چوڻ آهي تہ "بيهي ڪري کاڌو کائڻ سان **ٽِري ۽ دل** جون بيماريون ۽ پڻ **نفسياتي بيماريون** پيدا

ٽينديون آهن ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن انسان اهڙو **چريو** ٿي ويندو آهي جو پنهنجن کي بہ سڃاڻي ناهي سگهندو.“

### ساڄي هٿ سان کائو پيئو

**ساڄي هٿ** سان کائڻ پيئڻ سنّت آهي، حضرت سيِّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”جڏهن ڪو ڪاڌو کائي تہ ساڄي هٿ سان کائي ۽ پاڻي پيئي تہ ساڄي هٿ سان پيئي.“ **(صحيح مسلم ص1117 حديث 2174)**

### شيطان جو طريقو

**حضرتِ سيِّدُنا عبدالله ابن عمر** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ ”ڪو شخص نہ کابي هٿ سان کاڌو کائي نہ پيئي جو کابي هٿ سان کائڻ پيئڻ شيطان جو طريقو آهي. **(ايضًا)**

### ساڄي هٿ سان ئي ڏيو ۽ وٺو

**حضرت** سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”توهان مان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي ۽ ساڄي هٿ سان پيئي ۽ ساڄي هٿ سان وٺي ۽ ساڄي هٿ سان ڏئي، ڇو تہ شيطان کابي هٿ سان کائيندو، کابي هٿ سان پيئندو، کابي هٿ سان ڏيندو ۽ کابي هٿ سان وٺندو آهي.“

**(سنن ابن ماجہ شريف ج4 ص 12 حديث 3266)**

### هر ڪم ۾ کابو هٿ ڇو؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** افسوس! اڄڪلهہ اسان دنيا جي چڪرن ۾ ايتري قدر ڦِهري چُڪا آهيون جو محبوب باري صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين

سنّتن ڏانهن اسان جي توجهه ئي نه ٿي رهي **ياد رکو!** حديثِ مبارڪ ۾ آهي ته ماڻهوءَ جي رڳن ۾ شيطان رت سان گڏ ترندو آهي. (صحيح مسلم ص 1197 حديث 2174) ظاهر آهي ته هو اسان کي سنّتن ڏانهن ڪٿي وڃڻ ڏيندو؟ جيتوڻيڪ اسان ساڄي هٿ سان ئي کاڌو کائيندا آهيون پر پوءِ به **کابي هٿ** سان ڪجهه داڻا ڦڪي ئي وٺندا آهيون، کائڻ وقت جيئن ته ساڄو هٿ پريل هوندو آهي تنهنڪري پاڻي کابي هٿ سان ئي پي وٺندا آهيون چانهه پيئڻ وقت ڪوپ ساڄي هٿ ۾ ۽ پليٽ کابي هٿ ۾ کڻي چانهه پي وٺندا آهيون ڪنهن کي پاڻي پيارڻ وقت جڳ ساڄي هٿ ۾ هوندو آهي جڏهن ته گلاس **کابي هٿ** ۾ ۽ **کابي هٿ** سان گلاس ٻين کي ڏيندا آهيون. "حياتِ مُحَدِّثِ اعظم" ص 374 تي آهي، مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمّد سردار احمد قادري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا ته " وٺڻ ۽ ڏيڻ ۾ ساڄي هٿ کي استعمال ڪريو، اها عادت اهڙي پڪي ٿي وڃي جو سڀاڻي قيامت ۾ اعمال نامو پيش ٿئي ته انهيءَ عادت مطابق ساڄو هٿ اڳتي وڌي، تڏهن ته ڪم ٻڌجي ويندو." **پيارا اسلامي ڀائرو!** هوش ڪريو ۽ ڏسو اسان جي مني مني آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي کابي هٿ سان کائڻ پيئڻ ڪيتري قدر ناپسند هو جيئن ته

## تنهنجو ساڄو هٿ ڪڏهن نه کڄي!

**حضرت سيّدنا سلمه بن اَڪوَع** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي ته هڪ شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون کاڏو کابي هٿ سان کاڌو ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ

وَسَلَّم فرمايائون،"**ساڄي هٿ سان کائو** " ان چيو مان ساڄي هٿ سان نہ ٿو کائي سگهان (غيب ڄاڻ وارا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سمجهي ويا تہ هي تکبر مان ڳالهائي رهيو آهي پوءِ) پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايائون "**لَآ اسۡتَطَعۡتَ** يعني توکي استطاعت نہ ٿئي!" (مطلب هي تہ تنهنجو ساڄو هٿ کڏهن نہ کڄي) ان تکبّر جي سبب ساڄي هٿ سان کاڌو کائڻ کان انکار ڪيو هو تنهنڪري ان جو ساڄو هٿ کڏهن وات ڏانهن نہ کڄي سگهيو. (يعني ان جو ساڄو هٿ بيڪار ٿي ويو) . **(صحيح مسلم ص 1118حديث 2021)**

وہ زَباں جس کو سب کُن کی کُنجی کہیں
اُس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام

## تنهنجو چهرو بگڙي وڃي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زبانِ صداقت نشان جو هي شان آهي جو جيڪو فرمائيندا هئا اهو ٿي ويندو هو، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو رتبو تہ تمام عظيم آهي، غلامن جو حال بہ ڏسو، جيئن تہ هڪ عورت مشهور صحابي حضرت سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي جهاتيون پائي ڏسندي هئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کيترائي ڀيرا ڪيس منع ڪيو پر هوءَ نہ مُڙي، هڪ ڏينهن ان جڏهن معمول مطابق جهاتي پائي ڏٺو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زبان مبارڪ مان هي لفظ نڪتا، "**شَاهَ وَجۡهُكِ**" يعني (تنهنجو چهرو بگڙي وڃي) پوءِ انهيءَ وقت ان جو چهرو ڪياڙي ڏانهن ڦري ويو. **(جامع ڪرامات اولياء ج 1 ص 112)**

محفوظ شہا رکھنا سدا بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

حضرتِ سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زبانِ قبوليّت نشان جي اها تاثير دراصل مهرِ مُنير، بشير و نذير، رسولِ شهير، محبوبِ ربِ قدير صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعا جو نتيجو هو، جيئن تہ جامع ترمذي وغيره ۾ آهي، مني مني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **رب العلیٰ** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا گهري تہ اَللّٰهُمَّ اسْتَجِبْ لِسَعْدٍ اِذَا دَعَاكَ يعني "يا الله عَزَّوَجَلَّ! جڏهن بہ سعد تو کان دعا گهري تہ تون قبول فرمائيندو ڪر" (ترمذي شريف ج 5 ص418 حديث3772) محدثينِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا "سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن بہ دعا ڪندا هئا تہ قبول ٿي ويندي هئي". (جامع ڪرامات اولياء ج 1 ص 113)

اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا    دُلہن بن کے نکلی دعائے محمد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)
اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا    بڑھی ناز سے جب دعائے محمد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو بہ وڏو شان آهي، صحابہ جا غلام يعني اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی بہ وڏين عظمتن جا مالڪ هوندا آهن، جيئن تہ

## يا الله! صباحيءَ کي انڌو ڪري ڇڏ

زبردست عالم ۽ مُحدث حضرت سيّدُنا عبدالله بن وَهْب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هڪ لک حديثن جا حافظ هئا، مصر جي حڪمران عُبّاد بن محمد کين قاضي بڻائڻ چاهيو تہ قاضي جي عهدي کان بچڻ جي لاءِ ڪٿي روپوش ٿي ويا، هڪ حاسد "صباحيءَ" ڪوڙي چُغلي هڻندي حاڪم کي چيو تہ عبدالله بن وَهْب پاڻ مون سان قاضي بڻجڻ جو حرص ظاهر ڪيو هو پر هاڻي توهان جي چاڙهي واڙهي نافرماني ڪندي

غائب ٿي ويا آهن.“ حاڪم ڪاوڙ ۾ اچي پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي گھر مبارڪ کي ڍهرائي ڇڏيو، حضرت سيّدُنا عبدالله بن وَهب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جلال ۾ اچي ڪري ربُّ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو، يا الاهي عَزَّوَجَلَّ ”صباحيءَ“ کي انڌو ڪري ڇڏ،تنهنڪري انين ڏينهن اهو”صباحي“ انڌو ٿي ويو، حضرت سيّدُنا عبدالله بن وَهب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ تي خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو غلبو رهندو هو،هڪ ڀيري قيامت جو ذڪر ٻُڌي ڪري مٿانئن دهشت طاري ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي ويا، هوش ۾ اچڻ کان پوءِ صرف ڪجھ ڏينهن زنده رهيا ۽ ان دوران ڪجھ به نه ڳالهايائون،197ھ ۾ وفات ڪري ويا. (تذكرة الحفاظ ج 1 ص 223)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

آولیاء کا جو کوئی ہو بے ادب
نازل اُس پہ ہوتا ہے قہر و غضب

يا ربّ مصطفيٰ! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي پياري حبيب شاهِ يرالانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، صحابهءِ ڪرام عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عِظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو سچو ادب نصيب فرما ۽ انهن جي بي ادبي ۽ انهن جي بي ادبن جي شر کان سدائين محفوظ رک ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سچو ديوانو بڻاءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یا ربّ میں ترے خوف سے روتا رہوں ہر دم
دیوانہ شہنشاہِ مدینہ کا بنا دے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# صاحب مزار جي انفرادي ڪوشش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ بزرگن جو تمام گھڻو ادب ڪيو ويندو آھي، بلڪ سچي ڳالھ ھي آھي تہ الله ربُّ العِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان دعوتِ اسلامي **فيضانِ اولياءَ** جي ئي سبب ھلي رھي آھي جيئن ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪيل ھڪ **صاحبِ مزار** وليُّ الله رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہ جي مدني قافلي جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جوايمان افروز واقعو پنھنجي انداز ۾ پيش ڪريان ٿو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول** جو ھڪ مدني قافلو **چڪوال** (**پنجاب پاڪستان**) ڪان مظفرآباد ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ سنّتن جون بھارون ڦھلائيندو، ھڪ جڳھ انوار شريف پھتو، اتان ڪان **ھٿو ھٿ** چار اسلامي ڀائر ٽن ڏينھن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ شريڪ ٿيا انھن چئني مان ”انوار شريف“ جي صاحبِ مزار بزرگ رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہ جي خاندان جو ھڪ فرزند بہ ھيو، **مدني قافلو** نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندي ”ڳڙھي دوپٽہ“ پھتو. جڏھن انوار شريف وارن جا ٽي ڏينھن مڪمل ٿي ويا تہ صاحبِ مزار رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہ جي مائٽ چيو، مان تہ واپس ڪونہ ويندس ڇو تہ اڄ رات مون پنھنجي ”سائين“ ڪي خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رھيا ھئا ”پٽ! موٽي گھر نہ وڃجانءِ“ مدني قافلي وارن سان گڏ وڌيڪ اڳتي سفر جاري رکجانءِ، **صاحبِ مزار** رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہ جي **انفرادي ڪوشش** جو ھي واقعو ٻڌي مدني قافلي ۾ خوشيءَ جي لھر ڇانئجي وئي، سيني جي حوصلي ڪي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا ۽ **انوار شريف** ڪان آيل چار

ئي اسلامي ڀائر هتو هٿ مدني قافلي ۾ وڏيڪ اڳتي سفر جي لاءِ هلڻ لڳا.

ديتے ہیں فیض عام    اَولیائے کرام    لوٹنے سب چلیں    قافِلے میں چلو
اولیا کا کرم    تم پہ ہولا جَرَم    مل کے سب چل پڑیں    قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خواب جي ذريعي گهوڙيءَ جو تحفو ڏيڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن وليُّ الله جو وفات ڪانپوءِ خواب ۾ رهنمائي ڪرڻ ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها، ربُّ العُلٰي عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا، جيئن ته خواجه امير خرد ڪِرماني رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ لکن ٿا ته ”سلطان المشائخ حضرت سيّدُنا محبوب الاهي نظامُ الدّين اولياء رَحْمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا ته، ”غِياث پور“ جي قيام ڪان پهريان مان هڪ ڪوهه (يعني تقريبًا ٽي ڪلو ميٽر پري) **ڪيلوڪري** جي مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ ويندو هئس، هڪ ڀيري اهڙي طرح جمعي نماز جي لاءِ پيادل وڃي رهيو هئس، گرم هوائون هلي رهيون ۽ مان روزي سان هئس مون کي چڪر اچڻ لڳا ۽ مان هڪ دڪان تي ويهي رهيس منهنجي دل ۾ خيال آيو جيڪڏهن مون وٽ سواري هجي ها ته سهولت ٿئي ها. بعد شيخ سعدي جو هي شعر منهنجي زبان تي آيو.

مَا قَدَمْ اَزسَرْ کُنِیْمْ دَرْ طَلَبِ دوْسْتَاں
رَاہْ بَجَائے بُرْدْ ھَر کہ بَاَقْدَامْ رَفْت

(ترجمو: اسان دوستن جي طلب ۾ مٽي کي پير ٻٽائي هلندا آهيون، ڇو تہ جيڪو هن راهہ ۾ پيرن سان هلندو آهي اهو اڳتي ناهي وڌي سگهندو)

مون دل ۾ اينڊڙ سواري جي خيال کان توبهہ ڪئي، ان واقعي کي ٽي ڏينهن گذريا هئا تہ "خليفي ملڪ يار پران" منهنجي لاءِ هڪ **گهوڙي** وٺي آيو ۽ چوڻ لڳو، مان مسلسل ٽن راتين کان خواب ۾ ڏسي رهيو آهيان تہ منهنجا شيخ (يعني مرشد) مون کي فرمائي رهيا آهن، "فلاڻي شخص کي **گهوڙي** ڏئي اچو." تنهنڪري **گهوڙي** حاضر آهي قبول فرمايو. مون چيو، بيشڪ توهان جي شيخ توهان کي فرمايو هوندو پر جيستائين منهنجا شيخ مون کي نہ فرمائيندا، مان هيءَ **گهوڙي** نہ وٺندس انهيءَ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ منهنجا پير و مرشد حضرت سيّدنا شيخ فريد الدين گنج شڪر رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ مون کي فرمائن ٿا، تہ ملڪ يارپران جي دلجوئي جي لاءِ اها **گهوڙي** قبول ڪري وٺو، ٻئي ڏينهن هو **گهوڙي** وٺي آيو تہ مون ان کي خداوندي عطيو سمجهندي قبول ڪري ورتو. (سِيَرُ الاولياء ص 246)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رڳو پنهنجي پاسي کان کائو

**هڪ ٿانوَ** ۾ جڏهن هڪ قسم جو کاڌو هجي تہ پنهنجي پاسي کان کائڻ سنّت آهي، جيئن حضرت سيّدُنا عمر بن ابي سَلمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ مان ٻار هئس ۽ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پرورش ۾ هئس (ياڻ اُمُّ الۡمومنين سيّدتنا ام سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جا اهي فرزند هئا جيڪي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نڪاح ۾ اچڻ کان اڳ پهرئين مڙس مان هئا.) کائڻ وقت ٿانوَ ۾ هر طرف هٿ هڻان پيو. تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

ارشاد فرمايو، ”بِسۡمِ اللّٰه پڙهو ۽ ساڄي هٿ سان کائو ۽ ٿانوَ جي ان پاسي کان کائو جيڪو توهان جي ويجهو آهي“. (صحيح بخاري ج 3 ص 521 حديث5376)

## وچ مان نہ کائو

**حضرت سيّدُنا عبدالله بن عباس** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ عظيم، نبي کريم رؤف رحيم عَلَیۡہِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسۡلِیۡم ارشاد فرمايو، ” بيشڪ برڪت کاڌي جي وچ واري حصي ۾لهندي آهي تنهنڪري توهان ڪنارن کان کاڌو کائو ۽ وچ مان نہ کائو.

(ترمذي شريف ج3 ص 316 حديث 1812)

## توهان ڪٿي وچ مان تہ کاڌو نہ کائيندا آهيو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور فرمايو تہ هن سنّت تي توهان عمل ڪندا آهيو يا نہ؟ منهنجو اڪثر مشاهدو آهي تہ باعمل نظر اچڻ وارن جي بہ اڪثريت هن سنّت تي عمل ڪرڻ کان محروم آهي، جنهن کي ڏسو اهو کاڌي جي پليٽ يا ٻاجيءَ جي ٿانوَ وغيره جي وچ مان ئي شروع ڪندو آهي الائي ڇو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو برڪت کان محروم ڪرڻ لاءِ شيطان هٿ پڪڙي ڪري وچ ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، حقيقت اها ئي آهي تہ شيطان ان ڳالھ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهندو آهي جو مسلمان ڀلائين کان محروم رهن. **مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الۡمَنَّان فرمائن ٿا، ” کاڌي جي ٿانوَ جي وچ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نازل ٿيندي آهي وچ مان کائڻ حرص جي نشاني آهي. حريص رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان

محروم آهي.”هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته مسلمانن جي ڪائڻ مهل به الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو نُزول ٿيندو آهي، خاص ڪري جڏهن سنّت جي نِيَّت سان ڪاڌو وڃي. (مرآة شرح مشڪوٰة ج 6 ص 33، 34)

## پين ڪي شرمندگي کان بچايو

**حضرت** سيِّدُنا عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته نبين جي سلطان، رَحْمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي ”جڏهن دسترخوان وڇائجي ته هر شخص پنهنجي پاسي کان کائي ۽ پاڻ سان گڏ کائڻ وارن جي پاسي کان نه کائي ۽ ٿالهيءَ جي وچ مان نه کائي ڇو ته برڪت انهيءَ طرف کان ئي ايندي آهي ۽ ڪو به دسترخوان کڻڻ کان اڳ نه اٿي ۽ نه ئي پنهنجو هٿ روڪي جيستائين سڀ ماڻهو پنهنجو هٿ نه روڪين، جيتوڻيڪ ڍَوَ ڪري چُڪو هجي ۽ ماڻهن سان گڏ کائيندو رهي ڇو ته ان جو رڪجي وڃڻ باقي ماڻهن جي شرمندگيءَ جو ڪارڻ بڻبو ۽ اهي پنهنجو هٿ روڪي ڇڏيندا جڏهن ته ٿي سگهي ٿو انهن کي اڃان به ڪاڌي جي طلب هجي.“ (شعب الايمان ج5 ص 83 حديث 5864)

## وچ ۾ برڪت جي وضاحت

**مفسرِ شهير حڪيم الامت** حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا ٿانوَ جي ڪنارن وٽان پنهنجي پنهنجي پاسي کان کائو، وچ مان نه کائو جو ٿانوَ جي وچ ۾ برڪت لهندي آهي، اتان کان ڪنارن تائين پهچندي آهي، جيڪڏهن توهان وچ مان کائڻ شروع ڪري ڏنو ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اتي برڪت اچڻ بند ٿي وڃي، مطلب ته برڪت لهڻ جي جڳهه بي آهي ۽ برڪت ونڻ جي جڳهه اجان بي. (مرآة ج 6 ص 63)

## ڪاڌي جون پنج سنتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيش ڪيل حديثِ مبارڪ ۾ ڪاڌي جون پنج سنّتون بيان ڪيون ويون آهن.﴿1﴾ پنهنجي پاسي کان کائجي.﴿2﴾ ڪو گڏ کائي رهيو هجي ته ان جي اڳيان کان نه کائجي ﴿3﴾ ٿالهيءَ جي وچ مان نه کائجي ﴿4﴾ ڀريان دسترخوان کنيو وڃي ان کان بعد کائڻ وارا اٿن. (افسوس! اڄڪلهه عمومًا اُبتو انداز آهي يعني ڀريان کائڻ وارا اٿندا آهن ان کان پوءِ دسترخوان کنيو ويندو آهي) ﴿5﴾ ٻيا به ڪاڌي ۾ شامل هجن ته ان وقت تائين هٿ نه روڪجي جيستائين سيئي فارغ نه ٿي وڃن، افسوس!جوڪاڌي جي بيان ڪيل انهن سنّتن تي عمل ڪرڻ وارا هاڻي نظر ئي نه ٿا اچن، سنّتون سکڻ ۽ عوام الناس جي موجودگيءَ ۾ سنّتن تي عمل جي هٻڪ ختم ڪرڻ لاءِ **دعوتِ اسلاميءَ** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سفر ڪريو ۽ اتي انهن سنّتن جي باقاعده مشق ڪريو، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان سنّتن تي عمل ڪرڻ تمام آسان ٿي ويندو.

## پيوائتن خوابن کان ڇوٽڪارو

**مدني قافلن** جي برڪتن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي! هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصوآهي ته مون کي **پيوائتا خواب** ايندا هئا، مون عاشقانِ رسول سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلن** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان **پيوائتا خواب** اچڻ بند ٿي ويا، مون کي خواب ۾ مٺي مديني جي زيارت ٿي ۽ هاڻي خواب ۾ ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي نماز ۾ مشغول ڏسندو آهيان ته ڪڏهن تلاوت ۾.

خواب میں ڈر لگے بوجھ دل پر لگے خوب جلوے ملیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يَامُتَكَبِّرُ 21 ڀيرا اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف سمهڻ وقت پڙهي ڇڏيندؤ تہ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ڀوائتا خواب نہ ايندا جيڪڏهن مختلف قسمن جا کاڌا مثلاً زردو، پلاءُ ۽ ڪٽاڻ وغيره هڪ ئي ٿالھ ۾ هجن تہ ان صورت ۾ ٻئي پاسي کان کڻڻ جي بہ اجازت آهي جيئن تہ

## مختلف کارڪن جو ٿالھ

حضرت سيّدُنا عِڪراش رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي باغ جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ هڪ ٿانءُ پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ تمام گهڻو **ثريد** (يعني ڪُٽي) هئي. اسان ان مان کائڻ لڳاسين پوءِ مان پنهنجو هٿ ان جي ڪنارن ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلائڻ لڳس، تہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، " اي عِڪراش! هڪ ئي جڳهہ کان کائو ڇو تہ هي هڪ ئي (قِسم جو) کاڌو آهي". پوءِ اسان وٽ هڪ ٿالھ آندو ويو جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون تازيون کارڪون هيون، حضور سراپا نُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هٿ مبارڪ ٿانوَ ۾ هر طرف جلوه فرما ٿي رهيو هو ۽ ارشاد فرمايائون، " اي عِڪراش! جتان وڻيوَ کائو ڇو تہ هي (کارڪون) مختلف قسمن جون آهن. (ابن ماجہ شريف ج 4 ص 15 حديث 3274)

## پنج آڱرين سان کائڻ جاهلن جو طريقو آهي

حضرت سيّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته نبيّ آخرالزمان، سَرورِ ذيشان، ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آڱوٺي ۽ شهادت واري آڱر ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو، ”هنن ٻن آڱرين سان نه کائو.“ (بلڪ انهن سان وچين آڱر ملائي ڪري) ٽن آڱرين سان کائو جو اها سنّت آهي ۽ پنجن سان نه کائو جو هي جاهلن جو طريقو آهي.

(ڪنزالعمال ج5 ص 115حديث 40872)

## شيطان جي کائڻ جو طريقو

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته نبي اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسول محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي ته ”هڪ آڱر سان کائڻ شيطان جو ۽ ٻن آڱرين سان کائڻ متڪبرين (يعني مغرور ماڻهن) ۽ ٽن آڱرين سان کائڻ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو طريقو آهي.“

(جامع صغير ص 184 حديث 3074)

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه، فيض گنجينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن چار مبارڪ آڱرين سان به کاڌو کائڻ فرمائيندا هئا.

(ملخصًا الجامع الصغير ص 250 حديث 6942)

## ٽن آڱرين سان کائڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٽن آڱرين سان کائڻ ڪري گرهه ننڍو ٺهبو، ننڍو گرهه چٻاڙڻ آسان رهندو، جيترو بهتر طريقي سان چٻاڙينداسين اوترو ئي وات مان نڪرندڙ هاضميدار لُعاب ان ۾ شامل

تيندو ۽ اهڙي طرح کاڌو جلدي هضم ٿيندو. حضرت سيّدُنا ملا علي قاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡبَارِی فرمائن ٿا، ”پنجن آڱرين سان کائڻ حريصن جو اُهڃاڻ آهي“. (مرقاة ج8ص 9) ماني ٽن آڱرين سان کائڻ گهڻو مشڪل بہ ناهي فقط ٿوري توجهہ جي ضرورت آهي، البت چانور ٽن آڱرين سان کائڻ ٿورو ڏکيو هوندو آهي، پر مدني ذهن رکڻ وارن سنّت جي عاشقن جي لاءِ اها بہ ڪا مشڪل ڳالهہ ناهي يقينًا سنّت ۾ ئي عظمت آهي، وڏن گرهن جي حرص ۾ پنجن آڱرين سان کائڻ بدران تربيت جي خاطر ساڄي هٿ جي بِنصَر (يعني چيچ جي پرسان واري آڱر) کي نِوڙائي ان مٿان ننڍو ربڙ چاڙهي ڇڏيو يا مانيءَ جو هڪ ٽڪر چيچ ۽ پرسان واري آڱر سان ترِي جي طرف دٻائي رکو، جيڪڏهن جذبو سچو هوندو تہ اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت بڻجي ويندي، جڏهن ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت بڻجي وڃي تہ هاڻي ربڙ ۽ ماني جو ٽڪر ترِي جي طرف دٻائڻ جي ضرورت ناهي جيڪڏهن چانورن جا داڻا جدا جدا هجن ۽ ٽن آڱرين ۾ ان جو گرهہ نہ بڻجي سگهي تہ هاڻي چار يا پنج آڱرين سان کائو پر هي احتياط ضروري آهي تہ ترِيون نہ ڀرجن بلڪ آڱريون بہ پاڙ تائين نہ ڀرجن.

## چمچي سان کائڻ جي حڪايت

ڇُري ڪانٽن ۽ چمچن سان کائڻ سنّت جي خلاف آهي، اسان جا اسلاف (يعني بزرگ) چمچي سان کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا، ڇو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٽن آڱرين سان کائڻ ثابت آهي. حضرت سيّدُنا امام ابراهيم باجوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا تہ ”هڪ ڀيري عباسي خليفي مامون الرشيد جي سامهون چمچن سان کاڌو

پيش ڪيو ويو. ان وقت جي قاضي **القُضاة** (يعني چيف جسٽس) حضرت سيّدُنا امام ابو يوسف رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ چيو، ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ 15هين سيپاري جي سُوۡرَۃُ بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ جي آيت نمبر 70 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَقَدۡ کَرَّمۡنَا بَنِیۡۤ اٰدَمَ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ اسان آدم جي اولاد کي عزت ڏني.

اي خليفا! هن آيتِ ڪريمہ جي تفسير ۾ توهان جا ڏاڏا سائين حضرت سيّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا ” اسان انهن جي لاءِ آڱريون بڻايون جن سان اهي کاڌو کائن ٿا“ اهو ٻُڌي هُو انهن چمچن کي ڇڏي آڱرين سان کائڻ لڳو.

(المواهب اللدنيه للباجوري ص114)

## چمچي سان ڪڏهن کائي سگهجي ٿو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن غذا ئي اهڙي آهي مثلاً کيرٽي (يا پٽڙي) ڏهي وغيره جيڪا آڱرين سان کائي نہ ٿي سگهجي ۽ پي بہ نہ ٿي سگهجي يا هٿ ۾ زخم آهي يا هٿ ميرا آهن ۽ ڌوئڻ لاءِ پاڻي ميسر ناهي تہ پوءِ ضرورت موجب چمچي جي اجازت آهي، اهڙي طرح گوشت جو پڪل وڏو ٽڪرو يا ران وغيره کي ڇُريءَ سان ڪَٽي ڪري کائڻ جي اجازت آهي.

## هٿ سان کائڻ جا طبي فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڊاڪٽرن اعتراف ڪيو آهي تہ جيڪي ماڻهو هٿ سان کائيندا آهن، انهن جي آڱرين مان هڪ خاص قسم جي ”هاضميدار رطوبت“ نڪري ڪري کاڌي ۾ شامل ٿي ويندي آهي

جيڪا جسم ۾ انسولين (Insulin) گھٽ ٿيڻ ناهي ڏيندي ۽ ان سان شگر جي مريض کي فائدو ٿيندو آهي، ويتر کائڻ کان بعد آگريون چٽڻ سان وڏيڪ هاضميدار رطوبت پيٽ ۾ داخل ٿيندي آهي جيڪا اکين،دماغ ۽ معدي جي لاءِ بيحد فائديمند آهي ۽ هي دل، معدي ۽ دماغ جي بيمارين جو زبردست علاج آهي.

## Appendix جو علاج ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڏي جون سنّتون پنهنجي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو، معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو **دعوت اسلاميءَ** جي مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان اَلحَمدُللهِ عَزَّوَجَلَّ سڌي رستي تي اچي چُڪا آهن، هن سلسلي ۾ مَترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءِ ڪجھ هيئن بيان آهي ته "مان هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ "T.V کی تباہ کاریاں" ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، مان **دعوت اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** سان مُنسلڪ ٿي ويس، مونکي Appendix (آنڊن ۾ سوڄ) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گھبرائجي ويس ايتري ۾ **دعوت اسلاميءَ** جي هڪ مبلّغ جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُللهِ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني **مدني انعامات** جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ گهمي ڦري ڪري **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان.

بے عمل با عمل بنتے ہیں سَر بسَر تُو بھی اے بھائی کر قافِلے میں سفر
اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر کاش! کرلے اگر قافِلے میں سفر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بغير بيهوشيءَ جي آپريشن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلن ۾ سفر جون ڪيتريون برڪتون آهن، هي ياد رکو! ته بيماري ۽ مصيبت مسلمان جي لاءِ عام طور تي رحمت جو ڪارڻ هوندي آهي، هينئر توهان ٻُڌو ته اسلامي ڀاءُ کي **اپينڊڪس** جي تڪليف ٿي. پوءِ شفا جو سبب مدني قافلي جو سفر بڻيو، اهڙيءَ ريت هو **مدني ماحول** ۾ رَلي ملي ويو ۽ سندس مدني ماحول ۾ پڪو ٿي وڃڻ يقيناً رحمت جي حقدار هجڻ جو ڪارڻ آهي، تڪليف اچي ته صبر جي ڪوشش ڪري خوب اجر ۽ ثواب ڪمائڻ گهرجي، اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جي صبر ڪرڻ جو انداز ۽ ان تي ثواب ۽ اجر ڪمائڻ جو جذبو به ڇا خوب هو! جيئن ته شارح بخاري فقيه الهند حضرت علامه مولانا **مفتي محمد شريف الحق امجدي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي "نزهة القاري شرح صحيح البخاري" جلد2 ص213 کان 215 تي نقل ڪن ٿا ته "حضرت سيّدُنا **عُروه** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جا والد صاحب مشهور صحابي حواريءِ رسول

الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت زبير بن عوام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا هئا ۽ والده صاحبہ حضرت سيّدتنا اسماء بنت ابوبكر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا هئي. پاڻ اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جا ڀاڻيجا ۽ حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن زبير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جا سڳا ڀاءُ ۽ مدينہءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي مشهور "**فقهاءِ سبعہ**" (يعني ست جيّد علماءِ كرام مان هك هئا، عابد و زاهد ۽ راتين جو جاڳي عبادت كرڻ وارا بزرگ هئا، روزانو بنا وقفي جي **چوٿون حصو قرآن پاڪ** مان ڏِسي كري تلاوت فرمائيندا هئا ۽ چوٿون حصو قرآن شريف رات تهجُّد ۾ پڙهندا هئا. خليفو وليد بن عبدالملك چوندو هو تہ جنهن كي جنّتي ڏسڻو هجي تہ اهو حضرت سيّدُنا عُروه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ كي ڏسي. هك ڀيري سفر كري وليد بن عبدالملك وٽ تشريف كٽي ويا، سندن پير مبارك ۾ آكلہ جي بيماري ٿي وئي، هي اها بيماري هوندي آهي، جيكا عضون كي ڦٽ وانگر ڳاري ڇڏيندي آهي، ان لاءِ وليد مشورو ڏنو تہ عملِ جَراحت (آپريشن) كرائي ڇڏيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ راضي نہ ٿيا پر بيماري پنيءَ تائين وڌي آئي. وليد عرض كيو، سائين! هاڻي تہ ٽنگ كٽائڻ ضروري آهي نہ تہ هيءَ بيماري سڄي جسم ۾ پكڙجي ويندي. تنهن كري پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ راضي ٿي ويا، پوءِ طبيب آيو ۽ ان چيو تہ شراب پي ڇڏيو تہ جيئن كٽجڻ ۾ تكليف جو احساس نہ ٿئي، فرمايائون، الله عَزَّوَجَلَّ جي حرام كيل شيءِ جي ذريعي مون كي عافيّت نہ ٿي گهرجي، عرض كيائين اجازت هجي تہ كا ننڊ آڻيندڙ دوا ڏيان. فرمايائون مان نہ ٿو چاهيان تہ كو عضوو كٽيو وڃي ۽ مون كي تكليف جو احساس نہ ٿئي ۽ تكليف ۽ صبر جي ذريعي ملڻ واري اجر كان مان محروم ٿي وڃان، عرض

ڪيو ويو پلا، ڪجھ ماڻهن کي اجازت ڏيو تہ توهان کي سوگهو ڪري جهلين، فرمايائون، ان جي بہ ضرورت ناهي، آخرڪار پهريان تنگ جو گوشت ڇُريءَ سان ۽ پوءِ هڏو آريءَ سان ڪٽيو ويو، پر سندن صبر ۽ تحمل مرحبا! زبان سان آهہ! بہ نہ ڪيائون مسلسل ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مصروف رهيا، ايتري تائين جو جڏهن لوهہ جي چمچن جي ذريعي زيتون شريف جي ٿهڪندڙ تيل سان زخم کي ڏنپيو ويو تہ سور جي شدت سبب بيهوش ٿي ويا جڏهن هوش ۾ آيا تہ چهري مبارڪ تان پگهر اگهڻ لڳا ۽ ڪٽيل پير مبارڪ هٿ ۾ کڻي ڪري اٿلائيندي پٿلائيندي فرمايائون، ان ذات جو قسم! جنهن مون کي تو تي سوار فرمايو، مان تنهنجي ذريعي ڪڏهن بہ ڪنهن گناهہ جي طرف نہ ويو آهيان. آپريشن جي سڄي ڪارروائي اهڙي طرح ٿي جو وليد ڳالهين ۾مصروف هو ان کي خبر بہ نہ پئي جڏهن ڏنيڻ جي بوءِ ڦهلي تڏهن ڪيس معلوم ٿيو.

## شهزادي جي شهادت

هن سفر ۾ حضرت سيّدُنا عُروه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو بيو امتحان هي ٿيو تہ سندن شهزادا حضرت سيّدُنا محمد بن عُروه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا وليد جي اصطبل ۾ تشريف کڻي ويا تہ ڪنهن چوپايي ماري ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. جڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا واپسي ٿي تہ پندرهين سيپاري جي سُوْرَةُ الْكَهْفِ جي آيت نمبر 62 جو هي حصو تلاوت ڪيائون.

لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿۶۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اسان پنهنجي هن سفر ۾ وڏي مشقت کي منهن ڏنو.

## حضرت عروه جي سخاوت

**حضرت** سيّدُنا عُروه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي جود ۽ سخاوت جو هي عالم هيو جو جڏهن باغ ۾ ميوا پَچي ڪري تيار ٿي ويندا هئا ته احاطي جي پٽ ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا، ماڻهو اچي ڪري کائيندا هئا ۽ ٻَڌي ڪري کڻي به ويندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جڏهن پنهنجي باغ ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ته ڪين 15 هين سيپاري جي سُوۡرَۃُالۡکَهۡفِ جي آيت نمبر 39 جو هي حصو زبان تي هوندو هو:

وَلَوۡلَاۤ اِذۡ دَخَلۡتَ جَنَّتَكَ قُلۡتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڇو نه ٿيو ته جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ وئين ته چوين ها ته جيڪو چاهي الله اسان کي ڪا طاقت ناهي پر الله جي مدد جي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ سنّت ناهي

سرڪارِ عالي وقار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشگوار آهي، ”مان ٽيڪ لڳائي ڪري ناهيان کائيندو. (ڪنزالعمال ج 15 ص 102 حديث 40704)

## ٽيڪ لڳائي نه کائو

حضرت سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حضورِ اڪرم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ” توهان ٽيڪ لڳائي ڪري کاڌو نه کائو.“ (مجمع الزوائد ج 5 ص22 حديث 7918)

## ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ جون چار صورتون

**کائڻ** وقت ٽيڪ لڳائڻ جون چار صورتون آهن. ﴿1﴾ هڪ پاسو زمين ڏانهن ڪري ويهڻ (يعني ساڄي يا کابي پاسي جهڪيل رهڻ) ﴿2﴾ پلٿي هڻِي ڪري ويهڻ ﴿3﴾ هڪ هٿ زمين تي رکي (ان تي) ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ، ﴿4﴾ پٺ (يا ڪرسي جي پٺ) وغيره سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ، اهي چار ئي صورتون مناسب ناهن. گوڏا پيجي ڪري يا اوڪڙو(يعني ٻئي گوڏا اُڀا ڪري زمين سان لڳي) ويهي ڪري کائڻ سنو آهي. طبي لحاظ کان به فائديمند آهي، ٻيهي ڪري کائڻ سنو ناهي.
(مرآة شرح مشکوٰة ج 6 ص 12)

### ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ جا طبي نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ سنّت ناهي، هن سنّت تي عمل نه ڪرڻ ۾ ٽي طبي نقصان آهن، ﴿1﴾ کاڌو چڱي طرح چٻاڙجي نه سگهبو ۽ ان ۾ لعاب (يعني وات جي لِپ) جنهن مقدار ۾ ملڻ گهرجي اوترو نه ملندو جيڪو معدي ۾ وڃي نشاستيدار غذائن کي هضم ڪري سگهي ۽ ائين هاضمي جو نظام متاثر ٿيندو، ﴿2﴾ ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ سان معدو ڦهلجي ويندو آهي تنهنڪري اهڙيءَ ريت غير ضروري خوراڪ معدي ۾ هلي ويندي آهي ۽ هاضمو خراب ٿي ويندو. ﴿3﴾ ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ سان آنڊن ۽ جگر کي نقصان پهچندو آهي.

**حجة الاسلام** حضرت سيّدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ”ٽيڪ لڳائي ڪري پاڻي پيئڻ به معدي جي لاءِ نقصانڪار آهي“. (احياءُ العلوم ج2 ص5)

## مانيءَ جو احترام ڪريو

ڪِريل ماني ڪٽي ڪري کائي ڇڏڻ سنّت آهي، جيئن تہ ام المؤمنين سيّدتنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالٰی عنہا فرمائن ٿيون، ”بنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم گهر مبارڪ ۾ تشريف ڪٽي آيا، مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺائون تہ ان کي ڪٽي ڪري اگهيائون پوءِ ڪاڏائون ۽ فرمائڻ لڳا، ”عائشہ! (رضی اللہ تعالٰی عنہا) سني شيءِ جو احترام ڪريو ، جو اها شيءِ (يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم کان ڀڳي آهي تہ موٽي ناهي آئي“. (ابن ماجہ ج4 ص50 حديث 3353)

## ڪاڌي جي اسراف کان توبهہ ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ هر ڪو بي برڪتيءَ ۽ تنگدستيءَ جي شڪايت ڪري رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو جو مانيءَ جو احترام نہ ڪرڻ جي اها سزا هجي. اڄ شايد ئي ڪو مسلمان اهڙو هجي، جيڪو ماني ضايع نہ ڪندو هجي، هر طرف ڪاڌي جي بي حرمتي جا دل ساڙيندڙ نظارا آهن، شادي جون تقريبات هجن يا بزرگانِ دين رحمہم اللہ تعالٰی جي نياز جا تبرڪات. افسوس صد ڪروڙ افسوس! دسترخوانن ۽ ڪِلمن تي بيدردي سان کاڌو ڪيرايو ويندو آهي، ڪاڌي جي دوران هڏين سان گڏ بوٽي ۽ مصالحو بلڪل صاف ناهي ڪيو ويندو. گرم مصالحي سان گڏ بہ ڪاڌي جا بيشمار جزا ضايع ڪيا ويندا آهن، ٿالهن ۾ بچيل ٿورو کاڌو ۽ پيالن، ديگڙين ۾ بچيل رس ٻيهر استعمال ڪرڻ جو اڪثرماڻهن جو ذهن ناهي، اهڙي طرح تمام گهڻو بچيل کاڌوعام طور تي ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو

ويندو آهي، هينئر تائين جيترو به اسراف ڪيو اٿؤ، براءِ مهرباني ان ڪان توبهه ڪريو. آئنده ڪاڏي جي هڪ به داڻي ۽ رس جي هڪ به قطري جواسراف نه ٿئي ان جو به عهد ڪريو، وَاللّٰهِ الْعَظِيم! (يعني عظمت واري رب جو قسم) قيامت ۾ ذري ذري جو حساب ٿيڻو آهي، يقينًا ڪو به قيامت جي حساب جي طاقت نه ٿو رکي، توبهه سچي توبهه ڪري ڇڏيو. درودِ پاڪ پڙهي ڪري عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مون جيترو به اسراف ڪيو آهي ان ڪان ۽ تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن ڪان توبهه ڪريان ٿو ۽ تنهنجي عطا ڪيل توفيق سان آئنده گناهن ڪان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، يا ربّ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي توبهه قبول فرماءِ ۽ مونکي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے (حدائقِ بخشش شریف)

اٺين سيپاري جي سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ جي آيت نمبر31 ۾ الله رب العالمين عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي.

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۳۱﴾

ترجموڪنزالايمان: کائو ۽ پيئو ۽ حد ڪان نه وڌو بيشڪ حد ڪان وڌڻ وارا ان کي پسند ناهن

## اسراف ڇاکي چئبو آهي؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان تفسير نعيمي ج 8 ص 390 تي فرمائن ٿا، اسراف جا ڪيترائي تفسير

آهن. ﴿1﴾ حلال شين کي حرام ڄاڻڻ ﴿2﴾ حرام شين کي استعمال ڪرڻ ﴿3﴾ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ، پيئڻ يا پائڻ ﴿4﴾ جيڪا دل چاهي اهو کائڻ پيئڻ يا پائڻ ﴿5﴾ ڏينهن رات ۾ هرهر کائيندو پيئندو رهڻ جنهن سان معدو خراب ٿي وڃي يا بيمار ٿي پوي. ﴿6﴾ نقصانڪار شيون کائڻ پيئڻ ﴿7﴾ هر وقت کائڻ پيئڻ ۽ پائڻ جي خيال ۾ رهڻ ته هاڻي ڇا کائيندس، آئينده ڇا پيئندس (روح البيان ج 3 ص 154) ﴿8﴾ غفلت جي لاءِ کائڻ ﴿9﴾ گناهه ڪرڻ جي لاءِ کائڻ ﴿10﴾ سنو کائڻ پيئڻ، سنو پائڻ جو عادي بڻجي وڃڻ جو ڪڏهن معمولي شيءِ کائي پي نه سگهي. ﴿11﴾ اعليٰ غذائن کي پنهنجي ڪمال جو نتيجو ڄاڻڻ، مطلب ته هن هڪ لفظ ۾ ڪيترائي احڪام داخل آهن. حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ته ”هر وقت پيٽ ڀريل رهڻ کان بچو جو هي جسم کي بيمار، معدي کي خراب ۽ نماز ۾ سُست ڪندو آهي، کاڌي پيتي ۾ وچٿرائپ اختيار ڪريو جو هي بيشمار بيمارين جو علاج آهي، الله تعاليٰ ٿلهي شخص[1] کي ناپسند ڪندو آهي. (ڪشف الخفاء ج1 ص 221 حديث 760) جيڪو شخص شهوت (يعني خواهش) کي پنهنجي دين تي غالب ڪندو اهو هلاڪ ٿي ويندو. (روح المعاني ج 4 ص 163ملتان، تفسير نعيمي ج 8 ص 390 مرڪز الاولياءِ لاهور)

## سنهڙي ماڻهوءَ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڻو گهٽ کائڻ سان گڏوگڏ بالخصوص ميدو، مناڻ ۽ سٽيءَ ۽ ان مان ٺهيل شين جي استعمال ۾ (طبيب جي مشوري جي

[1] ٿولهه جي سبب ڪنهن مسلمان تي کلي ڪري ۽ چيڙائي ڪري دل ڏکائڻ گناهه آهي.

مطابق) گهٽتائي ڪرڻ سان جسم جي وزن ۾ گهٽتائي ايندي آهي، نڪتل پيٽ اصلي حالت تي ايندو آهي ۽ ماڻهو سهڻي جسماني بيهڪ وارو (يعني SMART) رهندو آهي. جسم جو وزن گهٽ ڪرڻ جو طريقو معلوم ڪرڻ لاءِ فيضان سنّت (جلد پهريون) جي باب ” **پيٽ جو قفلِ مدينه** “ص 72 کان 75 تائين جو مطالعو ڪريو. گهٽ ڪائڻ واري ۽ هلڪي بدن واري مسلمان کي خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائيندو آهي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ نبيّ ڪريم،رؤف رحيم عَلَيۡهِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسۡلِيۡم ارشاد فرمايو، ” **الله** عَزَّوَجَلَّ کي توهان مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو پسند آهي جيڪو گهٽ ڪائڻ وارو ۽ هلڪي بدن وارو آهي. **(الجامع الصغير ص 20 حديث 221)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مدني ماحول ضروري آهي نہ تہ عارضي طور تي جذبو پيدا ٿيندو بہ آهي تہ سٺي صحبت جي اڻهوند سبب استقامت ناهي ملي سگهندي، تنهنڪري **عاشقان رسول** جي صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوت اسلامي** جي برڪت سان هر طرف سنّتن جي ڌوم ڌام آهي،اچو دعوتِ اسلامي جي هڪ ايمان افروز”بهار“سان پنهنجي قلب ۽ جگر کي گلِ گلزار ڪريو، جيئن تہ

## هڪ غير مسلم جو اسلام قبول ڪرڻ

**تعلقي** تاندا ضلعي آمبيڊ ڪرنگر (**يوپي هند**) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن ريت بيان آهي تہ مان ڪفر جي اُونداھ

وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، هڪ ڏينهن ڪنهن مونکي مڪتبة المدينه جو هڪ رسالو **احترام مسلم** تحفي ۾ ڏنو، مون پڙهيو ته حيران ٿي ويس ته جن مسلمانن کي مون هميشه نفرت جي نگاهه سان ڏٺو آهي، انهن جو مذهب اسلام پاڻ ۾ ايتري قدر امن ۽ محبت جو پيغام ڏئي ٿو! رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي منهنجي جگر ۾ لهي وئي ۽ منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت جو چشموچوليون هڻڻ لڳو، هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس ته، ڪجهه ڏاڙهي ۽ وارن اسلامي ڀائرن جو قافلو به بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس ته هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت ته پيدا ٿي ئي چُڪي هئي، تنهن ڪري مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي، مونکي انهن جو اهو انداز تمام سٺو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي ڪري انهن مان هڪ مون سان گفتگو شروع ڪئي، هو سمجهي ويو ته مان مسلمان ناهيان ان مُرڪندي تمام دلنشين انداز ۾ مون کي چيو ته مان توهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو، رسالو **احترام مسلم** پڙهي ڪري جيئن ته مان پهريان ئي دلي طور تي اسلام جو چاهيندڙ بڻجي چُڪو هئس، ان جي عاجزاڻي انداز دل تي وڏيڪ اثر وِڌو، مون کان انڪار نه ٿي سگهيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون سچيءَ دل سان اسلام قبول ڪري ورتو ، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت مسلمان ٿيندي

مون کي چار مهينا ٿي چُڪا آهن، مان پابنديءَ سان نماز پڙهي رهيو آهيان، ڏاڙهي سجائڻ جي نيّت ڪري ڇڏي آهي، دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت به حاصل ڪري رهيو آهيان.

کافروں کو چلیں مشرکوں کو چلیں دعوتِ دین دیں قافلے میں چلو
دین پھیلایئے سب چلے آیئے مل کے سارے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماڻهن کان شرمائي سنت نا ڇڏبي!

اسان جا صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، آقاءِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ گم رهندا هئا، دنيا جي ڪابه ڪشش ۽ بيوفا معاشري جي ڪابه ڪوڙي ”مُروّت“ انهن کان سنّت نه ڇڏائي سگهندي هئي، جيئن ته حضرت سيّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته حضرت سيّدُنا مَعقِل بن يسار رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ (جيڪي اتان جي مسلمانن جا سردار هئا) ڪاڌو ڪائي رهيا هئا ته سندن هٿ مان گرهه ڪِري پيو ۽ پاڻ ڪنيائون ۽ صاف ڪري ڪائي ڇڏيائون، اهو ڏسي ڪري ڪجهه جاهل ماڻهن اکين سان هڪ ٻئي کي اشارو ڪيو (ته ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي جو ڪِريل گرهه انهن ڪائي ڇڏيو) ڪنهن پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي چيو ته ”الله عَزَّوَجَلَّ امير جو ڀلو ڪري، اي اسان جا سردار! هي جاهل ماڻهو تيڏين نظرن سان اشارو ڪن ٿا ته امير صاحب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪِريل گرهه ڪائي ڇڏيو حالانڪ سندن سامهون

هي ڪاڌو موجود آهي،“ پاڻ فرمايائون، ”انهن عجمين جي ڪري مان ان شيءِ کي نہ ڇڏي سگهان جنهن کي مون سرڪارِمدينہ، راحت قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي، اسان هڪ ٻئي کي حڪم ڏيندا هئاسين تہ گرهہ ڪري پئي تہ ان کي صاف ڪري کاڌو وڃي، شيطان جي لاءِ نہ ڇڏيو وڃي.“ (ابن ماجہ شريف ج4 ص 17حديث 3278)

رُوحِ ايمان مَغْزِ قُرآن جانِ دين
ہَسْت حُبِّ رَحمَۃٌ لِّلْعٰلَمِيْن

## خوب انفرادي ڪوشش ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! جليل القدر صحابي ۽ مسلمانن جا سردار سيّدُنا مَعْقِل بن يسار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سنّتن سان ڪيتري قدر پيار ڪندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عجمين جي اشارن جي ذري برابر بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ بنا ڪنهن جي پرواهہ ڪندي سنتين تي عمل جاري رکيو ۽ اڄ ڪجهہ نادان مسلمان اهڙا بہ آهن جيڪي ”ماڊرن ماحول“ ۾ ڏاڙهي مبارڪ جهڙي عظيم الشان سنّت جي ڇڏڻ کي مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ”**حڪمت عملي**“ سمجهندا آهن، حقيقي حڪمت عملي اها ئي آهي تہ ڪيڏو بہ بُرو ماحول هجي، ڏارين جو زور هجي،بد مذهبن جو شور هجي، ڪجهہ بہ هجي توهان ڏاڙهي شريف، عمامو شريف ۽ سنّتن ڀريو لباس پائيندا رهو، کائڻ پيئڻ ۽ روزمره جي معمولات ۾ سنّتن جي دامن کي نہ ڇڏيو، ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جاري رکو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڏيئي مان ڏيئو ٻرندو رهندو، حق جو ناميارو ٿيندو، شيطان جو منهن ڪارو ٿيندو، هر طرف سنّتن جو سوجهرو ٿيندو، دنيا جي دولت جو هر عاشق مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پروانو ٿيندو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ گهر

گھر ۾ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نور جو سوجھرو ٿيندو.

خاک سورج سے اندھیروں کا اِزالہ ہوگا　　آپ آئیں تو مرے گھر میں اُجالا ہوگا
ہو گا سیراب سرِ کوثر و تسنیم وُہی　　جس کے ہاتھوں میں مدینے کا پیالہ ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

انفرادي ڪوشش جي هڪ **مدني بهار** ملاحظ فرمايو، جيئن ته:

## ڪافر جو اسلام قبول ڪرڻ

**دعوت اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه ڪراچي) کان عاشقانِ رسول جو هڪ 92 ڏينهن جو مدني قافلو ڪولمبو (سي لنڪا) جي سفر تي هو،جنهن ڏينهن ضلعي "ايرو ڏانهن 30 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جي سفر تي روانگي هئي، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ غير مسلم نوجوان کي **امير قافله** جي خدمت ۾ آندو،اميرِ قافله سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اعليٰ ڪردار جي متعلق ڪجھ خوشبودار مدني گل پيش ڪري ان کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي ان تي ان ڪجھ سوال ڪيا،جنهن جا جواب ڏنا ويا، اَلحَمدُللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **تقريبًا هڪ ڪلاڪ جي انفرادي ڪوشش ڪانپوءِ ۾ اهو غير مسلم مسلمان ٿي ويو.**

کافر آجائیں گے　راہِ حق پائیں گے　اِن شاءَاللّٰہ، چلیں قافِلے میں چلو
کُفر کا سر جُھکے　دیں کا ڈنکا بجے　اِن شاءَاللّٰہ، چلیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

انفرادي ڪوشش جي هڪ **مدني بهار** ملاحظ فرمايو، جيئن تہ:

## اولاد کي ڪم عقلي کان بچائڻ جو نسخو

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خيريت نشان آهي، ”جيڪو شخص دسترخوان تان ڪاڏي جا **ڪِريل ذرا** ڪٽي ڪري کائيندو اهو ڪشادگي واري زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ڪم عقلي کان محفوظ رهندي آهي.“ (ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40815)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تنگدستيءَ جو علاج

زبردست محدث حضرت سيّدنا هُدبہ بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد کي بغداد جي خليفي مامون رشيد پاڻ وٽ گهرايو، ڪاڏي جي آخر ۾ ڪاڏي جا جيڪي ذرا وغيره ڪِري پيا هئا، اهي محدث صاحب چوندي چوندي ڪري کائڻ لڳا، مامون حيران ٿي ڪري چيو، اي شيخ! ڇا توهان جو اجان تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون ڇو نہ! دراصل ڳالهہ هي آهي جو مون کي حضرت سيّدُنا حمّاد بن سلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ حديث بيان فرمائي آهي تہ ”جيڪو شخص دسترخوان تي ڪِريل ذرن کي چوندي چوندي ڪري کائيندو اهو تنگدستي کان بي خوف ٿي ويندو.“ مان انهيءَ حديثِ پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان، اهو ٻُڌي ڪري مامون بيحد متاثر ٿيو ۽ پنهنجي هڪ خادم ڏانهن اشارو ڪيائين تہ هو هڪ هزار دينار رومال ۾ ٻَڌي ڪري ڪٽي آيو، مامون ان کي حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪيو،حضرت سيّدُنا هُدبہ

بن خالد عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَاجِد فرمايو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ حديث مبارڪ تي عمل جي هثوهٽ برڪت ظاهر ٿي وئي. (ثمرات الاوراق ج 1 ص 8)

## شرمائي ڪري سنتون نہ ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سنّتن تي عمل جي مُعاملي ۾ دنيا جي وڏي کان وڏي رئيس بلڪ بادشاهہ جي بہ پرواهہ نہ ڪندا هئا، هن حڪايت مان اسان جي انهن اسلامي ڀائرن کي درس حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي ماڻهن جي مروت جي ڪري ڪاڻ پيئڻ جون سنّتون ڇڏي ڏيندا آهن گڏوگڏ ڏاڙهي شريف ۽ عِمامي مبارڪ جي عزّت واري تاج کي مٿي تي سجائڻ کان ٽائيندا آهن، يقيناً سنّت تي عمل ڪرڻ ٻنهي جهانن ۾ سعادت جو ڪارڻ آهي، ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ هٿو هٿ ان جون برڪتون ظاهر ٿي وينديون آهن، جيئن حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْمَاجِد کي شاهي دربار ۾ سنّت تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان هڪ هزار دينار ملي ويا ۽ پاڻ مالدار ٿي ويا.

جو اپنے دل کے گلدستے میں سنّت کو سجاتے ہیں
وہ بے شک رحمتیں دونوں جہاں میں حق سے پاتے ہیں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙيءَ ريت روزيءَ ۾ برڪت جا اسباب آهن اهڙي طرح روزيءَ ۾ تنگيءَ جا بہ اسباب آهن، جيڪڏهن انهن کان بچيو وڃي تہ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلّ روزيءَ ۾ برڪت ئي برڪت ڏسندؤ. توهان جي معلومات جي لاءِ تنگدستيءَ جا **44** سببَ عرض ڪريان ٿو.

## تنگدستيءَ جا 44 سبب

﴿1﴾ بنا هٿ ڌوئڻ جي کائڻ﴿2﴾ مٽي اگھاڙو کائڻ ﴿3﴾ اونداهيءَ ۾ کائڻ ﴿4﴾ دروازي تي ويهي ڪري کائڻ پيئڻ ﴿5﴾ ميّت جي پرسان ويهي ڪري کائڻ ﴿6﴾ جنابت (يعني جماع يا احتلام کان پوءِ غسل کان اڳ) کاڌو کائڻ ﴿7﴾ (ٿانوَ ۾) نڪتل کاڌي کائڻ ۾ دير ڪرڻ ﴿8﴾ کٽ تي بنا دسترخوان وڇائڻ جي کائڻ ﴿9﴾ کٽ تي پاڻ سيرانديءَ کان ويھڻ ۽ کاڌو پيرانديءَ کان رکڻ ﴿10﴾ ڏندن سان ماني ڪٽڻ (برگر وغيره کائڻ وارا بہ احتياط ڪن) ﴿11﴾ چيني يا نڪر جا ڀڳل ٿانوَ استعمال ۾ رکڻ يا ان ۾ پاڻي پيئڻ (ٿانوَ يا ڪوپ جي ڀڳل حصي جي طرف کان پاڻي، چانھ وغيره پيئڻ مڪروھ آهي، نڪر جا ڏار پيل اهڙا ٿانوَ جن جي اندروني حصي مان ٿوري بہ مٽي اکڙيل هجي تہ ان ۾ کاڌو نہ کائو ڇو تہ مر مٽي ۽ جراثيم پيٽ ۾ وڃي ڪري بيمارين جوسبب بڻجي سگھن ٿا) ﴿12﴾ کاڌل ٿانوَ صاف نہ ڪرڻ ﴿13﴾ کاڌو جنھن ٿانوَ ۾ کاڌو آهي انهيءَ ۾ هٿ ڌوئڻ ﴿14﴾ خلال ڪرڻ وقت جيڪي ذرا نڪرن انهن کي وري وات ۾ رکي ڇڏڻ ﴿15﴾ کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ نہ ڍڪڻ. کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ڪري ڍڪي ڇڏڻ گھرجن جوبلائون(يعني بيماريون) لھنديون آهن ۽ خراب ڪري ڇڏينديون آهن پوءِ اهو کاڌو ۽ مشروب بيماريون پيدا ڪندوآهي. ﴿16﴾ مانيءَ کي اجلائڻ جو بي ادبي ٿئي ۽ پيرن ۾ اچي. (ملخصاً سنّي بهشتي زيور ص 595 تا 601) **حضرت** سيّدُنا امام برهان الدين زرنوجي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه تنگدستي جا جيڪي اسباب بيان فرمايا آهن انهن ۾ هي بہ آهن﴿17﴾ گھٽي سمھڻ جي عادت

(ان سان جهالت بہ پيدا ٿيندي آهي) ﴿18﴾ اگهاڙوسمهڻ ﴿19﴾ بي حيائيءَ سان پيشاب ڪرڻ (ماڻهن جي سامهون عام رستن تي بنا تڪلف جي پيشاب ڪرڻ وارا غور فرمائن) ﴿20﴾ دسترخوان تي ڪِريل داڻا ۽ ڪاڌي جا ذرا وغيره ڪڻڻ ۾ سُستي ڪرڻ ﴿21﴾ بصر ۽ ٿوم جون کلون ساڙڻ ﴿22﴾ گهر ۾ ڪپڙي سان ٻُهاري ڏيڻ﴿23﴾ رات جو ٻُهاري ڏيڻ ﴿24﴾ ڪچروگهر ۾ئي ڇڏي ڏيڻ ﴿25﴾مشائخ جي اڳيان هلڻ ﴿26﴾ والدين کي انهن جي نالي سان سڏڻ ﴿27﴾ هٿن کي گاري يا مٽيءَ سان ڌوئڻ ﴿28﴾ دروازي جي هڪ حصي سان ٽيڪ لڳائي ڪري بيهڻ ﴿29﴾ بيت الخلا ۾ وضو ڪرڻ ﴿30﴾ جسم تي ئي ڪپڙو وغيره سبي ونڻ ﴿31﴾ چهرولباس سان خشڪ ڪرڻ ﴿32﴾ گهر ۾ڪوريئڙي جو ڄارو لڳل رکڻ ﴿33﴾ نماز ۾ سُستي ڪرڻ﴿34﴾ فجر جي نماز کانپوءِ مسجد مان جلدي نڪري وڃڻ ﴿35﴾ صبح جو سوير بازار وڃڻ ﴿36﴾دير سان بازار مان اچڻ ﴿37﴾ پنهنجي اولاد کي پاراتا ڏيڻ (اڪثر عورتون ڳالهہ ڳالهہ تي پنهنجي ٻارن کي پاراتا ڏينديون آهن ۽ پوءِ تنگدستيءَ جي شڪايت بہ ڪنديون آهن!) ﴿38﴾ گناهہ ڪرڻ خصوصًا ڪوڙ ڳالهائڻ ﴿39﴾ ڏيئي کي ڦوڪ ڏئي وسائڻ ﴿40﴾ ٽُٽل ڦٽي استعمال ڪرڻ ﴿41﴾ ماءُ پيءُ جي لاءِ دعاءِ خير نہ ڪرڻ ﴿42﴾ عمامو ويهي ڪري ٻَڌڻ ۽ ﴿43﴾ پاجامو يا شلوار بيٺي بيٺي پائڻ ﴿44﴾ نيڪ عملن ۾ بهانا ڪرڻ.

(لنوائڻ) (تعليم المتعلم طريق التعلم 73 کان 76 باب المدينه ڪراچي)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪِريل مانيءَ کائڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، ڪڏهن ڪڏهن بظاهر عمل تمام ننڍو هوندو آهي پر ان جي فضيلت تمام وڏي هوندي آهي، جيئن حضرت سيِّدُنا عبدالله بن اُمِ حرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا. ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”مانيءَ جو احترام ڪريو جو اها آسمان ۽ زمين جي برڪتن مان آهي،جيڪو شخص دسترخوان تان ڪِريل مانيءَ کي کائيندو ان جي مغفرت ٿي ويندي“.
(الجامع الصغير ص 88 حديث 1426)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان ٿوري هٻڪ ختم ڪريون ۽ دسترخوان تي ڪِريل ماني ۽ چانور جا داڻا وغيره کڻي ڪري کائي ڇڏيون ۽ مغفرت جا حقدار بڻجون.

طالبِ مغفرت ہوں یااللہ
بخش دے بہرِ مصطفٰے یارب!

## مانيءَ جي ٽڪرَ جي حڪايت

هڪ ڀيرو سيِّدُنا عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا زمين تي مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺو تہ غلام کي فرمايائون ”ان کي صاف ڪري رکي ڇڏيو، جڏهن غلام کان شام جو افطار جي وقت اهو ٽڪر گهريائون تہ ان عرض ڪيو”اهو تہ مون کائي ڇڏيو ”فرمايائون وڃو توهان آزاد آهيو ڇو تہ مون تاجدار مدينہ، راحتِ قلب وسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي تہ”جيڪو مانيءَ جو ڪِريل ٽڪر کڻي ڪري کائي ڇڏيندو

آهي تہ ان جي پيٽ ۾ پهچڻ کان پهريان ئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.“ هاڻي جيڪو مغفرت جو حقدارٿي ويو مان ان کي غلام ڪيئن بڻائي رکان؟ (تنبيه الغافلين ص 348 حديث 514)

## مدني سوچ

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ !اسان جي بزرگن جي بہ ڪهڙي مدني سوچ هوندي هئي جو ڪِريل ماني کائي ڪري غلام مغفرت جو حقدار ٿي ويو تہ آقا بہ کيس پنهنجي غلاميءَ مان آزاد ڪري ڇڏيو، يا ربّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي بہ مدني سوچ ۽ سنّتن سان حقيقي محبت عطا فرماءِ ۽ اسان کي بہ توفيق ڏي جو جڏهن زمين تي مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏسون تہ ادب سان کڻي ڪري، چُمي ڪري ۽ صاف ڪري کائڻ جي سعادت حاصل ڪندا ڪريون، يا الاهي عَزَّوَجَلَّ! سنّتن تي عمل جي معاملي ۾ اسان جي هيڪ ختم ٿي وڃي ۽ اسان جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُنّتوں سے مجھے محبّت دے

میرے مرشد کا واسِطہ یا رب!

## دسترخوان وڌايو!

بزرگن جو معمول اهو آهي تہ کاڌي کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هي نہ چوندا آهن تہ ” دسترخوان کڻو “بلڪ چوندا آهن تہ ”دسترخوان وڌايو“ يا ” کاڌو وڌايو“ ان ريت چوڻ ۾ دسترخوان وڌڻ ۽ کاڌو وڌڻ ۽ برڪت، ڪشادگي ۽ وسعت جي انهيءَ ضمن ۾ دعا هوندي آهي. (ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص 566)

## جڏهن مون رسالو ”خوفناڪ اٺ“ پڙهيو....

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻنهي جهانن جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي **مدني ماحول** سان هردم وابسته رهو، دعوتِ اسلاميءَ جي برڪتن جو تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! ڪلڪتي (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو عرض ڪريان ٿو سندن چوڻ آهي، تہ مان سنّتن ڀري زندگي کان تمام پري هڪ فيشن ايبل نوجوان هئس، هڪ رات گهر ڏانهن ايندي رستي ۾ سبز سبز عمامن جون بهارون نظر آيون، ويجهو ويس تہ خبر پئي تہ بمبئيءَ کان دعوتِ اسلاميءَ وارن عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيل آهي، جنهن سبب هتي سنّتن ڀريو اجتماع ٿي رهيو آهي، منهنجي دل ۾ خيال آيو هي ڏکو سفر ڪري اسان جي شهر ڪلڪتي آيا آهن، انهن کي ٻُڌڻ گهرجي تنهنڪري مان اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويس، آخر ۾ انهن مڪتبة المدينه جا ڇپيل رسالا ورهائڻ شروع ڪيا، خوشقسمتيءَ سان هڪ رسالو منهنجي ہٿ اچي ويو، ان تي لکيل هو ”**خوفناڪ اُٺ**“، مان گهر اچي ويس، اهو ذهن ٺاهي ڪري رسالو رکي ڇڏيم تہ سڀاڻي پڙهندس پوءِ سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳس، سمهڻ کان اڳ ائين ئي رسالي **خوفناڪ اٺ** جو مون جڏهن ورق اٿلايو تہ منهنجي نظر هن عبارت تي پئي ”شيطان ڪيڏي ہ سُستي ڏياري پر هي رسالو ضرور پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ توهان جي اندر مدني انقلاب برپا ٿيندو.“ هن جملي منهنجي زبردست رهنمائي ڪئي مون سوچيو تہ واقعي شيطان مونکي هي رسالو ڪٿي پڙهڻ ڏيندو، سڀاڻي ڪنهن ڏٺي آهي! نيڪيءَ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي، هن کي هاڻي ئي

پڙهڻ گهرجي اهو سوچي مون پڙهڻ شروع ڪيو، ان پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن جي دربار عالي ۾ حاضر ٿي ڪري قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو پوندو! جڏهن مون رسالو **خوفناڪ اٺ** پڙهيو تہ ان ۾ خبيث ڪافرن جي طرف کان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٿيندڙ ظلمن جو پُرسوز بيان پڙهي ڪري مان روئي ويس، منهنجي ننڊ ڦٽي وئي ڪافي دير تائين مان روئندو رهيس، راتو رات مون عزم ڪيو تہ صبح جو هتو هٽ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس جڏهن صبح جو مون والدين جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ انهن خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ مان ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس، قافلي وارن مونکي بدلائي ڪري ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو!

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان نمازي بڻجي واپس موٽيس، سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ٿي ويس، جسم مدني لباس سان سينگارجي ويو، منهنجي ماءُ جڏهن مونکي تبديل ٿيل ڏٺو تہ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ خوب دعائن سان نوازيائين، مٺ مائٽ سڀ مون کان خوش ٿي ويا، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄڪلهہ دعوتِ اسلامي جي هڪ تحصيل مُشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان وس آهر سنّتن جون ڌومون مچائڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

عاشقانِ رسول لائے جنّت کے پھول آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو
بھاگتے ہیں کہاں آ بھی جائیں یہاں پائیں گے جنّتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالا ورهايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول هڪ بي نمازي ماڊرن نوجوان کي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي ڇڏيو! هي به معلوم ٿيو ته **مڪتبة المدينه** جي طرفان شايع ٿيل سنّتن ڀريا رسالا ورهائڻ جا ڪيترائي فائدا آهن، ان ماڊرن نوجوان **خوفناڪ اٺ** نالي رسالو پڙهيو ته تڙپي ڪري هٿو هٿ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو ۽ سر سبز ٿي ويو، تنهنڪري پنهنجي مائٽن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ عرسن ۽ اجتماعات، شادي غمي جي تقريبات، جنازي ۽ جڄ ۽ جلوسِ ميلاد ۾ سنّتن ڀريا رسالا ۽ رنگ برنگي مدني گلن جا جدا جدا پمفليٽ مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري خوب خوب تقسيم ڪريو. شادي ڪارڊن ۾ به هڪ هڪ رسالو وجهي ڇڏيو، جيڪڏهن توهان جو ڏنل رسالو يا پمفليٽ پڙهي ڪري ڪنهن جي دل تي اثر ٿي ويو ۽ اهو نمازي ۽ سنّتن جو عادي بڻجي ويو ته اِن شاءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان جو به ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

هر مهينے جو کوئی بارہ رسالے بانٹ دے
ان شاءَاللہ دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار ہے

**آڱريون چٽڻ سنت آهي**

**حضرت سيّدُنا عامر بن ربيعه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ سَيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽن آڱرين سان ڪاڌو ڪائيندا هئا ۽ جڏهن فارغ ٿيندا هئا ته انهن کي چٽي ڇڏيندا هئا.

(مجمع الزوائد ج 5 ص 23 حديث 7923)

## خبرناهي ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت

حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ”تاجدارِ مدينه، قرار قلب و سينه، فيض گنجينه، باعث نزول سڪينه، سلطانِ باقرينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آڱرين ۾ ٿانوَ کي چٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايائون ته توهان کي ڄاڻ ناهي ته ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي.“ (صحيح مسلم ص 1122 الحديث 2023)

## ڪاڏي جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه مسلمانن جي کائڻ جو انداز ڏسي ڪري ائين لڳي ٿو ته تمام گهٽ ئي خوشنصيب اهڙا هوندا جيڪي سنّت جي مطابق کاڌو کائيندا هجن ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪندا هجن، بيان ڪيل حديث مبارڪ ۾ فرمايو ويو، ”توهان کي ڄاڻ ناهي ته ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي“، تنهن ڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ڪاڏي جو هڪ ذرو به ضايع نه ٿئي، هڏي وغيره کي ايترو چوسڻ ۽ چٽڻ گهرجي جو ان تي ٻوٽيءَ جو ڪو جزو ۽ ڪنهن قسم جا غذائي اثرات باقي نه رهن، ضرورت موجب پليٽ ۾ هڏيءَ کي چنڊي ڇڏيو ته جيئن ڪو داڻو وغيره اٽڪيل هجي ته ٻاهر اچي وڃي ۽ کائي سگهجي ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ڪاڏي ۾ پڪل گرم مصالحا مثال طور ڦوٽا، ڪارا مرچ، لونگ، دالچيني وغيره به کائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ فائدو ئي ٿيندو. جيڪڏهن کائي نه سگهو تڏهن به ڪو گناهه ناهي برياني وغيره مان

ثابت ساوا مرچ ڪدي اچلائڻ جي بدران ممڪن هجي تہ ڪاڏو شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي انهن کي چونڊي ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ آئنده ڪنهن ڪاڌي ۾ پيهي ڪري وجهي ڇڏيو، اڪثر ماڻهو مچيءَ جي ڳل بہ اچلائي ڇڏيندا آهن ان کي بہ کائي ڇڏڻ گهرجي، مطلب تہ ڪاڌي جي سيني جزن تي غور ڪيو وڃي ۽ ان جي هر نقصان نہ ڏيندڙ شيءِ ڪاڌي وڃي، ۽ پڻ آڱريون ۽ ٿانءُ ايترو صاف ڪيو جو ان ۾ ڪاڌي جا جزا باقي نہ رهن.

## آڱريون چٽڻ جي ترتيب

حضرت سيّدُنا ڪعب بن عُجرہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي آڱوٺو، شهادت واري ۽ وچين آڱر مبارڪ ملائي ڪري ٽن آڱرين سان ڪائيندي ڏٺو، پوءِ مون ڏٺو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي اُگهڻ کان اڳ ۾ چٽي ڇڏيو، سڀ کان پهريان وچين پوءِ شهادت واري ۽ پوءِ آڱوٺو مبارڪ چٽيائون.

(مجمع الزوائد ج 5 ص 29 حديث 7941)

## آڱريون ٽي ڀيرا چٽڻ سنت آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! آڱريون ٽي ڀيرا چٽڻ سنّت آهي جيڪڏهن ٽن ڀيرن جي باوجود آڱرين تي ڪاڌي جا ذرڙا لڳل هجن تہ وري چٽي ڇڏيو ايتري تائين جو ڪاڌي جو اثر نظر نہ اچي. شمائلِ ترمذي ۾ آهي، ٻنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (کائڻ کان بعد) پنهنجون مبارڪ آڱريون ٽي ٽي ڀيرا چٽيندا هئا.

(شمائل ترمذي ص 61 حديث 138)

## ٿانءُ چَٽڻ سنت آهي

سردارِ مکهٴ مکرمه،سلطان مدينهٴ منوره صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ برکت نشان آهي، جيڪو پليٽ ۾ پنهنجي آڱرين کي چٽي ڇڏيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ آسودو (يعني خوشحال) رکندو آهي. (طبراني ڪبير ج 18 ص 261 حديث 653)

## آخر ۾ برڪت گهٽي هوندي آهي

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، " ڪاڏي جي ٿانوَ کي نہ کڻيو وڃي ايتري تائين جو کائڻ وارو ان کي چٽي ڇڏي يا ڪنهن ٻئي کي چٽائي ڇڏي جو، ڪاڏي جي آخر ۾ برڪت (گهٽي) هوندي آهي." (ڪنز العمال ج 15 ص 111)

## ٿانءُ مغفرت جي دعا ڪندو آهي

حضرت نُبَيْشَہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ باِذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ غفار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو کائڻ کان پوءِ ٿانوَ کي چٽيندو اهو ٿانءُ ان جي لاءِ اِستِغْفَار ڪندو." (ابن ماجه ج 4 ص 14 حديث 3271)

هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ اهو ٿانءُ چوندو آهي"اي الله عَزَّوَجَلَّ! ان کي جهنم کان آزاد ڪر جهڙي ريت ان مون کي شيطان کان ڇوٽڪارو ڏنو. (ڪنزالعمال ج15 ص 111 حديث 40822)

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا،" ياجي لڳل ٿانءُ بنا صاف ڪرڻ جي پيو رهي تہ ان کي شيطان چٽيندو آهي". (مرآة ج 6 ص52)

## ٿانءُ چٽڻ جون حڪمتون

مفسرِ شهير حكيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا. ” ٿانوَ چٽڻ ۾ کاڌي جو ادب آهي، ان کي بربادي کان بچائڻ آهي، ٿانءُ ائين ئي چڏي ڏيڻ سان ان تي مکيون ويهنديون آهن، ٿانءُ ۾ لڳل کاڌي جا ذرا مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ نالين ۽ گندگين ۾ اڇلايا ويندا آهن، جنهن سان ان جي سخت بي ادبي ٿيندي آهي، جيڪڏهن هڪ وقت ۾ هر شخص کجهه داڻا به ٿانوَ ۾ ڇڏي ضايع ڪري ته روزانو ڪيترائي مڻ کاڌو برباد ٿي ويندو. مطلب ته ٿانوَ چٽڻ ۾ ڪيتريون ئي حڪمتون آهن“. (ملخص از مرآة ج6 ص 38)

## ايمان افروز ارشاد!

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ” پيالو چٽي ڇڏڻ مونکي ان ڪان وڌيڪ پيارو آهي جو پيالو پري خيرات ڪريان“.(يعني چٽڻ ۾ جيئن ته عاجزي آهي تنهنڪري ان جو ثواب ان صدقي جي ثواب ڪان وڌيڪ آهي.)
(ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40821)

## سنت جون برڪتون

مني مني مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”جيڪو پليٽ ۽ پنهنجون آڱريون چٽي الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو پيٽ پري“. (يعني دنيا ۾ تنگدستيءَ ڪان بچي، قيامت جي بُک ڪان محفوظ رهي، دوزخ ڪان پناهه ڏنو وڃي جو دوزخ ۾ ڪنهن جو پيٽ نه پربو)
(طبراني ڪبير ج18 ص 261 حديث 653)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب**

**حجةالاسلام** حضرت سيِّدُنا امام محمّد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، ”جيڪو ڪاڏي جو ٿانءُ چٽيندو ۽ ڌوئي ڪري ان جو پاڻي پي ڇڏيندو ان کي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي.“ (احياءُ علوم الدين ج2 ص7)

**ڌوئي ڪري پيئڻ جو طريقو**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صرف ڪاڏي جي ٿي پليٽ کي چٽڻ ڪافي ناهي، جڏهن ته کنهن پيالي يا گلاس وغيره ۾ چانهه، کير، لسي، فروٽ جو جوس(Juice) وغيره واپرايو، انهن کي به چٽيو ۽ ڌوئي ڪري پي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت ڀاڃي يا کنهن ٻي غذا جو گڏيل وَٽوَ، ڪڙاهي يا ديڳڙو خالي ٿي چُڪو آهي يا ان ۾ معمولي به غذا باقي رهجي وئي آهي ته ان کي ۽ ڪڍڻ واري چمچي کي به ممڪن هجي ته صاف ڪري ڇڏيو، عام طور تي ديڳن، ديڳڙين ۽ وڏن ٿانوَن جي اندر ڪجهه نه ڪجهه غذا باقي رهجي ويندي آهي جيڪا ضايع ڪئي ويندي آهي، ائين نه ٿيڻ گهرجي جيترو ممڪن هجي ان مان غذائي جزا ڪڍي ڇڏيو هڪ داڻو به ضايع نه ٿيڻ ڏيو. هي به ٿي سگهي ٿو ته ان کي ڌوئي ڪري پاڻي جمع ڪري فرج ۾ رکيو وڃي ۽ پچائڻ ۾ استعمال ڪيو وڃي پر اهو سڀ خدا عَزَّوَجَلَّ جي توفيق سان ئي ممڪن آهي. هي به ياد رهي ته ٿانوَ يا گلاس وغيره کي چٽڻ يا ڌوئڻ ۾ هي احتياط ضروري آهي ته ان سان ڪاڏي جا جزا ختم ٿي وڃن، جيڪڏهن ٿانوَ ۾ ڪاڏي جا جُزا لڳل رهيا ته ان کي ڌوئڻ نه چئبو، تجربو اهو آهي ته هڪ ڀيرو ڌوئي ڪري پيئڻ سان عمومًا ٿانوَ صاف ناهي ٿيندو تنهنڪري ٻه يا ٽي ڀيرا پاڻي وجهي ڪري

چڱيءَ ريت متين ڪنارن سميت هر طرف آڱر ڦيرائي ڪري ڏوئي ڪري پيئو ته بهتر آهي.

**ڏوئي ڪري پيئڻ بعد بچيل قطرا ڏين**

ڏوئي ڪري پيئڻ ڪان بعد به پليٽ يا پيالي وغيره ۾ ڪجهه قطرا بچي پوندا آهن تنهنڪري آڱر سان جمع ڪري پي ڇڏيو. پاڻي يا مشروب پي ڪري گلاس يا بوتل بظاهر خالي تي وڃڻ جي باوجود ڪجهه گهڙين ڪان پوءِ ڏسندؤ ته انهن جي پاسن ڪان لهي ڪري تَري ۾ ڪجهه قطرا جمع تي چُڪا هوندا انهن کي به پي ڇڏيو جو حديثِ پاڪ ۾ آهي ته توهان نه ٿا ڄاڻو ته کاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي" ڪاش! اهڙيءَ ريت ڏوئي ڪري پيئڻ نصيب تي وڃي جو کاڌي جو اهو ٿانءُ لسي جو گلاس يا چانهه جو پيالو وغيره اهڙو تي وڃي جو سڃاڻپ نه تي سگهي ته ان ۾ هينئر ڪجهه کاڌو يا شربت وغيره پيتو ويو آهي!

**ٿانءُ ڏوئي ڪري پيئڻ جا طبي فائدا ڏين**

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪا سنّت حڪمت ڪان خالي ناهي. جديد سائنس به هاڻي اعتراف ڪري تي ته حياتين يعني وٽامنز خصوصاً " وٽامن بي ڪمپليڪس" کاڌي جي متين حصي ۾ گهٽ ۽ ٿانوَ جي تَري ۾ وڌيڪ هوندا آهن گڏوگڏ غذا ۾ موجود معدني لوڻيات رڳو تَري ۾ ئي هوندي آهي جيڪا ٿانوَ کي چٽڻ يا ڏوئي ڪري پي ڇڏڻ سان ڪيترن ئي بيمارين جي انسداد يعني روڪٿام جو سبب بڻجندي آهي.

**گردي جي پٿري ڪيئن نڪتي؟ ڏين**

**دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ڪيترائي مسئلا حل تي ويندا آهن ۽ بيشمار بيمارين جو علاج تي ويندو

آهي جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح جو بيان آهي تہ اسان جو 12 ڏينهن جو مدني قافلو بلوچستان کان واپسيءَ تي ڪنهن اسٽيشن تي لٿو، قافلي وارا **انفرادي ڪوشش** ۾ مشغول ٿي ويا، انهيءَ دوران اتي هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي اهو مدني قافلي جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو پنهنجو ذاتي تجربو بيان ڪندي چوڻ لڳو گردي جي پٿري جي سبب سخت تڪليف ۾ هئس ڊاڪٽر آپريشن جو چيو هو، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي دلاسو ڏنو تہ گهبرايو نہ مدني قافلي ۾ سفر ڪريو سفر ۾ دعا قبول ٿيندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ توهان جو مسئلو حل فرمائيندو. ان جي محبت ڀرئي انداز دل موهي وڌي ۽ مان **ٽن ڏينهن جي مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٽن ڏينهن جي اندر منهنجي پٿري نڪري وئي، مون جڏهن ڊاڪٽر کي ٻُڌايو تہ هو حيران رهجي ويو ڇو تہ شايد منهنجي پٿري ان قسم جي هئي جو بغير آپريشن جي ان جو ڊاڪٽرن وٽ علاج نہ هو.

گرچہ بیماریاں    تنگ کریں پتھریاں    پاؤگے صحّتیں    قافلے میں چلو<br>
گھر میں ناچاقیاں    ہوں یا تنگدستیاں    پائیں گے برکتیں    قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گرم کاڌڻ منع آهي

**حضرت سيّدُنا جابر** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نبي ڪريم رسولِ عظيم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو، ” گرم کاڌو ٿڌو ڪري وننڊا ڪريو ڇو تہ گرم کاڌي ۾ برڪت ناهي هوندي“. (مستدرڪ للحاڪم ج4 ص132 حديث 7125)

## کاڌو کيترو ٿڌو کيو وڃي!

حضرت سيّدتنا جُويريہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا کان روايت آهي تہ نبيّ اکرم، نورِ مجسم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کاڌي جي ٻاڦ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ان کي کائڻ ناپسند فرمائيندا هئا. (مجمع الزوائد ج5 ص 13 حديث 7883)

## گرم کاڌي جا نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! کاڌو ٿڌو کري کائڻ گھرجي پرهي ضروري ناهي تہ ايترو ٿڌو کري ڇڏيو جو جمي کري بي مزي ٿي وڃي بلڪ ڪجھ ٿڌو ٿيڻ ڏيو جو ٻاڦ نڪرڻ بند ٿي وڃي، مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْہِ رَحْمَۃُ الْمَنَّان فرمائن ٿا تہ ”کاڌي جو تورو ٿڌو ٿي وڃڻ ۾ ڦوکن سان ٿڌو نہ کرڻ برکت جو کارڻ آهي ۾ اهڙيءَ ريت کائڻ ۾ تکليف بہ ناهي ٿيندي.“ (مراٰة ج 6 ص 52) گرم کاڌي يا خوب گرما گرم چانھ يا کافي وغيره پيئڻ سان وات ۾ ڳلي جا ڇالا، معدي ۾ زخم وغيره ٿيڻ جو انديشو آهي. ويتر مٿانئن هکدم ٿڌو پاڻي پيئڻ سان مهارن ۾ معدي کي نقصان پهچندو آهي.

## کاڌي ۾ مک

کائڻ يا پيئڻ جي کنهن شيءِ ۾ مک ڪِري پئي تہ ان غذا کي اڇلائي ڇڏڻ اسراف ۾ گناھ آهي، مک کي غوطا ڏئي کري کڍي ڇڏيو ۾ اها غذا بنا تکلف جي استعمال کريو. جيئن تہ طبيبن جا طبيب، اللہ عَزَّوَجَلَّ جا حبيب، حبيبِ لَبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ ”جڏهن کاڌي ۾ مکِ کري پئي تہ ان کي غوطا ڏئي ڇڏيو (۾ اڇلائي ڇڏيو) ڇو تہ ان جي هک پر ۾ شفا آهي ۾ ٻئي ۾ بيماري، کاڌي ۾ ڪِرڻ وقت پهريان بيماري وارو پر وجھندي آهي تنهنکري پوري کي ئي غوطا ڏيو“. (ابوداود شريف ج3 ص511 حديث 3844)

## سائنس جو اعتراف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تان قربان! اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪجهه ملاحظه فرمايو هو هاڻي سائنس به ان کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي آهي. جيئن ته سائنسدان اعتراف ڪن ٿا ته مک جي هڪ پر ۾ خطرناڪ وائرس (Virus) ۽ ٻئي ۾ وائرس کي دور ڪندڙ (Antivirus) جراثيم هوندا آهن, مک جڏهن به ڪنهن کاڌي يا مشروب يعني چانهه، کير يا پاڻي وغيره ۾ ڪِرندي آهي ته وائرس وارو پر پهريان وجهندي آهي جنهن سان غذا ۾ وائرس ڦهلجي ويندا آهن ۽ کائڻ وارو بيماري جو شڪار ٿي سگهي ٿو هاڻي جيڪڏهن مک کي ٽوٻارو ڏيو ته ٻئي پر جا وائرس دور ڪندڙ جراثيم انهن خطرناڪ جراثيمن کي ختم ڪري ڇڏيندا ۽ غذا نقصانڪار نه رهندي.

## گوشت ڀَڃي ڪري کائو

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته نبيِّ رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ته ” گوشت کي (کائڻ وقت) ڇُريءَ سان نه ڪٽيو ڇو ته هي عجمين جو طريقو آهي ۽ گوشت کي ڏندن سان ڀڃي کائو ڇو ته اهو گهڻو لذيذ ۽ خوشگوار آهي.“

(ابوداود شريف ج3 ص511 حديث 3844)

جيڪڏهن گوشت جو وڏو ٽڪرو مثال طور ٻُڪل ران وغيره هجي ته ضرورت وقت ڇُري سان ڪٽڻ ۾ حرج ناهي.

## ککڙ جي ٽنگ جون ڪاريون ڏوريون ڪڍي ڇڏيو

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي تحقيق جي مطابق ذبح ٿيل جانور ۾ 22 شيون اهڙيون آهن جن جو کائڻ حرام يا مکروهه ممنوع آهي، انهن مان حرام مغز آهي جيڪو اڇي ڏوريءَ وانگر هوندو آهي ۽ اهو ميڄالي کان وٺي ڪنڌ کان گذرندو پوري ڪرنگهي جي هڏي ۾ آخر تائين هوندو آهي ۽ پٺ ڪنڌ جي ٻنهي پاسن کان ڦڪي رنگ جون ٻه مضبوط مشڪون ڪلهن تائين ڇڪيل هونديون آهن، اهي ڪافي سخت هونديون آهن، آسانيءَ سان ڀڳنديون ناهن انهن کي ۽ غدود کي کائڻ به حرام آهي، ذبح ڪيل جانور جي گوشت جي اندر جيڪو رت رهجي ويو اهو جيتوڻيڪ پاڪ آهي پر ان رت کي کائڻ حرام آهي، تنهنڪري گوشت جا اهي حصّا جن ۾ عام طور تي رت رهجي ويندو آهي، انهن کي چڱيءَ ريت ڌوئي وٺو، مثال طور ککڙ جي پڪل گوشت مان ڪنڌ، پَرَ ۽ ٽنگ وغيره جي اندران ڪاريون ڏوريون ڪڍي ڇڏيندا ڪريو جو اهي رت جون نسون هونديون آهن، رت پچڻ ڪانپوءِ ڪارو ٿي ويندو آهي، ککڙ جي ڪنڌ جون رڳون ۽ حرام مغز به نه کائو.

## 12 سالن جو گم ٿيل پاءُ ملي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّتن جي تربيت جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ڪندا رهو، علمِ دين حاصل ٿيڻ سان گڏو گڏ اِنْ شَآءَاللہُ عَزَّوَجَلَّ دنيا جا مسئلا به حل ٿيندا رهندا،جيئن ته

دعوتِ اسلامي جو هڪ **مدني قافلو** سبزپور (هري پور، سرحد، پاڪستان) ۾ سنّتن پرئي سفر تي هو، ان ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ ٻُڌايو ته منهنجو وڏو ڀاءُ روزگار جي سلسلي ۾ ٻاهرئين ملڪ ويل هو، اج 12 سال ٿي ويا آهن سندس ڪا خبر چار ناهي سندس ٽن ٻارن ۽ انهن جي والده جا اخراجات اسان جي ذمي آهن ۽ تنگدستيءَ جو عالم آهي، مان **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ۾ دعا جي نيّت سان مدني قافلي جو مسافر بڻيو آهيان. مدني قافلي جي ختم ٿيڻ جي تقريبًا هڪ هفتي ڪانپوءِ هڪ مدني مشوري ۾ اهو اسلامي ڀاءُ شريڪ ٿيو سندس جذبات ڏسڻ وٽان هئا،روئي روئي ڪري چئي رهيو هو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان ڪرم ٿي ويو، 12 سالن کان لاپتا ٿي ويل ڀاءُ جي فون آئي ۽ ان اسان ڏانهن هڪ لک 25 هزار رپيا به روانا ڪيا آهن.

جو کہ مفقود ہو وہ بھی موجود ہو ان شاءَاللہ، چلیں قافلے میں چلو
دُور ہوں سارے غم ہو گا ربّ کا کرم غم کے مارے سُنیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعا قبول نہ ٿيڻ ۾ به حڪمتون

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن طرح جا ڪيترائي واقعا آهن، جن ۾ قافلن ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ وارن جون مُرادون پوريون ٿيون آهن، ڪيترائي اهڙا به ملندا، جن جون مُرادون پوريون نه ٿيون، جيڪڏهن توهان جي دعا جي قبوليّت جا آثار ڪڏهن نظر نه به اچن، تڏهن به الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهو جو ڪيترائي ڀيرا ائين به ٿيندو آهي جو اسان

جيڪو ڪجھ گھري رهيا هوندا آهيون، ان جي نہ ملڻ ۾ ئي اسان جي لاءِ بهتري هوندي آهي، جيئن تہ منهنجي آقا، اعليٰ حضرت جا والد گرامي، **رئيس المتڪلمين** حضرت علامہ مولانا نقي علي خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان **”احسن الوعاء“** ۾ فرمائن ٿا، خداعَزَّوَجَلَّ جي حڪمت آهي جو ڪڏهن تون نادانيءَ جي سبب ڪا شيءِ ان کان گھرندو آهين ۽ هو مهرباني ڪندي تنهنجي دعا کي تنهنجي حق ۾ نقصانڪار هئڻ جي سبب رد ڪري ڇڏيندوآهي مثال طور تون مال ملڪيت جو طلبگار آهين ۽ ان (جي ملي وڃڻ) ۾ تنهنجي ايمان جوخطرو آهي يا تون تندرستي ۽ عافيّت چاهين ٿو ۽ اها خدا عَزَّوَجَلَّ جي علم ۾ (**تنهنجي لاءِ**) آخرت جي نقصان جو سبب آهي، اهڙي دعا قبول نہ ٿيڻ ئي تنهنجي لاءِ فائدي مند آهي (**تون هن آيتِ مبارڪ**)

وَعَسٰۤى اَنۡ تُحِبُّوۡا شَيۡـًٔـا وَّهُوَ شَرٌّ لَّـكُمۡ ؕ
(سيپارو 2 سورة البقره آيت 216)

ترجمو ڪنزالايمان: عين ممڪن آهي تہ جيڪا ڳالھ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

تي نظر ڪر ۽ ان دعا قبول نہ ٿيڻ تي شڪر ادا ڪر. ڪڏهن دعا جي بدلي ۾ آخرت جو ثواب ڏيڻ منظور هوندو آهي تون دنيا جي ذليل دولت طلب ڪندو آهين، ۽ پروردگارعَزَّوَجَلَّ تنهنجي لاءِ آخرت جون اعليٰ نعمتون گڏ ڪندو آهي، سو اهو شڪر جو مقام آهي نہ ڪي شڪايت جو.

**خلال مدينا**

**ڪاڏو ڪائڻ** ڪانپوءِ ڪنهن ڪاني يا تيليءَ سان خلال ڪرڻ سنّت آهي،ڪجھ اسلامي ڀائر خلال جي لاءِ ماچيس جي تيليءَ جو بارود ڪڍي ڪري اچلائيندا آهن، ائين نہ

ڪرڻ گهرجي جو اهڙي طرح بارود ضايع ٿيندو آهي ڪنهن ٻي تيلي سان خلال ڪيو وڃي، خلال جي اهميت سان احاديثِ ڪريمه مالامال آهن. جيئن ته

حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”جيڪو شخص ڪاڏو ڪائي (۽ ڏندن ۾ ڪجهه رهجي وڃي ته) ان کي جيڪڏهن خلال سان ڪڍي ته ٿُڪي ڇڏي ۽ زبان سان ڪڍي ته ڳِهي ڇڏي، جنهن ائين ڪيو سٺو ڪيو ۽ نه ڪيو ته به حرج ناهي.“ (ابو داود شريف ج1ص 46 حديث 35)

## ڪرامًا ڪاتبين ۽ خلال نہ ڪرڻ وارا

حضرت سيِّدُنا ابوايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ته حضور سيِّد عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ فرمايائون ”خِلال ڪرڻ وارا ڪيڏا ڀَلا آهن.“ صحابهءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڪهڙي شيءِ سان خِلال ڪرڻ وارا؟“ فرمايائون، ”وضو ۾ خِلال ڪرڻ وارا ۽ ڪاڌي ڪان پوءِ خِلال ڪرڻ وارا، وضو جو خِلال گرڙي ڪرڻ، نڪ ۾ پاڻي چڙهائڻ ۽ آڱرين جي وچ ۾ (خِلال ڪرڻ) آهي جڏهن ته ڪاڌي جو خِلال ڪائڻ ڪانپوءِ آهي ۽ ڪرامًا ڪاتبين (يعني اعمال لکڻ وارن ٻنهي بزرگ فرشتن) تي ان ڪان وڌيڪ ڪا ڳالهه شديد ناهي ته اهي جنهن شخص تي مقرر آهن ان کي هن حال ۾ نماز پڙهندي ڏسن جو ان جي ڏندن جي وچ ۾ ڪا شيءِ هجي“.

(طبراني ڪبير ج 4 ص177 حديث 4061)

## پان کائڻ وارا متوجهه ٿين!

**منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِطريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”گهڻو پان کائڻ جا عادي خصوصًا جن کي ڏندن ۾ وٿي هجي اهي تجربي سان ڄاڻن ٿا تہ سوپاري جا ننڍڙا ذرا ۽ پان جا تمام ننڍڙا ننڍڙا ذرڙا اهڙي طرح وات جي پاسن ۽ ڏندن جي وٿين ۾ گهري ويندا آهن جو ٿي گرڙيون بلڪ ڪڏهن تہ ڏهہ ٻارهن گرڙيون بہ انهن جي مڪمل صفائيءَ لاءِ ڪافي ناهن هونديون ۽ نہ خِلال انهن کي ڪيڏي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڏندڻ سواءِ گرڙين جي، جو پاڻي سوراخن ۾ داخل ٿي ويندو آهي ۽ حرڪت ڏيڻ سان جميل ننڍڙن ذرن کي آهستي آهستي ڇڏائيندو رهندو آهي ان جي بہ ڪا حد بندي نٿي ٿي سگهي جڏهن تہ مڪمل صفائي ڪرڻ جي سخت تاڪيد آئي آهي، ڪيترين ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ جڏهن ٻانهو نماز لاءِ بيهندو آهي تہ فرشتو ان جي وات تي پنهنجو وات رکندو آهي اهو جيڪو ڪجهہ پڙهندو آهي ان جي وات مان نڪري فرشتي جي وات ۾ ويندو آهي ان وقت جيڪڏهن کائڻ جي ڪا شيءِ ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي تہ فرشتن کي ان سان اهڙي سخت تڪليف ٿيندي آهي جهڙي ٻئي ڪنهن شيءِ سان ناهي ٿيندي.

**حُضور اکرم نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ”جڏهن توهان مان ڪو رات جو نماز جي

لاءِ بيهي تہ گهرجي تہ ڏنڊ ڪري چو تہ جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قِراءَت ڪندو آهي تہ فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ هن جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي.“ (ڪنز العمال ج 9 ص 319) ۽ طبرانيءَ ڪبير ۾ حضرت سيّدُنا ابُو ايُّوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪئي آهي تہ ”ٻنهي فرشتن تي ان کان وڌيڪ ڪا شيءِ ڳري ناهي تہ هو پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن ۾ کاڌي جا ذرا ڦاٿل هجن.
(معجم الڪبير ج 4 ص 1707 ، فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 624 کان 625 رضا فائونڊيشن مرڪز الاولياءٔ لاهور)

## ڏندن ۾ ڪمزوري

حضرت سيّدُنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ ”جيڪو کاڌو (ٻوٽي جا ذرا وغيره) هوڙن (يعني ڏاڙن) ۾ رهجي ويندو آهي اهو هوڙن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي“. (مجمع الزوائد ج 5 ص 32 حديث 7952)

## خِلال ڪهڙو هجي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ کاڌو يا ڪا غذا کائو، تنهن کان پوءِ خلال جي عادت بڻائڻ گهرجي، بهتر هي آهي تہ خِلال نم جي ڪاني جو هجي جو ان جي ڪوڙاڻ سان وات جي صفائي ٿيندي آهي ۽ اها مهارن لاءِ فائديمند هوندي آهي، بازاري **Tooth Picks** عمومًا ٿلهيون ۽ ڪمزور هونديون آهن، ناريل جي تيلن جي اڻ استعمال ٿيل ٻهاري جي هڪ تيلي يا کجي جي تڏي جي هڪ تيلي مان بليڊ جي ذريعي ڪيترائي مضبوط خِلال تيار ٿي سگهن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن وات جي پاسن واري ڏندن ۾ وٿي هوندي آهي ۽ ان ۾ ٻوٽي وغيره جو ذرو

قاسي پوندو آهي جيڪو تيلي وغيره سان نڪري ناهي سگھندو، اهڙي قسم  جا ذرا ڪڍڻ لاءِ ميڊيڪل اسٽور تي مخصوص قسم جا ڌاڳا (Flossers) ملندا آهن ڳڌوڳڌ آپريشن جي اوزارن جي دڪان تي ڏندن جي اسٽيل جي ڪوڏٽي (Curved Sickle Scaler) بہ ملندي آهي پر انهن شين جي استعمال جو طريقو سکڻ تمام ضروري آهي نہ تہ مهارون زخمي تي سگھن ٿيون.

## خِلال جون ست نيتون

**حديثِ پاڪ ۾ آهي، الله** عَزَّوَجَلَّ **جي پياري محبوب** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عظيم الشان آهي، ”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“** (طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942) **خلال شروع ڪرڻ کان اڳ بلڪہ کاڌو شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي هي نيّتون ڪري ثواب جو خزانو حاصل ڪري ڇڏيو. ﴿1﴾ کاڌي کان بعد خِلال جي سنّت ادا ڪندس﴿2﴾ خلال شروع ڪرڻ کان اڳ ۾** بِسْمِ الله **پڙهندس ﴿3﴾ ڏندڻ** (جي سنّت ادا) **ڪرڻ جي لاءِ مدد حاصل ڪندس** (چو تہ ڏندن جي وٿين ۾ ڦاٿل غذائي جزا جڏهن خراب ٿيندا آهن تہ مهارون ڪمزور ۽ بيمار ٿي پونديون آهن ۽ انهن مان رت وهڻ لڳندو آهي تنهن ڪري ڏندڻ ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي) **﴿4﴾ وضوءِ ۾ مڪمل طور تي ڪُرڙين تي مدد حاصل ڪندس**(وات جي اندر هر هر حصي تي ۽ ڏندن جي وچ وارين وٿين ۾ پاڻي وهي وڃي، اهڙي طرح ٿي پيرا ڪُرڙيون ڪرڻ وضوءِ ۾ **سنّت مُؤَکده** آهي ۽ ذڪر ڪيل طريقي تي غسل ۾ هڪ ڀيرو ڪُرڙي ڪرڻ فرض ۽ ٽي پيرا سنّت آهي) **﴿5﴾ ڏندن کي بيمارين کان بچائڻ جي**

ڪوشش ڪري عبادت تي قوت حاصل ڪندس (ڇو تہ خلال ڪرڻ جي سبب غذا جا جزا نڪري ويندا ۽ ائين مهارن جي بيمارين کان تحفظ حاصل ٿيندو ۽ سٺي صحت سان عبادت تي قوت حاصل ٿيندي آهي).﴿6﴾وات کي بدبو کان بچائي ڪري مسجد جي اندر داخل ٿيڻ کي بحال رکڻ تي مدد حاصل ڪندس (ظاهر آهي تہ کاڌي جا جزا ڏندن ۾ ڦاٿل رهندا تہ خراب ٿي ڪري بدبو پيدا ڪندا ۽ جڏهن وات ۾ بدبو هجي تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي).﴿7﴾ فرشتن کي ايذاءَ ڏيڻ کان بچندس (وات ۾ غذائي ذرا هوندي نماز ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ سان فرشتن کي ايذاءُ پهچندو آهي).

## گرڙي ڪرڻ جو طريقو

وضوءَ ۾ اهڙي طرح گرڙي ڪرڻ ضروري آهي جو وات جي هر حصي ۽ ڏندن جي تمام وٿين وغيره ۾ پاڻي پهچي وڃي، وضوءَ ۾ ٽي ڀيرا اهڙي طرح گرڙيون ڪرڻ سنّت موڪده آهي ۽ غسل ۾ هڪ ڀيرو فرض ۽ ٽي ڀيرا سنّت، جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ غَرڙا بہ ڪريو، گوشت جا ذرا وغيره ڪڍڻ ضروري آهن، ها جيڪڏهن ڪو ذرو يا سوپاري وغيره جو ذرڙو نڪري ئي نہ ٿو تہ هاڻي ايتري بہ سختي نہ ڪريو جو مهارون زخمي ٿي پون ڇو تہ جيڪو مجبور آهي اهو معذور آهي.

### خلال جون طبي حڪمتون

اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڄ کان 1400 سال کان بہ وڌيڪ عرصو اڳ ڪيترن ئي بيمارين کان بچاءَ جي لاءِ خِلال جي اهميت سمجهائي ڇڏي، هينئر صدين کان پوءِ سائنسدانن جي

سمجهه ۾ به اچي ويو. جيئن ته خِلال جون حڪمتون بيان ڪندي طبيب چون ٿا ته” ڪاڌي کان پوءِ غذائي جُزا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ ڦاسي پوندا آهن، جيڪڏهن انهن کي خِلال جي ذريعي نه ڪڍيو وڃي ته اهي خراب ٿيندا آهن، جنهن سان هڪ خاص قسم جو پلاسما (Plasma) ٺهجي ڪري مهارن کي سُجائيندو آهي ۽ ان کان بعد ڏندن ۽ مهارن جي تعلق کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي نتيجي طور ڏند آهستي آهستي ڪِري پوندا آهن، خِلال نه ڪرڻ سان ڏندن ۾ پائيريا (Phyorrhea) جي بيماري به ٿيندي آهي جنهن ۾ مهارن ۾ پونءِ ٿي ويندي آهي، جيڪا ڪاڌي سان گڏ پيٽ ۾ ويندي آهي ۽ پوءِ خطرناڪ بيماريون پيدا ٿي پونديون آهن.

## ڏندن جو ڪينسر

**چانهه** ۽ پان جا عادي غذا جي گهٽتائي سان گڏو گڏ چانهه ۽ پان ۾ به گهٽتائيءَ جو ذهن ٺاهن، ائين نه ٿئي جو توهان غذا ۾گهٽتائي ڪرڻ وجهو ۽ نفسِ مڪار توهان کي بُک ختم ڪرڻ جي بهاني سان چانهه ۽ پان جي ڪثرت جي آفت ۾ ڦاسائي ڇڏي، چانهه گُردن لاءِ نقصانڪار آهي، پان، گٽڪي، مين پڙي ۽ خوشبودار وڏق سوپاري وغيره جي عادت ڪدي ڇڏڻ ۾ ئي عافيّت آهي، جيڪي انهن جو ڪثرت سان استعمال ڪندا آهن انهن کي، **مهارن، وات ۽ ڳلي جي ڪينسر جو انديشو رهندو آهي**، گهڻو پان واپرائڻ وارن جو وات اندران ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، جيڪڏهن مهارن ۾ رت يا پونءِ ٿي ويندي ته انهن کي نظر نه ايندي ۽ پيٽ ۾ ويندي رهندي، جيئن ته پونءِ هڪ

عرصي تائين نڪرندي رهندي آهي پر سُور بلڪل ناهي ٿيندو، تنهنڪري انهن کي شايد معلوم به ان وقت ٿيندو جڏهن خدانخواسته ڪنهن خطرناڪ بيماريءَ پاڙ پَڪي ڪري ورتي هوندي.

## نقلي ڪَٿي جون تباهڪاريون

**پاڪستان** ۾ غالبًا ڪَٿي جي پيداوار ناهي ٿيندي، تنهنڪري دولت جا لالچي ماڻهو جن کي ڪنهن جي دنيا ۽ پنهنجي آخرت جي **برباد** ٿيڻ جو ڪو فڪر ناهي هوندو، اهي **مٽيءَ** ۾ چمڙي رڱڻ جو رنگ ملائي ان مٽيءَ کي ڪٿو چئي ڪري وڪڻندا آهن ۽ ائين ويچارا **پاڪستاني پان خور** گندي مٽي کائي ڪري قسمين قسمين بيمارين جو شڪار ۽ سخت بيمار ٿي ڪري تباهيءَ جي غار ۾ وڃي پوندا آهن، جاڻي واڻي **نقلي ڪٿو** هرگز استعمال نه ڪريو. نقلي ڪٿي جا واپاري، نقلي ڪٿي جو پان وڪڻڻ وارا هن ڪم کان سچي توبهه ڪن، ڳڌوڳڌ جاڻي واڻي مٽي کائڻ وارا به احتياط ڪن، مٽيءَ جي باري ۾ شرعي مسئلو هي آهي ته" **معمولي مقدار ۾ مٽي کائڻ ۾ حرج ناهي پر نقصان پهچڻ جي حد تائين گهٽي نقصانڪار مقدار ۾ کائڻ حرام آهي**".

(رد المحتار ج1 ص 64 ، بهار شريعت حصو 2 ص 63)

## ڏندن ۾ رت اچڻ جا سبب

ڪجهه ماڻهن کي ڏندڻ ڪرڻ سان رت ايندو آهي بلڪ اهڙن جي رت ڪاڏي سان ڳڏ پيٽ ۾ به ويندو هوندو، ان جو هڪ سبب پيٽ جي خرابي به هوندي آهي، اهڙي مريض کي قبض وغيره جو علاج ڪرڻ ضروري

آهي، وزني ۽ بادي غذائن کان پرهيز ڪري ۽ ڪاڌو بُک کان گهٽ ڪائي، بي وقت ڪا شيءِ نہ ڪائي. ٻيو سبب هي آهي ڏندن جي صفائي ۾ لا پرواهي جي سبب کاڌي جا جُزا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ جمع ٿي ڪري چوني وانگر سخت ٿي ڪري جمي ويندا آهن، ڊاڪٽري زبان ۾ ان کي ٽاٽر TATAR چوندا آهن، اهڙي صورت ۾ ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، جيڪڏهن نيڪ طبيعت وارو ڊاڪٽر هوندو ۽ ڪا رڪاوٽ نہ هوندي تہ هڪ ئي وقت ۾ تمام ڏندن جي صفائي (SCALING) ڪري ڇڏيندو، نہ تہ ڪجھ پيرا ڏڪا ڪارائي ٿورو ٿورو ڪم ڪري وڏيڪ پيسا ڪيندو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڏندن جو بهترين علاج ڏندڻ

صحيح طريقي سان ڏندڻ ڪيو وڃي تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن بہ ڏندن جي بيماري نہ ٿيندي، توهان جي دل ۾ ٿي سگهي ٿو تہ هي خيال اچي تہ مان تہ سالن کان ڏندڻ ڪري رهيو آهيان پر منهنجا ڏند ۽ پيٽ بِئي خراب آهن، منهنجا سادا اسلامي ڀاءَ! هن ۾ ڏندڻ جو نہ توهان جو پنهنجو ئي قصور آهي، مان سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ اڄ شايد لکن مان ڪو هڪ اڌ ئي اهڙو هوندو جيڪو صحيح اصولن جي مطابق ڏندڻ استعمال ڪندو هجي! اسان اڪثر جلدي جلدي ۾ ڏندن تي ڏندڻ هٽي وضو ڪري هليا ويندا آهيون، يعني هيئن چئون تہ اسان ڏندڻ نہ بلڪ ” ڏندڻ جي رسم“ ادا ڪندا آهيون.

## ”ڏندڻ بهترين سنت آ“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان ڏندڻ جا 14 مدني گل

﴿1﴾ ڏندڻ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي﴿2﴾ ڏندڻ هڪ گراٺ کان ڏگهو نہ هجي نہ تہ ان تي شيطان ويهندو آهي﴿3﴾ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ﴿4﴾ ڏندڻ تازو هجي تہ سنو نہ تہ ڪجهہ دير پاڻيءَ جي گلاس ۾ ٻڄائي ڪري نرم ڪري ونو، ﴿5﴾ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين فائديمند آهن جيستائين ان ۾ ڪوڙاڻ باقي رهي، ﴿6﴾ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ﴿7﴾ جڏهن بہ ڏندڻ ڪرڻو هجي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ﴿8﴾ هر ڀيري ڌوئي ونو ﴿9﴾ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٽو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي. ﴿10﴾ پهريان ساڄي پاسي جي مٿين ڏندن تي پوءِ کاٻي پاسي جي مٿين ڏندن تي وري پوءِ ساڄي پاسي جي هيٺين ڏندن تي پوءِ کاٻي پاسي جي هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو﴿11﴾ سمهي ڪري ڏندڻ ڪرڻ سان تري وڌي وڃڻ ۽ ﴿12﴾ مٺ ٻڌي ڪري ڪرڻ سان بواسير تي وڃڻ جو انديشو آهي﴿13﴾ ڏندڻ وضوءَ جي سنّت قبليه آهي جڏهن تہ سنّت مُؤَکَّده ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي، (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 1 ص 223) ﴿14﴾ استعمال ٿيل ڏندڻ جا تاندورا يا اهو (يعني ڏندڻ) استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلائي نہ ڇڏيو جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي

احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.
(تفصيلي معلومات جي لاءِ بهارِشريعت حصو 2 ص 17 کان 18 تائين مطالعو ڪريو)

## ڏندن جي حفاظت جي لاءِ چار مدني گل

﴿1﴾ ڪا بہ شيءِ کائڻ يا پيئڻ کانپوءِ ٽي پيرا ائين گرڙي ڪريو جو هر پيري پاڻيءَ کي وات ۾ هڪ اڌ منٽ تائين چڱيءَ طرح گهمائڻ کان بعد ڪيري ڇڏيو ﴿2﴾ جڏهن بہ موقعو ملي وات ۾ گرڙي پري ڇڏيو ۽ ڪجهہ منٽن تائين گهمائيندا رهو پوءِ ڪيري ڇڏيو، اهو عمل روزانو مختلف وقتن ۾ ڪجهہ پيرا ڪريو﴿3﴾ جيڪڏهن ڄاڻايل طريقي ۾ گرڙين جي لاءِ سادي پاڻي جي بدران لوڻ وارو نيم گرم پاڻي استعمال ڪيو وڃي تہ اڃان وڌيڪ فائديمند آهي، جيڪڏهن پابنديءَ سان ڪندؤ تہ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي وچ ۾ ڦاٿل غذا جا جزا ڌوپجي نڪري ويندا ۽ اهي مهارن ۾ رهندا ئي نہ جو خراب ٿين، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ان طرح ڪرڻ سان مهارن ۾ رت جي شڪايت بہ نہ ٿيندي، ﴿4﴾ زيتون شريف جو تيل ڏندن تي ملڻ سان مهارون ۽ لڏندڙ ڏند مضبوط ٿيندا آهن.

## وات جي بدبوءِ جو علاج

**جيڪڏهن** وات مان بدبوءِ ايندي هجي تہ ساوا ڌاڻا چٻاڙي ڪري کائو گڏوگڏ گلاب جي تازن يا سڪل گلن سان ڏند مهٽڻ سان بہ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ختم ٿي ويندي، ها جيڪڏهن پيٽ جي خرابيءَ سبب بدبوءِ ايندي هجي تہ” گهٽ کائڻ“ جي سعادت حاصل ڪري بُک جون برڪتون ماڻڻ سان اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ٽنگن ۽ جسم جي مختلف حصن

جي سور، قبض، سيني جو ساڙو، وات جا تمام ڇالا يا هرهر ٿيڻ واري نزلي، ڪنگهه، ڳلي ۾ سور، مهارن ۾ رت اچڻ وغيره تمام گهڻين بيمارين سان گڏوگڏ وات جي بدبوءِ کان بہ جان ڇٽي پوندي، بُک کان گهٽ کائڻ ۾ 80 سيڪڙو بيمارين کان بچت ٿي سگهي ٿي. **(تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت (جلد پهريون) جي باب " پيٽ جو قفلِ مدينه " جو مطالعو ڪريو)** جيڪڏهن نفس جي حرص جو علاج ٿي وڃي تہ ڪيترين ئي بيمارين پنهنجو پاڻ ختم ٿي وينديون.

رضاؔ نفس دشمن ہے دم میں نہ آنا
کہاں تم نے دیکھے ہیں چندرانے والے (حدائقِ بخشش شریف)

## وات جي بدبوءِ جو مدني علاج

هي درود شريف جڏهن جڏهن موقعو ملي. هڪ ئي ساهيءَ ۾ 11 ڀيرا پڙهي وٺو، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ وات جي بدبوءِ ختم ٿي ويندي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى النَّبِيِّ الطَّاهِرِ

## هڪ ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو طريقو

هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو بهتر طريقو هي آهي تہ وات بند ڪري آهستي آهستي نڪ مان ساهه کڻڻ شروع ڪريو ۽ جيترو ممڪن هجي اوتري هوا ڦقڙن ۾ ڀري ڇڏيو، هاڻي دُرود شريف پڙهڻ شروع ڪريو، ڪجهه ڀيرا اهڙي طرح مشق ڪندؤ تہ ساهه ٽٽڻ کان اڳ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مڪمل 11 ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي ترڪيب بڻجي ويندي. جاڻايل طريقي تي نڪ مان ڏگهو ساهه کڻي ڪري ممڪن حد تائين روڪي رکڻ ڪانپوءِ وات مان خارج ڪرڻ صحت جي لاءِ

انتهائي فائديمند آهي، سچي ڏينهن ۾ جڏهن موقعو ملي بالخصوص
کليل فضا ۾ روزانو ڪجهه  پيرا ته ائين ڪرڻ ئي گهرجي، مونکي
(سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ کي) هڪ پيرسن حڪيم صاحب ٻُڌايو هو ته مان
ساڍا ڪٽڻ کان بعد (اڌ ڪلاڪ تائين يا چيائين) ٻن ڪلاڪن تائين هوا
کي اندر روڪي ڇڏيندو آهيان ۽ ان دوران پنهنجا ورد ۽ وظائف به
پڙهي سگهندو آهيان، بقول ان حڪيم صاحب جي ساهه روڪڻ وارا
اهڙا اهڙا مَشّاق (يعني مشق ڪري ماهر ٿي ويندڙ ماڻهو) به دنيا ۾ هوندا
آهن جيڪي صبح جو ساهه کڻندا آهن ته شام جو ڪيندا آهن!

## پنج خوشبودار وات

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ عظيم معجزو ملاحظ فرمايو، جنهن
جي برڪت سان پنج خوشنصيب صحابيات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ جا مبارڪ
وات هميشه جي لاءِ خوشبودار ٿي ويا، جيئن ته حضرت سيّدتنا عُمَيره
بنت مسعود انصاريه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون ته اسان پنج ڀينرون حضورِ
اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي
خدمتِ معظم ۾ بيعت ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيون سين. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ
وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وقت قديد (سڪايل گوشت) کائي رهيا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
قديد جو هڪ ٽڪرو چٻاڙي نرم ڪري اسان کي عطا فرمايائون ته
اسان مان هر هڪ ٿورو ٿورو ڪري کاڌو (ان جي برڪت سان) مرڻ
گهڙيءَ تائين اسان جي واتن مان هميشه خوشبوءِ ئي آئي.

**(الخصائص الکبريٰ ج 1 ص 105)**

حضرت سيّدُنا ابو امامہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ هڪ بي شرم ۽ بد زبان عورت هئي، هڪ ڀيري هوءَ حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽان گذري، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان وقت قديد يعني سُڪل گوشت جا ٽڪرا کائي رهيا هئا، هن بہ ان مان گهريو، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي اڳيان واري حصي مان ڪجهہ ڏنو ان چيو نہ اوهان جي وات مبارڪ ۾ جيڪو آهي اهو عطا فرمايو، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وات مبارڪ مان ڪڍي ڪري کيس عطا فرمايائون، تہ ان پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ کائي ڇڏيائين ان واقعي کان پوءِ ان عورت کان ڪڏهن بہ بد زباني يا فحش ڪلامي نہ ٻُڌي وئي. (الخصائص الکبريٰ ج 1 ص 105)

وڏقڙو مينهن: مدينا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلاميءَ جي **مدني ماحول** سان هر دم وابستہ رهو، سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت فرمائيندا ڪريو، اِنۡ شَآءَاللہُ عَزَّوَجَلَّ آخرت جون بيشمار ڀلايون هٿ اينديون بلڪ دنياوي پريشانيون بہ دور ٿينديون، عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ اِنۡ شَآءَاللہُ عَزَّوَجَلَّ دعائون بہ قبول ٿينديون، امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الۡمرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي تہ مکي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الۡمُؤۡمِنِ، وَعِمَادُ الدِّيۡنِ، وَنُوۡرُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ (مُسند ابي يعليٰ ج 1 ص 215 حديث 435) يعني”دعا مومِن جو هٿيار آهي ۽ دين جو ٿنڀو آهي ۽ زمين ۽ آسمان جو نور آهي.“ بالخصوص سفر ۾ دعا رد ناهي ڪئي ويندي

۽ جيڪڏهن عاشقانِ رسول جو مدني قافلو هجي تہ پوءِ ڇا ڳالهہ ڪجي! جيئن تہ دعوتِ اسلاميءَ جي عاشقانِ رسول جي سنّتن جي تربيت جو هڪ مدني قافلو نڪيال (ڪشمير پاڪستان) ۾ سفر تي هو، مقامي ماڻهن دعا جي درخواست ڪندي ٻُڌايو تہ نِڪيال جا مسلمان وڏي عرصي کان برسات جي نعمت کان محروم آهن، پوءِ **مدني قافلي** وارن اجتماعي دعا جي ترڪيب ڪئي، نِڪيال جا ڪافي مسلمان شريڪ ٿيا، ڏينهن جو وقت هو، اس نڪتل هئي، **عاشقانِ رسول** ٻاڏائي ڪري رقت انگيز دعا شروع ڪئي، اَلْحَمْدُ للهِ عَزَّوَجَلَّ ڏسندي ئي ڏسندي رحمت جا بادل ڇانئجي ويا ۽ ڪارا ڪڪر گجگوڙ ڪرڻ لڳا ۽ وڏ ڦُڙو مينهن وسڻ لڳو! خوشيءَ جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا، ماڻهو برسات ۾ آلا ٿي ويا، دعوتِ اسلامي جي محبتِ مدني قافلي وارن عاشقانِ رسول جي عقيدت سان حاضرين جون دليون مالا مال ٿي ويون، دعوتِ اسلاميءَ وارن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي هن عظيم ڪرم جو کليل اکين سان مشاهدو ڪرڻ جي سبب ڪافي اسلامي ڀائر دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا ۽ نِڪيال ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪم جي ڌوم ڌام ٿي وئي.

قافِلہ میں ذرا، مانگو آکر دعاء ہوں گی خوب بارشیں قافِلے میں چلو

عاشقانِ رسول لے لو جو کچھ بھی پھول تم کو سنّت کے دیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### هٿن جو سٽيپ (مدينہ)

حضرت سيّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ خَلق جي رَهبر، شافعِ مَحشر،

مَحبوب دَاوَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي ” جيڪو هن حال ۾ رات گذاري جو ان جي هٿ تي (ڪاڌي جي) سٿپ جو اثر هجي ۽ ان کي ڪا مصيبت پهچي تہ سواءِ پنهنجي جان جي ڪنهن ٻئي کي ملامت نہ ڪري. (مجمع الزوائد ج 5 ص 33 حديث 7954)

## نانگ جو خطرو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪاڌي کان بعد هٿن کي صابڻ وغيره سان چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري ٽوال سان اگهڻ گهرجي تہ جيئن ڪاڌي جي بوءِ ۽ سٿپ ختم ٿي وڃي نہ تہ توهان ڪنهن سان هٿ ملائيندؤ تہ بوءِ جي سبب ان کي نفرت اچي سگهي ٿي، مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ ”هن حديثِ پاڪ ۾ مصيبت مان مُراد نانگ جو ڏنگڻ يا ڪُوئي جو چڪ هڻڻ آهي، اهي ٻئي جانور ڪاڌي جي خوشبوءِ تي ڊوڙندا آهن، يا ان مان مُراد ڪوڙهہ جي بيماري آهي، جو ڪاڌي هاٿا پريل هٿ جسم جي پگهر سان لڳي ڪري جتي ڇُهن اتي ڪوڙهہ جا اچا داغ پيدا ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي.“ (مرآة شرح مشڪوٰة ج 6 ص 38)

خليلِ ملت مفتي محمّد خليل خان برڪاتي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا، ” ڪاڌي کان فارغ ٿي ڪري بغير هٿ ڌوئڻ جي سُمجهي تہ شيطان هٿ چٽيندو آهي ۽ مَعاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڪوڙهہ جو ڪارڻ بڻبو آهي. (سنّي بهشتي زيور ص 607)

## پين جا ٿانوَ استعمال ڪرڻ ڪيئن آهي؟

ڪنهن جي گهر مان تحفي طور ڪاڌو اچي تہ ٿانوَ ٺُرت خالي ڪري هڪدم موٽائي ڇڏيو، جيڪڏهن ان وقت نہ ڏئي سگهو تہ امانت

طور رکي ڇڏيو ۽ بعد ۾ واپس کري ڇڏيو، پر ياد رهي تہ ٻين جا اهي ٿانوَ پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ جائز ناهن. (ايضاً ص569) جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهو گناهہ سرزد ٿيو آهي تہ ٿانوَ جي مالڪ کان مُعافي وٺي ڇڏيو ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ بہ توبهہ کري وٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”نبي پاڪ جي سنت ۾ عظمت ئي عظمت آهي“ جي پنجويهہ اکرن جي نسبت سان کاڌي جون 25 سنتون

﴿1﴾ سرکارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيڪ لڳائي کري نہ کائيندا هئا.

(ملخصاً سنن ابي داود ج 3 ص 488 حديث 3769)

﴿2﴾ ميز تي رکي کري کاڌو تناول نہ فرمائيندا هئا (ملخصًا صحيح بخاري ج3 ص 24 حديث 55386) ﴿3﴾ جيڪو ڪجهہ کين ملي ويندو هو کائڻ فرمائيندا هئا (ملخصًا صحيح مسلم ص 1134 حديث 2052) ﴿4﴾ نہ گهروارن کان کاڌو گهرندا هئا ۽ نہ انهن جي سامهون خواهش (يعني فرمائش) ظاهر کندا هئا، جيڪڏهن اهي پيش کندا هئا تہ کائي وٺندا هئا ۽ اهي جيڪو ڪجهہ سامهون رکندا هئا اهو قبول فرمائيندا هئا ۽ جيڪو ڪجهہ پياريندا هئا سو پي ڇڏيندا هئا (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 248)

﴿5﴾ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ اٿي کري کاڌي پيتي جي شيءِ کڻي وٺندا هئا. (ملخصاً سنن ابي داود ج 4 ص 5 حديث 3856) ﴿6﴾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پاسي کان (ملخصًا شعب الايمان ج5 ص 79 حديث 5846) ﴿7﴾ ۽ ٽن آڱرين سان کائيندا هئا. (ملخصًا المصنف ابي شيبة ج 5 ص 559حديث 3) ﴿8﴾ ۽

ڪڏھن ڪڏھن چار آڱرين سان بہ ڪائي وٺندا ھئا.(ملخصًا جامع الصغير ص 250 حديث 6942)، پر ٻن آڱرين سان نہ ڪائيندا ھئا ارشاد فرمائن ٿا اھو شيطان جي ڪائڻ جو طريقو آھي .(ملخصًا فيض القدير مع جامع الصغير ج 5ص 249حديث 40 69) ﴿9﴾ جَوَنَ جي اَٽ چٽيل اٽي جي ماني ڪائيندا ھئا. (ملخصًا صحيح بخاري ج3 ص 531 حديث 5410) ﴿10﴾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪاڌو اڪثر ڪارڪن ۽ پاڻي تي مشتمل ھوندو ھو. (ملخصًا صحيح بخاري ج3 ص 523 حديث 5383) ﴿11﴾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيرو ۽ ڪارڪون گڏائي استعمال فرمائيندا ھئا ۽ انھن کي بہ عمدا ڪاڌا قرار ڏيندا ھئا. (ملخصًا مُسند امام احمد ج 5 ص 385 حديث 15893) ﴿12﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده ڪاڌو گوشت ھو. (ملخصًا جامع ترمذي ج 5 ص 533حديث 178) ﴿13﴾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائيندا ھئا، گوشت کنن ۾ ٻُڌڻ جي طاقت وڌائيندو آھي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاڌن جو سردار آھي. جيڪڏھن مان الله عَزَّوَجَلَّ کان سوال ڪريان ھا تہ مون کي روزانو گوشت عطا ڪري تہ عنايت فرمائي ھا.(ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 238) ﴿14﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گوشت ۽ ڪدوءَ مان ثريد (ڪُٽي) ٺاھي ڪري ڪائيندا ھئا. (يعني گوشت ۽ ڪدّو شريف جي ڀاڄيءَ ۾ مانيءَ جا ٽُڪرا چڱيءَ طرح ڀڄائي ڪري ڪائيندا ھئا) (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج8 ص 239) ﴿15﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏھن گوشت ڪائيندا ھئا تہ ان ڏانھن مٿو مبارڪ نہ جھڪائيندا ھئا. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج8 ص 239) بلڪ ان کي پنھنجي وات مبارڪ جي طرف کڻندا ھئا ۽ پوءِ مبارڪ ڏندن سان پٽيندا ھئا. (يعني ڪائڻ فرمائيندا ھئا) (ملخصًا جامع ترمذي ج3 ص 329 حديث 1842) ﴿16﴾ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڪريءَ (۽ ٻڪر) جي گوشت ۾ ٻازو ۽ ڪلھو پسند ھو. (ملخصًا جامع ترمذي

ج3 ص 330 حديث 1842، 1844 ﴿17﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گردا (بُڪيون) (ڪائڻ) ناپسند فرمائيندا هئا جو اهي پيشاب جي ويجهو هوندا آهن (ملخصًا ڪنزالعمال ج 7 ص 41 حديث 18212) ﴿18﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تِري (ڪائڻ ڪان) نفرت هئي پر ان کي حرام قرار نہ ڏنائون. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 243) ﴿19﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ آڱرين سان ٿالهيءَ کي چٽيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ڪاڏي جي آخر ۾ برڪت گهڻي هوندي آهي (شعب الايمان ج5 ص 81 حديث 5854) ﴿20﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تازن ميون مان گدرو ۽ انگور گهڻو پسند هئا. (ملخصًا ڪنزالعمال ج7 ص 41 حديث 18200) ﴿21﴾ گدرو ماني ۽ ڳُڙ سان کائيندا هئا. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8ص 236) ﴿22﴾ ڪڏهن ڪڏهن تازين ڪارڪن سان (گدرو) کائيندا هئا. (ملخصًا جامع ترمذي ج 3 ص 332 حديث 1850) ﴿23﴾ ٻئي هٿ ڪم آڻيندا هئا هڪ ڀيري تازيون ڪارڪون ساڄي هٿ سان کائي رهيا هئا ۽ ککڙيون کاٻي هٿ ۾ رکي رهيا هئا، هڪ ٻڪري گذري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ککڙيءَ سان اشارو فرمايو، اها پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي کاٻي هٿ مان (ککڙيون) کائڻ لڳي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي هٿ سان کائي رهيا هئا، ايتري تائين جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فارغ ٿي ويا تہ اها بہ هلي وئي. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8 ص 237) ﴿24﴾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪچي ثوم، ڪچو بصر ۽ گندنا (هڪ بدبودار سبزي جيڪا ثوم سان مشابهت رکي ٿي) نہ کائيندا هئا. (ملخصًا تاريخ بغداد ج2 ص 262)

﴿25﴾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ڪنهن کاڌي کي بُرو نہ چيو جيڪڏهن سٺو لڳو تہ کائي ڇڏيائون ۽ پسند نہ آيو تہ هٿ مبارڪ روڪي ورتائون. (ملخصًا صحيح مسلم ص 1141 حديث 2064)

# ڪاڌي جا 92 مدني گل
## ڪاڌي جي نيت ڪري ڇڏيو

**مدينه 1** :**ڪاڌي** مان مقصد لذت حاصل ڪرڻ ۽ خواهش کي پورو ڪرڻ نه هجي بلڪ ڪائڻ وقت هي نِيَّت ڪريو ته ”مان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪائي رهيو آهيان. ياد رهي! ڪائڻ ۾ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نِيَّت انهيءَ صورت ۾ سچي ٿيندي جڏهن بُک کان گهٽ ڪائڻ جو به ارادو هجي نه ته هوند نيّت ئي ڪوڙي ٿي پوندي ڇو ته خوب پيٽ پري ڪائڻ سان عبادت جي لاءِ قوت حاصل ٿيڻ بدران اجان وڌيڪ سُستي پيدا ٿيندي آهي، ڪاڌي جي عظيم سنّت هي آهي ته بُک لڳل هجي جو بنا بُک جي ڪائڻ سان طاقت ته ڇا ايندي ويتر صحت خراب ۽ دل به سخت ٿي ويندي آهي، حضرت سيّدُنا شيخ ابو طالب مڪي رَحْمَةُاللہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته هڪ روايت ۾ آهي ته ” ڍؤ هئڻ جي حالت ۾ ڪائڻ ڪوڙهه پيدا ڪندو آهي“. (قوة القلوب ج2 ص 326 مرڪز اهلسنّت برڪات الرضا گجرات هند)

**مدينه 2** : **اهڙو** دسترخوان وڇايو جنهن تي ڪو حرف، لفظ، عبارت، شعر يا ڪمپني وغيره جو نالو سنڌي، اردو، انگريزي ڪنهن به زبان ۾ نه لکيل هجي.

**مدينه 3**: ڪاڌي ڪائڻ کان اڳ ۽ بعد ۾ ٻئي هٿ مُچن تائين ڌوئڻ سنّت آهي،گرڙيون ڪري وات جو اڳيون حصو ڌوئي ڇڏيو. پر ڪائڻ کان اڳ ڌوتل هٿ نه اگهو، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، ”ڪائڻ کان اڳ ۾ ۽ بعد ۾ وضو ڪرڻ (يعني هٿ منهن ڌوئڻ) رزق ۾

ڪشادگي آڻيندو ۽ شيطان کي پري ڪندو آهي.

(ڪنزالعمال ج 15 ص 106 حديث 40755)

**مدينه 4** : جيڪڏهن ڪاڌي جي لاءِ ڪنهن وات نہ ڌوتو تہ ائين نہ چئبو تہ ان سنّت ڇڏي ڏني. (ملخصًا از بهارِ شريعت حصو 16 ص 18 مدينة المرشد بريلي شريف هند)

**مدينه 5** :ڪائڻ وقت کابو پير وڇائي ڇڏيوءِساڄو گوڏو ايو ڪريو يا ويهڻ واري جڳهہ زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا ايا رکو يا گوڏا پيجي ويهو،تنهي مان جهڙي طرح بہ ويهندؤ سنّت ادا ٿي ويندي.

## پردي ۾ پردي جي عادت ٺاهيو

**مدينه 6** : اسلامي ڀائر هجن يا اسلامي ڀينرون سيئي چادر يا ڀِهراڻ جي دامن جي ذريعي پردي ۾ پردو ضرور ڪن نہ تہ جيڪڏهن ڪپڙا سوڙها هوندا ۽ ڀِهراڻ جو دامن ڪنيل هوندو تہ گهر ڀاتي وغيره بد نگاهيءَ جي گناهہ ۾ پئجي سگهن ٿا، جيڪڏهن ”پردي ۾ پردو ممڪن نہ هجي تہ گوڏا پيجي ويهو جو سنّت بہ ادا ٿي ويندي ۽ پاٽمرادو پردو بہ ٿي ويندو، ڪاڌي کان علاوه بہ ويهڻ ۾ پردي ۾ پردي جي عادت ٺاهيو.

**مدينه 7** : پلٿي هڻي ڪري ويهي ڪائڻ سنّت ناهي، ان سان پيٽ ٻاهر نڪرندو آهي.

**مدينه 8** : پهرئين گرهہ تي بِسْمِ اللّٰه ٻئي کان اڳ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰن ۽ ٽئين کان اڳ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهو. (احياءُ العلوم ج3 ص 6)

**مدينه 9** : بِسْمِ اللّٰه زور سان پڙهو تہ جيئن ٻين کي بہ ياد اچي وڃي.

**مدينه 10** : شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ هيءَ دعا پڙهي وجي، جيڪڏهن ڪاڌي پيتي ۾ زهر بہ هوندو تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اثر نہ ڪندو، دعا هي آهي.

بِسۡمِ اللهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ یَاحَیُّ یَاقَیُّوۡمُ

ترجمو: ”الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي، اي هميشہ زنده ۽ قائم رهڻ وارا.

**مدينه 11** : جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ الله پڙهڻ وسري وڃي تہ ڪاڌي جي وچ ۾ ياد اچڻ تي هيئن چئو: بِسۡمِ اللهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ **ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ڪاڌي جي شروعات ۽ پُڄاڻي.

## ڪائڻ وقت بہ الله جو ذڪر جاري رکو

**مدينه 12** : يَا وَاجِدُ جيڪو ڪاڌو ڪائڻ وقت هر گرهہ تي پڙهندو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهو ڪاڌو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري ختم ٿيندي.

**مدينه 13** : هر گرهہ کان اڳ ”الله “ يا ” بِسۡمِ الله “ چوندا وڃو تہ جيئن ڪاڌي جو حرص ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ کان غافل نہ ڪري سگهي، هر ٻن گرهن جي وچ ۾ اَلحَمدُلله، يَاوَاجِدُ ۽ بِسۡمِ الله چوندا رهو اهڙيءَ ريت هر گرهہ جي شروعات بِسۡمِ الله سان، وچ ۾ يَا وَاجِدُ ۽ گرهہ ختم ڪرڻ تي حمد (يعني اَلحَمدُلله) جي ترڪيب ٿي ويندي.

**مدينه 14**: نڪر جي ٽانوَ ۾ ڪائڻ افضل آهي جو ”جيڪو پنهنجي گهر ۾ نڪر جا ٽانوَ رکندو آهي، فرشتا ان گهر جي زيارت ڪرڻ ايندا آهن.

(ردالمحتار ج 9 ص 495)

**مدينه 15** : پاڃي يا چنٽيءَ جي پياليمانيءَ تي نہ رکو. (ايضًا 490)

**مدينه 16** : هٿ يا ڇُريءَ کي مانيءَ سان نہ اگهو. (ايضًا)

**مدينه 17** : زمين تي دسترخوان وڇائي ڪري کائڻ سنّت آهي، ٽيڪ لڳائي ڪري، مٿي اگهاڙو يا هڪ هٿ زمين تي رکي ڪري، جوتا پائي ڪري، ليٽي ڪري يا پلٽي هٽي ڪري نہ کائو.

**مدينه 18** : ماني جيڪڏهن دسترخوان تي اچي وئي تہ پاڃيءَ جو انتظار ڪرڻ بدران کائڻ شروع ڪري ڇڏيو. (ردالمحتار ج 9 ص 490)

**مدينه 19** :اوّل ۽ آخر لوڻ يا ڇهري (نمڪين) شيءِ کائو جو ان سان ستر بيماريون پري ٿينديون آهن. (ايضاًص 491)

**مدينه 20** : ماني هڪ هٿ سان نہ ٽوڙيو جو مغرورن جو طريقو آهي.

**مدينه 21** : ماني کابي هٿ ۾ پڪڙي ڪري ساڄي هٿ سان ٽوڙيو جو اها سنّت آهي، هٿ وڏائي ڪري ٿالھ يا پاڃيءَ جي ٿانوَ جي بلڪل وچ ۾ مٿي ڪري ماني ۾ ڊبل روٽي وغيره کي ٽُڪرا ڪرڻ جي عادت بڻايو، اهڙيءَ ريت مانيءَ جا ذرا پاڃيءَ ۾ ئي ڪِرندا. نہ تہ دسترخوان تي ڪري ضايع ٿي سگهن ٿا.

**مدينه 22** : ساڄي هٿ سان کائو، کابي هٿ سان کائڻ ، پيئڻ، ڏيڻ، وٺڻ شيطان جو طريقو آهي.

## ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت وجهو

**مدينه 23** : ٽن آڱرين يعني وچين، شهادت واري ۽ آڱوٺي سان کاڌو کائو جو اها انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي سنّت آهي، عادت بڻائڻ لاءِ

جيڪڏهن چاهيو تہ شروع ۾ ساجي هٿ جي ٻاچ (يعني چيچ جي پرسان واري آڱر) کي جهڪائي ڪري ان تي رٻڙ بينڊ چاڙهي ڇڏيو يا مانيءَ جو ٽڪر ڪٽي انهن ٻنهي آڱرين سان ٽِريءَ جي طرف دٻائي رکو يا ٻئي عمل هڪ ٻئي وقت ڪريو، جڏهن عادت پئجي ويندي تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ رٻڙ وغيره جي ضرورت نہ رهندي، حضرت سيّدنا ملا علي قاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی فرمائن ٿا، ”پنج آڱرين سان کائڻ حريصن جي نشاني آهي“ (مرقاة ج8 ص9) جيڪڏهن چانورن جا داڻا ڌار ڌار هجن ۽ ٽن آڱرين سان گرهہ ناهڻ ممڪن نہ هجي تہ چار يا پنج آڱرين سان کائي سگهجي ٿو.

## مانيءَ جو ڪنارو پَٽڻ

**مدينہ 24**: ماني جو ڪنارو پٽي ڪري ڇڏي ڏيڻ ۽ وچ وارو حصّو کائي ڇڏڻ اسراف آهي، ها جيڪڏهن ڪنارا ڪچا رهجي ويا آهن ۽ ان جي کائڻ سان نقصان ٿيندو تہ پٽي سگهجن ٿا اهڙيءَ ريت هي معلوم آهي تہ مانيءَ جا ڪنارا ٻيا ماڻهو کائيندا ۽ ضايع نہ ٿيندا تہ پٽي ڇڏڻ ۾ حرج ناهي، ساڳيو ئي حڪم انهيءَ جو بہ آهي جو ماني ۾ جيڪو حصّو قنديل آهي اهو کائي ٿو باقي کي ڇڏي ڏئي ٿو. (ملخص از بهارِشريعت حصو 16 ص 18، 19)

## ڏندن جو ڪم آنڊن کان نہ وٺو

**مدينہ 25** : گرهہ ننڍو ڪٽو ۽ ان احتياط سان تہ ٻَچ ٻَچ جو آواز پيدا نہ ٿئي ۽ چڱيءَ ريت چٻاڙي کائو جيڪڏهن چڱيءَ ريت چٻاڙڻ بنا ڳِهي ويندؤ تہ هضم ڪرڻ ۾ معدي کي سخت تڪليف ٿيندي، تنهن ڪري ڏندن جو (چٻاڙڻ وارو) ڪم آنڊن کان نہ وٺو.

**مدينہ 26** : جيستائين ٻڙيءَ مان هيٺ نہ لهي ٻئي گرهہ ڏانهن هٿ

وڏائڻ يا گرهه ڪٽڻ ڪاڏي جي حرص جي نشاني آهي.

**مدينه 27** : مانيءَ کي ڏندن سان پٽي ڪائڻ انتهائي بُرو ۽ بي برڪتيءَ جو سبب آهي، اهڙيءَ ريت بيٺي بيٺي ڪائڻ عيسائين جي پيروي آهي.

(سنّي بهشتي زيور ص565)

## ڪاڏو ڪائڻ مهل ميوا اڳ ۾ ڪائڻ گهرجن

**مدينه 28** : **اسان** وٽ ميوا آخر ۾ ڪائڻ جو رواج آهي، جڏهن تہ **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا تہ ” جيڪڏهن ميوا هجن تہ اڳ ۾ اهي پيش ڪيا وڃن جو طبي لحاظ کان انهن جو ڪائڻ وڌيڪ فائديمند آهي، اهي جلدي هضم ٿي ويندا آهن تنهنڪري انهن کي معدي جي هيٺين حصي ۾ هئڻ گهرجي ۽ قرآن پاڪ مان بہ ميون جي مقدّم (يعني اڳ ۾) هجڻ تي آگاهي حاصل ٿئي ٿي، جيئن تہ 27 هين سيپاري سُوۡرَةُ الۡوَاقِعَةِجي آيت نمبر 20،21 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ﴿٢٠﴾
وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢١﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ميوا جيڪي پسند ڪن ۽ پکين جو گوشت جيڪو چاهن.

(احياءُ العلوم ج2 ص 21)

**منهنجا** آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن روايت نقل ڪن ٿا تہ ”ڪاڏي کان اڳ ۾ هنداڻو ڪائڻ پيٽ کي خوب ڌوئي ڇڏيندو آهي ۽ بيماريءَ کي پاڙ کان ختم ڪري ڇڏيندو آهي.“

(فتاويٰ رضويه جديد ج5 ص 442)

## ڪاڌي مان عيب نہ ڪڍو

**مدينہ 29 : ڪاڌي** مان ڪنهن قسم جو عيب نہ ڪڍو، مثال طور هي نہ چئو تہ ٺيسٺي (مزيدار) ناهي، ڪچو آهي، لوڻ گهٽ اٿس، ڏاڍو تيز آهي يا ڦڪو آهي وغيره وغيره ، پسند هجي تہ کائو. نہ تہ هٿ روڪي ڇڏيو، ها پچائڻ واري کي مرچ مصالحي جي گهٽ وڌ ڪرڻ جي لاءِ هدايت ڏيڻي هجي تہ اڪيلائي ۾ سمجهائڻ ۾ حرج ناهي.

## ميون مان عيب ڪڍڻ وڏيڪ برو آهي

**مدينہ 30 : ميون** مان عيب ڪڍڻ انسان جي پڪايل ڪاڌي جي مقابلي ۾ وڌيڪ بُرو آهي جو ڪاڌو پچائڻ ۾ انساني هٿن جو وڌيڪ دخل آهي جڏهن تہ ميون جي معاملي ۾ ائين ناهي.

**مدينہ 31 : ڪاڌي** يا ڀاڄي وغيره جي وچ مان نہ کٽو جو وچ ۾ **بَرَڪت** نازل ٿيندي آهي.

**مدينہ 32 : پنهنجي** پاسي جي ڪناري کان کائو، هر طرف هٿ نہ هڻو.

**مدينہ 33 : جيڪڏهن** هڪ ٿالهہ ۾ مختلف قسمن جون شيون آهن تہ ٻئي پاسي کان بہ کڻي سگهو ٿا.

## ڪاڌو کائڻ مهل سُٺيون ڳالهيون ڪريو

**مدينہ 34 : ڪاڌو** کائڻ وقت سنو سمجهي ڪري چپ رهڻ ٻاهر جي پوڄارين جو طريقو آهي، ها ڳالهائڻ لاءِ دل نہ چاهيندي هجي تہ حرج ناهي، هونئن ئي فُضول ڳالهائڻ هرحال ۾ نا مناسب ئي آهي،

تنهنڪري ڪاڌو کائڻ مهل سنيون سنيون ڳالهيون ڪندا رهو، مثال طور جڏهن به گهر ۾ مِلي جُلي ڪري يا مهمانن وغيره سان کائي رهيا هجو ته کائڻ پيئڻ جون سنّتون بيان ڪريو، زهي نصيب! ڪاڌي جي هنن مدني گلن جون فوٽو ڪاپيون فريم ڪرائي يا پاني تي لڳائي ڪري ڪاڌي جي جڳهه تي لڳايون وڃن ۽ کائڻ مهل وقت بوقت پڙهي ڪري ٻُڌايون وڃن.

**مدينه 35** : **ڪاڌو** کائڻ مهل ان قسم جي گفتگو نه ڪريو جنهن سان ماڻهن کي نفرت اچي مثال طور دست، پيچش، الٽي وغيره جو تذڪرو.

**مدينه 36** : **ڪاڌو** کائڻ واري جا گرهه نه تاڙيو.

## سٺيون سٺيون ٻوٽيون ايثار ڪريو

**مدينه 37**: **ڪاڌي** ۾ سنيون سنيون ٻوٽيون ڪدي رکڻ يا گڏجي کائي رهيا آهيو ته ان لاءِ وڏا وڏا گرهه ڪٽي ڪري جلدي جلدي کائڻ ته ڪٿي مان نه رهجي وڃان يا پنهنجي پاسي کان گهڻو ڪاڌو گڏ ڪري ڇڏڻ، مطلب ته ڪنهن به طريقي سان ٻين کي محروم ڪرڻ، اهو ڏسڻ وارن کي بدظن ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اهو بي مُرُوّتن ۽ حريصن جو طريقو آهي، سٺيون شيون پنهنجي اسلامي ڀائرن يا گهر وارن جي لاءِ ايثار جي نيّت سان ڇڏي ڏيندو ته اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب ماڻيندو، جيئن شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان بخشش نشان آهي ته "جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي پر ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ٻين تي) اهميت ڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي".

(اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 779)

## ڪِري پيل داڻا ڪائڻ جا فضائل

**ڪائڻ** مهل جيڪڏهن ڪو داڻو يا گرهه وغيره ڪِري پوي تہ ڪڻي صاف ڪري ڪائي ڇڏيو جو **مغفرت** جي بِشارت (يعني خوشخبري) آهي. **حديث** پاڪ ۾ آهي، ”جيڪو ڪاڌي جا ڪِري پيل ٽڪرا ڪڻي ڪائي تہ اهو خوشحاليءَ جي زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ۾ ڪم عقلي کان حفاظت ٿيندي آهي“. **(ڪنزالعمال ج15 ص111 حديث40815)**

**حجة الاسلام** حضرت سيِّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل فرمائن ٿا تہ مانيءَ جي ڪريل ٽڪرن ۽ ذرن کي چونڊي ونو، اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ خوشحالي نصيب ٿيندي، بارصحيح سلامت ۽ بي عيب ٿيندا ۽ اهي ٽڪرا حورن جو **مهر** بڻبا“. **(احياءُ العلوم ج2 ص 7)**

**ڪِري** پيل ماني کي ڪڻي ڪري ڇُمڻ جائز آهي. **دسترخوان** تي جيڪي داڻا وغيره ڪِري پون انهن کي ڪڪڙين، جهرڪين، ڳئون يا ٻڪري وغيره کي کارائي ڇڏڻ جائز آهي يا اهڙي جڳهہ تي احتياط سان رکو جو ڪِوليون ڪائين.

## ڪاڌي ۾ ڦوڪ هڻڻ منع آهي

**مدينہ 43 : ڪاڌي** ۽ چانهہ وغيره کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ڦوڪ نہ هڻو جو بي برڪتي ٿيندي، گهڻو گرم ڪاڌو نہ ڪائو، ڪائڻ جي قابل ٿي وڃڻ جو انتظار فرمايو. **(ملخصًا ردالمحتار ج9 ص 491)**

**مدينہ 44 : ڪاڌو** ڪائڻ مهل بہ ساڄي هٿ سان پاڻي پيئو، ائين نہ ٿئي جو هٿ ٿڪيا هجڻ سبب کابي هٿ ۾ گلاس پڪڙي ساڄي هٿ جي آڱر ملائي ڪري دل کي مڃائي ونو تہ ساڄي هٿ سان پي رهيو آهيان!

## پاڻي چوسي ڪري پيئڻ سکو

**مدينه 45 :** پاڻي هجي يا ڪو بہ مشروب هميشہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري ننڍا ننڍا ڍڪ پرڻ گهرجن پر چوسڻ ۾ آواز پيدا نہ ٿئي، پاڻي هجي يا ڪو ٻيو مشروب وڏا وڏا ڍڪ پري پيئڻ سان **جگر جي بيماري** پيدا ٿيندي آهي، آخر ۾ اَلحَمدُلله چئو. افسوس! چوسي ڪري پيئڻ واري سنّت تي هاڻي شايد ئي ڪو عمل ڪندو هجي. براءِ مهرباني! ان جي لاءِ مَشّقَ ڪريو ۽ ان سنّت کي اختيار ڪريو.

**مدينه 46 :** **جڏهن** ڪجهہ بُک باقي رهجي وڃي تہ کائڻ ڇڏي ڏيو.

## لذت صرف زبان جي پاڙ تائين آهي

**مدينه 47 :** **پيٽ** ڀري کائڻ سنّت ناهي، گهٽو کائڻ لاءِ دل چوي تہ پنهنجو پاڻ کي هيئن سمجهايو تہ صرف زبان جي چوٽيءَ کان پاڙ تائين لذت رهندي آهي، نڙي ۾ پهچندي ئي لذت ختم ٿي ويندي آهي، تہ هڪ گهڙيءَ جي ذائقي جي خاطر سنّت جو ثواب ڇڏي ڏيڻ عقلمندي ناهي ويتر گهٽو کائڻ سان عضوا ساڻان تي پوندا، عبادت ۾ سُستي رهندي، معدو خراب ٿيندو آهي ۽ ڪيترن کي توله تي پوندي آهي، قبض،گيس، شگر ۽ دل وغيره جي بيمارين جو امڪان وڌي ويندو آهي.

**مدينه 48 :** **فارغ** ٿيڻ کان پوءِ پهريان وچين پوءِ شهادت واري ۽ آخر ۾ آڱوٺو تي تي ڀيرا چٽيو، "سرڪارِمدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪاڏي کان پوءِ مبارڪ آڱرين کي ٽي ڀيرا چٽيندا هئا.

(شمائل ترمذي ص 61 حديث 138)

## ٿانءُ چٽي چڏيو

**مدينه 49** : **ٿانءُ** بہ چٽي چڏيو، حديثِ پاڪ ۾ آهي،” ڪاڌي ڪانپوءِ جيڪو شخص ٿانءُ چٽيندو آهي تہ اهو ٿانءُ ان جي لاءِ دعا ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، الله تعاليٰ توکي جهنم جي باهہ کان **آزاد** ڪري جيئن تو مون کي **شيطان** کان آزاد ڪيو.“ (ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40822) ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ٿانءُ ان جي لاءِ **استغفار** ڪندو آهي. (سنّن ابي ماجه ج4 ص 14 حديث 3271)

**مدينه 50** :**جنهن** ٿانوَ ۾ ڪاڌؤ ان کي چٽڻ کان پوءِ ڌوئي ڪري پي چڏيو اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو. (احياءُ العلوم ج 2ص7)

## ڌوئي ڪري پيئڻ جو طريقو

**مدينه 51** : **چٽڻ** ۽ ڌوئڻ ان وقت چوَرائيندو جڏهن غذا جو ڪو جزو ۽ رس جو اثر وغيره باقي نہ رهي، تنهنڪري ٿورو پاڻي وجهي ٿانوَ جي متئين ڪناري کان وني هيٺ تائين هر طرف آڱر وغيره سان چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري پيئڻ گهرجي، بہ يا ٽي ڀيرا اهڙي طرح ڌوئي ڪري پيئندو تہ اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ ٿانءُ خوب صاف ٿي ويندو.

**مدينه 52** : **پيئڻ** ڪانپوءِ پليٽ يا ٿالهہ ۾ معمولي بچيل پاڻيءَ بہ آڱر سان گڏ ڪري پي چڏڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي جو مصالحي جو ڪو ذرو ئي ڪٽي چنبڙيل رهجي وڃي ۽ انهيءَ مان برڪت هلي وڃي جو حديثِ پاڪ ۾ هي بہ آهي تہ ” توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ ڪاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي“. (صحيح مسلم ص 11123 حديث 1023)

**مدينه 53 : پاڇيءَ** جي رس لڳل وَٽي، چمچي ۽ پڻ چانهه لسي، ميون جو رس (JUICES) شربت ۽ ٻين مشروبات لڳل پيالن، گلاسن، جڳ وغيره کي ڌوئي، پِي ڪري ۽ اهڙيءَ ريت صاف ڪري ڇڏيو جو ڪاڏي جو ڪو ذرو يا اثر باقي نه رهي ۽ ائين خوب برڪتون لُٽيو.

**مدينه 54 : گلاس** ۾ بچيل مسلمانن جي صاف ستري اوبر واري پاڻيءَ کي استعمال جي قابل هئڻ جي باوجود هَرويرو اُڇلائي ضايع ڪرڻ اسراف آهي ۽ اسراف حرام آهي. (ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص 567)

**مدينه 55 : آخر** ۾ اَلحَمدُلِلّٰه چئو، اول ۽ آخر ماثور (يعني قرآن ۽ حديث جون) دعائون به ياد هجن ته پڙهو.

**مدينه 56 : صابڻ** سان چڱيءَ طرح هٿ ڌوئي ڇڏيو ته جيئن بوءِ ۽ سٽپ ختم ٿي وڃي.

## کائڻ کانپوءِ مسح کرڻ سنت آهي

**مدينه 57 : حديثِ پاڪ** ۾ هي به آهي ته”(کاڌي کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ) سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هٿ ڌوتا ۽ هٿن جي آلاڻ سان چهري مبارڪ، ڪراين مبارڪن ۽ مٿي مبارڪ تي مسح ڪيائون ۽ پنهنجي پياري صحابيءَ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايائون، ”عِڪراش! جنهن شيءِ کي باهه ڇهيو (يعني جيڪا شيءِ باهه سان پچايل هجي) ان جي کائڻ کان پوءِ هي **وضو** آهي.“ (ترمذي شريف ج 3 ص 335حديث 1855)

**مدينه 58 : کاڌي** کان پوءِ ڏندن جو **خِلال** ڪرڻ (ڏند کوٽڻ) سنّت آهي.

# پويان گناهه معاف

**مدينه 59** : **حضور** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو شخص کاڌو کائي ۽ هي لفظ چوي تہ ان جا پويان تمام **گناهہ مُعاف** ڪيا ويندا آهن، دعا جا لفظ هي آهن:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ اَطۡعَمَنِيۡ هٰذَا وَرَزَقَنِيۡهِ مِنۡ غَيۡرِ حَوۡلٍ مِّنِّيۡ وَلَا قُوَّةٍ

(ترمذي شريف ج 5 ص 284)

ترجمو: تمام خوبيون الله تعاليٰ جي لاءِ آهن جنهن مونکي هي کاڌو کارايو ۽ منهنجي ڪنهن مهارت ۽ قوت جي بغير مونکي هي رزق عطا فرمايو.

**مدينه 60** : **ڪاڌي** کان پوءِ هيءَ دعا بہ پڙهو:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ اَطۡعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسۡلِمِيۡنَ

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن اسان کي کارايو، پياريو ۽ اسان کي مسلمان بڻايو. **(ابوداود ج 3 ص 513 حديث 3850)**

**مدينه 61** : **جيڪڏهن** ڪنهن کارايو هجي تہ هيءَ دعا بہ پڙهو.

**(صحيح مسلم ص 136حديث 2055)**

اَللّٰهُمَّ اَطۡعِمۡ مَنۡ اَطۡعَمَنِيۡ وَاسۡقِ مَنۡ سَقَانِيۡ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي کاراءِ جنهن مون کي کارايو ۽ ان کي پيئار جنهن مونکي پيئاريو.

**مدينه 62** : ڪاڌي کان پوءِ هيءَ دعا بہ پڙهو:

اَللّٰھُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَاَطْعِمْنَا خَيْرًا مِّنْهُ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي لاءِ هن کاڌي ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان کان بهتر کاڌو اسانکي کاراءِ. (ابوداود شريف ج3 ص475 حديث 3730)

**مدينه 63** : کير پيئڻ کان پوءِ هيءُ دعا پڙهو.

اَللّٰھُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي لاءِ هن ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي هن کان وڌيڪ عطا فرماءِ.

**مدينه 64** :سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حلوو، ماکي، سُرڪو، ڪارڪون، هنداڻو، ونگي ۽ ڪدو شريف تمام گهڻو پسند هئا.

**مدينه 65** : الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻاڪري گوشت ۾ دستي (يعني ٻانهن وارو حصو)، ڪنڌو ۽ چيلهه جو گوشت پسند هو.

**مدينه 66** : آقاءِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن ڪارڪون ۽ هنداڻو يا ڪارڪون ۽ ونگي يا ڪارڪون ۽ ماني ملائي ڪري کائيندا هئا.

**مدينه 67** : ڳُڙ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پسند هئي.

**مدينه 68** : ثريد (ڪُٽي) يعني ڀاڄيءَ جي رس ۾ ڀِڳل مانيءَ جا ٽڪرا سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏاڍو پسند هئا.

**مدينه 69** : هڪ آڱر سان کائڻ شيطان جو ۽ ٻن آڱرين سان کائڻ مغرورن جو طريقو آهي ٽن آڱرين سان کائڻ انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنّت آهي.

## ڪيترو کائجي؟

**مدينه 70** : بُک جا ٽي حصا ڪرڻ بهتر آهي. هڪ حصو کاڌو، هڪ

حصو پاڻي ۽ هڪ حصو هوا. مثلاً ٽن مانين ۾ پيٽ پرجي وڃي ٿو تہ هڪ ماني کائو، هڪ ماني جيترو پاڻي ۽ باقي هوا جي لاءِ خالي ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن ڍَوَ ڪري بہ کاڌو تہ مباح (يعني جائز) آهي ڪو گناهہ ناهي، پر گهٽ کائڻ جون ديني ۽ دنياوي برڪتون مرحبا! تجربو ڪري ڏسو، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پيٽ اهڙو صحيح ٿي ويندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ، الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي پيٽ جو قفلِ مدينہ نصيب فرمائي، يعني حرام کان بچڻ ۽ حلال کاڌو بہ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ کان بچائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قيلولو سنت آهي

**مدينہ 71** : ٻيپهريءَ جي کاڌي کانپوءِ قيلولو ڪريو جو ٻيپهريءَ جي وقت ليٽڻ کي **قيلولو** چوندا آهن ۽ هي خاص طور تي رات جو عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ سنّت آهي جو ان سان رات جي عبادت ۾ آساني ٿي پوندي آهي، شام جو کاڌي کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ **150** قدم پنڌ ڪيو، شام جي کاڌي کانپوءِ مطلقًا (يعني اصل ۾) گهمڻ بهتر آهي، اهو ڏيڍ سئو قدمن جو قول طبيبن جو آهي.

**مدينہ 72** : **کاڌي** کان پوءِ اَلحَمدُلله ضرور چئو.

**مدينہ 73** : دستر خوان کڄڻ کان اڳ ۾ نہ اُٿو.

**مدينہ 74** : **کائڻ** کان پوءِ هٿ چڱيءَ طرح ڌوئي ڪري اگهي ڇڏيو. صابڻ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا.

**مدينہ 75** : **ڪاغذ** سان هٿ صاف ڪرڻ جي منع آهي.

**مدينہ 76** : **ٽوال** سان هٿ اگهي سگهو ٿا، پاتل ڪپڙي سان هٿ نہ اگهو.

## برڪت وڃائڻ وارا ڪم

**مدينه 77 : خليل العلماء** حضرت مفتي محمّد خليل خان برڪاتي رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا،” ڪاڌو جنهن ٿانوَ ۾ ڪاڌو آهي، ان ۾ هٿ ڌوئڻ يا هٿ ڌوئي ڪري پهراڻ جي دامن يا ڳوڏ يا پَلَئُ سان اگهڻ برڪت کي وڃائي ڇڏيندو آهي“. (ملخصًا سنّي بهشتي زيور ص578)

**مدينه 78 : ڪاڌو ڪائڻ** کان پوءِ سخت ورزش ڪرڻ يا گهٽي وزني شيءِ کي کڻڻ يا کُهلڻ وغيره جهڙن سخت محنت واري ڪمن سان ڇِنُ پوڻ، اپينڊڪس (آنڊي تي سوڄ) تي وڃڻ يا پيٽ وڌي وڃڻ جون بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

**مدينه 79 : ڪاڌو ڪائڻ** کانپوءِ اَلۡحَمۡدُللهِ عَزَّوَجَلّ بلند آواز سان ان وقت چئو جڏهن سڀ ڪاڌي کان واندا ٿي ويا هجن، نه ته آهستي چئو. (ردالمحتار ج 9 ص490) ڪائڻ کانپوءِ دعائون به ان وقت پڙهايون وڃن جڏهن هر ماڻهو واندو ٿي چُڪو هجي، نه ته جيڪو ڪائي رهيو آهي اهو لڄي ٿيندو.

## ڪنهن جي وڻ جو ميوو ڪائڻ ڪيئن آهي؟

**مدينه 80 : باغ** ۾ پهتؤ اتي ميوا ڪِريل آهن ته جيستائين باغ جي مالڪ جي اجازت نه هجي تيستائين ميوا نٿا ڪائي سگهو، ۽ اجازت ٻنهي طريقن سان ٿي سگهي ٿي يا صراحتًا (واضح طور تي) اجازت هجي مثلًا مالڪ چئي ڇڏيو ته ڪِريل ميوا ڪائي سگهو ٿا يا دلالةً (عام طور تي) اجازت هجي يعني اتي اهڙو عُرف (يعني رواج) ۽ عادت هجي جو باغ وارا ڪِريل ميون کان ماڻهن کي نه روڪيندا هجن. ان

ڪانسواءِ وڻن مان ميوا پٽي ڪري کائڻ جي اجازت ناهي پر جڏهن ته ميون جي گهٽائي هجي ۽ پڪ هجي ته پٽي ڪري کائڻ سان مالڪ ناراض نه ٿيندو تڏهن پٽي ڪري به کائي سگهو ٿا، پر ڪنهن به صورت ۾ اها اجازت ناهي ته اتان ميوا ڪٽي اچي. (عالمگيري ملخصًا ج5 ص229) انهن سيني صورتن ۾ عرف ۽ عادت جو لحاظ آهي ۽ جيڪڏهن عرف ۽ عادت (يعني رواج) نه هجي يا خبر هجي ته مالڪ ناراض ٿيندو ته ڪِريل ميوا به کائڻ جائز ناهن.

## بنا پڇڻ جي کائڻ ڪيئن آهي؟

**مدينه 81** : دوست جي گهر ويڙ ڪا شيءِ پڪل ملي سا پاڻ ڪٽي کاڌي يا ان جي باغ ۾ ويڙ ۽ ميوا پٽي کاڌؤ جيڪڏهن پڪ آهي ته هو ناراض نه ٿيندو ته کائڻ جائز آهي پر هتي چڱيءَ طرح غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، اڪثر ائين به ٿيندو آهي جو ڪو سمجهندو آهي ته ناراض نه ٿيندو، جڏهن ته مالڪ ناراض ٿيندو آهي. (عالمگيري ملخصًا ج 5 ص 229)

**مدينه 82** : **ڪُنل** جانور جو"حرام مغز" کائڻ ممنوع آهي تنهن ڪري پچائڻ وقت ڪنڌ چاپ ۽ پُنيءَ جي ڪرنگهي جي هڏيءَ جي گوشت کي چڱيءَ طرح ڏسي ڪري حرام مغز الڳ ڪري ڇڏيو.

**مدينه 83** : **ڪڪڙ** جو حرام مغز سنهڙو هوندو آهي ۽ ان کي ڪڍڻ مشڪل آهي تنهنڪري پچائڻ ۾ رهجي وڃي ته ڪو حرج ناهي ، پر کاڌو نه وڃي، اهڙي طرح ڪڪڙ جي ڪنڌ جون مشڪون ۽ ڪاري ڏوريءَ جهڙيون رت جون رڳون به نه کائو.

**مدينه 84** : **ڪُنل** جانور جا ”غُدُود“ (ماس جي اندر پيدا ٿيل ڳوڙهي) کائڻ مڪروهِ تحريمي آهي، تنهنڪري پچائڻ کان اڳ ۾ ئي ان کي ڪڍي ڇڏيو.

## ڪڪڙ جي دل

**مدينه 85** : **ڪڪڙ** جي دل اڇلائڻ نہ گهرجي. ان کي ڊيگهہ ۾ چار چير ڏئي ڪري يا جيئن بہ ممڪن هجي چيري ڪري ان مان رت چڱي طرح صاف ڪري پوءِ پاڇيءَ ۾ وجهو.

## رت جون پڪل رڳون نہ کائو

**مدينه 86** : **ڪُنل** جانور جي اندر جيڪو رت رهجي ويو اهو پاڪ آهي پر ان رت کي کائڻ ممنوع آهي تنهن ڪري گوشت جا اهي حصا جن ۾ عام طور تي رت رهجي ويندو آهي، انهن کي چڱيءَ طرح ڌسي ڇڏيو، مثلاً ڪڪڙ جي ڪنڌ، پرن ۽ ٽنگن وغيره جي اندران ڪاريون ڌوريون ڪڍي ڇڏيندا ڪريو جو اهي رت جون رڳون هونديون آهن، رت پچڻ کان پوءِ ڪارو ٿي ويندو آهي.

## ”بِسۡمِ اللّٰه ڪيو“ چوڻ سخت ممنوع آهي

**مدينه 87** : **هڪ** شخص کاڌو کائي رهيو آهي تہ ٻيو آيو، پهرئين ان ٻئي کي چيو، ”اچو کاڌو کائو“ ٻئي چيو، ”بِسۡمِ اللّٰه ڪيو!“ هي تمام سخت ممنوع آهي، اهڙي موقعي تي دعائيہ الفاظ چوڻ گهرجن مثال طور چوي، ”الله برڪت ڏئي“ (ملخصًا از بهار شريعت حصو16ص32)

## خراب ٿي ويل گوشت کائڻ حرام آهي

**مدينہ 88** : **گوشت** خراب ٿي ويو تہ ان جو کائڻ حرام آهي، اهڙي طرح جيڪو کاڌو خراب ٿي ويندو آهي، اهو بہ نہ تو کائي سگهجي، خراب ٿي وڃڻ جي نشاني هيءَ آهي تہ ان ۾ سينور، بدبوءِ يا کٽي بوءِ پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن رس هجي تہ ان ۾ جهڳ بہ اچي ويندي آهي، داليون، ڪِڇڙو ۽ کٽائي واري ڀاڄي جلدي خراب ٿي ويندي آهي.

## ثابت ساوا مرچ

**مدينہ 89** : **ڪاڌي** جي اندر پڪل ثابت ساوا يا ڳاڙها مرچ کائڻ وقت اڇلائي ڇڏڻ بدران ممڪن هجي تہ پهريان ڪان چونڊي الڳ ڪري ڇڏيو ۽ پيهي ڪري بيهر ڪم ۾ آڻيو. اهڙيءَ طرح پڪل گرم مصالحا بہ جيڪڏهن استعمال جي قابل هجن تہ ضايع نہ ڪريو.

## ٻچيل مانين جو ڇا ڪجي؟

**مدينہ 90** : **ٻچيل** ماني ۽ رس وغيره اڇلائي ڇڏڻ اسراف آهي، ڪڪڙ، ٻڪري يا ڳئون وغيره کي کارائي ڇڏيو، ڪجهہ ڏينهن جي ٻچيل مانين جا ٽڪرا ڪري رس ۾ پچائي ڇڏيو. اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ بهترين کاڌو ٻڻجي ويندو.

## ڪيڪڙو ۽ گانگٽ کائڻ ڪيئن آهي؟

**مدينہ 91** : **مڇيءَ** کانسواءِ درياهہ جو هر جانور حرام آهي، جيڪا مڇي بنا مارڻ جي پاڻ ئي مري ڪري پاڻيءَ ۾ اونڌي ترڻ لڳي اها حرام

آهي، ڪيڪڙو کائڻ به حرام آهي، گانگٽ ۾ اختلاف آهي کائڻ جائز آهي پر بچڻ بهتر آهي.

**مدينه 92** : ماڪڙ مئل بہ حلال آهي، ماڪڙ ۽ مڇي بنئي، بغير ذبح ڪرڻ جي حلال آهن.

**يا ربِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي مغفرت فرماءِ، اسان کي ايترا پيرا ”آداب طعام“ جو مطالعو ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ جو ڪاڏي جون سنّتون ۽ آداب ياد ٿي وڃن ۽ اسان کي انهن تي عمل ڪرڻ جي بہ توفيق عنايت فرماءِ.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# جنات جي غذائن جو بيان

## درود شريف جي فضيلت

**پنهنجي** جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جيڪو مون تي **جمعي** جي ڏينهن ۽ رات سؤ ڀيرا درود شريف پڙهي **الله تعالى** ان جون سؤ گهرجون پوريون فرمائيندو، ستر آخرت جون ۽ ٽيهه دنيا جون.

(**كنزالعُمال** ج1 ص 256 **الحديث** 2239)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنات جو وفد بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم ۾

**حضرتِ** سيّدُنا **عبدالله** ابنِ مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ جنّات جو هڪ وفد حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿيو، ”توهان جي امت **هڏي، ڇيڻي** ۽ **ڪوئلي** سان استنجا نه ڪري ڇوته **الله تعالى** ان ۾ اسان جو رزق مقرر فرمايو آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (امت کي) ان کان منع فرمائي ڇڏيو.“

**ابو داود** ج 1 ص 48 **حديث**39)

## جنات انسانن کان نَوَ ڀيرا گھڻا آهن

منا منا اسلامي ڀائرو! جِنّ الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ مخلوق آهن جنهن کي باهه مان پيدا ڪيو ويو آهي، اهي کائيندا پيئندا آهن ۽ نڪاح به ڪندا آهن، انسانن جي مقابلي ۾ انهن جو تعداد نو ڀيرا وڌيڪ آهي. حضرت سيِّدُنا عَمرو بِڪالي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته” **جڏهن انسان جو هڪ ٻار پيدا ٿيندو آهي ته جنّات وٽ نو ٻار پيدا ٿيندا آهن**“.

(جامع البيان ج 9 ص 85 حديث 24803)

## مسلمان جي دسترخوان تي جِنات

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي الشافعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ تابعي بزرگ کان نقل فرمائن ٿا ته ” **سيني مسلمانن جي گھرن جي ڇتين تي مسلمان جِنّات رهندا آهن**. جڏهن ٻيپهري ۽ رات جو دسترخوان لڳايو ويندو آهي يعني گھر ياتي کاڌو کائيندا آهن ته جِنّات به ڇتين تان لهي ايندا آهن ۽ گڏ ويهي کائڻ لڳندا آهن! انهن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ شرير جِنّات کي ڀڄائي ڇڏيندو آهي.

(لقط المرجان في احکام الجان للسيو طي ص44)

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم سان نانگ جي سرگوشي

حضرتِ سيِّدُنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته ” آءُ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر هئس ته اوچتو هڪ نانگ آيو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاسي مبارڪ ۾ ويهي رهيو، پوءِ ان پنهنجو وات حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم،

رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪن مبارڪ جي پرسان ڪري
ڇڏيو جڻ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سرگوشي ڪرڻ لڳو. (يعني ڪن ۾
ڳالهائڻ لڳو) تہ نبيّ ڪريم، رؤفُ رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو،
”ها نيڪ آهي.“ پوءِ اهو **نانگ** واپس هليو ويو. مون حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ
تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پُڇيو؟ تہ سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
مون کي خبر ڏني تہ اهو **جِنّات** جو هڪ فرد هو ۽ اهو هي چئي ويو
آهي تہ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت کي حڪم فرمائي ڇڏيو تہ
اهي **چيڻن** ۽ پُريل **هڏيءَ** سان استنجا نہ ڪندا ڪن، ان لاءِ جو الله تعالى
ان ۾ اسان جو رزق بڻايو آهي.

(لقط المرجان في احكام الجان ص 46)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ
تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ جِنّات بہ فرياد آڻيندا آهن ۽ هي
بہ خبر پئي تہ هڏي ۽ ڇيڻو جنّات جي غذا آهي. اسان جي لاءِ هڏي،
ڇيڻو ۽ ڪوئلي سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي. انهيءَ ضمن ۾ هڪ
ٻي **حڪايت** ملاحظ ٿئي. جيئن تہ

## ڪاري رنگ جا ماڻهو

حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، هجرت
کان اڳ ۾ هڪ ڀيري سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪّہءِ مڪرّمه
زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي پسگردائيءَ ۾ تشريف کڻي ويا، اتي حُضُورِ
پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي لاءِ هڪ ليڪ ڪڍي ۽ فرمايائون،
جيستائين مان توهان وٽ نہ اچان توهان ڪنهن سان گفتگو نہ

ڪجو. پوءِ فرمايائون ڪا شيءِ ڏسي ڪري گهبرائجو بہ نہ، پوءِ ٿورڙو اڳتي وڌي ڪري ويهي رهيا، اوچتو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ **ڪاري رنگ جا ماڻهو** آيا جڻ اهي ماڻهو زنگي (يعني حبشي) آهن ۽ اهي ماڻهو ان شڪل سان جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ”پوءِ قريب هو جو اُهي جن ان تي انبوہ ڪري مڙي وڃن.“
(پاره 29 سورتہ جن آيت 19)

پوءِ اهي حضورِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽان وڃڻ لڳا تہ مون انهن کان ٻُڌو اهي عرض ڪري رهيا هئا، **يا رسول الله!** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جو گهر تمام پري آهي، هاڻي اسان وڃون ٿا، توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي زادِ سفر (يعني سفر ۾ استعمال لاءِ ڪجهه) عنايت فرمايو. سلطانِ اِنس وجان، رَحمتِ عالميان، سَرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”**جيڪو** توهان جي غذا آهي ۽ توهان جنهن **هڏيءَ** وٽ ويندؤ ان تي توهان جي لاءِ گوشت هوندو ۽ جنهن **جيڪي** ڏانهن ويندؤ اهو توهان جي لاءِ ڪارڪ ٻڻجي ويندو“. جڏهن اهي ماڻهو واپس هليا ويا تہ مون حضورِاقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو، اهي ڪير هئا؟ **حُضُور رَحمة للعٰلمين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اهي نصيبين شهر جا **جِنّات** هئا.

**(لقط المرجان في احڪام الجان ص 47)**

شَہَنشاہ و گدا جِنّ و بَشَر اور اولیاءُ اللہ
ہے سب کا تیرے ٹکڑوں پر گزارا یارسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنات ليمي کان گهبرائيندا آهن

قاضي علي بن حَسَن خلعي جي ”سوانح حيات “ ۾ آهي تہ وٽن جِنّات ايندا رهندا هئا. هڪ ڀيري وڏي عرصي تائين نہ آيا، تہ قاضي صاحب انهن کان ان جو سبب پُڇيو تہ جِنّن ٻُڌايو تہ **توهان جي گهر ۾ ليمو هو ۽ اسان اهڙي گهر ۾ ناهيون ايندا جنهن ۾ ليمو هوندو آهي.** (ايضاً ص 103)

## جنات اڇي ڪڪڙ کان ڊڄندا آهن

ﭘ ارشاداتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿1﴾ **اڇو ڪُڪڙ** (يعني ٻانگو) رکندا ڪريو ڇو تہ جنهن گهر ۾ **اڇو ڪڪڙ** هوندو تہ، نہ شيطان ان گهر جي ويجهو ايندو ۽ نہ جادوگر انهن گهرن جي ويجهو ايندو جيڪي ان گهر جي آس پاس آهن. (المعجم الاوسط ج1 ص 1201 حديث 677)

﴿2﴾ **اڇي ڪڪڙ** (يعني ٻانگي) کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو ڇو تہ اهو منهنجو دوست آهي ۽ مان ان جو دوست آهيان ۽ ان جو دشمن منهنجو دشمن آهي، جيتري تائين ان جو آواز پهچندو آهي اهو **جِنّات** کي پري ڪندو آهي. (لقط المرجان في احكام الجان ص 165)

## جنات جي جانورن جي خوراڪ

**جنّات** جي قوم جا وفد جيڪي حضورِ اکرم نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ محترم ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي جانورن جي لاءِ خوراڪ طلب ڪيائون، ڪين فرمايائون، توهان جي لاءِ **هڏي** آهي جنهن تي الله عَزَّوَجَلَّ جو پاڪ نالو

ورتو وجي  يعني حلال مُزَڪيٰ (يعني پاڪ) جانور جي هڏي هجي اها توهان جي هٿ ۾ ان حال ۾ هوندي جيئن ان وقت هئي جڏهن ان تي گوشت پورو ۽ ڪامل هو (يعني گوشت لٿل هڏي توهان کي گوشت سميت ملندي) ۽ هر ڦولڙي توهان جي چوپاين جي لاءِ خوراڪ آهي ۽ پوءِ انسانن کي ارشاد فرمايائون، **هڏي ۽ ڦولڙي** سان استنجا نه ڪريو جو اهي توهان جي ڀائرن (مسلمان جنّات) جي خوراڪ آهي.

(صحيح مسلم ص 236حديث 450)

## جنات اغوا ڪندا آهن!

**هڪ** انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سومهڻيءَ جي نماز جي لاءِ گهر کان نڪتا ته ڪين **جِنّات اغوا** ڪري ورتو ۽ ڪيترن ئي سالن تائين غائب رکيو ، پوءِ اهي مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا ۾ تشريف ڪٺي آيا ته امير المؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪانئن ان سلسلي ۾ پُڇيو. پاڻ ٻُڌايائون ته مون کي **جنّات** پڪڙي ڪٺي ويا هئا ۽ مان هڪ عرصي تائين انهن وٽ رهيس. ان ڪانپوءِ **مسلمان جنّات** (انهن جنّن سان) جهاد ڪيوءِ انهن مان بيشمار ماڻهن سان گڏ مون کي به قيد ڪري ڇڏيائون، **مسلمان جنّات** پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته هي انسان مسلمان آهي هن کي قيد ڪرڻ مناسب ناهي، پوءِ انهن مون کي اختيار ڏنو ته چاهي مان انهن وٽ ترسان يا پنهنجي اهل و عيال وٽ واپس هليو وڃان، مون گهر اچڻ کي اختيار ڪيو ته اهي **جنّات** مونکي مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا وني آيا، امير المؤمنين حضرتِ سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهن جي غذائن جي

باري ۾ پُڇيو تہ ان انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو اهي **لوبيا** (يعني رانهن يا هڪ قسم جون ڦريون جيڪي ڀاڄيءَ وانگر رڌجن) **کائيندا آهن** ۽ اهي شيون جن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو ناهي ورتو ويندو. (مثال طور بغير بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي کاڌي ويندڙ غذا) پوءِ حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ انهن جي پيئڻ جي باري ۾ پُڇيو تہ ٻُڌايائون **جدف** (حياة الحيوان الكبرٰي ج 1 ص 295) جدف مان مُراد يا تہ اهو يمني گاهہ آهي جنهن جي کائڻ واري کي پاڻيءَ جي محتاجي ناهي رهندي، يا ان مان مُراد پاڻيءَ وغيره جو اهو ٿانءُ آهي جنهن کي ڍڪي نہ رکيو وڃي.

(النهاية في غريب الحديث والاثر ج 1 ص240)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنات ءِ جادو کان حفاظت جي لاءِ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان ڪافر جنّات جون مختلف غذائون سامهون آيون يعني اهي **لوبيا** بہ کائيندا آهن ۽ جن کاڌن تي بِسۡمِ اللّٰه ناهي پڙهي ويندي انهن کي بہ استعمال ڪندا آهن گڏو گڏ کائڻ پيئڻ جي شيءِ موجود هئڻ جي باوجود جيڪو ٿانءُ کليل ڇڏيو ويندو آهي ان مان بہ کائيندا آهن، ۽ پڻ هي بہ معلوم ٿيو تہ **جنّات** انسانن کي **اغوا** بہ ڪندا آهن ۽ هي انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي، انهن کان حفاظت جي لاءِ دنياوي هٿيار بلڪ انساني فوج بہ ڪارآمد ناهي، ان جي لاءِ "مدني هٿيار" گهربل آهن. دعوتِ اسلاميءَ جي اداري "مڪتبة المدينه" جي طرفان شايع ڪيل **16** صفحن تي

مشتمل پاڪيٽ سائيز رسالي ” **40 روحاني علاج**“مان چار ”مدني هٿيار“ حاضر آهن: ﴿1﴾ يَا مُهَيۡمِنُ 29 ڀيرا (ڏينهن ۾ ڪهڙي به وقت) روزانو پڙهڻ وارو اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هر آفت ۽ مصيبت کان محفوظ رهندو. ﴿2﴾ يَا وَكِيۡلُ ست ڀيرا جيڪو روزانو ٽيپهري جي وقت پڙهندو اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هر آفت کان پناهه ۾ رهندو ﴿3﴾ يَا مُمِيۡتُ ست ڀيرا روزانو پڙهي ڪري جيڪو پاڻ مٿان دم ڪندو، اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان تي جادو اثر نه ڪندو. ﴿4﴾ يَا قَادِرُ جيڪو وضوءَ ڪرڻ مهل هر عضوو ڌوئڻ وقت پڙهڻ جو معمول بڻائي، اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دشمن (جنّ ۽ انسان) ان کي اغوا نه ڪري سگهن. (وضوءَ ۾ هر عضوو ڌوئڻ وقت درود شريف به پڙهو جو مستحب آهي ۽ يا قادر به پڙهندا رهو) پنهنجي پير و مرشد جي اجازت سان حفاظت جا اوراد به پڙهندا رهو.[1]

## جنات قتل به ڪندا آهن

**ڪڏهن** ڪڏهن مسلمان جنّات بدڪار انسانن کي سزائون به ڏيندا آهن جيئن ته ابن عقيل ”**ڪتاب الفنون**“ ۾ فرمائن ٿا،” اسان جو هڪ گهر هو جيڪو به ان ۾ رهندو ۽ رات ترسندو هو ته صبح جو ان جو **لاش**

---

[1] اميرِ اهلسنّت **مدظله العالي** اردو زبان ۾ شجره قادريه رضويه عطاريه مُرتب ڪيو آهي، ان ۾ حفاظت جا مختلف اوراد شامل آهن هن شجري جو دنيا جي مختلف زبانن مثال طور: هي سٽون لکجڻ تائين عربي، سنڌي، هندي، گجراتي، انگلش ۽ ڪريول (**يعني بروڪن فرينچ**) ۾ ترجمو ٿي چُڪو آهي. اميرِ اهلسنّت **مدظله العالي** پنهنجي مريدن ۽ طالبن (مردن ۽ عورتن) کي ان جي پڙهڻ جي عام اجازت ڏني آهي، اهو پاڪيٽ سائيز شجرو **مڪتبة المدينه** جي هر شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ئي ملندو هو! هڪ ڀيري هڪ مغربي مسلمان آيو ۽ ان هن گهر کي پسند ڪري خريد ڪري ورتو،هن اتي رات گذاري ۽ صبح جو بلڪل صحيح سلامت رهيو، ان ڳالهہ تي پاڙيسرين کي تعجب ٿيو، اهو شخص ان گهر ۾ ڪافي عرصي تائين ترسيل رهيو تنهن ڪانپوءِ هُو اتان هليو ويو، جڏهن ان کان (**ان گهر ۾ سلامت رهڻ جو سبب**) پُڇيو ويو تہ ان جواب ڏنو جڏهن مان ان گهر ۾ رات گذاريندو هئس تہ سومهڻيءَ جي نماز ڪانپوءِ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندو هئس، هڪ ڀيري هڪ **پُراسرار نوجوان** کوهہ مان ٻاهر نڪري مون کي سلام ڪيو، مان ڏڄي ويس، هو چوڻ لڳو، ڏڄو نہ مون کي بہ ڪجھہ قرآن ڪريم سيکاريو،پوءِ مان ان کي قرآن ڪريم سيکارڻ لڳس مون ان کان پڇُيو هن گهر جو قصو ڇا آهي؟ ان ٻُڌايو، اسان **مسلمان جنّات** آهيون، اسان قرآن پاڪ جي تلاوت بہ ڪندا آهيون ۽ نماز بہ پڙهندا آهيون، **هن گهر ۾ اڪثر ڪري شرابي ۽ بدڪار ماڻهو رهڻ جي لاءِ آيا، ان لاءِ اسان انهن کي گُهٽا ڏئي ماري ڇڏيو**. مون ان کي چيو، رات جو توهان کان خوف ٿو ٿئي مهرباني ڪري ڏينهن ۾ ايندا ڪريو، ان چيو، ٺيڪ آهي پوءِ هو ڏينهن ۾ کوهہ کان ٻاهر ايندو هو ۽ مان ان کي پڙهائيندو هئس، هڪ ڀيري ائين ٿيو جو اهو جنّ مون کان قرآن سکي رهيو هو تہ هڪ عمليات ڪرڻ وارو پاڙي ۾ آيو ۽ صدائون هڻڻ لڳو تہ ”مان نانگ جي ڏنگ، بد نظر ۽ جنّن ڀوتن جو دم ڪندو آهيان“ ان جنّ چيو هي ڪير آهي؟مون چيو تہ هي جهاڙ، ڦيڻو ڪندڙ آهي، جنّ چيو ان کي مون وٽ وٺي اچو، پوءِ

مان ويس ۽ ان کي وٺي آيس، **اوچتو اهو جنّ چت تي هڪ تمام وڏو ازدها** (يعني وڏونانگ) **بڻجي ويو!** ان **عامل** دم ڪيو تہ اهو ازدها تڙپڻ لڳو ايتري تائين جو گهر جي وچ واري حصي ۾ ڪِري پيو، ان **عامل** (**نانگ سمجهي ڪري**) ان کي پڪڙي پنهنجي گودڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو، مون ان کي منع ڪئي تہ چوڻ لڳو، هي منهنجو شڪار آهي مان ان کي ڪٽي ويندس، مون کيس هڪ اشرفي ڏني تہ هو ڇڏي هليو ويو، ان جي وڃڻ ڪانپوءِ ان ازدها حرڪت ڪئي ۽ پهرين واري شڪل ۾ ظاهر ٿيو پر هو ڪمزوريءَ جي ڪري ڦڪو ٿي ويو هو! مون ان کان پُڇيو توکي ڇا ٿي ويو؟ **جنّ** جواب ڏنو تہ **عامل** اسماءِ مبارڪہ پڙهي ڪري دم ڪيو. جنهن سان منهنجي هيءَ حالت ٿي، مون کي زندھ بچڻ جي اميد نہ هئي، جڏهن توهان کوھ مان رڙين جو آواز ٻُڌو تہ هتان هليا وجو. مغربي مسلمان جو چوڻ آهي، مون رات جو **رڙين** جو آواز ٻُڌو تہ مان گهر ڇڏي ڪري پري هليو ويس.

(لقط المرجان في احكام الجان ص 105)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن لڱ ڪانداريندڙ حڪايت مان هي سکڻ لاءِ مليو تہ اڪثر ڪري مذاق مهانگي پئجي ويندي آهي، غالبًا ان جنّ ازدها بڻجي ڪري ان عامل کي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ ڏسان هي ڇا ٿو ڪري، پر اهو عامل پنهنجي فن ۾ ڪامل نڪتو ۽ ان اسماءِ مبارڪہ پڙهي ڪري اهڙو دم ڪيو جو ان ويچاري جنّ جون وايون بتال ٿي ويون، تنهنڪري ڪنهن کي ڪمزور سمجهي ڪري نہ ڇيڙڻ گهرجي، ڏڌوڳڌ هي بہ خبر پئي تہ

گناھن جي نحوست جي سبب دنيا ۾ بہ مصيبتون ۽ آفتون اچي سگھن ٿيون. جيئن ان جنّات جي اثر واري گھر ۾ اچڻ وارن شرابين ۽ بدڪارن کي جنّات گھڻو ڏئي ماري ڇڏيندا ھئا، ان مان گھرن ۾ فلمون ڊراما ڏسڻ وارن ۽ قسمين قسمين جي گناھن ۾ مشغول رھڻ وارن کي عبرت حاصل ڪرڻ گھرجي جو ڪٿي دنيا ۾ بہ گناھن جي بدلي ۾ ڪو جنّ مسلّط نہ ٿي وڃي! گڏوگڏ ھي بہ معلوم ٿيو تہ عبادت ۽ تلاوت سان مصيبتون پري ٿينديون آھن. جيئن ان پُراسرار گھر جي جنّ نمازي ۽ تلاوت ڪرڻ واري مسلمان جي شاگردي اختيار ڪري ورتي، تنھنڪري پنھنجي گھرن کي نمازن، تلاوتن ۽ نعتن سان آباد رکو ۽ فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جي نحوستن کان پري رھو، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ برڪتون ئي برڪتون ٿينديون. گناھن جي عادتن کان ڇوٽڪارو ۽ عبادت جي تربيت لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان سفر کي پنھنجو معمول بڻايو، آخرت جي عظيم ثوابن سان گڏوگڏ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنياوي آفتن ۽ بلائن کان ڇوٽڪاري جو بہ سامان ٿيندو جيئن تہ:

## منھنجي حرام مغز جو وڪڙ ختم ٿي ويو

**باب المدينه** ڪراچيءَ جي ھڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آھي، **2001**ع ۾ منھنجي حرام مغز ۾ وڪڙ اچي ويو ھو، جنھن جي سبب مان سخت تڪليف ۾ ھئس، وڏي عرصي تائين علاج ڪرايو پر فائدو نہ ٿيو. ڊاڪٽرن جو چوڻ ھو تہ آپريشن کان علاوه ان تڪليف جو ڪو حل ناھي، پر ھي بہ امڪان آھي تہ آپريشن ناڪام ٿي وڃي. ھڪ

اسلامي ڀاءُ جي **انفرادي ڪوشش** جي سبب همت ڪري **30** ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي جي برڪت سان بغير ڪنهن آپريشن جي حرام مغز جو وڪڙ ختم ٿي ويو ۽ مان صحتمند ٿي ويس.**

گر کوئی مرض ہے تو مری عرض ہے — پاؤ گے راحتیں قافِلے میں چلو
دردِ سر ہو اگر یا ہو دردِ کمر — پاؤ گے صِحَّتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلي ۾ ڪيڏيون برڪتون آهن! هتي هي عرض ڪندو هلان ته ضروري ناهي ته **مدني قافلي جي مسافر** جون بيماريون ۽ پريشانيون ختم ٿي وڃن، اهو سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي مرضي تي موقوف (يعني ڇڏيل) هوندو آهي، توهان سيئي ڄاڻو ٿا ته صحت جي ضمانت نه هئڻ جي باوجود ماڻهو علاج تي لکين روپيا خرچ ڪندا آهن ۽ شفا نه ملڻ جي باوجود ڪو علاج ڪرائڻ بند ناهي ڪندو، بلڪ بهتر کان بهترين علاج ڪرائڻ جي باوجود مريض مري ويندا آهن، پوءِ به علاج معالجي جي ڪو مخالفت ناهي ڪندو، ته جيڪڏهن مدني قافلي ۾ به مرض ختم نه ٿئي ته شيطان جي وسوسن جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي. رُڳو دنياوي مسئلن جي حل جي نيّت ڪرڻ بدران مدني قافلي ۾ علمِ دين سکڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جون نيّتون به ڪرڻ گهرجن، ۽ اهو به ذهن ۾ رکو ته شفا به رحمت آهي ۽ بيماري به رحمت جي نازل ٿيڻ جو سبب. اسان

ڪي هر حال ۾ صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ گهرجي. بيماري ۽ مصيبت جا بيشمار فضائل آهن ۽ خوشنصيب مسلمان صبر ڪري خوب اجر ڪمائيندا آهن. جيئن ته

## مونکي نابين رهڻ منظور آهي

حضرتِ سَيِّدُنا ابو بصير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ القَدِير نابين هئا، فرمائن ٿا ته مان هڪ ڀيري حضرتِ سَيِّدُنا امام باقر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ القَادِر جي خدمت سراپا عظمت ۾ حاضر ٿيس پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه منهنجي چهري تي هٿ گهمايائون ته **اکيون روشن ٿي ويون**، جڏهن ٻيهر هٿ گهمايائون ته مان وري نابين ٿي ويس، پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مون کي فرمايائون توهان هنن ٻن ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهه اختيار ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ﴿1﴾ توهان جون اکيون روشن ٿي وڃن ۽ قيامت جي ڏينهن توهان کان **ڏسڻ جي نعمت** ۽ ٻين عملن جو حساب ورتو وڃي. ﴿2﴾ توهان نابين ئي رهو ۽ بنا حساب ۽ ڪتاب جي جنّت ۾ داخل ٿيڻ نصيب ٿي وڃي، حضرت سيّدُنا ابوبصير عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ القَدِير فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو، **جنّت** ۾ بي حساب داخل ٿيڻ چاهيان ٿو، مون کي **نابين** رهڻ منظور آهي.

(ملخصًا شواهد النبوة ص 241 مكتبة الحقيقة استنبول تركي)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مقبول ٻانهن کي ڪيتري قدر عروج ۽ ڪمال بخشيو آهي جو انڌن کي اکيون به ڏئي سگهن ٿا ۽ بي حساب جنّت ۾ داخل ٿيڻ جي بشارت (يعني

خوشخبري) ٻه ۽ هي ٻه معلوم ٿيو ته مصيبت تي صبر ڪرڻ سان زبردست اجر ملندو آهي. اکين جي روشني ختم ٿيڻ تي صبر ڪرڻ واري جي لاءِ ته پاڻ حديثِ قدسي ۾ ٻه جنّت جي بشارت موجود آهي، جيئن ته رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو، ”جڏهن مان پنهنجي ٻانهي جي اکين جي روشني ختم ڪريان ۽ اهو صبر ڪري ته مان اکين جي بدلي ۾ ان کي جنّت ڏيندس.

(صحيح البخاري ج 4 ص 6 حديث 5653)

ٹوٹے گو سر پہ کوہِ بلا صبر کر، اے مسلماں! نہ تُو ڈگمگا صبر کر
لب پہ حرفِ شکایت نہ لا صبر کر کہ یہی سنّتِ شاہِ ابرار ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوبُوْا اِلَی اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**دعوت اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو **فڪرِمدينه** جي ذريعي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.

طالبِ غم مدينه و بقيع و مغفرت و بي حساب جنت الفردوس ۾ آقا جو پاڙو



18 محرم الحرام 1427ھ

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اَللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ جي مشهور نوانوي نالن جي نسبت سان 99 حڪايتون

## درود شريف جي فضيلت

خَاتَمُ الْمُرسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين، شَفيعُ الْمُذْنِبِيْن، اَنِيسُ الْغَرِيبِين، سِرَاجُ السَّالِكِين، محبوبِ ربُّ العٰلمين جنابِ صادِق و اَمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن تہ ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهي ٿو. (ڪنز العمال ج 1 ص 250 حديث 2174)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿1﴾ ٽي پکي

حضرتِ سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ امام المتوڪلين، سيّد القانعين، رحمة للعٰلمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ٽي پکي تحفي طور پيش ڪيا ويا تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پکي پنهنجي ٻانهيءَ کي کائڻ جي لاءِ عطا فرمايو، ٻئي ڏينهن ٻانهي اهو

پڪي ڪٽي آئي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي فرمايو تہ مون توکي منع نہ ڪيو هو تہ سياڻي جي لاءِ ڪجهہ بچائي نہ رکندي ڪر، بيشڪ الله تعالىٰ هر ايندڙ ڏينهن جو رزق عطا فرمائيندو آهي . (شعب الايمان ج2 ص 118 حديث 7 134)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻئي ڏينهن جي لاءِ جمع ڪري رکڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تَوَڪُّل جو مقام يقينًا سيني کان بلند تر هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي واسطي ٻئي ڏينهن جي لاءِ ڪڏهن بہ ڪاڏو بچائي ڪري نہ رکندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مال مان ڪڏهن بہ زڪوٰة نہ ڏني، ان لاءِ جو ڪڏهن مال جمع ئي نہ فرمايائون جو زڪوٰة فرض ٿئي ها. مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم **خليل** الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (**پنهنجي**) فرزند جي ڳلي تي ڇُري وهائي، حضرت ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي پٽ ابراهيم جي لاءِ دعا ڪئي، خدايا هن کي موت ڏئي ڇڏ، جو هن کي چمڻ جي ڪري مان هڪ گهڙي توکان غافل ٿي ويس. هي انهن بزرگن جو جذبو هو جو چڻ ”جيڪا شيءِ خدا جي ياد کان غافل ڪري ان کي ختم ڪري ڇڏيو.“ حضرتِ سيّدُنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ زاهد ترين صحابي هئا. انهن جا جذبات هن شعر جيان هئا.

کوڑی نہ رکھ کفن کو، تج ڈال مال ودھن کو
جس نے دیا ہے تن کو، دیگاوُہی کفن کو

هي ياد رهي! تہ حلال مال جمع ڪرڻ حرام ناهي، ۽ مفتي صاحب وڏيڪ فرمائن ٿا تہ مال گڏ ڪري رکڻ (۾) وفات ڪانپوءِ ڇڏي وڃڻ حلال آهي، جڏهن تہ ان مان زڪوٰة، فطرو، قرباني ۽ حقوق العباد ادا ڪيا ويا هجن. (ملخصًا مرأة ج 3 ص 88، 89)

## ﴿2﴾ مئل ٻڪري ڪن چنبنديي اٿي ويٺي

حضرتِ سيّدُنا ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ حضرت سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضور پُرنُور شافع يومُ النُّشور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناه ۾ حاضر ٿيا تہ سندن چهري مبارڪ جو رنگ متغير (يعني بدليل) ڏٺائون اهو ڏسي ڪري انهيءَ وقت هو پنهنجي گهر پهتا ۽ پنهنجي گهرواريءَ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمايائون، "مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ جو رنگ بدليل ڏٺو آهي، منهنجو گمان آهي تہ بُک جي سبب ائين آهي، ڇا توهان وٽ ڪجهہ موجود آهي؟ هن وراڻيو، والله عَزَّوَجَلَّ هن ٻڪري ۽ توري ٻچيل سچيل اٿي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ،پاڻ هڪدم ٻڪريءَ کي ذبح ڪري ڇڏيائون ۽ فرمايائون تہ جلدي جلدي گوشت ۽ مانيون تيار ڪريو، جڏهن ڪاڏو تيار ٿي چُڪو تہ هڪ وڏي پيالي ۾ رکي ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دربار مبارڪ ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪاڏو پيش ڪيائون، رحمتِ عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم،

شافع امم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اي جابِر! پنهنجي قوم کي جمع ڪريو، سو آءُ ماڻهن کي وٺي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس، فرمايائون انهن کي جدا جدا ٽوليون ناهي ڪري مون وٽ موڪليندا رهو. اهڙيءَ ريت اهي کائڻ لڳا، جڏهن هڪ ٽولو ڍؤ ڪري پيو وٺي تہ اهو نڪري پيو وجي وري ٻيو پيو اچي، ايتري تائين جو سڀ کائي ڇُڪا ۽ ٿانوَ ۾ جيترو ڪاڌو پهريان هيو اوترو ئي سيني جي کائڻ کان پوءِ بہ موجود هيو. سرِڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن پيا تہ کائو ۽ هڏين کي نہ ڀڃو. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿانوَ جي وچ ۾ هڏين کي جمع ڪيائون ۽ انهن جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڪجهہ ڪلام پڙهيائون جنهن کي مون نہ ٻُڌو، **هينئر جنهن جو گوشت ڪاڌو ويو اها ئي ٻڪري هڪدم ڪن ڇنڊيندي اٿي بيٺي!** پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايائون پنهنجي ٻڪري کاهي وڃو! مان ٻڪري پنهنجي گهرواري وٽ آندي. هوءَ (حيرت مان) چوڻ لڳي، هي ڇا؟ مون چيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هيءَ اسان جي اها ئي ٻڪري آهي جنهن کي اسان ذبح ڪيو هو. **دعاءِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن کي زندهہ ڪيو آهي! اهو ٻُڌي سندن گهرواري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا بي اختيار چوڻ لڳي، مان گواهي ٿي ڏيان تہ بيشڪ اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.

**(الخصائص الکبريٰ ج 2 ص112)**

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ فوت ٿي ويل مدني منا زنده ٿي ويا!

مشهور عاشقِ رسول حضرت علامہ عبدالرحمٰن جامي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه روايت فرمائن ٿا، حضرت سيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي حقيقي مدني مُنّن جي موجودگيءَ ۾ ٻڪري ذبح ڪئي هئي. جڏهن فارغ ٿي ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ تشريف کڻي ويا تہ اهي ٻئي مدني مُنّا ڇُري کڻي ڇت تي پهتا، وڏي پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيو، اچ تہ مان بہ توسان ائين ئي ڪريان جيئن اسان جي والد صاحب هن ٻڪريءَ سان ڪيو آهي. پوءِ وڏي نينگر ننڍي کي ٻَڌوءِ ڳلي تي ڇُري وهائي ڇڏي ۽ مُنڍي الڳ ڪري هٿن ۾ کڻي ورتي! جيئن ئي سندن والده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا هي منظر ڏٺو تہ ان جي پويان ڊوڙيون، اهو ڊجي ڪري ڀڳو ۽ ڇت تان ڪِريو ۽ فوت ٿي ويو. ان صابره خاتون رڙيون يا ڪنهن قسم جي واويلا نہ ڪئي جو متان عظيم الشّان مهمان، ٻنهي جهانن جا سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پريشان نہ ٿي وڃن، نهايت صبر ۽ تحمل سان ٻنهي ننڍڙن لاشن کي اندر آڻي ڪري انهن تي ڪپڙو وجهي ڇڏيائون ۽ ڪنهن کي خبر نہ ڏنائون، ايتري تائين جو حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي بہ نہ ٻُڌايائون، سندن دل جيتوڻيڪ صدمي ڪان رت جا ڳوڙها روئي رهي هئي پر چهري کي تڙيل ڳلن جيان ٻهڪندو رکيائون ۽ کاڌو وغيره تيار ڪيائون، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ کاڌو سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳيان رکيو ويو، انهيءَ وقت جبريل امين عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو، ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعالىٰ فرمائي ٿو، جابر کي

فرمايو، تہ پنهنجي نينگرن کي وٺي اچي تہ جيئن اهي اوهان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ کاڌي کائڻ جو شرف حاصل ڪن. سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي فرمايو، پنهنجي فرزندن کي وٺي اچو! پاڻ هڪدم ٻاهر آيا ۽ گهرواريءَ کان پُڇيائون، فرزند ڪٿي آهن؟ انهن چيو تہ حضور پُرنُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪريو تہ اهي موجود ناهن. سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ جو فرمان آيو آهي تہ انهن کي جلدي گهرايو! غم سان پريل گهرواري روئي ويني ۽ چوڻ لڳي، اي جابر! هاڻي مان انهن کي نہ ٿي آڻي سگهان. حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو، آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ روئين ڇو ٿي؟ گهرواريءَ اندر وٺي وڃي ڪري سڄو واقعو ٻڌايو ۽ ڪپڙو هٽائي ڪري مدني منّا ڏيکاريا، تہ هو بہ روئڻ لڳا، ڇو جو هُو انهيءَ ڳالهہ کان بي خبر هئا. پوءِ حضرت سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ٻنهي جي ننڍن ننڍن لاشن کي کڻي ڪري حضورِ انور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ رکي ڇڏيو. ان وقت گهر مان روئڻ جا آواز اچڻ لڳا. الله تعاليٰ جبرئيل امين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي موڪليو ۽ فرمايو،”اي جبرئيل! منهنجي محبوب عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي فرمايو، **الله ربُّ العزّت** فرمائي ٿو، اي پيارا حبيب! توهان دعا گهرو اسان انهن کي زنده ڪنداسين. **حضورِ اکرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **دعا فرمائي ۽ الله** عَزَّوَجَلَّ **جي حڪم سان ٻئي مدني منّا انهيءَ مهل زنده ٿي ويا.**

(شواهد النبوة ص 105، مدارج النبوت حصو 1 ص 199)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

قلبِ مردہ کو مرے اب تو جِلا دو آقا
جام اُلفت کا مجھے اپنی پلادو آقا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! منهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفىٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نہ اعليٰ شان آهي، جو تورڙو ڪاڏو ڪوڙسارن ماڻهن ڪائي ورتو پوءِ بہ ان ۾ ڪنهن قسم جي گهٽتائي نہ ٿي ۽ پوءِ ٻڪري جي گوشت جي ٻچيل هڏين تي ڪلام پڙهيائون تہ گوشت (۽) کل پائي ڪري بلڪل اها ئي ٻڪري ڪن چنڊيندي اٿي ٻيهي رهي. ۽ ان سان گڏوگڏ حضرت سيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فوت ٿي ويل ٻن حقيقي مدني مُنّن کي بہ باذن الله عَزَّوَجَلَّ زنده ڪيائون.

مردوں کو جِلاتے ہیں روتوں کو ہنساتے ہیں آلام مٹاتے ہیں بگڑی کو بناتے ہیں
سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں

## ﴿4﴾ ست ڪارڪون

حضرتِ سيِّدُنا عِرباض بن ساريہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ، تبوڪ جي جنگ ۾ هڪ رات سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات، دافعِ آفات و بَلِيّا ت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سيِّدُنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي فرمايو، اي بلال! توهان وٽ ڪجهہ کائڻ لاءِ آهي؟ حضرتِ سيِّدُنا بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو حضور! توهان جي رب عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسان تہ ڪاڏي جا توشيدان (يعني ٿيلها) خالي ڪري وينا آهيون.

رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو توهان چڱي طرح ڏسو ۽ پنهنجا **تيلها** چنديو شايد ڪجهه نڪري اچي. (ان وقت اسان تي ڇٽا هئاسين) سپني پنهنجا پنهنجا **تيلها** جاچيا تہ **ڪل ست ڪارڪون** نڪتيون. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي هڪ صفحي تي رکي ڪري متانئن پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ۽ فرمايائون بِسۡمِ اللّٰہ پڙهي ڪري کائو، اسان ٿنهي محبوبِ داور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ جي هينان ڪٽي ڪري خوب کاڌيون، حضرت سيّدُنا بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مان ڪڪڙيون کابي هٿ ۾ رکندو پئي ويس، جڏهن مون ڏؤ ڪري کين ڳڻيو تہ **54** تيون! اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي صحابين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا بہ پيٽ ڀري کاڌيون. جڏهن اسان کاڌي کان هٿ روڪيو تہ سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ پنهنجو هٿ مبارڪ هٽائي ڇڏيو، **اهي ست ئي ڪارڪون ائين ئي موجود هيون!** شهنشاهِ خوش خِصال، سلطانِ شِيرين مَقال، پَيڪرِ حُسنِ وجمال، بَي مِثل و بي مثال، پنهنجي هر صفت ۾ باڪمال، محبوبِ ربِّ ذُوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن فرمايو، اي بلال!** انهن کي سنڀالي رکو ۽ انهن مان ڪو بہ نہ کائي بعد ۾ ڪم ايندين، حضرتِ سيّدُنا بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا اسان انهن کي نہ کاڌو، جڏهن ٻيو ڏينهن آيو ۽ کاڌي جو وقت آيو تہ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي ئي **ست ڪارڪون** آڻڻ جو حڪم فرمايو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وري ساڳيءَ ريت انهن تي پنهنجو **هٿ مبارڪ** رکيو ۽ فرمايائون بِسۡمِ اللّٰہ پڙهي ڪري کائو! هينئر اسين **ڏهہ ماڻهو**

هئاسين سيني ڏؤ ڪيو، تڏهن حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو رحمت پريو هٿ هٿايو تہ **ست ڪارڪون** اڳ جيان موجود هيون، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون، **اي بلال!** جيڪڏهن مونکي حق تعاليٰ کان حياءُ نہ اچي رهيو هجي ها تہ واپس مديني پهچڻ تائين هنن ئي ست ڪارڪن مان کائون ها، پوءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪارڪون هڪ نيگر کي عطا فرمايون، هُو اهي کائي هليو ويو.

**(الخصائص الڪبريٰ ج 2 ص 455)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! رب ڪائنات عَزَّوَجَلَّ شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيتري قدر وسيع اختيارات سان نوازيو هو. ست ڪارڪن ۾ ڪيتري قدر برڪت ٿي جو ڪيترن ئي صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڍؤ ڪري کاڌيون.

مالکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں
دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ مان روزانو بہ فلمون ڏسندو هئس

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول بيشمار ماڻهن جي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جيئن تہ **عطار آباد**

(جيڪب آباد) باب الاسلام سنڌ جي هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي **مدني ماحول** ۾ اچڻ جو واقعو ڪجهه هن ريت لکيو آهي، مان تمام گهڻو گناهن ۾ غرق رهندو هئس، عام طور تي روزانو ٻه **فلمون ڏسندو هئس** هر وقت پاڻ سان گڏ **ريڊيو** رکندو هئس، هڪ وڪڻندو هيس ته ٻيو خريد ڪندو هيس. رات جو سمهڻ وقت به سيرانديءَ کان ريڊيو هلائي رکندو هئس، ريڊيو ٻُڌندي رات جو ٻئين وڳي جڏهن مون کي ننڊ اچي ويندي هئي ته اتي ڪري امڙ سائڻ ريڊيو بند ڪنديون هيون، غالبًا 1416هه جي رمضان المبارڪ جي ڪنهن خميس جو واقعو آهي ته مان پنهنجي هڪ دوست سان ملڻ **حيدرآباد** ويس، اهو مون کي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ **فيضانِ مدينه** وٺي ويو، باب المدينه ڪراچي مان توهان (يعني سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡهُ) جو **ٽيليفونڪ بيان** ٻُڌم، ٻُڌندي ئي منهنجي زندگيءَ ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو، خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب مون روئي روئي ڪري گناهن کان توبهه ڪئي، ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابسته ٿي ويس، عطار آباد ۾ دعوتِ اسلامي جي هڪ عاشقِ رسول **انفرادي ڪوشش** جي ذريعي اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مونکي هڪ **مٺ ڏاڙهي** شريف رکرائي.

میں تو نادان تھا دانستہ بھی کیا کیا نہ کیا
لاج رکھ لی مرے لجپال نے رُسوانہ کیا

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ ٿوري کاڌي ۾ برڪت

حضرتِ سيّدُنا صُهيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، مون تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ ٿورو کاڌو پچايو ۽ دعوت ڏيڻ جي لاءِ حاضر ٿيس تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان سان گڏ تشريف فرما هئا. شرم جي سبب ڪجهہ عرض نہ ڪري سگهيس ۽ خاموش بيٺو رهيس، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون ڏانهن نهاريو مون اشاري سان ڪاڌي جي لاءِ هلڻ جي التجاء ڪئي، فرمايائون ۽ هي؟ (يعني صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان) مون عرض ڪيو نہ، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خاموش ٿي ويا ۽ مان انهيءَ جڳهہ تي بيٺو رهيس. حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيهر مون ڏانهن نظر فرمائي تہ مون ساڳيءَ ريت وري اشاري سان عرض ڪيم. فرمايائون ۽ هي؟ مون عرض ڪيو، نہ. ٻئين ۽ ٽئين ڀيري جي جواب ۾ مون عرض ڪيو، " ڏاڍو سٺو " يعني انهن کي بہ وٺي هلو ۽ گڏوگڏ هي بہ عرض ڪيم تہ صرف ٿورڙو کاڌو توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ ئي پچايو آهي. شاهِ خيرالانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن تمام صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان سان گڏ تشريف فرما ٿيا، سيني چڱيءَ طرح کاڌو تڏهن بہ کاڌو بچي پيو. (الخصائص الکبريٰ ج2 ص 82)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! سَرورِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ عالي صِفات يقينًا برڪتن جي نازل ٿيڻ جو

سبب آهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان تي هر دم رحمتن جي برسات آهي. ڪاڏو گهٽ هئڻ جي سبب رُڳو جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت هئي، پر مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت، سراپا جُود و سخاوت، محبوبِ ربُّ العزت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان تورو ڪاڏو بيشمار صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان لاءِ نه رُڳو ڪافي ٿي ويو پر بچي پيو.

يہ سُن کر سخی آپ کا آستانہ، ہے دامن پَسارے ہوئے سب زمانہ
نواسوں کا صدقہ نگاہِ کرم ہو، ترے در پہ تیرے گدا آ گئے ہیں

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت نشان ۽ ڪائنڻ ظاهر ٿيڻ وارن معجزن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي! پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامن کان به عظيم الشّان ڪرامتون ظاهر ٿينديون آهن جيئن ته :

## ﴿7﴾ جشن ولادت جي لڏن ۾ برڪت

مُراد آباد (هند) ۾ هڪ عاشقِ رسول هر سال ربيع النور شريف ۾ ڏوم ڌام سان مني مني آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **جشنِ ولادت** ملهائيندا هئا ۽ زبردست **محفلِ ميلاد** منعقد ڪندا هئا، سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جا خليفا، صاحبِ خزائن العرفان حضرت صدرُالافاضل **علامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی ان ۾ خصوصي شرڪت فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري محفل ميلاد ۾ معمول کان گهٽو وڌيڪ ماڻهو شريڪ ٿيا. پُڄاڻيءَ تي معمول موجب پاءُ پاءُ (تقريبًا 250 گرام)

لڏون ورهائجڻ لڳا، پر اهي اڏ تي اڏ گهٽ پئي لڳا. محفل جي باني گهبرائجي ڪري حضرت **صدرُالافاضل** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ جي خدمت باڪرامت ۾ معاملو عرض ڪيو، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ پنهنجو رومال ڪڍي ڏنو ۽ فرمايائون، لڏونءَ جي ٿانوَ تي وجهي ڇڏيو ۽ تاڪيد فرمايائون ته تبرڪ رومال جي هيٺان ڪان ڪڍي ڪري ورهايو وڃي پر ٿانوَ کي کولي نه ڏنو وڃي اهڙيءَ ريت خوب لڏون ورهايا ويا ۽ هر هڪ شخص کي لڏون مليو ويو. آخر ۾ **جڏهن ٿانءُ کوليو ويو ته رومال وجهڻ وقت ٿانوَ ۾ جيترا لڏون هئا اوترا ئي پوءِ به موجود هئا!**

(ملخصًا تاريخ اسلام کي عظيم شخصيت صدرالافاضل ص 343)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سردار کا عالم کیا ہوگا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿8﴾ والد صاحب تان عذاب هٽي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيّتن سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني **ماحول** ۾ شامل ٿيڻ وارا اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي جهانن جون ڀلايون حاصل ڪرڻ جا حقدار بڻبا آهن، **هڪ** اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، مون عيد جي ٻئي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، انهيءَ وچ ۾ مرحوم **والد صاحب** جن کي فوت ٿئي به **سال** گذري چُڪا آهن، منهنجي **خواب** ۾ تمام سني حالت ۾ آيا، مون پُڇيو ته بابا! وفات ڪان پوءِ جا

ٿيو؟ ڇيائون ڪجھ عرصو گناھن جي سزا ملي پر ھاڻي عذاب ھٽي ويو آھي، توھان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول کي بلڪل نہ ڇڏجو ڇو تہ ان جي برڪت سان ئي مون تي ڪرم ٿيو آھي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت تمام وڏي آھي، نيڪ اولاد صدقهءِ جاريه ھوندي آھي ۽ انھن جي دعائن جي صدقي فوت ٿي ويل والدين جي لاءِ آسانيون ٿينديون آھن. اولاد کي نيڪ بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ھڪ بھترين ذريعو آھي.

ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی ہے بے حد محبّت بھرا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول
نبی کی محبّت میں رونے کا انداز
تم آجاؤ سکھلائے گا مَدَنی ماحول

## ﴿9﴾ 300 ماڻھو سوئر بڻجي ويا!

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي خدمت سراپا عظمت ۾ حوارين عرض ڪيو تہ (ڇا) توھان جو رب عَزَّوَجَلَّ توھان جي دعا سان ھيءَ ڪرم نوازي فرمائيندو تہ اسان تي آسمان مان غيبي دسترخوان نعمتن سان ڀريل لاھي؟ ان تي حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو، اھڙا سوال نہ

ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ کان ڏِجو دل گهريا معجزا نہ گهرو. جيڪڏهن توهان مومن آهيو تہ انهيءَ کان مُڙي وڃو، انهن جواب ۾ عرض ڪريو، سائين! اسان جو هي عرض توهان عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نُبُوَّت يا ربّ تعاليٰ جي قدرتِ ڪامله ۾ ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي طور تي ناهي بلڪ ان جا چار مقصد آهن ﴿1﴾ **هڪ** هي تہ اسان اهو غيبي ڪاڌو کائون، برڪت حاصل ڪريون، ان سان اسان جون دليون منور ٿي وڃن ۽ اسان کي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قرب اجان وڌيڪ حاصل ٿي وڃي. ﴿2﴾ **پيو** هي تہ توهان عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪو اسان سان واعدو فرمايو آهي تہ توهان مقبول الدعا آهيوءِ رب تعاليٰ توهان جي (ڳالهہ) مڃيندو آهي ان جو اسان کي عين اليقين (يعني اکين ڏٺو يقين) حاصل ٿي وڃي، اسان جون دليون مطمئن ٿي وڃن، اسان کي پنهنجي ڪامل الايمان هجڻ تي اطمينان ٿي وڃي ﴿3﴾ **ٽيون** هي تہ اسان کي توهان عَلَيۡهِ السَّلَام جي صداقت عينُ اليقين (يعني اکين سان ڏسي يقين) سان معلوم ٿئي ﴿4﴾ **چوٿون** هي تہ اسان هن آسماني معجزي کي ڏسي ونون ۽ بين جي لاءِ اکين ڏٺا شاهد بڻجي وڃون گڏوگڏ قيامت تائين ماڻهن جي لاءِ اسان جو هي واقعو ايمان جي ڪمال جو سبب بڻجي اسان توهان جا هميشہ زنده رهڻ وارا گواهہ بڻجي وڃون، **حضرت** سيّدُنا سلمان فارسي حضرت **عبدالله** بن عباس ۽ مفسرين جي هڪ تعداد رَضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن جو قول هي آهي تہ جڏهن حوارين حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي هر طرح جو اطمينان ڏياريو تہ اسان هي دسترخوان رُڳو شوق يا تفريح جي لاءِ نہ ٿا

گهرون پر ان ۾ اسان جا ديني مقصد آهن، تڏهن حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام ٽاٽ جو لباس (يعني ڳوٽيءَ يا ٻوريءَ جو لباس) پاتو ۽ روئي روئي ڪري **دعا** ڪئي.

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَاۤ اَنۡزِلۡ عَلَيۡنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوۡنُ لَنَا عِيۡدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنۡكَ ۚ وَارۡزُقۡنَا وَاَنۡتَ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ ﴿۱۱۴﴾

(پ 7 سُوۡرَةُ الۡمَآئِدَةِ 114)

ترجمو ڪنزالايمان: ”اي الله! اي رب اسان جا! اسان تي آسمان مان هڪ خونچو نازل فرماءِ جيئن اهو اسان جي واسطي عيد ٿئي اسان جي اڳين پوين جي عيد ۽ تنهنجي طرف کان نشاني ۽ اسانکي رزق ڏي ۽ تون سمورن کان ڀلو رزق ڏيندڙ آهين“.

پوءِ ڳاڙهي رنگ جو دسترخوان ڪڪرن ۾ ڏِڪيل آيو، اهي سڀ ان کي لهندي ڏسي رهيا هئا. اهو دسترخوان بادلن سميت آهستي هستي هيٺ لٿو ايتري تائين جو ماڻهن جي وچ ۾ رکيو ويو. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان دسترخوان کي ڏسي ڪري ڏاڍو رنا ۽ دعا گهريائون ته **مولا!** مون کي شڪر ڪرڻ وارن مان بڻاءِ **الاهي!** ان کي هنن حوارين جي لاءِ رحمت بڻاءِ، عذاب نه بڻاءِ. حوارين ان مان اهڙي خوشبوءِ محسوس ڪئي جيڪا ان کان اڳ ڪڏهن نه ڪئي هئائون. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ حواري **سجدهءِ شڪر** ۾ ڪِري پيا. حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام فرمايو، ته هن کي ڪير کوليندو؟ هي دسترخوان ڳاڙهي غلاف سان ڍڪيل هيو. سڀني عرض ڪيو، حضور! اوهان ئي

ڪوليو. پوءِ حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تازو وضو ڪيو، نوافل پڙهيا، دير تائين دعائون گهريون، پوءِ دسترخوان مٿان غلاف هٽايائون، ان ۾ هي شيون هيون، **ست مڇيون، ست مانيون،** انهن مڇين مٿان ڇلر نه هئا نه ئي انهن جي اندر ڪنڊا هئا، ان مان روغن (يعني سٽپ) ٽِمي رهيو هو، انهن جي مَٿن آڏو سرڪو، پيچ جي طرف کان لوڻ ۽ آس پاس سبزيون هيون. ڪجھ روايتن ۾ آهي ته **پنج مانيون** هيون. هڪ ماني تي زيتون ٻئي تي ماکي، ٽئين تي گيھ، چوٿين تي پنير ۽ پنجينءَ تي ٻُگل گوشت هو. **شمعون** حواريءَ پُڇيو ته اي روح الله! هي ڪاڏو جنّت جو آهي يا زمين جو؟ فرمايائون نه زمين جو نه جنّت جو، هي رُڳو قدرتي آهي. اڳ ۾ بيمار ۽ فقراءَ (غريب)، فاقہ مست (يعني بُکن ۾ به بي پرواهہ رهن وارا)، ڪوڙهي ۽ معذور گهرايا ويا. پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايائون، **بسم الله** پڙهي ڪري کائو! توهان جي لاءِ **مبارڪ** آهي ۽ منڪرن جي لاءِ **مصيبت**. پوءِ ٻين ماڻهن کي به اهو ئي فرمايائون، سو پهرئين ڏينهن **ست هزار ٽي سو ماڻهن** کاڌو، پوءِ اهو دسترخوان مٿي کڄي ويو، ماڻهو ڏسندا رهيا ۽ اهو اڏامندي انهن جي نظرن کان غائب ٿي ويو. **تمام بيمار ۽ مصيبتن جا ماريل چڱا ڀلا ۽ صحتمند ٿي ويا، فقير، غني** (يعني غريب مالدار) **ٿي ويا** پوءِ اهو دسترخوان چاليھ ڏينهن مسلسل يا هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن ايندو هيو ۽ ماڻهو ڪائيندا رهيا. پوءِ حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي وحي آئي ته هاڻي هن مان صرف **غريب** ڪائن ڪو مالدار نه ڪائي. جڏهن اهو اعلان ٿيو ته مالدار ماڻهو ناراض ٿي

ويا ۽ چوڻ لڳا هي رُڳو جادو آهي! اهي منڪرين (يعني انڪار ڪرڻ وارا) ٽي سؤ ماڻهو هئا، اهي رات جو پنهنجي ٻارن ٻچن سميت خيريت سان سُتا، پر صبح جو اٿيا تہ سوئر (ٻڇي چڪا) هئا، رستن تي ڊُڪندا پيا وتن، گندگي پائخانو پيا کائين. جڏهن ماڻهن انهن جو اهو حال ڏٺو تہ حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام وٽ پڄندا آيا ۽ ڏاڍو رُنا، اهي سوئر بہ سندن چوڌاري جمع ٿي ويا ۽ روئي رهيا هئا. حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام انهن (سوئرن) کي نالا وٺي سڏي رهيا هئا اهي جواب ۾ مٿو تہ لوڏي رهيا هئا پر ڳالهائي نہ پئي سگهيا. ٽي ڏينهن نهايت ذلت ۽ خواري سان گذاريائون. چوٿين ڏينهن سڀ جو سڀ مري ويا، انهن ۾ ڪا عورت ۽ ڪو ٻار نہ هيو سڀئي مرد هئا. جيتريون قومون دنيا ۾ مسخ ڪيون ويون، (يعني انهن جون شڪليون بگاڙيون ويون) انهن کي هلاڪ ڪيو ويو، انهن جو نسل نہ هليو، اهو قدرت جو قانون آهي. (ملخصًا التفسير الكبير ج 4 ص 423)

ترمذي شريف جي حديث ۾ آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رَّحيم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي،”آسمان مان ماني ۽ گوشت جو دستر خوان نازل ڪيو ويو ۽ حڪم ڏنو ويو تہ نہ خيانت ڪريو نہ ٻئي ڏينهن جي لاءِ بچائي رکو، پوءِ انهن خيانت ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن جي لاءِ جمع بہ ڪيائون تہ ڪين باندرن ۽ سوئرن جي شڪل ۾ بدلايو ويو. (جامع ترمذي ج5 ص 44 حديث 3072 وغيره) انهن کي تاڪيد ڪئي وئي هئي تہ هن دسترخوان مان سڀاڻي جي لاءِ بچائي ڪري، لڪائي نہ رکن، ڪجهہ ماڻهن سڀاڻي جي لاءِ بچايو اُهي سوئر

ٻڌايا ويا، حضرتِ سيِّدُنا **عبدالله** بن عَمرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا جو فرمانِ عبرت نشان آهي قيامت ۾ سخت عذاب دسترخوان وارن عيسائين، فرعوني ماڻهن ۽ منافقن کي ٿيندو.

**(الدرالمنثور ج 3 ص 237)**

## چا سوئر جو نالو وٺڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام جو شانِ عظمت نشان توهان ڏٺو! سندن جي دعا سان الله عَزَّوَجَلَّ نعمتن ڀريو مائده (يعني دسترخوان) نازل فرمايو، دنيا ۾ جيڪا به نعمت ملندي آهي عام طور تي ان ۾ **زحمت** به هوندي آهي، نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ وارا ڪامياب ۽ نعمت جي ناشڪري ڪرڻ وارا ناڪام تي ويندا آهن، نعمتن جي گهٽائي کي ڏسي ڪري نافرمانيون ڪندڙن آخرڪار ذليل ۽ خوار ٿيندا آهن، جيئن هن قرآني حڪايت مان معلوم ٿيو ته **300** نافرمان **سوئر** (يعني خنزير) بڻجي ويا ۽ ٽن ڏينهن تائين در در جا ٿاٻا کائيندا رهيا ۽ چوٿين ڏينهن ذليل تي ڪري موت جو شڪار ٿيا، اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي سندس قهر ۽ غضب کان پناهه گهرون ٿا، ڪجهه ماڻهن کي اهو وهم هوندو آهي ته ”سوئر“ يا خنزير جو نالو وٺڻ سان زبان ناپاڪ ٿيندي آهي ۽ وضو ٽُٽي پوندو آهي! اها سراسر غلط فهمي آهي، خنزير جو لفظ قرآن ڪريم ۾ به موجود آهي، تنهنڪري اهو لفظ ڳالهائڻ سان نه زبان ناپاڪ ٿيندي آهي ۽ نه ئي وضو ٽُٽندو آهي.

## ﴿10﴾ ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟

حضرتِ سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت ۾ هڪ ماڻهوءَ عرض ڪيو، ”يا روح الله! مان توهان جي صحبت بابرڪت ۾ رهي ڪري خدمت ڪرڻ ۽ شريعت جو علم حاصل ڪرڻ گهران ٿو. پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کيس اجازت ڏئي ڇڏيائون، هلندي هلندي جڏهن ٻئي ڄڻا هڪ درياهہ جي ڪناري تي پهتا تہ پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايائون” اچو کاڌو کائون“پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام وٽ ٽي مانيون هيون، جڏهن هڪ هڪ ماني ٻئي کائي چُڪا تہ حضرت سيِّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام درياهہ مان پاڻي پيئڻ لڳا، تہ ان شخص ٽين ماني لِڪائي ڇڏي، جڏهن پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پاڻي پي ڪري واپس آيا تہ ماني نہ ڏسي ڪري پُڇيائون،” ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟“ ان ڪوڙ ڳالهائيندي چيو تہ مون کي خبر ناهي، پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام خاموش رهيا. ٿوري دير کانپوءِ فرمايائون،”اچو اڳتي هلون“ رستي ۾ هڪ هرڻي ملي جنهن سان گڏ ٻہ ٻچا هئا، پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هرڻيءَ جي هڪ ٻچي کي پاڻ وٽ گهرايو، اهو اچي ويو، پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان کي ذبح ڪيو (گوشت کي) پُڃايائون ۽ ٻنهي ملي ڪري کاڌو،گوشت کائڻ کان بعد پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڏين کي جمع ڪيو ۽ فرمايائون ”قُمْ بِاِذْنِ الله“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان زنده ٿي ڪري اٿي بيهہ) هرڻي جو ٻچو زنده ٿي ڪري پنهنجي ماءُ سان هليو ويو. پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان شخص کي فرمايائون توکي ان الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن مون کي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻُڌاءِ اها ٽئين ماني ڪيڏانهن وئي؟ ان چيو ”مونکي خبر

ناهي“، فرمايائون اچو اڳتي هلون، هلندي هلندي هڪ درياهه تي پهتا ۽ ويهي رهيا، پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻيءَ جي مٿان هلندي درياهه جي ٻئي ڪناري پهچي ويا. پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **ان شخص کي فرمايائون، ”توکي ان خدا** عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن مونکي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻڌاءِ، **اها ٽئين ماني ڪيڏانهن وئي؟** ان چيو مون کي خبر ناهي، فرمايائون،” اچو اڳتي هلون“ هلندي هلندي هڪ ريگستان ۾ پهتا، پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام واريءَ جو هڪ ڍير بڻايو ۽ فرمايائون، اي واريءَ جا ڍير! الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان **سون بڻجي وڃ!** ”اهو **هڪدم سون بڻجي ويو،** پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان جا **ٽي حصا ڪيا،** پوءِ فرمايائون،”هي هڪ حصو منهنجو آهي ۽ هڪ حصو توهان جو ۽ هڪ ان جو جنهن **اها ٽئين ماني کنئي**،“ اهو ٻُڌندي ئي ان شخص جلديءَ ۾ چيو، ” **يا روح الله!** اها ٽئين ماني مون ئي کنئي هئي“پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون،”هي **سجو سون** تون ئي کڻ “ پوءِ ان کي ڇڏي اڳتي تشريف کڻي ويا، اهو شخص **سون** کي چادر ۾ ويڙهي اڪيلو ئي روانو ٿي ويو، رستي ۾ ان کي ٻه شخص مليا، انهن جڏهن ڏٺو ته هن وٽ **سون** آهي ته ان کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا ته جيئن **سون** حاصل ڪريون، ان شخص جان بچائڻ خاطر چيو، توهان مون کي ڇو ٿا قتل ڪريو! اسان هن **سون** کي ٽي حصا ٿا ڪريون ۽ هڪ هڪ حصو ورهائي کڻون ٿا، اهي ٻئي شخص ان تي راضي ٿي ويا. ان شخص چيو،” بهتر هي آهي ته اسان مان هڪ **جڻو** ٿورو **سون** کڻي ويجهو واري شهر ۾ وڃي ۽ **کاڌو** وٺي اچي ته جيئن کائي پي

ڪري **سون** ورهايون.“ پوءِ انهن مان هڪ شخص شهر پهتو، ڪاڌو خريد ڪري واپس ٿيڻ لڳو تہ ان سوچيو بهتر هي آهي تہ ڪاڌي ۾ زهر ملائي ڇڏيان تہ جيئن اهي ٻئي ڪائي مري وڃن ۽ سجو **سون** مان ئي ڪٽي ڇڏيان اهو سوچي ڪري ان زهر خريد ڪري ڪاڌي ۾ ملائي ڇڏيو. هوڏانهن انهن ٻنهي سازش ڪئي تہ جيئن ئي هو ڪاڌو وٺي ايندو تہ اسان ٻئي ملي ڪري ان کي ماري ڇڏينداسين ۽ پوءِ **سجو سون** اڌو اڌ ڪري ورهائينداسين، پوءِ جڏهن اهو شخص ڪاڌو وٺي آيو تہ ٻنهي ان تي اوچتو حملو ڪيو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيائون، ان کانپوءِ خوشي خوشي ڪاڌو کائڻ لاءِ ويٺا تہ زهر پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ هي ٻئي بہ تڙپي تڙپي مري ويا ۽ سون جيئن جو تيئن پيو رهيو. پوءِ حضرت سيدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام واپس موٽيا تہ ڪجهہ ماڻهو ساڻن گڏ هئا، پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سون ۽ ٽنهي لاشن جي طرف اشارو ڪري ساٿين کي فرمايائون، ” ڏسي وٺو دنيا جو هي حال آهي پوءِ توهان تي لازم آهي تہ ان کان بچندا رهو.

(اتحاف السادة ا لمتقين ج9 ص 835)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! دولت جي محبت ڪهڙا ڪهڙا فساد مچائيندي آهي، گناهن تي اڀاريندي آهي، در در رلائيندي، قرمار ڪرائيندي، ايتري تائين جو لاش ڪيرائيندي آهي پر ڪنهن جي هٿ نہ ايندي ۽ جيڪڏهن ايندي آهي تہ بيحد ستائيندي ۽ خوب روئاريندي آهي، تنهن ڪري اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰہُ المُبِین مال ۽ دولت جي معاملي ۾ نهايت ئي محتاط (يعني چوڪس) هئا، جيئن تہ

## مال جي مذمّت ۾ بزرگن جا ارشادات

**حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا ﴿1﴾ حضرت سيّدُنا **حسن بصري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو درهم (يعني دولت) جي عزّت ڪندو آهي الله ربّ العزّت ان کي ذلت ڏيندو آهي، ﴿2﴾ روايت آهي سڀ کان پهريان درهم ۽ دينار ٺهيا ته شيطان ان کي کڻي ڪري پنهنجي پيشانيءَ تي رکيو پوءِ ان کي چميائين ۽ چيائين " جنهن هنن سان **محبت** ڪئي اهو منهنجو غلام آهي. (**العِيَاذُبِاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ) ﴿3﴾ حضرت سيّدُنا **سميط بن عجلان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمايو، " درهم ۽ دينار(مال ۽ دولت) منافقن جا لغام آهن اهي انهن جي ذريعي دوزخ جي طرف ڇڪيا ويندا ﴿4﴾ حضرت سيّدُنا **يحيىٰ بن مُعاذ** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، "درهم (يا روپيا) **وڇون** آهن، جيڪڏهن توهان ان جي زهر جو توڙ نه ٿا ڄاڻو ته ان کي نه پڪڙيو، ڇو ته جيڪڏهن ان ڏنگ هنيو ته ان جو زهر توهان کي ماري ڇڏيندو، عرض ڪيو ويو ان جو توڙ ڇا آهي؟ فرمايائون حلال طريقي سان حاصل ڪرڻ ۽ ان جا حقوقِ واجبه (يعني ضروري حق) ادا ڪرڻ ﴿5﴾ حضرت سيّدُنا **علاء بن زياد** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، دنيا خوب سينگارجي منهنجي سامهون مثالي صورت ۾ آئي، مون چيو، مان تنهنجي شر کان الله تعالىٰ جي پناهه ٿو گهران، ان چيو جيڪڏهن توهان مون کان محفوظ رهڻ چاهيو ٿا ته درهم ۽ دينار (روپين پيسن) سان نفرت ڪيو ڇو ته درهم ۽ دينار اهي شيون آهن جن جي ذريعي ماڻهو هر قسم جي **دنيا** حاصل

ڪندو آهي تنهنڪري جيڪو انهن ٻنهي (يعني درهم ۽ دينار) کان صبر ڪندو يعني پري رهندو، اهو دنيا کان بہ صبر ڪري وٺندو. وڏيڪ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي عربي اشعار نقل ڪيا آهن، انهن جو ترجمو هي آهي: ” مون تہ (هي راز) ڄاڻي ورتو آهي پوءِ توهان بہ هن کان علاوه ڪجهہ ٻيو گمان نہ ڪريو ۽ هي نہ سمجهو تہ تقويٰ هن درهم وٽ آهي تہ جڏهن توهان هن (مال) تي قادر هجڻ جي باوجود ان کي ڇڏي ڏيو تہ ڄاڻي وٺو تہ توهان جي تقويٰ هڪ مسلمان جي تقويٰ آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي قميص تي لڳل چتيون يا پنين کان مٿي ڪيل شلوار يا ان جي پيشاني جنهن تي (سجدن جا) نشان هجن، انهن کي ڏسي دوکو نہ کائجو اهو ڏسجو تہ هو درهم (مال ۽ دولت) سان محبت ڪري ٿو يا ان کان پري رهي ٿو. (احياء العلوم ج3 ص 288)

حُبِّ دنیا سے تُو بچا یاربّ!
اپنا شیدا مجھے بنا یاربّ!

## ﴿11﴾ مدني محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جي زلفن جو اسير

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلاميءَ** جي مدني ماحول جي برڪت سان وڏن وڏن چورن ۽ ڌاڙيلن جي سڌي رستي تي اچڻ جا واقعا ٻُڌڻ ۾ ايندا آهن. دعوتِ اسلامي جي خوب ڦهليل ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ مدني ڪم کي سهڻي نموني سان هلائڻ لاءِ مختلف ملڪن ۽ شهرن ۾ ڪيترين ئي مجلسون ٺاهيون ويئديون آهن، جن مان هڪ **مجلس رابطہ** بالعلماء والمشائخ بہ آهي، جيڪا اڪثر علماءِ ڪرام تي مشتمل آهي، هن مجلس جا اسلامي ڀائر مشهور ديني درسگاه

جامعہ راشديہ (پير جو ڳوٺ خيرپورميرس) تشريف کڻي ويا، ڳالهيون هلندي جيل خانن ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪم جي ڳالهہ نڪتي تہ اتان جا شيخ الحديث صاحب ڪجهہ هن طرح فرمائڻ لڳا، جيل خانن جي مدني ڪم جي شاندار مدني ڪارڪردگي آءُ پاڻ توهان کي ٻُڌايان ٿو، ” پير جو ڳوٺ جي پرپاسي ۾ **هڪ ڏاڙيل** تباهي مچائي ڇڏي هئي، مان ان کي سڃاڻيندو هئس، هر روز پوليس سان ان جي وٺ پڪڙ هلندي رهندي هئي، ڪيترائي ڀيرا گرفتار بہ ٿيو پر اثر رسوخ استعمال ڪري ڇُٽي پئي ويو، آخرڪار ڪنهن ڏوهہ ۾ پڪڙجي باب المدينہ ڪراچيءَ جي پوليس جي هٿ چڙهي ويو، ڪيس سزا ملي ۽ **جيل** هليو ويو. سزا ڪاٽڻ ڪانپوءِ آزاد ٿيڻ تي مون سان ملڻ آيو، مون پهرئين نظر ۾ ڪيس سڃاڻي نہ سگهيس ڇو تہ مون ان کي ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ مٿي اگهاڙو ڏٺو هو، پر هاڻي **سندس چهري** تي مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني **نوراني ڏاڙهي شريف** جڳمڳ ڪري رهي هئي ۽ مٿي تي سائي **عمامي شريف** جو تاج پنهنجون بهارون لُٽائي رهيو هو، پيشانيءَ تي نمازن جو نور واضح نظر اچي رهيو هو، منهنجي حيرت جو طِلسم ٽوڙيندي هن چيو تہ ” قيد جي دوران جيل جي اندر اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مونکي **دعوتِ اسلاميءَ** جومدني ماحول ميسر اچي ويو ۽ **عاشقانِ رسول** جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان مون گناهن جون زنجيرون ٽوڙي پنهنجو پاڻ کي **مدني محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **زلفن جو اسير** بڻائي ڇڏيو آهي.

رحمتوں والے نبی کے گیت جب گاتا ہوں میں　　گنبدِ خضرا کے نظاروں میں کھو جاتا ہوں میں
جاؤں تو جاؤں کہاں میں کس کا ڈھونڈوں آسرا　　لاج والے لاج رکھنا تیرا کہلاتا ہوں میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿12﴾ هٿن ۾ لڦون پئجي ويون

حضرت سيّدُنا سُوَيد بن غفلہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مان امير المؤمنين، حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْھَہُ الْکَرِيْم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ دارالامارة ڪوفي ۾ حاضر ٿيس، سندن آڏو جَوَن جي ماني ۽ کير جو هڪ پيالو رکيل هو، ماني خشڪ ۽ ايڏي سخت هئي جو ڪڏهن پنهنجي هٿن سان ۽ ڪڏهن گوڏن تي رکي ڀڃي رهيا هئا. اهو ڏسي ڪري مون پاڻ ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْھَہُ الْکَرِيْم جي ٻانهيءَ فِضّہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا کي چيو، توهان کي هنن تي ترس نہ ٿو اچي؟ ڏسو تہ سهي مانيءَ تي بوسو لڳل آهي، سندن لاءِ جَوَ شريف ڇاڻي ڪري نرم ماني پچائيندا ڪريو، تہ جيئن گرهہ پٽڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي، حضرت فِضّہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا وراڻيو تہ امير المؤمنين ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْھَہُ الْکَرِيْم اسان کان عهد ورتو آهي تہ سندن لاءِ ڪڏهن جَوَ شريف ڇاڻي نہ پچايا وڃن، ايتري ۾ امير المؤمنين ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْھَہُ الْکَرِيْم مون ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون اي ابنِ غفلہ! توهان هن ٻانهيءَ کي ڇا چئي رهيا آهيو؟ مون جيڪو ڪجهہ چيو هو اهو کين عرض ڪري ڇڏيم ۽ التجا ڪيم تہ يا امير المؤمنين! توهان پنهنجي جان تي رحم فرمايو ۽ ايڏي تڪليف نہ ڪٽو. تڏهن پاڻ ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْھَہُ الْکَرِيْم فرمايائون، اي ابنِ غفلہ! ٻنهي جهانن جي

مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن اهل و عيال ڪڏهن بہ تي ڏينهن لڳاتار ڪڻڪ جي ماني پيٽ ڀري نہ کاڌي ۽ نہ ئي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لاءِ اٽو ڇاڻي ڇاڻيو ويو، هڪ ڀيري مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا ۾ بُک ڏاڍو تنگ ڪيو تہ مان مزدوريءَ لاءِ نڪتس، ڏٺم تہ هڪ عورت مٽيءَ جي پٿرن کي گڏ ڪري انهن کي آلو ڪرڻ پئي چاهيو مون ان سان في ڏول هڪ کارک مزدوري مقرر ڪئيءِ سورهن ڏول وجهي ڪري ان مٽيءَ کي آلو ڪيم، اپتري تائين جو منهنجي هٿن ۾ لِڦون پئجي ويون، پوءِ اهي کارڪون کڻي ڪري آءُ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ پورو واقعو بيان ڪيم تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ انهن مان ڪجهہ کارڪون کاڌيون. (سفينهءِ نوح حصو اول ص99)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿13﴾ دل کي نرم ڪرڻ جو نسخو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضیٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي سادگيءَ تي اسان جي جان قربان وڃي، ايڏيون تڪليفون سهڻ جي باوجود ڪڏهن بہ زبان تي شڪايت جو لفظ نہ آندائون، غذا سان گڏوگڏ سندن لباس بہ انتهائي سادو هوندو هو، هڪ ڀيري پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي

خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ توهان پنهنجي قميص ۾ چتيون ڇو هڻندا آهيو؟ فرمايائون يَخْشَعُ الْقَلْبُ وَيَقْتَدِي بِهِ الْمُؤمِنُ يعني ان سان دل نرم رهندي آهي ۽ مومن ان جي پيروي ڪندو آهي (يعني مومن جي دل نرم ٿي هئڻ گهرجي). (حلية الاولياء ج 1 ص 124)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿14﴾ جُتي سِبي رهيا هئا

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڏينهن حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس، ڏٺم تہ پاڻ ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي جُتي مبارڪ کي چتيون هڻي رهيا آهن، مون تعجب ڪيو تہ فرمايائون، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي **نعلين شريفين** (يعني جُتي مبارڪ) ۽ **لباس مبارڪ** کي چتيون هڻندا هئا ۽ سواريءَ تي پنهنجي پُٺيان ٻئي کي بہ ويهاريندا هئا. (سفينهءِ نوح حصو اوّل ص 98)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

ڪهدے ڪوئي گهيرا هے بلاؤں نے حسن ڪو

اے شيرِ خدا بهرِ مدد تيغ بکف جا

## ﴿15﴾ مزيدار فالودو

**اميرالمؤمنين**، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ پيري **مزيدار فالودو** پيش ڪيو ويو، فرمايائون، ان جي خوشبو، رنگ ۽ ذائقو ڪيڏو سٺو آهي! (پر) مان

هن ڳالهہ کي پسند نہ ٿو ڪريان تہ پنهنجي نفس کي اهڙي شيءِ جو عادي بڻايان جنهن جي ان کي عادت ناهي. (حلية الاولياءِ ج 1 ص 123 حديث 247)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

## جهڙي نعمت تهڙو حساب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امير المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو نفس کي مارڻ مرحبا! ڪاش! اسان بہ سخت گرميءَ ۾ نفس جي خواهش تي آئيس ڪريم يا فالودو کائڻ وقت يا ٿڌا مشروبات پيئڻ وقت اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي هن ايمان افروز حڪايت کي بہ ڪڏهن ياد ڪندا ڪريون، ياد رکو! نفس کي جيترين سهولتن جي عادت وڌي ويندي اهو اوترو ئي نئن ۽ عيش پرست ٿي ويندو آهي، ڏسو! جڏهن پکو ايجاد نہ ٿيو هو ان وقت بہ ماڻهو گذارو ڪري ئي وٺندا هئا، ۽ اڄ ڪيترن ئي ماڻهن کي ايئر ڪنڊيشنڊ روم ۾ سمهڻ جي عادت پئجي وئي آهي انهن کي هاڻي گرمي ۾ A.C کان بغير ننڊ اچڻ مشڪل ٿي وئي هوندي، اهڙيءَ ريت جيڪي عمدا ،لذيذ ۽ گرما گرم کاڌن جا عادي آهن، سادو کاڌو ڏسي ڪري سندن ”موڊ آف“ ٿي ويندو هوندو، بلڪ ڪڏهن اتفاق سان گهر ۾ انهن جي مرضي جي برخلاف کاڌو پيش ڪيو ويندو هوندو، تہ بَڪ بَڪ ڪندا، جهيڙا ڪندا، پنهنجي ٻارن جي ماءُ بلڪ پنهنجي ماءُ سان مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ وڙهي پوندا هوندا ۽ اهڙيءَ ريت دل آزارين وغيره جي ڪبيره گناهن ۾ وڃي پوندا هوندا، جيڪڏهن توهان ڪڏهن اهڙي ڪا

خطا ڪئي آهي، تہ منهنجو مشورو آهي تہ توبهہ بہ ڪريو ۽ جنهن جنهن جي دل آزاري ڪئي آهي ان کان مُعافي بہ گهري وٺو، نہ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ مرڻ کانپوءِ ڏاڍو پڇتائڻو پوندو. **ياد رکو!** دنيا ۾ نعمت جيتري اعليٰ هوندي قيامت جي ڏينهن ان جو حساب بہ اوترو ئي گهڻو هوندو، آخرت جي حساب جي معاملي ۾ عمدگي جو معيار پنهنجي پنهنجي پسند جي اعتبار سان هوندو، مثال طور جيڪو چانورن بدران ماني کي گهڻو پسند ڪري ٿو ان جي لاءِ چانورن جي مقابلي ۾ ماني وڏي نعمت آهي ۽ انهيءَ نسبت سان ان کان مانيءَ جو حساب وڌيڪ ٿيندو ۽ جيڪو چانورن جو شوقين هوندو ان جي لاءِ ماني جي مقابلي ۾ چانورن جو حساب وڌيڪ وعليٰ هذا القياس (يعني ۽ انهيءَ تي هر شيءِ جو اندازو لڳائيندا وڃو) الله تبارڪ و تعاليٰ **30 هين** سيپاري ۾ سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ جي آخري آيتِ ڪريمہ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ۠ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ”پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جو پُڇاڻو ٿيندو“.

## نعمت جا قسم ۽ انهن جي باري ۾ قيامت جا سوال

**مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْحَنَّان هن آيتِ مبارڪ جي تحت هي بہ فرمائن ٿا تہ، ”اهو سوال هر نعمت جي متعلق ٿيندو، جسماني يا روحاني، ضرورت واري هجي يا عيش و آرام واري، ٿڌي پاڻي، وڻ جي ڇانوَ، راحت جي ننڊ جو بہ. جيئن تہ حديثِ شريف ۾ آهي ۽ ”نعيم

جي اطلاق (يعني استعمال ٿيڻ) مان (بہ) معلوم ٿئي ٿو. بغير ڪنهن حق هئڻ جي جيڪا عطا ٿئي اها ”نعمت “ آهي، رب عَزَّوَجَلَّ جي هر عطا نعمت آهي چاهي جسماني هجي يا روحاني. ان جا بہ قسم آهن: ﴿1﴾ ڪَسبي ﴿2﴾ وَهبي. جيڪي نعمتون اسان جي ڪمائي مان ملن، اهي ڪسبي آهن. جيئن دولت، سلطنت وغيره ۽ جيڪي رُڳو رب عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان هجن (يعني محنت سان حاصل ڪري نہ سگهجن) اهي وَهبي آهن جيئن اسان جا عضوا، چنڊ، سج وغيره. ڪسبي نعمت متعلق ٽي سوال ٿيندا، ﴿1﴾ ڪٿان حاصل ڪئي؟ ﴿2﴾ ڪٿي خرچ ڪئي ﴿3﴾ انهن جو شڪريو ڪهڙو ادا ڪئي؟ وهبي نعمتن جي متعلق آخري بہ سوال ٿيندا.

(نورالعرفان ص 956)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی  نام رحمٰن ہے ترا یاربّ
عیب میرے نہ کھول محشر میں  نام ستّار ہے ترا یاربّ
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل
نام غفّار ہے ترا یا ربّ

## مباح ڪڏهن عبادت بڻبو آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مُباح (يعني اهڙو عمل جنهن تي نہ ثواب ملي نہ گناھ) ۾ جيڪڏهن سٺي نيّت شامل ڪئي وڃي تہ اهو ثواب جو ڪم بڻجي ويندو آهي، سو جيتريون سٺيون نيّتون گهڻيون هونديون اوترو ثواب ۾ بہ اضافو ٿيندو ويندو پر ان سٺي نيّت جو تعلق آخرت جي عمل سان هئڻ ضروري آهي. فقہ جي مشهور ڪتاب **الاشباہ والنظائر** ۾ آهي، ”مُباح ڪمن جو مُعاملو نيّتن جي اعتبار ڪان

مختلف هوندو آهي جيڪڏهن انهن مان عبادتن تي قوت حاصل ڪرڻ يا انهن تائين پهچڻ جو ارادو هجي ته پوءِ اهو (مباح بہ) عبادت آهي.
(الاشباه والنظائر ج 1 ص 28 باب المدينه ڪراتشي)

## مزو وٺڻ خاطر مباح جو استعمال

ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيڪو بہ مباح (يعني جنهن جو ڪرڻ فقط جائز هجي، ثواب يا گناهه نہ هجي اهو) ڪم ڪيو وڃي يا مُباح غذا استعمال ڪئي وڃي ان ۾ گهٽي کان گهٽيون سٺيون نيّتون شامل ڪيون وڃن تہ جيئن خوب خوب ثواب ملي، جيتوڻيڪ سٺي نيّت کان بغير رُڳو مزو وٺڻ خاطر مُباح شين کي استعمال ڪرڻ وارو گناهگار نہ آهي، تنهن هوندي بہ حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي جو ارشاد مبارڪ آهي، ”ان کان سوال ضرور ٿيندو ۽ جنهن سان حساب ۾ جهيڙو ٿيو، ان کي عذاب ڏنو ويو ۽ **جيڪو ماڻهو دنيا ۾ مباح شين کي استعمال ڪري تو جيتوڻيڪ ان کي قيامت ۾ عذاب نہ ٿيندو پر انهيءَ مقدار ۾ آخرت جون نعمتون گهٽ تي وينديون،** غور تہ ڪريو ڪيڏي وڏي نقصان جي ڳالهہ آهي جو انسان فاني نعمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽي تڪڙ ڪري ۽ ان جي بدلي ۾ اُخروي نعمتن ۾ گهٽتائي جي ذريعي نقصان ڪٽي.“ (احياءالعلوم ج5 ص98)

## آخرت ۾ سڀ حصا گهٽتائي

**پِزّن،** پرانن، ڪبابن، سموسن، گرما گرم پڪوڙن، آئسڪريمن، ٿڌين ٿڌين بوتلن، مزيدار فالودن، منن منن مزيدار شربتن وغيره عمدين غذائن جي شوقينن ۽ پڻ عاليشان بنگلن، ڪشادن گهرن، نئين نئين قيمتي

لباسن، هر طرح جي آسائشن ۽ سهولتن جي طلبگارن، مالدارن، سرمائيدارن، دنيا ۾ خوب خوشيون ماڻڻ وارن، سٺي صحت وارن، اقتدار جي حوَس ۾ بدمست رهڻ وارن جي لاءِ بالخصوص غور ۽ فڪر جو مقام آهي. آهه! آهه! آهه! ”تذڪرة الاولياء“ ۾ حضرتِ سيِّدُنا فُضيل بن عِياض رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ” جڏهن دنيا ۾ ڪنهن کي نعمتن سان نوازيو ويندو آهي ته **آخرت ۾ ان جا سؤ حصا گهٽ ڪيا ويندا آهن**، ڇو ته اتي ته صرف اهو ئي ملندو جيڪو دنيا ۾ ڪمايو هوندو. تنهنڪري انسان جي اختيار ۾ آهي ته هُو آخرت جي حصي ۾ گهٽتائي ڪري يا واڌارو. وڌيڪ فرمائن ٿا،” **دنيا ۾ عمده لباس ۽ سٺو کائڻ جي عادت نه وجهو جو محشر ۾ انهن شين کان محروم ڪيا ويندؤ.** (تذڪرة الاولياء ج1 ص 175)

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جون سموريون لذتون آخرڪار ختم ٿي وينديون ڪاش! مرڻ کان اڳ ۾ اسان جي حرص جو خاتمو ٿي وڃي. هاءِ! هاءِ! دنيا جا فريب ۽ هن بي وفا دنيا تي ديوانو ٿي پوڻ وارن جون بي نور زندگيون! اچو! مان توهان کي هڪ عبرتناڪ واقعو ٻڌايان ٿو، آهي ڪو عبرت حاصل ڪرڻ وارو!

## ﴿16﴾ ناچ گاني جي محفل جاري هئي ته......

**چون ٿا** ته 3 رمضان المبارڪ 1426ھ بمطابق (8.10.2005) تي اسلام آباد جي عاليشان عمارت ”**مارگلہ ٽاور**“ ۾ ڪجهه مغربي تهذيب جي چاهيندڙ مسلمانن، يهودين ۽ عيسائين سان ملي ڪري

مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ جي احترام ڪي نظر انداز ڪندي شراب پي خوب **ناچ گانن** جي محفل مچائي. اهي ماڻهو پنهنجي عاقبت جي انجام ڪان بلڪل بي خبر ٿي ڪري گناهن جي انهن گندن ڪمن ۾ اڃان مشغول ئي هئا تہ اوچتو **خوفناڪ زلزلو** آيو ۽ انهن عيش پرستن جي تمام تر خوشين ۽ بدمستين کي **خاڪ** ۾ ملائي ڇڏيو.

يادرکھو! موت اچانک آئیگی
ساری مستی خاک میں مل جائیگی

## زلزلو گناهن جي سبب ايندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجددِ دين وملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پيرِ طريقت، باعث خير و برڪت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، ”(زلزلي جو) اصل ڪارڻ ماڻهن جا گناه آهن.“ (فتاويٰ رضويه ج 27 ص93) آه! اڄ ڪلھ گناهن جو زوردار سيلاب آهي، پاڻ بُرائين ڪان بچڻ تہ هڪ طرف رهيو، نيڪيون ڪرڻ ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ ڄڻ تہ زمين سوڙهي ڪئي وئي آهي. آه! آه! آه! چنچر جي ڏينهن 3 رمضان المبارڪ 1426ھ 8.10.05 تي ڪجھ ماڻھو قسمين قسمين گناهن ۾ مشغول هئا تہ اوچتو **خوفناڪ زلزلو** آيو ۽ ان اسان جي پياري پاڪستان جي اوڀرندي حصي کي اجاڙي ڇڏيو! زلزلي جي ضمن ۾ **دعوت اسلامي** جي **مدني قافلن** جي مسافر **عاشقانِ رسول** جا عبرتناڪ تجربا ۽ مُشاهدا

پڙهو ۽ خوب توبهه ۽ اِستغفار ڪريو.

## ﴿17﴾ زنده نينگري پريشر ڪُوڪر ۾ اوٻاري وئي!

**چون** تا ڪشمير جي ڪنهن علائقي ۾ هڪ شخص کي پنج نينگريون هيون، **ڇهون** پيرو ويم ٿيڻ وارو هو. ان هڪ ڏينهن پنهنجي **گهرواريءَ** کي چيو ته جيڪڏهن هن پيري به تو **ڌيءُ ڄڻي** ته مان توکي نئين ڄاول ڇوڪريءَ سميت **قتل** ڪري ڇڏيندس، رمضان المبارڪ جي **ٽين** رات هڪ پيرو وري نينگريءَ جي ئي ولادت ٿي، صبح جي وقت نينگريءَ جي ماءُ جي رڙين جي پرواهه نه ڪندي ان بي رحم پيءَ مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گلن جهڙي زنده نينگريءَ کي پريشر ڪوڪر ۾ وجهي چلهي تي رکي ڇڏيو. اوچتو پريشر ڪوڪر ڦاٽو ۽ گڏوگڏ خوفناڪ زلزلو اچي ويو! ڏسندي ئي ڏسندي اهو ظالم شخص زمين جي اندر زنده **دٻجي** ويو، نينگريءَ جي ماءُ کي زخمي حالت ۾ بچايو ويو ۽ غالبًا ان جي ذريعي ان درد ناڪ واقعي جو انڪشاف ٿيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿18﴾ ڪٽيل مُنڍي

**اسلام آباد** جي زلزلي ستيل مارگلا ٽاور جي تباهه ٿيل ڄاين جي ڍير مان هڪ شخص جي **ڪٽيل مُنڍي** ملي، ڌڙ نه ملي سگهيو ڪجهه

ماڻهن مُنڊيءَ کي سجاڳي ڪري ٻُڌايو تہ ”هي بدنصيب شخص جڏهن **اذان** شروع ٿيندي هئي تہ ڪانن جو آواز ويتر وڌائي ڇڏيندو هو.“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن خوفناڪ زلزلي پاڪستان جي اوڀارين حصي ۾ يعني پنجاب جي ڪجهہ جڳهن سان گڏوگڏ ڪشمير ۽ سرحد صوبي ۾ بي حد تباهي مچائي، لڪين ماڻهو مري ويا ۽ زخمين جو تہ ڪو ڳاڻاپو ئي ناهي. تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي عاشقانِ رسول جا سنّتن جي تربيت جا ڪجهہ **مدني قافلا** بہ زلزلي متاثر علائقن ۾ گم ٿي ويا، پر اَلحَمدُللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اهي جلد ئي زندهہ سلامت ملي ويا انهن مان هڪ مدني قافلي جي مدني بهار ملاحظہ ڪيو. جيئن تہ،

## ﴿19﴾ ”يارسول الله“ لکڻ جي برڪت

**لانڍي** بابُ المدينہ ڪراچي جي **7** اسلامي ڀائرن تي مشتمل هڪ **30** ڏينهن جي **مدني قافلي** جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ ”اسان جو مدني قافلو **عبّاس پور** تعلقي نِڪر بالا ڪشمير جي **جامع مسجد غوثيہ** ۾ ترسيل هو، **3** رمضان المبارڪ 1426هہ (**بمطابق 8.10.05**) جو فجر ۽ اشراق وغيره جي نماز ڪانپوءِ جَدوَل جي مطابق عاشقانِ رسول آرام ڪري رهيا هئا تہ اوچتو زوردار جهٽڪي سان سڀئي گهبرائجي جاڳي پيا، ان ڪان اڳ جو حواس بحال ٿين، مسجد جون پٿيون ۽ دروازا تڙڪات ڪري ٽُٽڻ لڳا پر يا رسول الله جي نعري تي اسان جي جان قربان! مسجد جي ڏاکڻي پت جو اهو حصو جنهن تي يا رسول الله

صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لڪيل هو اهو ڪِرڻ کان بچي ويو ۽ چت ان تي ڪِري پاسيري تي بيهي رهي، اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اهڙيءَ ريت اسان ائين ذري گهٽ بچي ڪري ۽ زنده سلامت باهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. چئني طرف ججهون ڍهي چُڪيون هُيون، زخمين جي رڙين ۽ دانهن سان فَضا جو سينو ڏهلجي رهيو هو، هر جڳهه تي ماڻهو ملبي هيٺان دٻيل هئا، ڪيترائي دم ٽوڙي چُڪا هئا ۽ ڪي پوئين پَساهن ۾ هئا، اسان ماڻهن سان ملي ڪري امدادي ڪم ڪيو. مسجد جي سامهون واري هڪ گهر جي ڍير مان هڪ ڏيڍ سال ٻارڙيءَ کي زنده ڪڍڻ ۾ ڪاميابي ملي جيئن تيئن ڪري ڪيترن ئي شهيدن جا جنازا پڙهيا ۽ انهن جي تدفين ۾ حصو ورتو. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جي انهن ڪوشش جي سبب تباهه حاليءَ جي باوجود اتان جي مسلمانن جي **دعوتِ اسلاميءَ** سان محبت ڏسڻ وٽان هئي.

یا رسولَ اللہ کے نعرے سے ہم کو پیار ہے
جس نے یہ نعرہ لگایا اُس کا بیڑا پار ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿20﴾ ڏکيو رستو

**حضرتِ سيّدُنا ابوالدرداء** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ڏينهن پنهنجي دوستن سان گڏ وينا هئا، سندن گهرواري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا آئي ۽ چوڻ لڳي، توهان هتي هنن ماڻهن سان وينا آهيو ۽ خدا جو قسم گهر ۾ اٽي جي لَپ به ڪونهي، پاڻ جواب ڏنائون، اهو چو ٿي وسارين ته

اسان جي سامهون هڪ ڏکيو پيچرو آهي جنهن مان هلڪي سامان وارن کان سواءِ ڪوبہ چوٽڪارو نہ تو ماڻي سگهي، اهو ٻُڌي ڪري هوءَ خوشيءَ سان واپس هلي وئي. (روض الرياحين ص10 الميمنية مصر)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

## شڪايت نہ ڪرڻ گهرجي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! صحابيءِ رسول حضرت سيّدُنا ابوالدرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪيڏا قناعت پسند هئا ۽ سندن گهرواري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا بہ ڪيتري قدر فرمانبردار هئي جو گهر ۾ کائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ هئڻ جي باوجود سائين جن جو خوفِ خدا سان ڀريل جملو ٻُڌي ڪري خوشيءَ مان واپس موٽي وئي، تنگدستين ۽ گهرو پريشانين کان گهٻرائجي ڪري شڪايت ڪرڻ بدران هميشہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ رجوع ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي.

زباں پر شِکوہ رنج واَلم لایا نہیں کرتے
نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿21﴾ پريشان حال جي دعا

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو، سائين! اهل و عيال جي فڪر مون کي پريشان ڪري رکيو آهي، منهنجي حق ۾ دعا فرمايو، جواب ڏنائون، ”تنهنجو گهرياتي جڏهن تو کان اٽو ۽ ماني نہ هئڻ جي شڪايت ڪن ان وقت اللّٰه تعاليٰ کان دعا ڪر

جو تنهنجي ان وقت جي دعا قبوليت جي وڏيڪ ويجهو آهي.

(ملخصًا روض الرياحين ص11)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ظاهر آهي تہ جيڪو جيترو قدر گهڻو تنگدست هوندو اوترو ئي اهو گهڻو ڏکايل ۽ غمگين هوندو ۽ ڏکايلن جي دعا قبول ٿيندي آهي، جيئن حضرت رئِيس المتڪلمين حضرت علامہ مولانا نقي علي خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان پنهنجي ڪتاب مستطاب ”اَحۡسَنُ الۡوِعَاءِ لِاٰدابِ الدُّعَاء“ ۾ ص 111 تي جن ماڻهن جون دعائون قبول ٿينديون آهن، انهن ۾ سڀ کان پهرئين نمبر تي لکيو آهي، ” اوّل ڏکايل، ان جي حاشيي ۾ سرڪار اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا، ان ڏانهن يعني ڏکايل، لاچار ۽ غمگين جي دعا جي قبوليّت ڏانهن تہ خود قرآن مجيد ۾ ارشاد موجود آهي:

اَمَّنۡ يُّجِيۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكۡشِفُ السُّوۡٓءَ

ترجمو ڪنزالايمان: يا اهو جيڪو لاچار جي ٻُڌندو آهي، جڏهن ان کي پڪاري ۽ دور ڪري ڇڏيندو آهي بُرائي.

(پاره 20 النمل آيت 62)

## ﴿22﴾ مرحبا! اي فاقہ مستي!

ڪنهن نيڪ شخص کي جڏهن سندن ٻارن ٻڌايو تہ اڄ رات کائڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي، فرمايائون، اسان جو اهو مقام ناهي جو الله تعاليٰ اسان کي بُکيو رکي! اهو درجو تہ هو پنهنجي ولين کي عطا فرمائيندو آهي، مشائخ مان ڪن جو هي حال هو جو ڪين

جڏهن تنگدستي پيش ايندي هئي تہ فرمائيندا هئا، ”مرحبا! **اي نيڪ ٻانهن جي نشاني** (يعني اي غربت ۽ فاقہ مستي! تون تہ الله وارن جي نشاني آهين، توکي ڀليڪار آهي جو تون اسان وٽ آئي آهين.)

(روض الرياحين ص 11)

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پا سکتا
جو رنج و مصیبت سے دوچار نہیں ہوتا

## فضول فِڪر ڇڏي ڏيو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت ۾ انهن بي صبرن لاءِ ڪافي درس آهي جيڪي دنياوي مستقبل جي فضول فڪرن ۾ پوندا، اجاين ڳڻتين ۾ ڳرندا ۽ هرويرو جيءُ جهوريندا رهندا آهن، سندن نياڻيون اڃان ننڍڙيون ئي هونديون آهن پوءِ بہ انهن جي شادين جي لاءِ سوچي سوچي پاڳل ٿيندا رهندا آهن. فرض ٿي وڃڻ باوجود حج جي سعادت کان پاڻ کي محروم رکندا آهن ۽ بهانو اهو ئي هوندو اٿن تہ پهريان نياڻين جي شادي جي ”فرض“ کان آجا ٿي وڃون،جڏهن تہ زندگيءَ جو ڪو ڀروسو ناهي، نياڻين جي جواني تائين پاڻ زنده رهندا يا نہ، ان جي ڪنهن وٽ ڪا گارنٽي ناهي يا نياڻيون جوانيءَ جي چائنٺ تي قدم رکڻ کان اڳ ۾ ئي موت جي دروازي کان قبر جي اندر لهي وڃن، ان جي بہ ڪنهن کي خبر ناهي. آه! ڪيترائي ماڻهو هاءِ دنيا! هاءِ دنيا! ڪندي دنيا مان هليا ويندا آهن، پر جيئندي جاڳندي آخرت ڏانهن سندن ڪا توجهہ ناهي ويندي، مسلمانن کي همٿ ۽ خوش عقيدگيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي، اسان کي هرويرو ”ٻن جانين“ جي ڳڻتي لڳل آهي جڏهن تہ ٻنهي جهانن جو پالڻهار اسان جو حامي ۽ ناصرآهي.

مصائب میں کبھی حرفِ شکایت لب پہ مت لانا
مصیبت میں خدا بندوں کو اپنے آزماتا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا اهڙا اهڙا صابر ٻانها ٿي گذريا آهن، جن مصيبتن کي اهڙيءَ ريت ڳلي لاتو جو الله عَزَّوَجَلَّ کان انهن جي پري ٿيڻ لاءِ دعا گهرڻ کي به تسليم ۽ رضا جي مقام جي خلاف ڄاتائون. جيئن ته

## ﴿23﴾ عجيب وغريب مريض

حضرت سيّدُنا يونُس عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام کي فرمايو مان روءِ زمين جي سڀ کان وڏي عبادت گذار کي ڏسڻ چاهيان ٿو. حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام کين هڪ اهڙي شخص وٽ وٺي ويا، جنهن جا هٿ پير ڪوڙهه جي سبب ڳري سڙي ڪري الڳ ٿي چُڪا هئا ۽ هو زبان سان چئي رهيو، ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! تون جيستائين چاهيو انهن عضون مان مون کي فائدو بخشيو ۽ جڏهن چاهيئي واپس ورتئي ۽ منهنجي اميد صرف پنهنجي ذات ۾ باقي رکيئي، اي مونکي پيدا ڪرڻ وارا! منهنجو ته مقصود صرف تون ئي تون آهين.“ حضرتِ سيّدُنا يونُس عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام فرمايو، اي جبريل امين! مان توهان کي نمازي ۽ روزيدار شخص ڏيکارڻ لاءِ چيو هو، حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيْهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام وراڻيو، هن مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ کان اڳ هي اهڙو ئي هو، هاڻي مون کي هي حڪم مليو آهي ته هن جي اکين جي روشني به ختم ڪريان، پوءِ حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام اشارو ڪيو ۽ ان جون

اڪيون نڪري پيون، پر عابد زبان سان اها ئي ڳالهہ چئي، ”يـــا الله عَزَّوَجَلَّ! جيستائين تو چاهيو هنن اکين مان مون کي فائدو بخشيو ۽ جڏهن چاهيئي واپس ورتئي، اي خالق! عَزَّوَجَلَّ منهنجي اميد ڳاهہ صرف پنهنجي ذات ڪي رکيئي، منهنجو مقصود تہ بس تون ئي تون آهين.“ حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام **عابد** کي فرمايو، اسان ۽ تون گڏجي دعا گهرون تہ الله تعاليٰ توکي وري اکيون ۽ هٿ پير موٽائي ڏي ۽ تون اڳي وانگر عبادت ڪرڻ لڳين، عابد چيو تہ هرگز نہ. حضرتِ سيّدُنا جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو، آخر ڇو نہ؟ عابد وراڻيو، ”جڏهن منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي رضا انهيءَ ۾ ئي آهي تہ مونکي صحت نہ گهرجي“. حضرتِ سيدُنا يونس عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام فرمايو، واقعي مون ڪنهن ٻئي کي هن کان وڌيڪ عابد ناهي ڏٺو، حضرت سيّدُنا جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام چيو هي اهو رستو آهي جو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ تائين پهچڻ جي لاءِ هن کان بهتر ٻي ڪا راهہ ناهي. (روض الرياحين ص 155)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

جے سوہنا مرے دُکھ وِچ راضی
میں سکھ نُوں چُلّھے پاواں

## مصيبت لِڪائڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! صابر هجي تہ اهڙو! آخر ڪهڙي اهڙي مصيبت هئي جيڪا ان بزرگ رَحۡمَۃُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي وجود ۾ نہ هئي، ايتري تائين جو آخرڪار اکين جي روشني بہ هلي وئي، پر سندن صبر ۽ تحمل

۾ ذري برابر فرق نه آيو، هو خدا عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهڻ واري ان عظيم منزل تي فائز هئا جو اللهعَزَّوَجَلَّ کان شفا طلب ڪرڻ جي لاءِ به تيار نه ٿيا جو جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ بيمار ڪرڻ منظور فرمائي ڇڏيو آهي ته مان تندرست ٿيڻ نه ٿو چاهيان. سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! هي سندن ئي حصو هو. اهڙن ئي الله وارن جو قول آهي، نَحۡنُ نَفۡرَحُ بِالۡبَلَاءِ کَمَا یَفۡرَحُ اَهۡلُ الدُّنۡیَا بِالنِّعَمِ يعني: ”اسان آفتن ۽ مصيبتن جي ملڻ تي ائين خوش ٿيندا آهيون جيئن دنيا وارا دنياوي نعمتون هٿ اچڻ تي خوش ٿيندا آهن“. ياد رهي! ته مصيبت اڪثر ڪري مومن جي حق ۾ رحمت ئي هوندي آهي ۽ صبر ڪري اجر ڪمائڻ ۽ بي حساب جنّت ۾ وڃڻ جو موقعو فراهم ڪندي آهي. جيئن ته حضرتِ سيّدُنا ابن عباسرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا فرمائن ٿا ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو، ”جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ هن ان کي لِڪايو ۽ ماڻهن تي ظاهر نه ڪيو ته الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي ته ان جي مغفرت فرمائي“.** (مجمع الزوائد ج10 ص 450 حديث 17872) هڪ بي روايت ۾ آهي، ”مسلمان کي بيماري، پريشاني، رنج، تڪليف ۽ غم مان جيڪا مصيبت پهچندي آهي ايتري تائين جو ڪنڊو به چُڀندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي سندس گناهن جو ڪفّارو بڻائي ڇڏيندو آهي“.

(صحيح بخاري ج4 ص3 حديث 5641)

چُپ ڪر سئين تاں موتی مِلسن، صبر کرے تاں ہیرے
پاگلاں وانگوں رَولا پاویں ناں موتی ناں ہیرے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿24﴾ بيبي عائشه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کي ايصالِ ثواب جي حڪايت

امام ربّاني حضرت مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، پهريان جيڪڏهن مان ڪڏهن ڪاڌو پچائيندو هئس ته ان جو ثواب حضور سَرورِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡڪَرِيۡم، حضرت خاتونِ جنّت فاطمة الزهراء ۽ حضرت حسنين ڪريمين عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مقدس روحن جي لاءِ ئي خاص ايصالِ ثواب ڪندو هئس ۽ امهات المؤمنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ جو نالو شامل نه ڪندو هئس، هڪ رات خواب ۾ ڏٺم ته، جنابِ رسالت مآب، محبوب خداءِ توّاب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن، مون پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ سلام عرض ڪيو ته پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون ڏانهن توجهه نه فرمايائون ۽ چهرو مبارڪ ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيائون ۽ مون کي فرمايائون، "مان عائشه (صديقه) جي گهر ڪاڌو ڪائيندو آهيان، جنهن کي مون ڏانهن ڪاڌو موڪلڻو آهي اهو (حضرت) عائشه جي گهر موڪلي"، ان وقت مونکي معلوم ٿيو ته پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي توجهه نه فرمائڻ جو سبب هي هو ته مان اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کي طعام ۾ شريڪ (يعني ايصالِ ثواب) نه ڪندو هئس، ان کان پوءِ مان حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا بلڪه تمام امهات المؤمنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ کي بلڪه سڀني اهلبيت کي شريڪ ڪندو آهيان ۽ تمام اهلبيت کي پنهنجي لاءِ وسيلو بڻائيندو آهيان. (مڪتوباتِ امام رباني ج2 ص 85)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

## سيني کي ايصالِ ثواب ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته جن کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي، انهن کي پهچي ويندو آهي، هي به خبر پئي ته ايصالِ ثواب محدود بزرگن کي ڪرڻ بدران سيني کي ڪرڻ گهرجي، اسان جيترن کي به ايصالِ ثواب ڪنداسين، سيني کي برابر برابر ئي پهچندو ۽ اسان جي ثواب ۾ به ڪا گهٽتائي نه ٿيندي. (وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه تان رسالو "**فاتحه جو طريقو**" هديو ڏئي حاصل ڪري پڙهو) هي به خبر پئي ته اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمُّ الْمومنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان **بيحد محبت** ڪندا آهن، حضرتِ سيّدُنا عَمرِو بن العَاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن " غزوهءِ سلاسل" تان واپس موٽيا ته انهن عرض ڪيو "**يا رسول الله**! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کي سيني ماڻهن مان گهڻو محبوب ڪير آهي؟ "فرمايائون عائشه. انهن وري عرض ڪيو، مردن ۾؟ فرمايائون، سندن والد (يعني حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ)

(صحيح بخاري ج 2 ص 519 حديث 3662)

بنتِ صدّيق آرامِ جانِ نبی اُس حَریمِ بَراءَت پہ لاکھوں سلام
یعنی ہے سورہ نور جن کی گواہ اُن کی پُر نور صورت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿25﴾ پيڙي عورت جو ايمان افروز خواب

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** وارن تي ڇما ڇم رَحمت جي برسات وسندي آهي، **علائقائي دوري براءِ نيڪيءَ جي دعوت** جون به

چا خوب بهارون آهن، جيئن تہ برمنگهم (انگلينڊ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۽ لفظن ۾ پيش ڪريان ٿو، ” اسان هڪ ڀيري مسلمانن جي گھٽيل آباديءَ واري علائقي **Small health** جنهن کي اسان پنهنجي **مدني ماحول** ۾ **”مڪّي حلقو“** چوندا آهيون ۾ علائقائي دورو ڪندي **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ لاءِ گھر گھر وڃي رهيا هئاسين. ان دوران هڪ گھر جو دروازو کڙڪايو هڪ ٻڍڙي عورت نڪتي، جنهن جو ميرپور (ڪشمير) سان تعلق هو، اردو ۽ انگلش کان اڻواقف هئي، اسان مٿو جهڪائي ڪري پنجابيءَ ۾ **نيڪيءَ جي دعوت** پيش ڪئي ۽ عرض ڪيو تہ گھر جي مردن کي فلاڻي وقت مسجد ۾ موڪلجو، اسان جڏهن وڃڻ لڳاسين تہ هوءَ چوڻ لڳي، هاڻي منهنجي ٻہ ٻڌو، اسان وٽ وقت گهٽ هو ان لاءِ اڳتي نڪري وياسين پر اسان جو هڪ اسلامي ڀاءُ بيهي رهيو، ٻڍڙي چوڻ لڳي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهہ ڏينهن اڳ هي مبارڪ خواب ڏٺو هو تہ **”سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سبز سبز عمامي شريف وارن جي ميڙ ۾ مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **کان ٻاهر تشريف کڻي اچي رهيا آهن.“** الله عَزَّوَجَلَّ جي قدرت جو اڄ اهي ئي سائي عمامي وارا منهنجي گھر نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ آيا آهن! ڪيس اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني وئي، هاڻي هوءَ پنهنجي خاندان جي اسلامي ڀينرن سميت باقاعدگيءَ سان هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪندي آهي.

ہیں غلاموں کے جُھرمَٹ میں بدرالدُّجےٰ
نور ہی نور ہر سُو مدینے میں ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسلامي ڀينرن ۾ مدني انقلاب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دعوتِ اسلامي وارن تي سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو وڏو ڪرم آهي، اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ اسلامي ڀينرن ۾ به دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪمن جي ڌُوم مَتل آهي، اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ لکين اسلامي ڀينرن به دعوتِ اسلاميءَ جي مدني پيغام کي قبول ڪيو آهي، فيشن پرستيءَ سان سرشار مُعاشري ۾ پرورش ماڻيندڙ بيشمار اسلامي ڀينرون گناهن جي ڍٻڻ مان نڪري امهات المؤمنين ۽ شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جون ديوانيون بڻجي ويون، ڪنڌ ۾ رئو لڙڪائي ڪري شاپنگ سينٽرن ۽ گڏيل تفريح گاهن ۾ ڀٽڪڻ وارين ۽ نائيٽ ڪلبن ۽ سينيما گهرن جي زينت بڻجڻ وارين کي ڪربلا وارين پاڪ دامن شهزادين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جي شرم ۽ حياءَ جون اهي برڪتون نصيب ٿيون جو مدني برقعو سندن لباس جو جُزْوِلاَيُنْفَک (يعني اهو حصو جيڪو جدا نه ٿي سگهي) بڻجي ويو. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مَدنِي مُنّين ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏيڻ لاءِ ڪيترائي مدارس المدينه ۽ عالمه بڻائڻ لاءِ پڻ ڪيترائي جامعات المدينه قائم آهن. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪندڙ ۽ عالمه ٿيندڙ اسلامي ڀينرن جو تعداد وڌندو پيو وڃي.

مرِی جس قدر ہیں بہنیں، سبھی مَدَنی بُرقع پہنیں
انہیں نیک تم بنانا مَدَنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿26﴾ باڪمال رُومال

حضرتِ سيّدُنا عُباد بن عبد الصَّمد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ”اسان هڪ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر مبارڪ ۾ حاضر ٿياسين، سندن حڪم بُڌي ٻانهيءَ دسترخوان وڇايو، فرمايائون رومال بہ کڻي اچو، هوءَ هڪ رومال کڻي آئي جنهن کي ڌوئڻ جي ضرورت هئي. حڪم ڏنائون، هن کي تنور ۾ وجهي ڇڏيو! ان ٻرڪندڙ تنور ۾ وجهي ڇڏيو! ٿوري دير کان پوءِ جڏهن ان کي ٻاهر ڪڍيو ويو تہ اهو اهڙو اڇو هو جهڙو کير. اسان حيران ٿي ڪري عرض ڪيو تہ هن ۾ ڇا راز آهي؟ حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو، هي اهو رومال آهي جنهن سان حضورِ پُرنُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو پُرنُور چهرو صاف فرمائيندا هئا. جڏهن ڌوئڻ جي ضرورت پوندي آهي اسان هن کي اهڙي طرح باهہ ۾ ڌوئي وٺندا آهيون! ڇو تہ جيڪا شيءِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مبارڪ چهرن کي ڇُهي ان کي باهہ ناهي ساڙيندي. (الخصائص الکبریٰ ج2 ص 134)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عارفِ ڪامل حضرت سيّدنا مولانا روم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡقَيوم "مثنوي شريف" ۾ هن واقعي مبارڪ کي لکڻ کان بعد فرمائن ٿا،

اے دلِ ترسندہ از نار و عذاب　　باچُناں دست و لبے کن اِقتراب

چُوں جماوے راچُناں تشریف داد　　جانِ عاشق را چہا خواہد کشاد

(يعني اي اها دل جنهن کي دوزخ جي عذاب جو خوف آهي، انهن پيارن پيارن چپن ۽ مقدس هٿن جي ويجهو ٿي جن بيجان شيءِ رومال کي به اهڙي فضيلت ۽ مرتبو عطا فرمايو جو اهو باهه ۾ نه ٿو سڙي ته جيڪي سندن عاشق آهن انهن تي دوزخ جو عذاب ڇو نه حرام ٿيندو!)

آقا کا گدا ہوں اے جہنَّم! تُو بھی سُن لے!

وہ کیسے جلے جو کہ غلامِ مَدَنی ہو

## ﴿27﴾ ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو ٿيلهو

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا ته هڪ جنگ ۾ اسلامي لشڪر وٽ کائڻ جي لاءِ ڪجهه نه رهيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي فرمايو، توهان وٽ ڪجهه آهي؟ مون عرض ڪيو ڪاڌي جي ٿيلهي ۾ توريون کارڪون آهن، فرمايائون کڻي اچو. مون حاضر ڪيون جيڪي ڪُل 21 هيون. حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي مٿان هٿ مبارڪ رکي ڪري دعا گهري پوءِ فرمايائون ڏهن ماڻهن کي گهرايو. مان سڏي آيس اهي آيا،

۽ ڍؤ ڪري ڪاڏائون ۽ هليا ويا. وري ڏهن ماڻهن کي گهرائڻ جو حڪم ڏنائون، اهي بہ کائي ڪري هليا ويا، اهڙيءَ ريت ڏهہ ڏهہ ماڻهو ايندا رهيا ۽ ڍؤ ڪري ويندا رهيا، ايتري تائين جو تمام لشڪر کاڌيون ۽ جيڪي باقي رهجي ويون، انهن جي باري ۾ فرمايائون، اي ابوهريره! انهن کي پنهنجي **تيلهي ۾ رکي ڇڏيو ۽ جڏهن چاهيو هٿ وجهي ڪري ان مان ڪڍي ونجو پر تيلهي کي اونڌو نہ ڪجو!** حضرتِ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ مان حضورِ سَرورِ ڪائنات شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتِ مبارڪ جي زماني ۾ ۽ حضرتِ سيِّدُنا ابوبڪر صديق ۽ حضرتِ سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم ۽ حضرتِ سيِّدُنا عثمانِ غني عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان جي خلافت واري دؤر تائين انهن ئي کارڪن مان کائيندو رهيس ۽ خرچ ڪندو رهيس. اندازًا پنجاهہ وَسَق في سبيل الله ڏنم ۽ بہ سؤ وَسَق کان وڌيڪ مان کاڌيون. جڏهن حضرتِ سيِّدُنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ شهيد ٿي ويا تہ اهو **تيلهو** منهنجي گهر مان چوري ٿي ويو. (الخصائص الڪبريٰ ج2 ص85)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

ڪون ديتا ہے دينے کو مُنہ چاہئے

دينے والا ہے سچّا ہمارا نبی

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مَنا مَنا اسلامي ڀائرو!** وَسَق سٺ صاع جو آهي ۽ هڪ صاع 270 تولن جو (يعني ٽي سير ڇهہ ڇٽانگ) هوندو آهي، ان حساب سان

21 ڪارڪن مان هڪ هزار مڻ ڪان وڌيڪ ڪارڪون ڪاڏيون ويون.
اهو سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جو شانِ ڪرم آهي جو ان پنهنجي پياري حبيبِ مڪرّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي بيشمار اختيارات ۽ عظيم الشّان معجزن سان نوازيو. يقينًا سرڪارِ دو جهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شانِ عظمت نشان تہ تمام وڏو آهي، سندن صدقي سندن غلامن کي بہ وڏا وڏا ڪمالات عطا ٿيا، جيئن تہ منهنجي آقا، اعلٰي حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن جي خليفہ ۽ مجاز حضرت صدر الافاضل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ڪرامت ملاحظ فرمايو:

## ﴿28﴾ صدر الافاضل جي ڪرامت

**حضرتِ مولانا منظور احمد صاحب گهوسوي** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی پنهنجو اکين ڏٺو احوال بيان فرمائن ٿا تہ صاحبِ خزائن العرفان **صدر الافاضل** حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْھَادِی جو روزانو معمول هو تہ صبح جي نماز پاڙي واري مسجد ۾ باجماعت ادا فرمائيندا هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مسجد وڃڻ کان اڳ ۾ ئي هڪ چئن فٽن جي **سماوَر** (سماوَر پتل يا ٽامي جي ان ٻتي ٿانوَ کي چوندا آهن جنهن جي اندر باهہ ٻرندي آهي ۽ باهر پاڻي گرم ٿيندو آهي يا چانهہ پچندي آهي) ۾ چانهہ جو سامان وڌو ويندو هو ۽ باهہ ٻاري ويندي هئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جڏهن نماز پڙهي ڪري واپس تشريف ڪٺي ايندا هئا تہ چانهہ تيار ٿي ويندي هئي. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اوطاق ۾ ويهي رهندا هئا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي عقيدتمندن جو وڏو ميڙ جمع ٿي ويندو هو، عام طور تي پنجاهہ کان بہ سؤ ماڻهن تائين

جو ميڙ هوندو هو ۽ ڪڏهن ته اچڻ وارن جو ايڏو ميڙ هوندو هو جو اوطاق ۽ ٻاهرئين اڱڻ ٻنهي ۾ بلڪل جڳهه نه بچندي هئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ويهندي ئي خادم چانهه سان ڀريل هڪ ڪوپ ساسر ۾ لڳائي ڪري چانهه جي پيالي تي هڪ بسڪيٽ رکي ڪري سندن خدمت ۾ پيش ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اها پيالي پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪٽي پنهنجي ساڄي پاسي ويهڻ وارن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ ريت چار ڇهه پياليون پاڻ ورهائيندا هئا. باقي رهيل پوري مجمعي ۾ خادم اهڙيءَ ريت هڪ هڪ بسڪيٽ ۽ هڪ هڪ چانهه جي پيالي ورهائيندا هئا، هڪ پيالي چانهه ۽ هڪ بسڪٽ پاڻ به کائيندا هئا. ڇڻ ته هي سندن صبح جو ناشتو هوندو هو.

**حضرت مولانا سيّد منظور احمد صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڏي يقين سان فرمائن ٿا، حاضرين ٿورا هجن يا گهڻا مون اها ڳالهه خاص طور تي نوٽ ڪئي ته ان ئي هڪ سماوَر جي چانهه روزانو اچڻ وارن تمام ماڻهن جي لاءِ ڪافي هوندي هئي. ڪڏهن ائين نه ٿيو ته حاضرين جو تعداد گهٽو ٿي ويو هجي ۽ وڌيڪ انتظام ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي هجي. حضرت مولانا سيّد منظور احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مٿي ذڪر ڪيل بيان هن ڳالهه جي طرف واضح اشارو ڏئي رهيو آهي ته اها حضرت **صدر الافاضل** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي معمولات وارن ڪرامتن مان هڪ انتهائي ڪرياڻي ڪرامت آهي. (ملخصًا تاريخ اسلام کي عظيم شخصيت صدر الافاضل ص 333،ڪان 334 تنظيم افڪار صدر الافاضل بمبئي)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

ہم کو اے عطّارؔ سُنّی عالموں سے پیار ہے
اِن شاءَاللہ عَزَّوَجَلَّ دوجہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿29﴾ مَندن ٽنڊن کي بہ حصو ملي

**حڪيم** محمّد اشرف قادري چِشتي انارڪلي سردار آباد (فيصل آباد) لکن ٿا، "منهنجي شادي ٿيڻ جي ڊگهي عرصي ڪانپوءِ تائين اولاد نہ ٿي، **اولاد ٿيڻ** جي لاءِ دوائون استعمال ڪيم، دعائون گهريم ۽ وظيفا پڙهيم پر مُراد پوري نہ ٿي، آخرڪار حضرتِ مُحدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا سردار احمد صاحب **قدس سره العزيز** جي خدمتِ بابرڪت ۾ اولاد کان محروميءَ جو تذڪرو ڪري دعا جو طالب ٿيس، انهن ڏينهن ۾ منهنجي پاڙيسري چوڌري عبدالغفور مون کي ٻُڌايو، تہ ٽن ڏينهن کان خواب ۾ هڪ بزرگ نظر اچن ٿا، سندن سامهون توهان بينا آهيو ۽ توهان جي هنج ۾ چند جهڙو خوبصورت **پٽ** آهي. ان بزرگ فرمايو، "حڪيم صاحب! هڪ ٻڪرو صدقي ۾ ڏيو، جنهن مان **مَندن ٽنڊن کي بہ حصو ملي** "، تنهن تي مون حضرتِ **محدثِ اعظم پاڪستان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان جي بارگاهہ ۾ ان خواب جو ذڪر ڪيو ۽ عرض ڪيم تہ منهنجو خيال آهي تہ هڪ ٻڪرو ذبح ڪري جامعہ رضويہ جي لنگر ۾ پيش ڪريان، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون، "حڪيم صاحب! هتي تہ الله تعاليٰ جو ڪرم آهي، ٻڪرا ايندا ئي رهندا آهن، بهتر هي آهي تہ جمعي تي گهر ۾

گوشت ۾ مانيون پچايون وڃن ۽ جمعي جي نماز کان پوءِ ختم شريف پڙهيو وڃي، پڪل گوشت مانين سميت اتي ئي غريبن ۾ ورهايو وڃي. توهان زال مڙس ٻـ ڪائو ۽ ان مان اتان جي **مَنڊن ٽنڊن کي ٻـ حصو ملي.**" هي ياد رهي تـ خواب جو ذڪر ڪرڻ وقت مون مَنڊن ٽنڊن جي متعلق بزرگ جو فرمان قبلہ محدث اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ الۡاَكۡرَم کي عرض نـ ڪيو هو. سائين جن پنهنجو پاڻ ئي ارشاد فرمايو هئائون ۽ اها سندن جي زنده ڪرامت هئي جو غيب جي ڳالهہ ٻُڌايائون! پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي فرمان موجب عمل ڪيو ويو، ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ پنهنجي فضل و ڪرم ۽ حضرت محدّث اعظم رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي دعائن جي صدقي پٽ عنايت فرمايو. (ملخصًا حيات محدثِ اعظم ص 260)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿30﴾ عقيدت هجي تـ نالو بہ ڪم ڪري ويندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! استاذ العلماء، سند العرفا، نائبِ اعليٰ حضرت، پيرِ طريقت حضرتِ محدثِ اعظم پاڪستان مولانا محمّد سردار احمد قادري چشتي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی تمام وڏا عالمِ دين هئا، سندن شاگردن ۾ وڏن وڏن علماءِ ڪرام جا نالا آهن پاڻ هڪ باڪرامت بزرگ هئا جيئن تـ مولانا ڪرم دين (خطيب جامع مسجد چڪ نمبر 356 گ ب) بيان ڪن ٿا تـ هڪ ڀيري آءُ ڊانا ڪوڪرانوالہ نزد شرقپور شريف مينهن وٺڻ ويس، پر ان سفر ۾ مون کي **اڌ مٿي جي سور** ڏاڍو پريشان ڪيو. شرقپور شريف ويجهو ئي هو، اتي حاضر ٿيس پر خبر

پئي تہ ٻئي صاحبزادا حج جي لاءِ ويا آهن. واپس ويندي رستي ۾ سور ڏاڍو پريشان ڪيو، ڪا تدبير سمجهہ ۾ ڪانہ پئي آئي. درياهہ جي ڪناري هلندي هلندي سامهون ڪاغذ جو هڪ سادو ٽڪرو نظر آيو، مون ان کي کنيو ۽ ان تي ڪامل ولي **حضرتِ محدّث اعظم پاڪستان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان **جو نالو مبارڪ لکي ڪري سور واري جڳهہ تي ٻڌم، سندن نالي جو تعويذ ٻڌندي ئي** اَلۡحَمۡدُ لله عَزَّوَجَلَّ **سور جهٽ پٽ ختم ٿي ويو ۽ طبيعت بلڪل صحيح ٿي ويئي.** (ايضًا ص 261)

## ﴿31﴾ ٽيوب لائٽ اطاعت ڪئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن جي ”نالي“ جو اهو شان آهي ان جي ”ڪلام“ جو ڇا عالم هوندو! تنهنڪري ڪلام جي متعلق بہ هڪ ڪرامت ٻُڌندا هلو، جيئن تہ حضرتِ محدّث اعظم پاڪستان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان جهنگ بازار گهنٽہ گهر ۾ منعقد ٿيڻ واري **محفلِ ميلاد** ۾ بيان فرمائي رهيا هئا، بيان جو موضوع هو، **نورانيتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيو، بيان جاري هو تہ لڳ ڀڳ اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سندن توجهہ ساڄي پاسي لڳل هڪ **ٽيوب لائٽ** ڏانهن وئي، اها ٽيوب ڪنهن فني خرابيءَ جي سبب ڪڏهن ٻري پئي، تہ ڪڏهن وسامي پئي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه **ٽيوب** کي مخاطب ٿيندي فرمايائون، **”اڙي ٽيوب!** تون ڪڏهن ٻرين ٿي، ڪڏهن وسامي ٿي وڃين، **حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي نور مبارڪ سان سڄو جهان روشن ٿي ويو ۽ تون ڇو ٿي** ناشڪري ٻڌجين، خبردار! خبردار! تون وسامي وئينءَ تہ ............... پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي هن ارشاد سان نعرهءِ رسالت جي گونج پئجي وئي،

سيني حاضرين ڏنوتہ اها ٽيوب لائٽ جلسي جي آخر تائين لڳاتار روشن رهي. (ايضًا ص 363)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪٽڪ گھٽي ڪان بچي، مٽي جو سور مٽي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! باعمل علماءِ ڪرام جو ڪيڏو وڏو شان هوندو آهي! اسان کي هر دم علماءِ اهلسنّت جي دامن سان وابستہ رهڻ گھرجي، علماءِ حق جي عظمتن جو اندازو هن مان لڳايو جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ڪمال الدين الدّميري رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا، ”ڪجهہ عالمن جي ذريعي مون کي معلوم ٿيو آهي جيڪڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي مشهور ”فقهاءِ سبعہ“ يعني ست علماءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جا نالا مبارڪ ڪنهن پرچيءَ ۾ لکي ڪري ڪٽڪ ۾ رکيا وڃن تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سُرو (اناج ۾ لڳندڙ جيت) نہ لڳندو، جيڪڏهن مٽي جي سور واري جي مٿي تي لڙڪايو (يا ٻڌي ڇڏيو) يا اهي ئي ست نالا پڙهي ڪري مٿي تي دم ڪندؤ تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو، اهي ست نالا مبارڪ هي آهن، عبيدالله، عُروَہ، قاسم، سعيد، ابوبڪر، سليمان، خارجہ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی

(حيٰوة الحيوان الڪبريٰ ج2 ص 53)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ علماءِ حق ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي نالن ۾ بہ عجيب برڪتون هونديون آهن، جن جي نالن جو اهو شان آهي، انهن جي ڪتابن، بيانن، صحبتن ۽ اهڙن جي حاضرين ۽

انهن جي ايصالِ ثواب جي لنگرن جي عظمت جو چا بيان ڪجي!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿32﴾ ڳوهيل اٽو ڏئي ڇڏيائون

حضرتِ سيّدُنا حبيب عَجَمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی جي دروازي تي هڪ سائل سوال ڪيو، سندن گهرواري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی علیها ڳوهيل اٽو رکي ڪري پاڙي مان باهه وٺڻ وئي هئي ته جيئن هوءَ ماني پچائي، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اهو ئي اٽو کڻي فقير کي ڏئي ڇڏيائون. جڏهن اها باهه وٺي موٽي آئي ته اٽو ڪونه هو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون، ان کي ماني پچائڻ لاءِ کڻي ويا آهن، گهڻو پُڇڻ تي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه خيرات ڪري ڇڏڻ جو واقعو ٻُڌايائون، هوءَ چوڻ لڳيون"سبحٰن الله"، اها ته سٺي ڳالهه آهي پر اسان کي به ته ڪجهه کائڻ لاءِ گهربل آهي! ايتري ۾ هڪ شخص هڪ وڏو ٿالهه گوشت ۽ مانيءَ جو ڀريل کڻي آيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون، "ڏسو توهان کي ڪيڏو جلدي موٽائي ڏنو ويو، جڻ ماني ته پچائي ڏنئون ويتر گوشت جي ڀاڄي به موڪلي ڏنئون! (روض الرياحين ص 152)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

### صدقو ڪرڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڏنل شيءِ هرگز ضايع ناهي ٿيندي، آخرت ۾ اجر ۽ ثواب جي حقداري ته آهي ئي. ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به اضافي سُوڏو هٿوهٿ ان جو سٺو عيوضو عطا ڪيو ويندو آهي ۽ اها يقيني ڳالهه آهي ته راهِ

خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڏيڻ سان (مال) وڌندو آهي گهٽبو ناهي. جيئن تہ حضرتِ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪّي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، صدقو مال ۾ گهٽتائي ناهي ڪندو ۽ الله تعاليٰ مُعاف ڪرڻ جي سبب ٻانهي جي عزت ئي وڌائيندو آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر عاجزي اختيار ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ ان ڪي بلندي عطا فرمائيندو آهي.

(صحيح مسلم ص 1397 حديث 2588)

## ڪوهہ مان پاڻي ڪڍڻ سان پاڻي وڌندو آهي

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا تہ " زڪوٰة ڏيڻ واري جي زڪوٰة هر سال وڌندي رهندي آهي، اهو تجربو آهي تہ جيڪو هاري ٻني ۾ ٻج ڇٽيندو آهي، اهو بظاهر ٻورين خالي ڪندو آهي، پر حقيقت ۾ اضافي سان ڀريندو آهي، گهر جون ٻوريون ڪوئن يا سُري لڳڻ وغيره جهڙين آفتن جي سبب ختم ٿي وينديون آهن يا هي مطلب آهي تہ جنهن مال مان صدقو نڪرندو رهي ان مان خرچ ڪندا رهو، اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ وڌندو ئي رهندو، ڪوهہ مان پاڻي ڪڍندا ويندؤ تہ وڌندو ئي ويندو.

(مرأة المناجيح شرح مشڪوٰة المصابيح ج3 ص93)

## زڪوٰة نہ ڏيڻ جا عذاب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! زڪوٰة ادا ڪرڻ جا جتي بيشمار ثواب آهن اتي نہ ڏيڻ وارن جي لاءِ خوفناڪ عذاب بہ آهن جيئن منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن قرآن و

حديث ۾ بيان ڪيل عذابن جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا تہ ”خلاصو هي آهي تہ جنهن **سون چاندي** جي زڪوٰة نہ ڏني وجي، قيامت جي ڏينهن جهنّم جي باهہ ۾ تپائي ڪري ان سان سندن پيشانين، پاسن ۽ پٺين تي داغ لڳايا ويندا، انهن جي مٿي ۽ ڇاتيءَ تي جهنّم جو گرم پٿر رکندا تہ ڇاتي ٽوڙي ڪري ڪلهي ڪان نڪري ويندو ۽ ڪلهي جي هڏيءَ تي رکندا تہ هڏا ٽوڙيندو سيني ڪان نڪري ايندو، پُٺي ٽوڙي پاسن ڪان نڪري ويندو، ڪياڙي ٽوڙي پيشانيءَ ڪان نڪري ايندو، جنهن **مال** جي زڪوٰة نہ ڏني ويندي قيامت جي ڏينهن پراڻو **خبيث خونخوار ازدها** (وڏو نانگ) بڻجي ڪري ان جي پويان ڊوڙندو، هي هٿ سان روڪيندو تہ هو هٿ چٻاڙي ويندو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ بڻجي پوندو، ان جو وات پنهنجي وات ۾ وجهي چٻاڙيندو تہ مان آهيان تنهنجو مال ۽ مان آهيان تنهنجو خزانو، پوءِ ان جو سمورو جسم چٻاڙيندو. **والعياذ بالله رب العالمين** (فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 10 ص 153) منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن کي قيامت جي عذاب کان ڊيڄاري ڪري سمجهائيندي فرمائن ٿا تہ ”**اي عزيز!** ڇا خدا ۽ رسول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان کي ائين ئي مذاق مسخري سمجهين ٿو؟ يا (قيامت جي هڪ ڏينهن) يعني پنجاهہ هزار ورهين جي عرصي ۾ هي ساهہ سُڪائيندڙ مصيبتون سهڻ آسان ڄاڻين ٿو؟ ٿورو هتان جي باهہ ۾ هڪ اڌ روپيو(ننڍڙو سڪو) گرم ڪري جسم تي رکي ڏس، پوءِ ڪٿي هيءَ هلڪي گرمي، ڪٿي اها قهر (واري) باهہ، ڪٿي هي صرف هڪ روپيو، ڪٿي اهو سڄي عمر

جو گڏ ڪيل مال، ڪٿي ھيءَ ھڪڙي منٽ جي دير، ڪٿي اھا ھزار سال ڏينھن جي آفت، ڪٿي ھي معمولي داغ، ڪٿي اھو ھڏا ٽوڙي ڪري آرپار ٿيڻ وارو غضب. اللہ تعاليٰ مسلمانن کي ھدايت بخشي.

(ايضًا ص 175)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان ھر دم وابستہ رھو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ زڪوٰة خيرات جي ضروري احڪامن جي ڄاڻ ٿيندي رھندي ۽ عمل جي جذبي ۾ بہ اضافو ٿيندو ويندو. دعوتِ اسلاميءَ سان محبت وڌائڻ جي لاءِ ھڪ ”مدني بھار“ خدمت ۾ پيش آھي جيئن تہ

## ﴿33﴾ ھڪ ڪورِيَن (Korean) جو اسلام قبولڻ

سنّتن جي تربيت لاءِ **عاشقانِ رسول** جو ھڪ مدني قافلو ”ڪوريا“ جي ھڪ علائقي ۾ ويو. اتي **ھڪ غير مسلم ڪورين** مدني قافلي کي ڏسي ڪري پُڇيو، ڇا اوھان مسلمان آھيو؟**مدني قافلي** وارن چيو، اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آھيون. ان پُڇيو، ھي اوھان جي مٿي تي ڇا ٻڌل آھي؟ جواب ڏنو ويو ھي عِمامو شريف آھي جيڪو اسان جي پياري پياري **نبي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنّت آھي، اھڙيءَ ريت ان ڏاڙھي شريف جي باري ۾ سوال ڪيو، ڪيس جواب مليو، اھا بہ اسان جي **مٺي مٺي نبي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي سنّت آھي، ھو چوڻ لڳو، مون **اسلام** کي ڪتابن ۾ پڙھيو ھو پر نظرن سان نہ ڏٺو ھو، **اڄ پھريون ڀيرو اسلام جي عملي تصوير** نظرن جي سامھون آئي آھي، **جيڪا دل کي بيحد وڻي آھي،**

مهرباني فرمائي ڪري مون کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪريو.“
اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي وارن **عاشقانِ رسول** جي نوراني ڏاڙهين ۽ پُرنُور عِمامن سان جڳمڳ ڪندڙ، نور وسائيندڙ دلربا چهرن جي زيارت جي برڪت سان اهو ڪورِيَن (Korean) غير مسلم مسلمان ٿي ويو.

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف ورِیش میں
واہ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ مسلمانن جي زندگي گذارڻ جو انداز بيحد خراب ٿيندو پيو وڃي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڪثر مسلمانن جي لباس جي ڊيزائن، مٿي ۽ چهري جو انداز وغيره سڀ ڪجهه ڪافرن جي گندي تهذيب جو عڪس پيش ڪري رهيو آهي. شيطان جي هن وسوسي ۾ نه اچڻ گهرجي ته جيڪڏهن اسان ڏاڙهي ۽ عِمامي شريف ۾ رهنداسين ته ماڻهو اسان کان پري ڀڄندا. هرگز ائين ناهي، ماڻهو مدني صورت وارن کان نه بُرين حرڪتن، چاپلوسين ۽ بداخلاقين کان پري ڀڄندا آهن. اوهان انتهائي اخلاص سان سنّتن جي گهمنڊڙ ڦرنڊڙ تصوير بڻجي وڃو، پنهنجا اخلاق سنواريو، زبان کي قابوءِ ۾ رکڻ جي مشق ڪيو، مٺا ٻول ٻوليو، پوءِ ڏسو ڪهڙي طرح ماڻهن جون دليون توهان ڏانهن مائل ٿين ٿيون! هينئر توهان عاشقانِ رسول جي باري ۾ ٻُڌو ته ڪهڙيءَ ريت سنّتن ڀري صورت واري ۽ مرڪندڙ گل وسائيندڙ منن

منن ٻولن، شيطان جي پوڄاريءَ کي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عاشق بڻائي ڇڏيو! ڏاڙهي شريف ۽ سائي عِمامي شريف سان جڳمڳ ڪندڙ، ڳل ڇنيندڙ عاشقانِ رسول جي مدني صورتن ۽ ”الله الله الله“ جي پُرڪيف صدائن جي برڪتن سان مالا مال هڪ ٻي باڪمال حڪايت ٻُڌو ۽ جهومو. جيئن ته

## ﴿34﴾ نوراني چِهرا ڏسي ڪري مسلمان ٿي ويو

1425هـ (جنوري 2005ع) ۾ دعوتِ اسلاميءَ مرڪزي مجلس شوريٰ جي نگران ۽ مجلس بين الاقوامي امور جي ڪجهه اراڪين وغيره جو مدني قافلو باب المدينه (ڪراچي) کان سفر ڪري ڏکڻ آفريڪا پهتو، سو جڏهن دعوتِ اسلاميءَ جو مدني مرڪز فيضانِ مدينه ناهڻ جي جڳهه ڏسڻ لاءِ اهو قافلو هڪ جاءِ تي پهتو ته اتي پهريان کان موجود اسلامي ڀائرن مدني قافلي جي گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي، ان جڳهه جو مالڪ جيڪو عيسائي هو، اهو عِمامي ۽ ڏاڙهي شريف وارن، چمڪندڙ ۽ نوراني چهري وارن عاشقانِ رسول جي جلون ۽ الله جي پُرڪيف نغمن ۾ مست ٿي ويو، بي قرار ٿي ڪري اڳتي وڌيو ۽ نِگران شوريٰ کي چوڻ لڳو، ”مون کي مسلمان ڪريو.“ ان کي هڪدم عيسائي مذهب کان توبهه ڪرائي ڪلمو شريف پڙهائي مسلمان ڪيو ويو، اسلامي ڀائرن جي خوشيءَ جي انتها نه رهي، الله جي زوردار صدائن سان فضا گونججي وئي.

تو داڑھی بڑھالے عمامہ سجالے ہے اچّھا، نہیں ہے بُرا مَدَنی ماحول
یقیناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جِسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

# ﴿35﴾ قاضي صاحب جو خميرو

ڪروڙين حنبلين جي عظيم اڳواڻ حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا صاحبزادا حضرت صالح رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اصفهان جا قاضي هئا، هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خادم حضرت صالح جي بورچي خاني مان خميرو (يعني ڳوهيل اٽو) ڪٽي ماني تيار ڪري امام صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ پيش ڪئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پُڇيائون، ماني ايڏي نرم ڇو آهي؟ خادم ڪين ڳوهيل اَٽي وٺڻ جي ڪيفيت ٻُڌائي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايائون، منهنجو پٽ جيڪو اصفهان جو قاضي آهي ان وٽان خميرو ڇو ڪٽي آئين! هاڻي هيءَ ماني مان نہ کائيندس، اها ڪنهن سائل کي ڏئي ڇڏيو پر ان کي ٻُڌائجو، تہ هن مانيءَ ۾ قاضيءَ جو خميرو شامل آهي، اتفاق سان چاليهن ڏينهن تائين ڪو سائل نہ آيو، ايتري تائين جو مانيءَ ۾ بوءِ پيدا ٿي وئي، خادم اها ماني دِجلہ درياهہ ۾ اڇلائي ڇڏي، حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي تقويٰ مرحبا! پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان ڏينهن کان پوءِ دِجلہ درياهہ جي مڇي ڪڏهن بہ نہ کاڌائون. (تذکرۃ الاولياء ص 197)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪيتري قدر مُتّقي ۽ پرهيزگار هئا جو پنهنجي قاضي پٽ جي مال کان بہ پرهيز ڪندا هئا، قاضي (يعني جج) جي آمدني جيتوڻيڪ حرام جي ناهي هوندي پر پوءِ بہ انهن جو مڪمل طور تي انصاف ڪرڻ مُشڪل هوندو آهي، جيڪڏهن اهي انصاف کان ڪم وٺن

تڏهن بہ، چو جو اهي گورنمينٽ جا ملازم هوندا آهن ۽ انهن جي پگهار حڪومت ادا ڪندي آهي ۽ حڪمران عام طور تي ظلم ۽ ناانصافيءَ کان بچي ناهن سگهندا، گڏو گڏ انهن جي خزاني ۾ رقم جو صاف سٿرو هجڻ بہ مشڪل هوندو آهي، جو اهي اڪثر ظلم جي ذريعي مال حاصل ڪندا آهن، تنهنڪري صرف تقويٰ ۽ احتياط جي سبب **حضرتِ** سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ قاضيءَ جي خميري واري ماني نہ کاڌي ۽ وري اها ئي ماني درياءِ دجلہ ۾ اڇلائي وئي تہ اتان جي مڇي کائڻ بہ ڇڏي ڏنائون تہ ڪٿي اهڙي مڇي پيٽ ۾ نہ هلي وڃي جنهن اها ماني کاڌي هجي!

## ﴿36﴾ امام احمد بن حنبل جي ڪرامت

**حضرتِ** سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ وڏي شان جا مالڪ هئا، منقول آهي تہ ڪنهن عورت جا هٿ پير شل (يعني بي حس) ٿي ويا، ان پنهنجي پٽ کي دعا جي لاءِ وٽن موڪليو، پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ احوال ٻڌڻ کانپوءِ وضو ڪري نماز شروع ڪري ڇڏي، جڏهن اهو نوجوان گهر پهتو تہ سندس ماءُ صحتمند ٿي چُڪي هئي ۽ ان پاڻ اچي ڪري دروازو کوليو. (تذڪرة الاولياء ص 196) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي تعظيم ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، جيئن تہ

## ﴿37﴾ تعظيم جو فائدو

**هڪ** شخص کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پُڇيو، مَافَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڇا سلوڪ فرمايو؟ جواب ڏنائين **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي، ان پُڇيو ڪهڙو

عمل ڪم اچي ويو؟ جواب ڏنائين، هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه درياھ جي ڪناري وضو فرمائي رهيا هئا ۽ اتي ئي آءُ مٿانهين جي طرف وضو ڪرڻ ويٺس، جڏهن منهنجي نظر امام صاحب رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه تي پئي تہ تعظيم جي طور تي هيٺانهين جي طرف اچي ويٺس، بس اهو ئي"**وليءَ جي تعظيم**" وارو عمل ڪم اچي ويو ۽ مان بخشجي ويس. (تذڪرة الاولياء ص196)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿38﴾ سون جون جُتيون

مشهور مُحَدِّث حضرتِ سيّدُنا محمّد بن خُزيمہ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ " جڏهن حضرتِ سيّدُنا امام ابو عبدالله **احمد بن حنبل** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه جي وفات ٿي تہ مان سخت غمگين ٿيس، هڪ رات مون ڏٺو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه وڏي ناز ۽ لاڏ سان هلي رهيا آهن، مون عرض ڪيو، اي ابو عبدالله!هي ڪهڙو انداز آهي؟ فرمايائون، هي جنت ۾ خادمن جو انداز آهي، عرض ڪيائين، مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ ؟ يعني الله تعاليٰ توهان سان ڇا سلوڪ فرمايو؟ جواب ڏنائون اللهعَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي، منهنجي مٿي تي تاج سجايو ۽ پيرن ۾ **سون جون جُتيون** پارايون ۽ فرمايو، "**اي احمد!** هي سڀ ڪجھ ان جي لاءِ آهي تہ تون قرآن کي منهنجو (يعني الله جو) ڪلام چيو، الله عَزَّوَجَلَّ وڌيڪ ارشاد فرمايو. **اي احمد!** مون کان اها دعا گهر جيڪا تون دنيا ۾

گهرندو هئين. مون عرض ڪيو، ” اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ! هر شيءِ ................“ مان اجان ايترو ئي چئي سگهيس، تہ ارشاد ٿيو، هر شيءِ تو لاءِ موجود آهي، ان تي مون عرض ڪيو، هر شيءِ تي تنهنجي قدرت جي سبب، فرمايائين تو سچ چيو، مون عرض ڪيو يا الله عَزَّوَجَلَّ مون کان حساب نہ وٺ، بس منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏ، فرمايائين وڃ ائين ئي ڪيو، پوءِ ارشاد ٿيو، **اي احمد** هي جنّت آهي ان ۾ داخل ٿي وڃ. جڏهن مان داخل ٿيس تہ حضرتِ سيّدُنا **سُفيان ثوري** رَحْمَةُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیْه اتي پهريان کان موجود هئا، انهن جا ٻہ پَرَ هئا جن سان اتي هڪ کجيءَ جي وڻ تان ٻئي وڻ تي اڏامي رهيا هئا ۽ سندن زبان تي جاري هو، ”سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان سان ڪيل واعدي کي سچ ڪري ڏيکاريو ۽ جنّت جي سرزمين جو اسان کي وارث بڻايو، جنّت ۾ جتي اسان چاهيون اتي پنهنجو نڪاڻو بڻايون ٿا تہ عمل ڪرڻ وارن جو اجر تمام بهتر آهي.“ مون پُڇيو حضرتِ سيّدُنا **عبدالوهاب ورّاق** عَلَیْہِرَحْمَةُاللّٰہِالرَّازِق جو ڇا حال آهي؟ تہ چيائون ”مان کين نور جي سمنڊ ۾ ڇڏي آيو آهيان، مون حضرت سيّدُنا **بِشر حافي** عَلَیْہِرَحْمَةُاللّٰہِالْکَافِی جو حال معلوم ڪيو تہ فرمايائون، هو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر آهن، سندن سامهون هڪ دسترخوان آهي ۽ رب ڪريم جل جلاله مٿن متوجهہ آهي، فرمائي رهيو آهي، اي دنيا ۾ نہ کائڻ ۽ نہ پيئڻ وارا! هن جهان ۾ کاءُ ۽ مزو ماڻ.

(شرح الصدور ص 289)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن مٿان رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

## ﴿39﴾ ڪوڙي جي هر ضرب تي معافيءَ جو اعلان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڄاڻوٿا؟ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دين جي خاطر تڪليفون سهي ڪري دنيا مان جڏهن لاڏاڻو ڪري ويندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جو ڪيڏو اعزاز فرمائي ٿو. جي ها ڪروڙين حنبليُن جي عظيم پيشوا حضرتِ سيِّدُنا ابو عبدالله امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيۡه حق جي خاطر تمام گهڻيون تڪليفون برداشت ڪيون، جيئن تہ هڪ موقعي تي عباسي خليفي **مُعتصِم بالله** جي حڪم تي جلّاد سيِّدُنا امام **احمد بن حنبل** رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيۡه جي اگهاڙي پٺيءَ تي واري واري سان ڪوڙا وسائڻ لڳو، جنهن سان سندن پُٺي مبارڪ رتو رت ٿي وئي ۽ کل مبارڪ لهي وئي، ان ئي دوران سندن شلوار مبارڪ ڍِلي ٿيڻ لڳي تہ خداعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا گهريائون، " **يا الله!** عَزَّوَجَلَّ تون ڄاڻين ٿو تہ مان حق تي آهيان، مون کي بي پردگيءَ کان بچاءِ." اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ شلوار مبارڪ وڌيڪ هيٺ لهڻ کان رڪجي ويئي پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيۡه بيهوش ٿي ويا. جيستائين هوش قائم هو **ڪوڙي** جي هر ضرب تي فرمائن پيا، " مون معتصم جو ڏوهہ مُعاف ڪيو." بعد ۾ ماڻهن جڏهن ڪانئن ان جو سبب پُڇيو تہ فرمايائون، **معتصم بالله** ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي سائين حضرت سيِّدُنا عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه جي اولاد مان آهي، مون کي هن ڳالهہ کان شرم ٿو اچي تہ قيامت جي ڏينهن ڪٿي ائين نہ چيو وڃي تہ احمد بن حنبل ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي سائين جي آل کي معاف نہ ڪيو! (ملخصًا معدن اخلاق حصّو 3 ص

37 ڪان 39 دارالڪتب الحنفيه باب المدينه ڪراچي) **حضرتِ سيّدُنا فُضيل بن عِياض** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا **امام احمد بن حنبل** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي مسلسل **28** مهينا (سوا ہہ سالن کان وڌيڪ) قيد ۾ رکيو ويو، ايڏو عرصو ڪين هر رات ڪوڙا هنيا ويندا هئا، ايتري تائين جو مٿانئن بيهوشي طاري ٿي ويندي هئي، تلوار جا ڇِهير ڏنا ويا، پيرن هيٺان چيپاٽيو ويو، پر مرحبا! استقامت! ايڏيون ايڏيون مصيبتون پيش اچڻ جي باوجود پاڻ ثابت قدم رهيا. (**الطبقات الڪبريٰ ج1ص79**) حضرتِ سيّدُنا علامہ حافظ ابن جوزي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه محمد بن اسماعيل رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان نقل ڪن ٿا. حضرت سيّدُنا **امام احمد بن حنبل** رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي 80 ڪوڙا تہ اهڙا هنيا ويا جو جيڪڏهن هاٿيءَ کي هنيا وڃن ها تہ اهو بہ رنيون ڪري ها، پر واهہ امام سڳورا! اوهان جو صبر! (ملخصًا **معدن اخلاق حصو 3 ص106 دارالڪتب الحنفيه باب المدينه ڪراچي**)

تڑپنا اِس طرح بُلبُل کہ بال و پر نہ ہلیں
ادب ہے لازِمی شاہوں کے آستانے کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿40﴾ چور صبر جي تلقين ڪئي

**جڏهن** مصيبت جي ڏهاڙن ۾ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ڪوڙا هڻڻ جي سامهون پيش ڪيو ويو تہ **اللہ تعاليٰ** "**ابوالهَيثَم عيار**" نالي هڪ شخص جي ذريعي سندن مدد فرمائي، اهو وٽن آيو ۽ چوڻ لڳو، "اي احمد! مان فلاڻو چور آهيان، مون کي **ارڙهن هزار ڪوڙا** هنيا ويا تہ

جيئن چوريءَ جو اقرار ڪريان پر مون اقرار نہ ڪيو جڏهن تہ آءُ ڄاڻان پيو تہ مان ڪوڙو آهيان. توهان ڪٿي ڪوڙي جي مار کان گهبرائجي نہ وڃجو. توهان تہ حق تي آهيو. پوءِ جڏهن ڪين ڪوڙا هڻڻ جي ڪري سور ٿيندو هو تہ پاڻ چور جي ڳالهہ ذهن ۾ آڻيندا هئا پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه هميشہ ان جي لاءِ رحمت جي دعا فرمائيندا هئا. (الطبقات الکبريٰ ج1 ص 78،79) **حضرتِ سيّدُنا بِشر بن الحارث** رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه فرمائن ٿا، ” کين (باهہ جي) بٺيءَ (يعني جيل) ۾ وجهي ڪري آزمايو ويو ۽ پاڻ (استقامت جي سبب) ڳاڙهو سون بڻجي ڪري نڪتا.“ (ايضًاج 1 ص 80)

## ولين تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪرم نوازيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش اچڻ وارين تڪليفن کي خوش مزاجيءَ سان برداشت ڪرڻ وارن جو خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ڪيڏو اعزاز ڪيو ويندو آهي، ڳڏوڳڏ توهان هي بہ ڏٺو تہ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡکَافِي کي بہ دنيا ۾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي خاطر بُک ۽ اُڃ جون سختيون برداشت ڪرڻ ۽ نفس کي مارڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ڪيتري لطف ۽ ڪرم سان نوازي رهيو هو، ۽ پڻ اسان جا **غوثِ اعظم** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡاَکۡرَم بہ دنيا ۾ نفس کي ماريندا هئا ۽ کائڻ پيئڻ جي طرف مائل نہ هوندا هئا. سرڪارِ بغداد، حضورِ غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰیعَلَیۡه تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن جو تذڪرو ڪندي عاشق رسول، وليءِ ڪامل، **امام اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُالرَّحۡمٰن بارگاهِ غوثيت مآب ۾ عرض ڪن ٿا،

قسمیں دے دے کے کھلاتا ہے پلاتا ہے تجھے
پیارا اللہ عزوجل ترا چاہنے والا تیرا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙي پياري پياري معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، اِنْ شَــآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون. دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪتن سان مالا مال هڪ ايمان افروز واقعو ٻُڌو ۽ جهومو:

## ﴿41﴾ دماغ جي ڳوڙهي غائب ٿي وئي

**ٻَلبهار** ضلعوچندر پور مهاراشٽر(هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ پنهنجي شموليت جو واقعو ڪجهه هن طرح بيان ڪيو، ته ستن سالن جي عمر ۾ پٿر لڳڻ جي سبب منهنجي ڪابي اک زخمي ٿي پئي. علاج ڪرائڻ تي ڪافي آرام مليو، پر اک جي روشني گهٽ ٿي ويئي، ان مان درسِ عِبرت حاصل ڪرڻ بدران ويتر غفلت جو شڪار ٿي ڪري مان ناچ گانن جي محفلن جو شوقين ٿي ويس، ڊانس ڪلب جي جڳمڳ ڪندڙ روشنين جي سبب منهنجي انهيءَ اک ۾ سخت سُور شروع ٿي ويو، چيڪ اپ ڪرائڻ تي خبر پئي ته **دماغ ۾ رسولي (BrainTumer)** آهي، وڏين وڏين اسپتالن ۾ علاج ڪرايم پر فائدو ته پري رهيو ويتر، ”ڪرتوتن جي ملي سزا، جيئن ڪاڏي دوا، تيئن وڌي وبا “ جيان ڪنڌ به ٽيڏو ٿي ويو ۽ ڪاڌو کائڻ به مشڪل ٿي ويو، منهنجي تڪليف جي سبب گهر وارا بيحد پريشان هئا، انهن ئي ڏينهن ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي **عاشقانِ رسول** جو هڪ **مدني قافلو** اسان جي

ڳوٺ آيو، انهن نيڪيءَ جي دعوت ڏيندي گهر جي تمام مردن کي بيان ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني پر اسان پريشانيءَ جو اظهار ڪري معذرت ڪئي سين، پاڙي واري مسجد مان مبلغ جي بيان جو آواز اسان جي گهر ۾ به اچي رهيو هو، ان بيان کي ٻُڌي ڪري اسان جا گهر وارا بيحد متاثر ٿيا ۽ ”دُرُگ“ ۾ ٿيڻ واري **سنّتن ڀريئي اجتماع** ۾ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ان اجتماع ۾ سنّتن ڀريئي بيان کانپوءِ **رقت انگيز دعا** ٿي، جڏهن اجتماع کان واپسيءَ تي مون **C.T, Scan** ڪرايو ته اهو ڏسي ڪري ڊاڪٽر حيران ٿي ويا ته پوئين سيني رپورٽن ۾ دماغ ۾ ڳوڙهو (**BrainTumer**) موجود هو، پر هن ڀيري **C.T,Scan** ڪرايو ته رسولي (يعني ڳوڙهي) غائب هئي، ان حيرت انگيز واقعي کان متاثر ٿي ڪري پاڻ گهر وارن منهنجي متي تي **عمامي شريف** جو تاج سجايو.

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فیضانِ غوث و رضا مَدَنی ماحول
اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دوا مَدَنی ماحول
سنور جائے گی آخرت ان شاءَاللہ
تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿42﴾ دِلين جي ڳالهه ڄاڻي ورتي

حضور داتا گنج بخش حضرت سيّدُنا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته ” اسان ٿي دوست حضرت سيّدُنا شيخ ابن عَلا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

جي زيارت جي لاءِ ” رملّه “ نالي ڳوٺ ڏانهن هلياسين، رستي ۾ هي طئي ٿيو تہ اسان مان هر شخص ڪا نہ ڪا مُراد پنهنجي دل ۾ رکي، مون اها مُراد رکي تہ مون کي حضرت سيّدُنا شيخ ابن عَلا رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه کان حسين بن منصور حلّاج رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مَناجات ۽ اشعار گهرجن. ٻئي ھيءَ مُراد سوچي تہ مون کي تِريءَ جي بيماريءَ مان شفا حاصل ٿي وڃي. ٽئين چيو تہ مون کي برفي ڪاڻ جي خواهش آهي، جڏهن اسان خدمت ۾ حاضر ٿياسين تہ پاڻ رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه حضرت سيدُنا **حسين بن منصور حلّاج** رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا اشعار ۽ مُناجات لکرائي ڪري منهنجي لاءِ تيار رکيا هئائون، جيڪي مونکي عطا فرمائي ڇڏيائون، ٻئي درويش جي پيٽ تي هٿ گهمايائون تہ ان جي تِريءَ جي تڪليف دور ٿي ويئي، ٽئين کي فرمايائون تہ برفي شاهي دربارن جي غذا آهي جڏهن تہ توهان صوفياڻو لباس پاتو آهي، تنهنڪري ٻنهي مان هڪ شيءِ اختيار ڪريو. (**ڪشف المحجوب ص384**)

**اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

## ﴿43﴾ ڇا حسين بن منصور أنَاالحَقّ چيو هو؟

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اولياءُالله ماڻهن جي دلين جا احوال ڄاڻي وٺندا آهن، تڏهن ئي تہ حضرت سيّدُنا شيخ ابن علا رَحمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه بغير پڇڻ جي داتا گنج بخش حضرتِ سيّدُنا علي هجويري رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ۽ سندن ساٿين جون **دلي مُرادون** بيان ڪيون ۽ ٻن جون مُرادون پوريون ڪري ٽئين کي اصلاح جو **مدني گل** عطا فرمايائون، هن حڪايت ۾ حضرت سيّدُنا

حسين بن منصور حَلّاج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو ذڪر مبارڪ بہ موجود آهي، سندن جي باري ۾ مشهور آهي تہ پاڻ **انا الحق** يعني ”مان حق (خدا) آهيان“ چيو هئائون، انهيءَ غلط فهميءَ جو رد ڪندي منهنجا آقا اعلٰيٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا، ”حضرت سيِّدُنا حسين بن منصور حلّاج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن کي عوام ”**منصور**“ چوندو آهي، منصور سندن والد ماجد جو نالو هيو، ۽ سندن نالو مبارڪ **حسين** (هو) **(پاڻ)** اهلِ حال بزرگن منجهان هئا، سندن هڪ ڀيڻ ڪائنڻ ولايت ۽ معرفت جي مرتبي ۾ تمام گهڻو اڳتي هئي، هوءَ رات جي آخري حصي ۾ جهنگ ڏانهن نڪري ويندي هيون ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ مصروف ٿي ويندي هيون، هڪ ڏينهن سندن اک کلي تہ ڀيڻ کي نہ ڏٺائون، گهر ۾ هر جڳهہ ڳوليائون پر نہ مليون. ڪين وسوسو ٿيو. ٻئي رات جاڳي واٽي اکيون بند ڪري جاڳندا رهيا، هوءَ پنهنجي وقت تي اٿي ڪري هلڻ لڳيون، پاڻ آهستي آهستي سندن پويان هلڻ لڳا ۽ ڏسندا رهيا تہ **آسمان مان سون جي زنجير سان ياقوت جو پيالو لٿو ۽ سندن وات مبارڪ سان اچي لڳو ۽ انهن پيئڻ شروع ڪيو**، ڪائن صبر نہ ٿي سگهيو تہ اها جنّت جي نعمت (مون کي) نہ ملي، بي اختيار ٿي چوڻ لڳا تہ ادي! اوهان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم ٿورو منهنجي لاءِ بہ بچايو، انهن هڪ ڍڪ بچايو، (جنهن کي) پاڻ پيتائون ان جي پيئڻ سان ئي، هر جڙي ٻوٽي (۽) هر در و ديوار مان ڪين هي آواز اچڻ لڳو تہ ڪير ان جو وڌيڪ حقدار آهي جو اسان جي راهہ ۾ قتل ڪيو وڃي؟ پاڻ

چوڻ شروع ڪيائون، ”اَنَاالْحَقّ (انا۔لَ۔آحَق) “ يعني بيشڪ مان سچو آهيان ٻين لفظن ۾ مطلب هو ته بيشڪ مان سچو آهيان. ماڻهن جي ٻُڌڻ ۾ آيو” اَنَاالْحَقّ (يعني مان حق) آهيان انهن (ماڻهن) خدائي جي دعويٰ سمجهي ۽ اها (يعني خدائي دعويٰ) ڪفر آهي ۽ مسلمان تي ڪري جيڪو ڪفر ڪري اهو مُرتد آهي ۽ مُرتد جي سزا قتل آهي. (صحيح بخاري ج2 ص 315حديث 3017) تي آهي ته) نبين جي سلطان، رَحمتِ عالميان محبوب رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي، ”جيڪو پنهنجو دين بدلائي ڇڏي ان کي قتل ڪري ڇڏيو.“ (فتاويٰ رضويه ج 26 ص 400)

اَلحَمدُللہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابستگي ۽ مدني قافلن ۾ سفر اصلاح عقائد ۽ اعمال جا بهترين ذريعا آهن. جيئن ته

## ﴿44﴾ آءُ شرابي ۽ چور هيس

**بمبئي** (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن طرح آهي ته مون کي غلط صحبت جي سبب ننڍي عمر ۾ ئي شراب ۽ جوا جي عادت پئجي وئي هئي، هيرن ۽ سون جي اسمگلنگ ۾ مهارت سبب مان ان ميدان ۾ ” ڪنگ “ مشهور هيس، اسان جي گهر جي ويجهو **دعوتِ اسلامي** وارا هر جمعي تي جمع ٿي ڪري درس ۽ بيان جو سلسلو ڪندا هئا. منهنجي ماءُ مون کي شريڪ ٿيڻ لاءِ چوندي هئي، پر مان ٽاري ڇڏيندو هئس، آخرڪار والده جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان هڪ ڀيري شريڪ ٿي

ئي ويس، مونکي مبلّغ جو اندازِ بيان تہ پسند آيو پر سمجھ ۾ ڪجھ ڪونہ آيو، آخر ۾ مون تي مبلغ **انفرادي ڪوشش** ڪندي بمبئيءَ جي علائقي **گونڊي** ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، مون هائو ڪار ڪري ڇڏي.

**اجتماع** واري رات دوستن سان گڏ شراب خاني پهتس، پر اڄ دل ڪجھ بيزار هئي، سيني شراب گھرايو پر مون ڪولڊ ڊرنڪ جو آرڊر ڏنو. ان تي دوستن مون ڏانهن حيرت واري انداز ۾ ڏٺو، مون چيو مون کي ڪنهن اجتماع جي دعوت ڏني آهي، مون کي اتي وعظ ٻُڌڻ وڃڻو آهي، اهو ٻُڌندي ئي سيئي دوست زور زور سان کلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا، يار! ڇا هي **محرم** جو مهينو آهي! وعظ تہ **محرم** ۾ ٿيندا آهن، توسان ڪنهن مذاق ڪئي هوندي ، مان بہ سوچ ۾ پئجي ويس، تہ واقعي وعظ تہ **محرم** شريف ۾ ٿيندا آهن پر وري مون دل ٻَڌي ۽ هي چوندي اٿيس تہ جيڪڏهن وعظ نہ ٿيندو تہ واپس اچي ويندس، ٻاهر نڪري رڪشا ڪري سڌو **اجتماع گاھ** ۾ وڃي پهتس، اتي گهري ويندڙ **رقت انگيز** دعا مون کي خوب روئاريو، روئي روئي ڪري مون پنهنجي گناهن کان توبھ ڪئي، اجتماع ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مبلغ **انفرادي ڪوشش** ڪندي مونکي **مدني قافلي** ۾ سفر جي دعوت پيش ڪئي. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مان **عاشقان رسول** سان گڏ **مدني قافلي** جو مسافر بڻيس، اتي ئي مون ڏاڙهي شريف ۽ عِمامي شريف جي نيت ڪئي، جواري ۽ شرابي دوستن کان جان ڇڏايم ۽ **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ماحول اختيار ڪيم، مون کي

”وات“ نالي هڪ خوفناڪ بيماري هئي، جنهن سبب ائين لڳندو هو تہ جيئن اڪ ۾ پٿري پئي آهي، ڊاڪٽر بہ ان جي علاج کان عاجز هئا، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪت سان مونکي ان خطرناڪ بيماري کان بہ ڇوٽڪارو نصيب ٿي ويو.

چھوڑ دے نوشیاں، مت بکو گالیاں توبہ کریں قافِلے میں چلو
اے شرابی تو آ، آ جُوآری تو آ چُھوٹیں بدعادتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قافلن جي دعوت ڏيندا رهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **دعوتِ اسلامي** جي مبلغ جي سنّتن ڀرئي بيان ۽ **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ هڪ جواري ۽ شرابي تائب ٿيو ۽ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ڪري دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، **توهان بہ ماڻهن کي مدني قافلن ۾ سفر جي دعوت ڏيندا رهو.** هن حڪايت ۾ توهان هڪ شرابي جو تذڪرو ٻُڌو، افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهہ مسلمانن جو هڪ وڏو انگ مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ شراب پيئڻ جي نحوست ۾ گرفتار آهي تنهنڪري انهيءَ ضمن ۾ شراب جي بابت ڪجهہ عرض ڪندو هلان.

## شراب جي هڪ ڏک جو عذاب

**تاجدارِ نُبُوّت**، ماهِ رسالت، درياءِ رحمت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي، ”الله عَزَّوَجَلَّ مون کي تمام دنيا وارن جي لاءِ رحمت ۽ هدايت بڻائي ڪري موڪليو آهي، مون کي

ان لاءِ موڪليو ويو آهي ته مان ڳائڻ وڄائڻ جا اوزار ۽ جاهليت جي ڪمن کي مٽائي ڇڏيان، منهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عزّت جو قسم ياد ڪري فرمايو آهي، منهنجو جيڪو ٻانهو شراب جو هڪ ڍڪ به پيئندو، مان ان کي ان جهڙو **جهنم جو ٿهڪندڙ** پاڻي پياريندس ۽ منهنجو جيڪو ٻانهو منهنجي خوف کان **شراب** پيئڻ ڇڏي ڏيندو، مان ان کي جنّت ۾ سٺن دوستن سان گڏ (پاڪيزه شراب) پياريندس.

**(المعجم الكبير للطبراني ج 8 ص197حديث 7803، 7804)**

## ڪلمو نصيب نہ ٿيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انديشو آهي ته شرابين ۽ شطرنج کيڏڻ وارن وغيره کي مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿئي، انهيءَ ضمن ۾ ٻه **حڪايتون** ملاحظ ڪيو، **حضرت علامہ محمد بن احمد ذهبي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا ”**《45》** هڪ شخص شرابين جي صحبت ۾ ويهندو هو، جڏهن سندس موت جو وقت ويجهو آيو ته ڪنهن ڪلمي شريف جي تلقين ڪئي ته چوڻ لڳو، ”تون به پيءُ ۽ مون کي به پيار.“ مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بغير ڪلمو پڙهڻ جي مري ويو. (جڏهن شرابين جي صحبت جو اهو حال آهي ته شراب پيئڻ جو ڇا وبال هوندو!). **《46》** هڪ شطرنج کيڏڻ واري کي موت مهل ڪلمي شريف جي تلقين ڪئي وئي ته چوڻ لڳو ”شاهَڪَ (يعني تنهنجو بادشاه) اهو چوڻ ڪانپوءِ ان جو دم پرواز ڪري ويو.“ **(ملخصاً ڪتاب الڪبائر ص 103)**

**شراب جا طبي نقصان**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام شراب پيئڻ کي جيڪو حرام قرار ڏنو آهي ان ۾ بيشمار حڪمتون آهن، هاڻي غير مسلم بہ ان جو نقصان تسليم ڪرڻ لڳا آهن، جيئن تہ هڪ غير مسلم **محقق** جي تاثرات جي مطابق شروع ۾ تہ انساني جسم شراب جي نقصانن جو مقابلو ڪري ويندو آهي ۽ شرابيءَ کي وٽندڙ ڪيفيت ملي ويندي آهي پر جلد ئي داخلي (يعني جسم جي اندروني) برداشت واري قوت ختم ٿي ويندي آهي ۽ لڳاتار هاجيڪار اثر پوڻ شروع ٿيندا آهن. شراب جو سڀ کان گهڻو اثر **جيري (جگر)** تي پوندو آهي ۽ اهو سُسڻ لڳندو آهي، **گردن (بڪين)** تي واڌارو بار پوندو آهي، جيڪي آخرڪار بيحال ٿي ڪري ناڪاره (يعني Fail) ٿي ويندا آهن، ان کان سواءِ شراب جي استعمال جي گهڻائي **دماغ** کي سُڄائي ڇڏيندي آهي، مشڪون (يعني رڳون) ساٽيون ٿي پونديون آهن نتيجي طور مشڪون ڪمزور ۽ پوءِ تباهہ ٿي وينديون آهن، شرابي جي **معدي** ۾ سوج ٿي ويندي آهي، **هڏيون** نرم، ۽ ڪمزور ٿي وينديون آهن، شراب جسم ۾ موجود **وٽامنز** جي ذخيرن کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي، وٽامن B ۽ C ان جي تباهڪاري جو خاص طور تي نشانو بڻجندا آهن. شراب سان گڏوگڏ جيڪڏهن تماڪ (يعني سگريٽ) جو استعمال ڪيو وڃي تہ اهو ان جي هاجيڪار اثرن کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندو آهي ۽ **هاءِ بلڊ پريشر، اسٽروڪ** ۽ **دل جي دؤري** جو شديد خطرو رهندو آهي، گهڻو شراب پيئندڙ، **ٽڪاوٽ، مٿي جي سور،** دل ڪچي ٿيڻ (الٽيون اچڻ واري ڪيفيت) ۽ **اڃ جي شدّت** ۾ مبتلا رهندو آهي. تمام گهڻو

شراب پيئڻ سان دل ۾ عملِ تنفس (يعني ساهه کڻڻ جو عمل) رڪجي ويندو آهي ۽ شرابي تُرت ئي موت جو شڪار ٿي ويندو آهي.

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی    چڑھائے گا ایسا نشہ مَدَنی ماحول
اگر چورڈاکو بھی آجائیں گے تو    سُدھر جائیں گے گر ملا مَدَنی ماحول
نمازیں جو پڑھتے نہیں ہیں ان کو لاریب
نمازی ہے دیتا بنا مَدَنی ماحول

## ﴿47﴾ انڌو شرابي

مون (يعني سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته هڪ شوخ مزاج (ڪاوڙيل طبيعت) صحتمند نوجوان جوڙيا بازار، (باب المدينه ڪراچي) ۾ مزدوري ڪندو هيو. هو صحتمند هجڻ ۾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جي سبب نمايان هيو. پوءِ مٺائنس هڪ اهڙو دؤر آيو جو هو انڌو ٿي ويو ۽ نهايت ئي غمگيني سان خيرات گهرندو وتندو هو. معلومات ڪرڻ تي خبر پئي ته هي شرابي هيو ۽ هڪ ڀيري خراب شراب پيئڻ ڪري ان جي اکين جا ڏيئا (چراغ) وسامي ويا!

کرلے توبہ اور تُومت پی شراب    ہوں گے ورنہ دوجہاں تیرے خراب
جو جُوآ کھیلے، پیئے ناداں شراب    قبر و حشر ونار میں پائے عذاب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿48﴾ ڪپڙو پنهنجو پاڻ اٽڪندو رهيو

حضرت سيّدُنا شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي حضرتِ سيّدُنا قاضي حميد الدين ناگوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا مُريد هئا، تمام باڪمال ۽

صاحبِ حال بزرگ هئا، حضرتِ سيّدُنا شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي تمام گهڻ ڪنهن کي پسند فرمائيندا هئا پر حضرتِ سيّدُنا شيخ احمد نَهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي باري ۾ فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان مشغوليت جو وزن ڪيو وڃي تہ ڏهہ صوفين جي مشغوليّت جي برابر هوندي، سندن ڪاروبار ڪپڙا اُڻڻ هو، حضرتِ سيّدُنا شيخ نصيرالدين محمود عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَعبود فرمائن ٿا، گهر ۾ ڪپڙا اُڻيندي ڪڏهن ڪڏهن شيخ **احمد نهرواني** قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي جو هوش ۾ نہ هوندا هئا پر **ڪپڙو پاڻمرادو اڻجندو رهندو هو**. هڪ ڏينهن سندن پير و مرشد حضرتِ سيدُنا قاضي حميد الدين ناگوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ملاقات جي لاءِ تشريف ڪٺي آيا، موڪلائڻ وقت مرشد فرمايو، "اي احمد! آخر ڪيستائين اهو ڪم ڪندو رهندين؟ اهو فرمائي ڪري اهي تشريف وٺي ويا، شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي ان وقت (چرخي جي ڪِلي ڇِڪڻ لاءِ اٿيا تہ اوچتو سندن هٿ مبارڪ چرخي ۾ ڦاسي ڪري ڀڄي پيو، ان واقعي ڪانپوءِ شيخ احمد نهرواني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي بافندگي (يعني ڪپڙا اڻڻ وارو ڌنڌو) بلڪل ڇڏي ڏنو ۽ مڪمل طور تي الله عَزَّوَجَلَّ سان لنئون لڳايائون، سندن مزار مبارڪ بدايُون شريف (هند) ۾ آهي.

(اخبار الاخيار مع مڪتوبات ص47)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ﴿49﴾ گِدري وارو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علماءَ ۽ اولياءَ مسلمانن جي هر قوم ۽ هر ڪاروبار ڪرڻ وارن ۾ ٿيندا رهيا آهن ۽ قيامت تائين ٿيندا رهندا. خداعَزَّوَجَلَّ جو فضل ڪنهن نسل يا قوم ئي سان خاص ناهي. الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهيندو آهي پنهنجي رَحمت سان نوازيندو آهي. زمين تي بيشمار اولياءُالله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی هر وقت موجود رهندا آهن ۽ انهن جي برڪت سان دنيا جو نظام هلندو آهي. جيئن حضرتِ سيّدُنا شاھ عبدالعزيز محدّث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللّٰهِ الْقَوِی سان ڪنهن ماڻهوءَ شڪايت ڪئي ته سائين! ڇا سبب آهي جو اڄڪلهه دهليءَ جو انتظام "تمام سُست" آهن؟ فرمايائون اڄڪلهه هتان جا صاحبِ خدمت (يعني دهلي جا ابدال) سُست آهن، پُڇيائين ڪير آهن؟ فرمايائون فلاڻا ميوو وڪڻندڙ جيڪي فلاڻي بازار ۾ **گِدرو** وڪڻن ٿا، پُڇڻ وارو شخص وٽن پهتو **گِدرو** کي چتيون هڻندو ۽ چکي ڪري سپ ناپسند ڪندو ٽوڪريءَ ۾ رکندو ويو، ايڏو نقصان ڪندڙ کي به انهن ڪجهه نه چيو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ڏٺائين ته انتظام بلڪل درست آهي ۽ حالات بدلجي ويا آهن ته انهيءَ شخص وري پُڇيو ته اڄڪلهه ڪير آهن؟ شاھ صاحب فرمايو هڪ **ماشڪي** يعني پاڻي پيارينڌڙ آهن جيڪي چاندني چوڪ تي پاڻي پياريندا آهن پر هڪ گلاس جو هڪ ڪسيرو (ڪسيرو انهن ڏينهن ۾ سيني ڪان ننڍو سِڪو هو يعني هڪ پيسي جو چوٿون حصو) وٺندا آهن، هو هڪ سِڪو کڻي ويو ۽ ان کي ڏئي ڪري ڪائنڻ پاڻي گهريائين، انهن پاڻي ڏنو

تہ هن پاڻي هاري ڇڏيو ۽ ٻيو گلاس گهريائين، پاڻي پيارينڊڙ پُڇيو ٻيو سِگهو اٿئي؟ چيائين نہ، انهن ڪيس چماٽ وهائي ڪڍي ۽ چيائون ڳِڌري وارو سمجهيو اٿئي ڇا؟

(سچي حڪايات حصو ٽيون ص97 مڪتبہ جام نور دهلي)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسانجي مغفرت ٿئي.

## روحاني حاڪم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه وارا روحاني حاڪم هوندا آهن ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جون ڳالهيون انهن اللّٰه وارن جي علم ۾ هونديون آهن، هر وليءَ جي ولايت جي شهرت ۽ ڌوم ڌام هئڻ ضروري ناهي، اهي بزرگ مُعاشري جي هر طبقي ۾ هوندا آهن، ڪڏهن مزدور جي ويس ۾، ڪڏهن سبزي ۽ ميوا وڪڻندڙ جي صورت ۾ ڪڏهن واپاري يا ملازم جي شڪل ۾، ڪڏهن چوڪيدار يا ڪاريگر جي روپ ۾ وڏا وڏا اولياء هوندا آهن. هر ڪو انهن کي سڃاڻي ناهي سگهندو، اسان کي ڪنهن بہ مسلمان کي حقير نہ سمجهڻ گهرجي، ڪجهہ اولياءِ ڪرام باقاعده ”روحاني نظام“ سان ڳنڍيل هوندا آهن. جيئن تہ

## 356 اولياءِ ڪرام

حضرتِ سيّدُنا ابن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”اللّٰه تعاليٰ جا 300 ٻانها ڌرتيءَ تي اهڙا آهن جو انهن جون دليون حضرتِ سيّدُنا آدم صفي اللّٰه عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ چاليهن جون دليون حضرت سيّدُنا موسيٰ ڪليم اللّٰه عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽

ستن جون دليون حضرتِ سيّدُنا ابراهيم **خليل الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **پنجن** جون دليون حضرت سيّدُنا جبريل عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **ٽن** جون دليون حضرتِ سيّدُنا ميڪائيل عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دل مبارڪ تي آهن، ۽ **هڪ** انهن مان اهڙو آهي جنهن جي دل حضرتِ سيّدُنا اسرافيل عَلَیْہِ السَّلَام جي دل مبارڪ تي آهي، جڏهن انهن مان ”**هڪ**“ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي ”ٽن“ مان هڪڙي کي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جيڪڏهن انهن ”ٽن“ مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي ”پنجن“ مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن ”پنجن “ مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي ”ستن“ مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن ”ستن“ مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي ”چاليهن“ مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن ”چاليهن “ مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي ” ٽن سون“ مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن ”**ٽن سون**“ مانڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ **الله تعاليٰ** ان جي جڳهہ تي عام ماڻهن مان ڪنهن کي مقرر فرمائيندو آهي، انهن جي ذريعي (وسيلي) سان زندگي ۽ موت ملندو آهي، برسات وسندي آهي، فصل ٿيندا آهن ۽ مصيبتون دور ٿينديون آهن. حضرتِ سيّدُنا ابن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان پُڇيو ويو، ” انهن جي ذريعي ڪيئن زندگي ۽ موت ملندو آهي؟“ فرمايائون، ” اهي **الله تعاليٰ** کان امت جي گهٽائيءَ جو سوال ڪندا آهن تہ امت جو تعداد گهٽو تي ويندو آهي ۽ ظالمن جي لاءِ بد دعا ڪندا آهن تہ انهن جي طاقت ختم ٿي ويندي آهي، اهي دعا ڪندا آهن تہ برسات وسندي آهي زمين ماڻهن

لاءِ فصل پيدا ڪندي آهي، ماڻهن کان مختلف قسمن جون مصيبتون دور ڪيون ويندون آهن. (حلية الاولياء ج1 ص 40 حديث 16)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

## ابدال

حضرتِ سيّدُنا امام محمد بن علي حڪيم ترمذي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ته حضرتِ سيّدُنا ابو درداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته بيشڪ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زمين جا اوتاد هئا،جڏهن نُبُوَّت جو سلسلو ختم ٿيو، ته الله تعاليٰ امتِ احمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هڪ قوم کي انهن جو نائب بڻايو جن کي ابدال چوندا آهن، اهي (فقط) روزي، نماز، تسبيح ۽ تقديس ۾ ڪثرت جي ڪري ماڻهن کان افضل ناهن ٿيا بلڪ پنهنجي حسنِ اخلاق، پرهيزگاري ۽ تقويٰ جي سچائي، سٺي نيّتن، تمام مسلمانن کان پنهنجي سينن جي سلامتي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ حلم (يعني بردباري)، صبر ۽ دانشمندي، بغير ڪمزوريءَ جي عاجزي ۽ تمام مسلمانن جي خير خواهي جي سبب افضل ٿيا آهن. پوءِ اهي **انبياء ڪرام** عَلَيْهِمُ السَّلَام جا نائب آهن، اهي اهڙي قوم آهن جو **الله تعاليٰ** انهن کي پنهنجي ذات مبارڪ جي لاءِ منتخب ۽ پنهنجي علم ۽ رضا جي لاءِ خاص ڪري چُونڊيو آهي. اهي **40 صديق** آهن، جن مان **30 رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي خليل حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي يقين وانگر آهن. انهن جي ذريعي زمين وارن کان آفتون ۽ ماڻهن کان مصيبتون ٽرنديون آهن. انهن جي ذريعي ئي برسات ٿيندي آهي ۽ رزق ڏنو ويندو آهي، انهن مان ڪو انهيءَ وقت فوت ٿيندو آهي جڏهن **الله تعاليٰ** ان جي

جانشيني جي لاءِ ڪنهن کي حڪم ڏئي چُڪو هوندو آهي، اهي ڪنهن تي لعنت ناهن موڪليندا، پنهنجي ماتحتن کي تڪليف ناهن ڏيندا، انهن تي (مارڻ لاءِ) هٿ ناهن کڻندا،انهن کي حقير ناهن سمجهندا، پاڻ تي فوقيت رکڻ وارن تي ساڙ ناهن ڪندا، دنيا جو حرص ناهن ڪندا، ڏيکاءَ جي لاءِ خاموشي اختيار ناهن ڪندا، تڪبُّر ناهن ڪندا ۽ ڏيکاءَ جي عاجزي بہ ناهن ڪندا. اهي ڳالهائن ۾ سيني ماڻهن کان سنا ۽ نفس جي اعتبار کان گهٽا پرهيزگار هوندا آهن، سخاوت انهن جي فطرت ۾ شامل آهي، اسلاف (اڳيان بزرگ) جن (نامناسب) شين کي ڇڏيو، انهن کان محفوظ رهڻ انهن جي صِفَت آهي، سندن اها صِفَت جدا ناهي ٿيندي، جواڃ خوف جي حالت ۾ هجن ۽ سياٽي غفلت ۾ پيل هجن، بلڪ اهي پنهنجي حال تي هميشگي اختيار ڪندا آهن، اهي پنهنجي ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هڪ خاص تعلق رکندا آهن، ڪين آنڌاري واري هوا ۽ بيباڪ گهوڙا نہ تا پهچي سگهن. انهن جون دليون الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشي (يعني رضا) ۽ شوق ۾ آسمان ڏانهن بلند ٿينديون آهن، پوءِ (28 سيپاري سُوْرَةُ الْمُجَادَلَةِ جي) هي آيت (نمبر22) تلاوت ڪيائون،

أُولَٰئِكَ حِزْبُ اللَّهِ ۚ أَلَا إِنَّ حِزْبَ اللَّهِ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٢٢﴾

(ترجمو ڪنزالايمان: اها الله (عَزَّوَجَلَّ) جي جماعت آهي، ٻُڌو بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) جي جماعت وارا ئي ڪامياب آهن.)

راوي چون ٿا مون عرض ڪيو، ”اي ابودرداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ! جيڪو ڪجھ توهان بيان فرمايو آهي ان مان ڪهڙي ڳالھ مون تي ڳري

آهي؟ مون کي ڪيئن معلوم ٿئي ته مون ان کي ماڻي ورتو؟“ فرمايائون، ”توهان ان جي وچين درجي ۾ ان وقت پهچندؤ جڏهن دنيا سان بغض رکندؤ ۽ جڏهن دنيا سان بغض رکندؤ ته آخرت جي محبت پنهنجي قريب پائيندؤ ۽ توهان جيترو دنيا کان زهد (يعني بي رغبتي) اختيار ڪندؤ اوترو ئي توهان کي آخرت سان محبت ٿيندي ۽ جيترو اوهان آخرت سان محبت ڪندؤ اوترو ئي پنهنجي نفعي ۽ نقصان وارين شين کي ڏسندؤ (وڌيڪ فرمايائون) جنهن ٻانهي جي سچي طلب خدا عَزَّوَجَلَّ جي علم ۾ هوندي آهي ان کي قول ۽ فعل جي درستي عطا فرمائيندو آهي ۽ پنهنجي حفاظت ۾ وٺي ڇڏيندو آهي. ان جي تصديق الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب (قرآن مجيد) ۾ موجود آهي پوءِ (14) سيپاري سُوْرَةُالنَّحْلِ جي) هيءَ آيت (نمبر 128) تلاوت فرمائي،

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّ الَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿۱۲۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن سان گڏ آهي، جيڪي ڊڄن ٿا ۽ جيڪي نيڪيون ڪن ٿا.

(وڌيڪ فرمايائون) جڏهن اسان هن (قرآن مجيد) ۾ ڏٺو تڏهن هي مليو ته الله تعاليٰ جي محبت ۽ ان جي رضا جي طلب کان وڌيڪ لذت ڪنهن شيءِ مان حاصل ناهي ٿيندي. (نوادر الاصول للحکيم الترمذي ص168)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

نہ پوچھ ان خرقہ پوشوں کی عقیدت ہے تو دیکھ ان کو
یدِ بَیضاء لئے ہیں اپنی اپنی آستینوں میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿50﴾ بکايل شاگردن جي فرياد

مشهور محدثينِ ڪرام حضرتِ سيّدُنا امام طبراني، حضرتِ سيّدُنا علامہ ابن المقري ۽ حضرت سيّدنا ابوالشيخ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی تيئي مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ علمِ دين حاصل ڪندا هئا. هڪ ڀيري مٿن بُکن جو دؤر آيو، روزن مٿان روزا رکندا رهيا پر جڏهن کين بُک جي شدت بلڪل ئي بيحال ڪري ڇڏيو تہ تنهي رَحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي روضي مبارڪ تي حاضر ٿي ڪري فرياد ڪئي، تہ يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "اَلْجُوْع!" يعني آقا! بُک! اهو عرض ڪري امام طَبَراني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تہ آستاني مبارڪ تي ئي وينا رهيا ۽ چيائون هن در تي يا تہ موت ايندو يا روزي، هاڻي هتان نہ اٿندس.

میں ان کے در پر پڑا رہوں گا    پڑے ہی رہنے سے کام ہو گا
نگاہِ رحمت ضرور ہو گی    بعام کا انتظام ہو گا

حضرتِ سيّدُنا ابن المقري ۽ حضرتِ سيّدُنا ابوالشيخ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی پنهنجي رهائش گاهہ تي واپس موٽي آيا، ٿوري دير کانپوءِ ڪنهن دروازو کڙڪايو، دروازو کوليائون تہ ڇا ٿا ڏسن تہ هڪ عَلَوي بزرگ ٻن غلامن سان ڪاڏو کڻي بيٺا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن تہ توهان رسول الله عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ بُک جي شڪايت ڪئي، تہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي هاڻي خواب ۾ نبيِّ رَحمت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زيارت کان مشرف فرمائي ڪري مون کي حڪم فرمايائون تہ مان توهان وٽ ڪاڏو پهچايان، ان لاءِ جيڪو ڪجهہ هن وقت مون کان ٿي سگهيو سو

حاضر ڪيو آهي توهان قبول فرمايو. (تذڪرة الحفاظ ج3 ص121)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

ہر طرف مدینے میں بھیڑ ہے فقیروں کی
ایک دینے والا ہے کل جہاں سُوالی ہے

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## بارگاھ رسالت ﷺ ۾ فرياد ٻڌي ويندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا اسلاف رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی علم حاصل ڪرڻ خاطر ڪيڏيون تڪليفون برداشت ڪندا هئا، انهن بُکن تي بُکون ڪاٽي بہ علمِ دين حاصل ڪيو، انتهائي جاکوڙ ۽ سخت ترين محنت سان تصنيف ۽ تاليف (يعني ڪتابن) جا مُشڪبار مدني گلدستا تيار ڪري اسان ڏانهن وڌايا،پرافسوس! هاڻي اڪثر مسلمان انهن ڏانهن بلڪل بہ توجهه نہ ٿا ڪن، انهن بزرگن ڪي آخرت جي سرمائي جي طلب ۽ شوق هو ۽ اڄ جي مسلمانن جي اڪثريت ڪي رُڳو دنيا جو مال ڪمائڻ جو شوق آهي،هن حڪايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين تي جڏهن ڏکيو وقت ايندو هيو تہ نهايت ئي عقيدت سان بارگاھِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاجت روائي جي لاءِ فرياد ڪندا هئا. سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درٻار ۾ دل جي گهراين سان نڪتل صدا ضرور ٻُڌي ويندي آهي، منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، عاشق ماهِ رسالت مولانا شاھ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن حدائقِ بخشش شريف ۾ فرمائن ٿا تہ.....

والله وہ سُن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے
اتنا بھی تو ہو کوئی جو "آہ" کرے دل سے

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بارگاھِ رسالت ۾ ڪيل فرياد هڪدم ٻُڌي وئي ۽ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، شهنشاھِ ابرار، جناب احمد مختار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنا دير مشڪل حل ڪئي ۽ پنهنجي ٻُڪايل غلامن لاءِ ڪاڏو بہ موڪليو.

درِ رسول سے اے راز کیا نہیں ملتا؟
کوئی پلٹ کے نہ خالی گیا مدینے سے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ سفر بہ آهي، ان سان علم حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ اڪثر ڪري دنياوي تڪليفون بہ دور ٿي وينديون آهن. جيئن تہ

## ﴿51﴾ هيپاٽائيٽس C کان نجات

**هڪ** شخص جي هيپاٽائيٽس C جي بيماري شدت اختيار ڪري چُڪي هئي، هو بستري ۾ داخل ٿي چُڪا هئا، گھمي ڦري بہ نہ پئي سگھيا، ڊاڪٽرن کين لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو هو، سندن پٽ **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني قافلي** ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ڪيو ۽ سفر جي دوران خوب ٻاڏائي ڪري پنهنجي **والد صاحب** جي صحتيابي لاءِ دعا گھريائون، جڏهن مدني قافلي جي سفر کان واپس آيا تہ سندن خوشيءَ جي انتها نہ رهي جو سندن **والد صاحب** صحتمند ٿي ڪري آهستي آهستي گھمي ڦري رهيا هئا.

باپ بیمار ہو، سخت بیزار ہو پائے گا صِحّتیں، قافِلے میں چلو
واہو بابِ کرم،دُور ہوں سارے غم پھر سے خوشیاں ملیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ﴿52﴾ روشن ضمير نانوائي

**حضرت سيّدُنا** سهل بن عبدالله تُستري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی هڪ موقعي تي فرمايو تہ بصري جو فلاڻو نانوائي (يعني مانيون پچائڻ وارو) **ولي الله** آهي، اهو ٻڌي سندن هڪ مُريد زيارت جي شوق ۾ بصري پهتو ۽ ڳوليندو ان **نانوائيءَ** جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو، هو ان وقت مانيون پچائي رهيا هئا (اڳي عام طور سڀ مسلمان ڏاڙهي رکندا هئا تنهنڪري ان دؤر جي نانوائين جي دستورمطابق) ڏاڙهي جي وارن جي سڙڻ کان حفاظت خاطر چهري جي هيٺين حصي تي نقاب پائي ڇڏيو هئائون، ان مُريد دل ۾ چيو تہ جيڪڏهن هي ولي هجن ها تہ نقاب نہ بہ پائن ها تڏهن بہ سندن وار نہ سڙن ها، ان کانپوءِ هن نانوائيءَ کي سلام ڪيو ۽ ڳالهائڻ چاهيو تہ ان **روشن ضمير** (يعني دلين جا راز ڄاڻيندڙ) **نانوائيءَ** سلام جو جواب ڏئي ڪري فرمايو، ”تو مون کي حقير تصور ڪيو ان لاءِ منهنجي ڳالهين کان نفعو حاصل نہ تو ڪري سگهين“. اهو چوڻ کان پوءِ ان **گفتگو** ڪرڻ کان انڪار فرمائي ڇڏيو. (الرسالة القشيريه ص 363)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿53﴾ گودڙيءَ جو لعل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته ولي هجڻ لاءِ مشهوري ۽ اشتهار، وڏا جُبا ۽ دستار ۽ عقيدتمندن جي ڊگهي قطار هئڻ ضروري ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي نوازي، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اولياء رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي ماڻهن ۾ لڪل رکيو آهي تنهنڪري اسان کي هر نيڪ ٻانهي جو احترام ڪرڻ گهرجي اسان کي ڪهڙي خبر ته ڪير **گودڙيءَ جو لعل** (يعني لڪل ولي) آهي! هڪ ٻيري آءُ (سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) **دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي هئس، اسان جي ريل گاڏي ۾ هڪ سنهي قد ٻت ۽ بغير ڏاڙهي ۽ بغير ڪشش وارو ڇوڪرو انتهائي سادو لباس پاتل سيني کان الڳ ڪنهن خيال ۾ گم وينو هو. ڪنهن اسٽيشن تي ٽرين بيٺي، رُڳو ٻن منٽن جو وقفو هو، اهو ڇوڪرو پليٽ فارم تي لهي ڪري هڪ **بينچ** تي ويهي رهيو. اسان سيني ٽيپهريءَ جي نماز جي جماعت شروع ڪئي، اڃان مشڪل سان هڪ رڪعت ٿي هئي ته سيٽي وڄي ماڻهن گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ته گاڏي وڃي رهي آهي، سڀ نماز اڌ ۾ ڇڏي ٽرين ڏانهن وڌيا ته اهو **ڇوڪرو** ويهي رهيو ان مون کي اشاري سان چڙٻ ڏيندي نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو! اسان ٻيهر جماعت قائم ڪئي حيرت انگيز طور تي ٽرين بيٺي رهي. نماز کان فارغ ٿي ڪري اسان جيئن ئي سوار ٿياسين ته ٽرين هلڻ لڳي ۽ اهو ڇوڪرو انهيءَ **بينچ** تي ويهي لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيو، ان مان مون کي اندازو ٿيو هو ته ڪو "**مجذوب**

“ هوندو جنهن اسان کي نماز پڙهائڻ جي لاءِ پنهنجي روحاني طاقت سان ٽرين کي روڪي رکيو هو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ٽي شيون ٽن شين ۾ لڪيل آهن

**خليفه اعليٰ حضرت،** فقيه اعظم، مولانا ابو يوسف محمّد شريف ڪوٽلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته ” الله تعاليٰ ٽن شين کي ٽن شين ۾ لڪيل رکيو آهي، ﴿1﴾ پنهنجي راضپي کي پنهنجي اطاعت ۾ ﴿2﴾ پنهنجي ناراضپي کي نافرمانيءَ ۾ ﴿3﴾ پنهنجي ولين کي پنهنجي ٻانهن ۾ لڪيل رکيو آهي.“ تنهن ڪري هر اطاعت ۽ هر نيڪيءَ کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي جو خبر ناهي ته ڪهڙي نيڪيءَ تي هو راضي ٿي وڃي ۽ هر ننڍي کان ننڍي گناهه کان بچڻ گهرجي، ڇو ته نه ڄاڻ هو ڪهڙي گناهه تي ناراض ٿي وڃي. مثال طور ڪنهن جي ٿيليءَ سان خلال ڪرڻ هڪ معمولي ڳالهه آهي يا ڪنهن پاڙيسريءَ جي مٽيءَ سان ان جي اجازت جي بغير هٿ ڌوئڻ بظاهر هڪ ننڍڙي ڳالهه آهي پر جيئن ته اسان کي خبر ناهي ان لاءِ ممڪن آهي متان ان برائيءَ ۾ حق تعاليٰ جي ناراضگي لڪيل هجي ته اهڙين ننڍين ننڍين ڳالهين کان به بچڻ گهرجي. **(اخلاق الصالحين ص56 مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي دل ۾ اولياءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو احترام پيدا ڪرڻ لاءِ فيضانِ اولياءِ سان مالا مال **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ**

اسلاميءَ جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت فرمايو، پوءِ ڏسو ته توهان تي ڪهڙو مدني رنگ ٿو چڙهي! ترغيب خاطر دعوتِ اسلاميءَ جي هڪ ”بهار“ خدمت ۾ پيش آهي، جيئن ......

## ﴿54﴾ منهنجي بدمعاشيءَ جي عادت ڪيئن ختم ٿي؟

باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته ايرنڊز جوانيءَ ۾ سٺي صحت مون کي مغرور بڻائي ڇڏيو هو، نوان نوان فيشني ڪپڙا سبرائڻ، ڪاليج ايندي ويندي بس جي ٽڪيٽ نه ڏيڻ، ڪنڊيڪٽر گهري ته بدمعاشيءَ تي لهي اچڻ، رات دير تائين آواره گردي ۾ وقت ضايع ڪرڻ، جوا ۾ پيسا وڃائڻ وغيره هر طرح جو گناهه مون ۾ گهر ڪري ويو هو، والدين سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا هئا، مون بدڪار جي اصلاح جي لاءِ دعائون گهرندي گهرندي منهنجي امڙ جون ڀنبٽيون آليون ٿي ويندڀون هيون، اسان جي علائقي جا هڪ اسلامي ڀاءُ ڪڏهن ڪڏهن سرسري طور تي **دعوتِ اسلاميءَ** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي دعوت پيش ڪندا هئا، مان به ٻُڌي ڪري وساري ڇڏيندو هيس، هڪ ڀيري اجتماع واري شام انهيءَ اسلامي ڀاءُ **محبت** ڀرئي انداز ۾ زور ڀريو ته اڄ توهان کي هلڻو ئي پوندو، مان ٽاريندو رهيس پر انهن نه مڃيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي انهن رڪشا روڪي ورتو ۽ وڏي منٿ سان ڪجهه اهڙي انداز ۾ ويهڻ جي درخواست ڪيائون جو هاڻي مون کان انڪار نه ٿي سگهيو، مان ويهي رهيس ۽ اسان **دعوتِ اسلاميءَ** جي ڀهرين مدني مرڪز جامع مسجد **گلزارِ حبيب** اچي پهتاسين،

جڏهن دعا جي لاءِ ٻتيون وسايون ويون تڏهن ھي سمجھيو تہ اجتماع ختم ٿي ويو، مان اٿيس، مون کي ڪھڙي خبر تہ اڄڻ وارا لمحا منھنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪندا. خير منھنجي ان محسن اسلامي ڀاءُ محبت ڀريئي انداز ۾ سمجھائي ڪري مون کي وڃڻ کان روڪيو، مان ويھي ويھي رھيس، اوندھ ۾ بلند آواز سان ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ جي آواز منھنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي! خدا جو قسم! مون زندگيءَ ۾ ڪڏھن اھڙي روحانيت نہ ڏٺي ھئي نہ ٻُڌي ھئي پوءِ جڏھن **رقت انگيز دعا** شروع ٿي تہ اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن جي سڏڪن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، ايتري تائين جو مون جھڙو پٿر دل ماڻھو بہ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو، مون پنھنجي گناھن کان توبھ ڪئي ۽ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جو ٿي ويس.

تمھیں لُطف آ جائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
تنزّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی ترقّی کا باعث بنا مَدَنی ماحول
یقینا مقدّر کا وہ ہے سکندر
جِسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

## دعوتِ اسلاميءَ جو پھريون مدني مرڪز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعو **دعوتِ اسلاميءَ** جي شروع وارن ڏينھن جو آھي. جڏھن 1401 ھ تي باب المدينہ ڪراچي ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي نالي سان مدني ڪم جي شروعات ڪئي وئي، تہ ان وقت باب المدينہ ۾ مناسب جڳھ تي ڪنھن وڏي مسجد جي ترڪيب نہ ھئي جتي ھفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع ڪري

سگهجي، انهن ڏهاڙن ۾ مان (سگِ مدينه عُفِيَ عَنۀُ) اهلسنّت جي علماء و مشائخ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري **دعوتِ اسلامي** سان تعاون جون درخواستون پيش ڪندو هئس، ڇو ته منهنجو درد هو ۽ مون تي هڪ ڌُن سوار هئي ته مسلمانن جي عقائد جي تحفظ ۽ احوال و اعمال جي اصلاح جو وسيع پيماني تي مدني ڪم ڪيو وڃي. منهنجي درد کي لفظن جي صورت ۾ ڪجهه هن طرح پيش ڪري سگهجي ٿو،

**”مونکي پنهنجي ۽ سڄيءَ دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي (اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ) “**

**بهرحال** ان سلسلي ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي لاءِ تعاون جي مدني التجاء ڪٽي، خطيبِ پاڪستان، واعظِ شيرين بيان، عاشقِ رَحمت عالميان، محب اهلسنّت وصحابهءِ ذيشان، جان نثار اوليآءُ الرحمٰن حضرت علامه مولانا الحافظ الشاه **محمد شفيع اوڪاڙوي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی جي گهر شريف تي حاضر ٿيس، مون سندن خدمت ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي باري ۾ عرض ڪيو ته ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پنهنجي دستخط سان **دعوتِ اسلاميءَ** جي لاءِ تائيدي خط لکي ڏنائون، سندن مسلڪ اهلسنّت سان **محبت** صد ڪروڙ مرحباً! بنا گهرڻ جي باب المدينه جي وچ ۾ قائم پنهنجي نگراني هيٺ جامع مسجد گلزارِ حبيب (گلستانِ اوڪاڙوي باب المدينه ڪراچي) ۾ هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي سعادت عطا فرمائي. تنهن ڪري **دعوتِ اسلاميءَ جو پهريون مدني مرڪز جامع مسجد گلزارِ حبيب** بڻيو. سندن جي **حياتيءَ** ۾ ۽ وفات کانپوءِ اسان ورهين تائين اتي هفتيوار سنّتن

پريو اجتماع ڪيو، عاشقانِ رسول جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهيو، ايتري تائين جو جامع مسجد گلزارِ حبيب اجتماع جي لاءِ ناڪافي ٿي وئي، الله عَزَّوَجَلَّ اسباب مهيا ڪيا، سيٺي اسلامي ڀائرن خوب پچ ڊڪ ڪئي، تقريبًا سوا ٻه ڪروڙ پاڪستاني روپين جو چندو ڪٺو ڪيو ويو ۽ (پراڻي) سبزي مَنڊي جي پر ۾ باب المدينه ڪراچيءَ ۾ تقريبًا ڏهه هزار گزن جو پلاٽ خريد ڪيو ويو ۽ پوءِ وڏيڪ ڪروڙين روپين جي چندي سان عظيم الشّان **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه** قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ شاندار مسجد، مدني ڪمن جي لاءِ بيشمار مڪاتب (يعني ڪمرا)، ۽ جامعة المدينه جي عاليشان عمارت جي ذريعي لکين مسلمان **فيضانِ مدينه** حاصل ڪري رهيا آهن.

سنّت کی بہار آئی فیضانِ مدینہ میں
رحمت کی گھٹا چھائی فیضانِ مدینہ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿55﴾ خطيبِ پاڪستان جي هڪ حڪايت

**خطيبِ پاڪستان** حضرت مولانا **محمّد شفيع اوڪاڙوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى زبردست عاشقِ رسول هئا. **مدينهءِ منوره** ۾ سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ کي 1417 هه ۾ مدينهءِ منوره جي رهائشي حاجي غلام شبير صاحب هي ايمان افروز واقعو ٻڌايو ته ” هڪ پيري حضرت قبله سيّد خورشيد احمد شاهه صاحب مون کي فرمايو، هڪ ڏينهن مدينهءِ منوره

۾حضرت خطيب پاڪستان مولانا **محمّد شفيع اوڪاڙوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی مون وٽ روئندا آيا ۽ چوڻ لڳا، توهان مون سان گڏ مُواجهہ شريف وٽ هلو، مون کي سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مُعافي گهرڻي آهي، پُڇڻ تي ٻُڌايائون تہ ڪالهہ مسجد النبوي الشريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ هڪ بي ادب مقرّر الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت نشان ۾ توهين ڪئي، تہ مون ڪيس اعتراض ڪندي روڪيو، ان تي ڳالهہ وڌي وئي ۽ ان جا حمايتي اچي ويا، انهن مون تي سختيون ڪيون، جنهن سبب مان مايوس ٿي ويس، رات جو خواب ۾ جناب **رسالت مآب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا ۽ فرمايائون، ”بس منهنجي خاطر ٿورڙي سختي بہ برداشت نہ ڪري سگهيؤ!“

حضرت قبلہ اوڪاڙوي صاحب جو چوڻ هو، ڳالهہ اصل ۾ هيءَ آهي تہ دل ۾ ٿوري وڏائي اچي ويئي ۽ تذليل کي مون پنهنجي شان ۾ گهٽتائي تصوّر ڪيم، انهيءَ لاءِ حضورِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي تنبيهہ فرمائي، تنهنڪري آءُ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار شريف ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي دل جي وسوسي جي مُعافي گهرڻ چاهيان ٿو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

خاک ہو کر عشق میں آرام سے سونا ملا
جان کی اِکسیر ہے اُلفت رسول اللہ کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿56﴾ پياري آقا ﷺ جي مدد جي ايمان افروز حڪايت

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! عاشقن جا ڀي ڇا خوب انگل برداشت ڪيا ويندا آهن! معلوم ٿيو ته سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدارصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بِـاِذنِ پروردگارعَزَّوَجَلَّ پنهنجي غلامن جي احوال و افڪار کان هر وقت خبردار رهندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن خواب ۾ ديدار سان مُشرف فرمائي ڪري انهن جي امداد ۽ اصلاح ڪندا آهن، هن ضمن ۾ هڪ ٻي ايمان افروز حڪايت ملاحظ ڪريو، جيئن ته

**حضرتِ سيّدُنا شيخ يوسف بن اسماعيل نبهاني** قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي هڪ حڪايت نقل ڪئي آهي ته، هڪ خُراساني حاجي صاحب هر سال حج جي سعادت حاصل ڪندا هئا ۽ جڏهن مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيمًا حاضر ٿيندا هئا ته اتي هڪ علوي بزرگ حضرتِ سيّدُنا طاهر بن يحيىٰ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ نذرانو پيش ڪندا هئا هڪ ڀيري مديني شريف ۾ ڪنهن حاسد چيو ته توهين اجايو پنهنجو مال ضايع ٿا ڪريو! طاهر صاحب غلط جڳهه تي توهان جو نذرانو خرچ ڪندا آهن، سو مسلسل ٻه سال انهن حضرتِ سيّدُنا شيخ طاهر عَلَيْهِ رَحْمَةُ النَّاصِر جي خدمت نه ڪئي، ٽئين سال حج جي سفر جي موقعي تي حضور انور، **شافعِ محشر**، مديني جي تاجور، باذن رب اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوب داور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُراساني حاجي جي خواب ۾ جلوو فرمائي ڪري ڪجهه هن طرح تنبيهه فرمائي، ” توهان تي افسوس! مخالفن جي ڳالهه ٻُڌي ڪري توهان **طاهر** سان سهٽي ورتاءُ جو رشتو ختم ڪري ڇڏيو! ان نقصان جو پوراءُ ڪريو ۽ ٻيهر تعلق ٽوڙڻ کان

بچو.“ تنهنڪري هو هڪ ڏر جي ڳالهہ ٻُڌي ڪري **بدگماني** ڪري ويهڻ تي سخت شرمندا ٿيا ۽ جڏهن **مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا حاضر ٿيا تہ سڀ کان پهريان ان علوي بزرگ حضرتِ سيّدُنا شيخ طاهر بن يحيٰ رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏنائون، انهن ڏسندي ئي فرمايو،” جيڪڏهن توهان کي پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نہ موڪلين ها تہ توهان اچڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا، توهان مخالف جي **هڪ طرفي** ڳالهہ ٻڌي ڪري منهنجي باري ۾ غلط گمان قائم ڪري پنهنجي ڪريماڻي عادت ڇڏي ڏني، ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ توهان کي تنبيهہ فرمائي“ اهو ٻڌي ڪري خُراساني حاجي صاحب تي رقت طاري ٿي وئي. عرض ڪيائون، سائين! توهان کي اهو سڀ ڪيئن معلوم ٿيو؟ فرمايائون مون کي پهرئين سال ئي خبر پئجي وئي هئي، ٻئي سال بہ توهان بي توجهي کان ڪم ورتو تہ منهنجي دل صدمي سبب ڏاڍو ڏکي، ان تي **جناب رسالت مآب** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ ڪرم فرمائي ڪري مون کي دلاسو ڏنو ۽ توهان جي خواب ۾ تشريف ڪٽي اچي ڪري جيڪو ڪجهہ توهان کي فرمايو هئائون سو مون کي ٻُڌايائون، خُراساني حاجي خوب نذرانو پيش ڪيو، هٿ ۽ پيشاني چمڻ ڪانپوءِ هڪ طرفي ڳالهہ ٻُڌي غلط گمان قائم ڪري دل آزاريءَ جو سبب بڻجڻ تي علوي بزرگ رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه کان مُعافي گهري.

**(ملخصًا حجة الله علي العٰلمين ص571)**

نہ کیوں کر کہوں یا حبیبی اَغِثنی[1] اِسی نام سے ہر مصیبت ٹلی ہے
خدا نے کیا تجھ کو آگاہ سب سے دو عالم میں جو کچھ خَفی و جَلی ہے[2]

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

## هڪ طرفي ڳالهہ ٻڌي ڪري فيصلو نہ ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي تہ اسان جا مٺا مٺا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غلامن جي حالات کان باخبر رهندا آهن، ڏکايلن وٽ اچي ڪري دلاسا ڏيندا آهن، خطا ڪرڻ وارن جي خواب ۾ وجي ڪري اصلاح فرمائيندا آهن، نيڪيءَ جي دعوت پهچائيندا آهن، گناهن تي توبهہ جو حڪم فرمائيندا آهن، فاصلا مٽائيندا ۽ وڇڙيلن کي ملائيندا آهن.خُراساني حاجي صاحب چُغلخور جي ڳالهين ۾اچي ڪري بدگماني جو شڪار ٿي ڪري هڪ طرفو ذهن بڻايو، ان تي **سيدالمبلغين رحمة للعٰلمين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾تنبيهہ فرمائي ان مان اسان کي درس مليو تہ نہ اسان پاڻ چغلي هڻون نہ هڪ طرفي ڳالهہ ٻُڌي ڪري ٻئي ڌُر جي باري ۾ ڪو گمان قائم ڪريون. ڀلا تين ڀاڱ! بنا شرعي اجازت مسلمان جي خلاف ٻُڌڻ جي عادت ئي ڇڏي ڏيون جو اهڙيءَ ريت اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ غيبتن، چُغلين، بدگمانين، دل آزارين ۽ عيب ڪڍڻ جهڙن بيشمار ڪبيره گناهن جي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارن ڪمن کان ڇوٽڪارو ملي ويندو.

---

[1] اي منهنجا پيارا منهنجي فرياد لاءِ پهچو!
[2] خفي و جلي يعني لڪيل ۽ ظاهر

# چغلخور جنت ۾ نہ ويندو

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرتِ نشان آهي تہ چغلخور جنّت ۾ نہ ويندو. (صحيح بخاري ج4 ص 115 حديث 6056) هڪ بئي جڳهہ تي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي تہ بيشڪ چغلخوري ۽ ڪِينو دوزخ ۾ وٺي ويندا. (الترغيب والترهيب ج3 ص 324حديث 5)

## عزت گهٽ ڪرڻ واريون شيون

حضرتِ سيّدُنا محمّد بن ڪَعب قُرَظي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيو ويو، سائين! عزت گهٽ ڪرڻ واريون ڪهڙيون ڪهڙيون عادتون آهن؟ فرمايائون ﴿1﴾ گهڻو ڳالهائڻ ﴿2﴾ راز کولڻ ﴿3﴾ هر ڪنهن جي ڳالهہ (جيڪا بئي جي خلاف هجي) مڃي وٺڻ . (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 352)

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو شخص تو وٽ ڪنهن جي چغلي هڻندو آهي اهو تنهنجي خلاف بہ چغل خوري ڪندو آهي. حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، اهو ان طرف اشارو آهي تہ چغل خور ناپسند ڪيو وڃي ۽ ان جي ڳالهہ جو اعتبار نہ ڪيو وڃي ۽ نہ ئي ان کي سچو مڃيو وڃي ۽ ان کي ناپسند ڇو نہ ڪيو وڃي جڏهن تہ هو ڪوڙ، غيبت، دوکي، خيانت، ڪيني، حسد، منافقت ۽ ماڻهن جي وچ ۾ فساد ڦهلائڻ ۽ فريب ڏيڻ کي نہ ٿو ڇڏي ۽ هي انهن ماڻهن مان آهي جيڪي الله تعالىٰ جي حڪم جي مخالفت ڪندي ماڻهن کي ملائڻ بدران انهن ۾ نفرتون ۽ ويڇا پيدا ڪندا آهن ۽ زمين ۾ فساد برپا ڪندا آهن. (احياء العلوم ج3 ص 193) جيئن تہ 25: هين سيپاري ۾ سُوْرَةُالشُّوْرٰى جي آيت نمبر

42 ۾ ارشاد آهي.

إِنَّمَا السَّبِيلُ عَلَى الَّذِينَ يَظْلِمُونَ النَّاسَ وَيَبْغُونَ فِي الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۚ أُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٤٢﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پڪڙ تہ انهن تي آهي جيڪي ماڻهن تي ظلم ڪن ٿا ۽ زمين ۾ ناحق سرڪشي ڪندا آهن.

چغلخور بہ هن آيتِ مبارڪہ ۾ ڏنل حڪم ۾ داخل آهي ۽ ان جي احاديثِ مبارڪہ مان بہ تائيد ٿي آهي جيئن تہ

## نيڪ ٻانهي جي سڃاڻپ ڇا آهي؟

سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، بيشڪ ماڻهن مان اهي ماڻهو بُرا آهن جن ڪان ماڻهو صرف انهن جي شر جي سبب بچندا هجن. (مؤطا امام مالڪ ج2 ص 403 حديث 1719) وڏيڪ ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي الله تعاليٰ جا نيڪ ٻانها اُهي آهن جن کي ڏسو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ الله تعاليٰ جا بُرا ٻانها اهي آهن جيڪي چُغل خوري ڪندا آهن، دوستن ۾ جُدائي وجهندا آهن ۽ نيڪ ماڻهن جا عيب ڳوليندا آهن. (مُسند امام احمد ج 6 ص 291 حديث18020) هڪ ٻئي جڳهہ تي سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردار مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي تہ خبردار! ڪوڙ چهري کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چغلخوري قبر جي عذاب (جو سبب) آهي. (مسند ابي يعليٰ ج 6 ص 272 حديث 7404)
حضورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجور، بِاذن ربِّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، غيبت، طعنا هڻڻ، چُغل خوري ۽ بي گناهہ ماڻهن جا عيب ڳوليندڙن کي الله تعاليٰ (قيامت جي

ڏينهن) ڪُتن جي شڪل ۾ اتاريندو. (الترغيب والترهيب ج3 ص 325)

يا ربِّ محمد تو مجھے نیک بنادے
اَمراض گناھوں کے مرے سارے مٹادے

میں غیبت و چغلی سے رہوں دُور ہمیشہ
ہر خصلتِ بد سے مرا پیچھا تو چُھڑادے

میں فالتو باتوں سے رہوں دور ہمیشہ
چُپ رہنے کا اللہ! سلیقہ تو سِکھادے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿57﴾ صاحب مزار امداد فرمائي

تقريبًا ست سئو سال اڳ جو واقعو آهي، سلطان المشائخ حضرتِ سيّدُنا محبوب الاهي نظام الدين اوليا عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا، حضرت مولانا ڪتيلي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي مون سان بيان ڪيو ته دهليءَ ۾ هڪ سال ڏڪار پيو، هڪ موقعي تي بُک ڪان بي حال ٿي ڪري مون ڪاڏو حاصل ڪيو ۽ مسلمانن جي خير خواهيءَ جي جذبي جي نيّت سان پنهنجو پاڻ کي چيم هي ڪاڏو مون کي اڪيلو نه کائڻ گهرجي ڪنهن ٻئي کي به شريڪ ڪرڻ گهرجي. ايتري ۾ هڪ گودڙي پهريل بزرگ منهنجي آڏو گذريا، مون کين دعوت ڏني، انهن قبول ڪئي ۽ اسان ٻئي کائڻ لاءِ ويهي رهياسين، مون گفتگوءَ جي دوران بزرگ آڏو اظهار ڪيم ته مان ويهه روپين جو مقروض آهيان، انهن چيو ته مان توهان کي پيش ڪريان ٿو مون دل ۾ سوچيو ته هي ڏاڍو غريب لڳي رهيا آهن خبر ناهي ڪيئن ڏيندا! ڪاڏي کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ هو مون کي پاڻ سان گڏ هڪ مسجد ۾ وٺي ويا، اتي هڪ مزار شريف به هئي،

اسان اتي حاضري ڏني، سيرانديءَ کان بيهي ڪري انهن فرياد ڪئي ۽ ٻه پيرا آهستي پنهنجو لڪڻ قبر شريف تي هڻندي چيو،”منهنجي رفيق کي ويهه روپين جي ضرورت آهي، توهان عنايت فرمايو، “ پوءِ مون ڏانهن رخ ڪري چيائون،” ادا اوهين تشريف ڪٽي وڃو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان کي 20 روپيا ملي ويندا.“ مولانا ڪتيلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي چون ٿا ته مون ان بزرگ جو هٿ چُميو، پوءِ ان کان موڪلائي شهر ڏانهن هليو ويس، مان ان وقت حيرت ۾ هئس ته خبر ناهي اهي ويهه روپيا مون کي ڪٿان ملندا! مون وٽ امانت طور رکيل هڪ خط هو جيڪو ڪنهن جي گهر ڏيڻو هو، ان لاءِ مان اهو خط ڪٽي”دروازهءِ ڪمال“ تائين پهتس، هڪ تُرڪ شخص پنهنجي گهر جي چَپري تي ويٺو هو، ان مون کي سڏ ڪيوءِ پنهنجي غلامن کي ڊوڙايائين، اهي وڏي احترام سان مون کي مٿي وٺي ويا، تُرڪ شخص انتهائي محبت سان مون سان مليو، مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪيس سڃاڻي نه سگهيس، اهو تُرڪ اهو ئي چوندو رهيو ٿا توهان اهي ئي ناهيو جنهن فلاڻي جڳهه تي مون سان تمام سنو سلوڪ ڪيو هو؟ مون ڪيس چيو ته مان توهان کي نه ٿو سڃاڻان، ان چيو، توهان پاڻ کي ڇو ٿا لڪايو!ڪا ڳالهه ناهي، مان ته توهان کي سڃاڻان ٿو. ان ڪانپوءِ ويهه روپيا ڪڍي آيو ۽ وڏي محبت سان منهنجي هٿ تي رکيائين.

(فوائد الفواد مجلس بست ويڪم يعني 21 ويهين مجلس ص 124)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

## موت ڪير ڏيندو آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت جي راوي حضرت محبوب الاهي نظام الدين اولياء عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي هن واقعي کي بنا ترديد جي بيان ڪري اسان جو ايمان تازو فرمائي ڇڏيو آهي ته جهڙيءَ ريت ظاهري زندگيءَ ۾ اولياءَ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کان ڪا شيءِ گهري سگهجي ٿي ائين سندن وفات کانپوءِ سندن مزارن تي حاضر ٿي ڪري ڪنهن شيءِ جو مطالبو ڪرڻ به جائز آهي. هي ياد رهي ته حقيقتي طور ڏيڻ وارو **الله تعاليٰ** آهي، **اولياءُ الله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي طرف نسبت مجازي آهي، جيئن حقيقت ۾ بيمار کي تندرست ڪرڻ وارو الله آهي پر مريض چوندو آهي، ڊاڪٽر صاحب اسان کي تندرست ڪريو، اهڙي طرح حقيقت ۾ موت ڏيڻ وارو الله تعاليٰ آهي پر سندس حڪم سان ان ڪم جي ذميداري ملڪ الموت حضرتِ سيّدُنا عزرائيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي آهي جيئن قرآن پاڪ جي 21 سيپاري سُوۡرَةُ السَّجۡدَةِ جي يارهين آيت مبارڪ ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي، "

قُلۡ یَتَوَفّٰىكُمۡ مَّلَكُ الۡمَوۡتِ الَّذِیۡ وُكِّلَ بِكُمۡ

ترجمو ڪنزلايمان: "تون فرماءِ توهان کي وفات ڏيندو آهي موت جو فرشتو جيڪو توهان تي مقرر آهي "

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولياءُالله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی وفات کانپوءِ عين سجاڳيءَ ۾ زيارت کان نوازي ڪري گفتگو به فرمائيندا آهن. جيئن ته

# ﴿58﴾ حيات الاولياء

حضرتِ سيّدُنا شاھ وليُّ الله محدث دهلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا تہ منھنجا والد ماجد حضرتِ سيّدُنا شاھ عبدالرحيم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡکَرِیۡم فرمائيندا ھئا تہ آءُ حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَاقِی جي مزار پُرانوار تي زيارت لاءِ حاضر ٿيس، اھو خيال ڪري تہ مان گناھگار ھن قابل ناھيان جو پنھنجي وجود سان ھن پاڪ جڳھ کي ملوث ڪريان بس پري ئي بيٺو رھيس. ان وقت سندن روح مبارڪ ظاھر ٿيو ۽ فرمايائون اڳتي اچو! مان بہ ٿي قدم اڳتي وڌيس، ان وقت مون ڏٺو تہ چار فرشتن آسمان مان ھڪ تخت سندن قبر شريف وٽ آندو، ان تخت تي حضرتِ سيّدُنا خواجہ بھاءُ الدين نقشبند رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جلوه فرما ھئا، ٻئي بزرگ پاڻ ۾ راز ۽ نياز جون ڳالھيون ڪندا رھيا جيڪي مان نہ ٻُڌي سگھيس، پوءِ فرشتا تخت کڻي ويا، حضرت سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَاقِی پوءِ مون ڏانھن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون اڳتي اچو! مان بہ ٿي قدم وڌيڪ اڳتي وڌيس، اھڙي طرح پاڻ فرمائيندا رھيا ۽ مان ٿورو ٿورو اڳتي وڌندو ويس، ايتري تائين جو بلڪل سندن ويجھو ٿي ويس، ان وقت پاڻ فرمايائون، ”شعر“ جي باري ۾ توھان ڇا ٿا چئو؟ مون عرض ڪيو ”شعر ھڪ ڪلام آھي، جيڪو سنو آھي اھو سنو آھي جيڪو خراب آھي اھو خراب آھي.“ فرمايائون بَارَكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توھان کي برڪت ڏي) سنڻي آواز متعلق توھان ڇا ٿا چئو؟ مون عرض ڪيو، ھي الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل آھي جنھن کي

چاهيندو آهي عطا فرمائيندو آهي. فرمايائون، بـارَڪ الله، وري پُڇيائون جتي هي ٻئي گڏ ٿي وڃن يعني شعر بہ سنو هجي ۽ آواز بہ سنو هجي تہ پوءِ ڇا ٿا چئو؟، مون عرض ڪيو هي تہ نورُ عليٰ نور آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي عطا فرمائي،“ فرمايائون بَارَڪَ الله عَزَّوَجَلَّ، هي جيڪو ڪجھ اسان ڪندا آهيون،ان کان اڳ ۾ نہ هو، توهان بہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻہ بيت ٻُڌي وٺندا ڪريو. مون عرض ڪيو، سائين! توهان هيءَ ڳالھ حضرت سيِّدُنا خواجہ بهاءُ الدين نقشبند رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي موجودگيءَ ۾ ڇو نہ چئي؟ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هنن ٻن مان هڪ ڳالھ چئي هئي تہ ادب نہ هو يا مصلحت نہ هئي.

(انفاس العارفين ص 44)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

دِر والا پہ اِک میلہ لگا ہے ۔۔۔ عجب اس در کے ٹکڑوں میں مزا ہے
یہاں سے کب کوئی خالی پھرا ہے ۔۔۔ سخی داتا کی یہ دولت سرا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿59﴾ اعليٰ حضرت ۽ ونگي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہءِ شمع رسالت، مجدد دين وملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعثِ خير وبرڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هڪ ڀيري ڪتي آيل هئا ڪاڏو آندو ويو سيني کي سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪاڏي شروع فرمائڻ جو

انتظار هو، اعليٰ حضرت عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن ونگين جي ٿالهہ مان هڪ ڳترو ڪٽي ڪاڍو پوءِ ٻيو ........... پوءِ ٽيون ........... هاڻي هڪ ٻئي کي ڏسندي ماڻهن بہ ونگيءَ جي ٿالهہ ڏانهن هٿ وڌايا پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سيني کي روڪي ڇڏيو ۽ فرمايائون سڀ ونگيون مان کائيندس ۽ پوءِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سڀ ختم ڪري ڇڏيون حاضرين حيران ٿيا تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تمام قليل الغذا يعني گهٽ غذا استعمال فرمائڻ وارا آهن، پر اڄ ايڏيون ساريون ونگيون ڪيئن تناوُل فرمائي ويا! ماڻهن جي پُڇڻ تي فرمايائون، مون جڏهن پهريون ڳترو ڪاڍو تہ اهو ڪوڙو هو ان ڪان پوءِ ٻيون ۽ ٽيون بہ، تنهن ڪري مون ٻين کي روڪي ڇڏيو تہ ٿي سگهي ٿو ڪو ماڻهو ونگي وات ۾ وجهي ۽ ڪيس ڪوڙي لڳي ۽ اهو ٿُوٿُو ڪرڻ شروع ڪري ڏي. جيئن تہ ونگي کائڻ منهنجي مني مني آقا مديني واري مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتِ مبارڪہ آهي، ان لاءِ مون کي پسند نہ هو تہ ان کي ڪوڪائي ڪري ٿُو ٿُو ڪري اڇلائي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

مجھ کو میٹھے مصطفٰے کی سُنّتوں سے پیار ہے

ان شاءَاللہ دوجہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### ڪاڪڙيءَ ونگي کائڻ سنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اعليٰ حضرت ڪيڏا زبردست عاشقِ رسول هئا، واقعي عاشق جو شان اهو ئي هوندو آهي تہ

هو پنهنجي محبوب سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ کي دل ۾ جان سان پسند ڪري ۽ ان جو ادب ڪري، تڏهن ته سرڪار اعلىٰ حضرت، آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند ونگيءَ جو اهڙو ادب ڪيو جو ڪڙي ونگي به ڪائي چڏيائون، حضرتِ سيّدُنا عبـــدالله بن جعفر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون سرڪار مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ونگي ڪارڪن سان گڏ ڪائيندي ڏٺو. (صحيح مسلم ص 1130 حديث 2043) مفسرِ شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا،" ڪارڪون طبعي طور گرم ۽ خشڪ هونديون آهن ۽ ونگي ٿڌي ۽ تر، انهن ٻنهي جي ملڻ سان اعتدال (يعني وچٿرائپ) ٿيڻ ڪري فائدو وڌي ويندو آهي، حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ونگي ۽ ڪارڪن کي معدي ۾ جمع فرمايو جو هڪ ئي وقت ڪڏهن ڪارڪ کاڌائون ڪڏهن ونگي. ۽ ڪڏهن ٻئي ملائي ڪري چٻاڙيائون جو ڪارڪ وات مبارڪ ۾ رکيائون ۽ ونگيءَ کي به چڪ هنيائُون، ۽ ٻئي ملائي ڪري چٻاڙيائون. ڪڏهن ڪارڪون ۽ ڳِدرو به ملائي ڪري کاڌا اٿئون. ڪارڪون ۽ ونگي ملائي ڪري کائڻ صحت جي لاءِ گهڻو فائديمند آهي اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيدَتُنا عائشه رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون (رخصتيءَ کان اڳ ۾ مان ڏاڍي ڪمزور هئس) منهنجي امڙ سڳوري رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا مون کي صحتمند ڪرڻ جون ڪوششون ڪندي هئي ته جيئن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ موڪلي سگهي جڏهن ڪا تدبير ڪم نه آئي ته انهن مون کي ڪارڪون ۽ ونگيون ملائي ڪري ڪارائڻ شروع ڪيون جنهن سان مان (ڪجهه ڏينهن ۾ ئي) ڪافي صحتمند ٿي ويس. (سنن ابن ماجه ج4 ص 37 حديث 3324) حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪارڪون ته پسند هيون ئي پر

ونگي بہ ڏاڍي پسند هين. ڪجهہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فاتحہ ۾ بين ڪاڏن سان گڏ ڪارڪون، ونگيون ۽ هنداڻا بہ رکندا آهن، سندن ان عمل جو بنياد ذڪر ڪيل (هيءَ) حديث آهي.
(ملخصاً مراة ج 6 ص 20،21)

## ﴿60﴾ 15 ڏينهن تائين ڪاڏو نہ ڪائيندس!

حضرت سيّدُنا ابو عبدالله بن خفيف رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ جڳهہ تي دعوت ۾ هئا هڪ بُکايل مُريد پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ڪاڏي جي طرف هٿ وڌايو! ان تي هڪ پير ڀائي ناراضگيءَ واري انداز ۾ سندن آڏو ڪاڏي جي ڪا شيءِ رکي ڇڏي جنهن مان هو سمجهي ويا تہ مان پير و مرشد کان اڳ ۾ هٿ وڌائي، ڪاڏي جي آداب جي خلاف ورزي ڪئي آهي تنهنڪري پنهنجي نفس کي سزا ڏيڻ جي لاءِ ان پڪو پهہ ڪيو تہ 15 ڏينهن تائين ڪجهہ نہ ڪائيندس اهڙيءَ ريت انهن پنهنجي بي ادبي کان توبهہ ڪرڻ جي ظاهري صورت ڪڍي جڏهن تہ هو پهريان کان ئي بُکايل هئا.
(الرسالة القشيريه ص 179)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### پهريان بزرگ ڪاڏو شروع ڪن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ملي ڪري ڪائڻ ۾ جيڪڏهن ڪو بزرگ بہ شامل هجي تہ ادب هي آهي تہ جيستائين اهو شروع نہ ڪري ٻيو ڪو بہ نہ ڪائي، ياد رهي! تہ بزرگي جي لاءِ پوڙهو هئڻ شرط ناهي،

علم ۽ عمل درڪار آهي تنهنڪري پوڙهن جي موجودگي ۾ جيڪڏهن ڪو نوجوان عالم آهي ته پهريان اهو ئي ڳاڙو شروع ڪري، الله وارن جا انداز به نرالا هوندا آهن، حضرت سيّدُنا ابو **عبدالله بن خفيف** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جا مُريد جيڪي پاڻ هڪ فاقہ مست بزرگ هئا ۽ بي خياليءَ ۾ هٿ وڏائن تا پر پنهنجي پير پائي جي اشاري تي پاڻ کي سنيالن تا جڏهن ته اجان ڪائڻ شروع نه ڪيو هئائون رُڳو هٿ ئي وڌايو هئائون، پوءِ به اڻچاڻائيءَ ۾ تي وجڻ واري بي ادبيءَ جي پنهنجي لاءِ نرالي سزا مقرر ڪيائون ۽ سخت بُکايل هئڻ جي باوجود پکو پهه ڪيائون ته وڏيڪ 15 ڏينهن تائين ڪجهه نه ڪائيندس، الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها پنهنجو پاڻ کي آداب سيکارڻ لاءِ طرح طرح جون عجيب سزائون مقرر ڪندا آيا آهن جيئن ته،

## پائڻ ۾ کابي جُتي کان شروع ڪرڻ جو ڪفارو

”**ڪيمياءِ سعادت**“ ۾ آهي ته هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ پيري سنّت جي مطابق ساڄي جتيءَ کان پائڻ شروع ڪرڻ بدران بي خياليءَ ۾ ڪابي جتي پهريان پائي ڇڏي ان سنّت جي رهجي وڃڻ تي ڪين سخت صدمو پهتو ۽ ان جي بدلي ۾ انهن ڪٽڪ جون به بوريون خيرات ڪيون. **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي انهن بزرگن جو حصو هو. ڪاش! اسان کي به پنهنجي بزرگن جي طريقن تي هلڻ نصيب ٿي وڃي. ان طرح جون سنّتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر کي پنهنجو معمول بڻائن، **مدني قافلن** جون به ڇا خوب بهارون آهن جيئن ته

## ﴿61﴾ مدينيءَ جي سفر جي سعادت ملي وئي!

**دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب موجب ترتيب ڏنل ضلعي شيخوپوره جي هڪ تحصيل جي **مدني انعامات** جي ذميدار مون کي (سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡهُ کي) جيڪو ڪجهه لکيو ان جو خلاصو آهي، ” اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ 1424 ھ ۾ مون کي عمري شريف ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي حاضريءَ جو شرف مليو، اتي قُصور (پنجاب ، پاڪستان) جي هڪ قاري صاحب سان ملاقات ٿي، ان ٻُڌايو ته مان هن ئي شعبان المعظم 1424 ھ ۾ **صحراءِ مدينه، مدينةالاولياء** ملتان ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلاميءَ جي ٽي روزه بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس، اتي بيان جي دوران **مدني قافلن** ۾ سفر جي ترغيب ڏياريندي چيو ويو ته ”**مدني قافلن** ۾ سفر ڪري دعائون گهرو، توهان جي جيڪا به **خواهش** هوندي اِنۡ شَآءَاللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ پوري ٿيندي.“ اهو ٻُڌي ڪري مون کي جذبو مليو مون هٿوهٿ **عاشقانِ رسول** سان گڏ ٽن ڏينهن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اتي خوب روئي ڪري مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي حاضري جي لاءِ دعا گهري، دعا جي قبوليت جا آثار ائين ظاهر ٿيا جو مان مدني قافلي جي سفر کان موٽيس ۽ معمول مطابق ٻارن کي قرآن پاڪ پڙهائڻ لاءِ ڪنهن جي گهر پهتس. ته گهر جي مالڪ ڪافي مهرباني سان پيش ايندي چيو ته قاري صاحب! مَاشَآءَاللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ توهان اسان جي ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا آهيو، جيڪڏهن توهان جي ڪا **خواهش** هجي ته ٻُڌايو اسان توهان

ڪي خوش ڪرڻ چاهيون ٿا، شروع ۾مون ٿاري ڇڏڻ چاهيو پر سندن اصرار تي چيم تہ مديني جي ديدار جي آرزو آهي، انهن مون ڪي بنا دير اخراجات (خرچ پکو) پيش ڪري ڇڏيا ۽ ائين اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هتوهت مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا ڪرڻ جي برڪت سان مون جهڙي گناهگار ۽ غريب ماڻهوءَ ڪي هتو هٿ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي حاضري جو شرف نصيب ٿي ويو.

مجھ گنہگار سا انسان مدینے میں رہے　　بن کے سرکار کا مہمان مدینے میں رہے
یاد آتی ہے مجھے اہلِ مدینہ کی وہ بات　　زندہ رہنا ہے تو انسان مدینے میں رہے
جان و دل چھوڑ کر یہ کہہ کے چلا ہوں اعظم
آ رہا ہوں مرا سامان مدینے میں رہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿62﴾ جَوَ شريف جي ڪش

حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي هڪ ڏينهن اطلاع مليو تہ سپهہ سالار جي بورچيخاني جو روزانو جو خرچ هڪ هزار درهم آهي. ان ڏيجاريندڙ خبر سان ڪين سخت افسوس ٿيو. ان جي اصلاح جي لاءِ انفرادي ڪوشش جو ذهن ٺاهيائون ۽ ڪيس دعوت تي گهرايائون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بورچين ڪي حڪم ڏنائون تہ اعليٰ قسم جي کاڌن سان گڏ جَوَ شريف جي ڪش بہ تيار ڪئي وڃي، سپهہ سالار جڏهن دعوت ۾ حاضر ٿيو تہ خليفي ڄاڻي واڻي کاڌو گهرائڻ ۾ ايڏي دير ڪئي جو سپهہ سالار بُک سبب بيتاب ٿي ويو،

آخرڪار امير المؤمنين پهريان جَوَ شريف جي ڪش گهرائي. سپهه سالار جيئن تہ تمام بُکايل هو، ان لاءِ ان **جَوَ شريف جي ڪش** کائڻ شروع ڪئي ۽ جڏهن اعليٰ قسم جا ڪاڌا آيا تہ ان وقت ان جو پيٽ پرجي چُڪو هو، داناءُ خليفي اعليٰ قسم جي ڪاڌن ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو،" توهان جو ڪاڌو تہ هاڻي آيو آهي، ڪائو!سپهه سالار انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ "سائين! منهنجو پيٽ تہ ڪش سان ئي پرجي ويو آهي. امير المؤمنين فرمايو، سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! ڪش بہ ايڏو اعليٰ ڪاڌو آهي جو پيٽ بہ پري ڇڏي، ۽ آهي بہ ايترو سستو جو هڪ درهم ۾ ڏهہ ماڻهن جو پيٽ پري ڇڏي اهو چئي ڪري نصيحت جا مدني گل ورهائيندي فرمايائون تہ،"جڏهن توهان ڪش مان بہ گذارو ڪري سگهو ٿا تہ آخر روزانو هڪ هزار درهم پنهنجي ڪاڌي تي ڇو ٿا خرچ ڪريو؟ سپهه سالار صاحب! **خدا**عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ پنهنجو پاڻ کي گهڻو خرچ ڪرڻ وارن ۾ داخل نہ ڪريو. پنهنجي بورچيخاني ۾ جيڪا رقم اندا ڌُند خرچ ڪريو ٿا اها **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راضپي لاءِ بُکايلن، حاجتمندن ۽ غريبن کي ڏئي ڇڏيو. متّقي خليفي جي **انفرادي ڪوشش** لشڪر جي سپهه سالار جي دل تي گهرو اثر ڪيو ۽ ان عهد ڪيو تہ بيهر ڪاڌي ۾ سادگي اختيار ڪندس ۽ گهٽ خرچ مان ڪم وٺندس.

**(مغني الواعظين ص491)**

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بي برڪتيءَ جو سبب فضول خرچيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان نفس کي جيتري قدر لذيذ کاڌو کارائيندا سين اوتري قدر هو بهتر کان بهتر طلب ڪندو رهندو، اڄ اسان جي گهٽائي بي برڪتيءَ جي شڪايت ڪندي آهي گڏوگڏ تنگدستي ۾ مٿان وري چيلهه ڀڃي ڪندڙ مهانگائي جو روئڻو روئندي آهي ۾ اڄ تقريبًا هر ڪنهن کي هي چوندي ٻڌو ويو آهي ته ”پوري نه ٿي پوي! “ يقين ڄاڻو، مهانگائي، بي برڪتي ۾ تنگدستيءَ جو موجوده دؤر ۾ هڪ تمام وڏو سبب غير ضروري خرچ به آهي. ظاهر آهي جڏهن فضول خرچين جو سلسلو جاري رکنداسين، گڏو گڏ اعليٰ ڪاڏي، عاليشان گهرن وري انهن جي اندر سجاوٽن جي قيمتي سامانن، مهانگن مهانگن اعليٰ لباسن سان دل لڳائيندا رهنداسين ته انهن ڪمن لاءِ بي انداز رقم جي ضرورت رهندي ۾ پوءِ ”بي برڪتي“ ۾ ”پوري نه پوڻ“ جا راڳ به جاري رهندا. حضرتِ سيّدُنا امام جعفر صادق عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الرَّازِق جو فرمانِ هدايت نشان آهي ته جنهن پنهنجو مال فُضول خرچين ۾ وڃايو ۾ پوءِ چوي ٿو ته اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! مون کي اجان ڏي. ته الله تعــاليٰ (اهڙي شخص کي) فرمائيندو آهي، ڇا مون توکي وچٿرائيءَ جو حڪم نه ڏنو هو؟ ڇا تو منهنجو (هي) فرمان نه ٻڌو هو؟

وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا لَمْ يُسْرِفُوْا وَلَمْ يَقْتُرُوْا وَكَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٧﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۾ اهي جڏهن خرچ ڪندا آهن نه حد کان وڌن نه تنگي ڪن ۾ انهن ٻنهي جي وچ ۾ اعتدال تي رهن. (پ 19 فرقان 67)

(ملخصًا احسن الوعا لاداب الدعا ص 75)

بهرحال جيڪڏهن قناعت ۽ سادگيءَ سان سستن ڪاڏن ۽ سادن لباسن کي اختيار ڪيو وڃي. رُڳو گهرج موجب گهر رکيا وڃن، اجاين سجاوٽن ۽ نمائشي دعوتن جي معاملي ۾ پاڻ تي پابندي هنئي وڃي تہ پاٽمرادو مهانگائي ختم ٿي وڃي ۽ هُوند غربت جو بہ خاتمو اچي وڃي پر نفسِ امّاره جي غلاميءَ جو ڪهڙو علاج؟

## ٽن ماڻهن جي دعا قبول ناهي

حُضُورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجور، باذن ربّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ٽي شخص (اهڙا) آهن جو تنهنجو ربّ (عَزَّوَجَلَّ) انهن جي دعا کي قبول ناهي ڪندو (**1**) هڪ اهو جيڪو ويران جڳهہ تي رهي، (**2**) ٻيو اهو مسافر جيڪو وچ رستي تي ترسي يعني رستي کان هٽي ڪري نہ لهي بلڪ خاص رستي تي ٽاڪ ڪري ويهي (**3**) ٽيون اهو جنهن پاڻ پنهنجو جانور ڇڏي ڏنو، هاڻي خدا کان دعا گهري ٿو تہ هن کي روڪ.

(احسن الوعاء لاداب الدعا ص 73)

**منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت عظيمُ البَرَڪت، عظيمُ المَرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مُجَدِدِ دين ومِلت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعثِ خير وبَرڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا اَقُولُ وَبِاللّٰهِ التَّوفِيق (يعني مان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل توفيق سان چوان ٿو) هن جي ظاهري معنيٰ تہ هي آهي جو انهن خاص ڪمن ۾ ان

جي دعا نہ ٻُڌي ويندي پر ائين ناهي تہ جيڪو ائين ڪري تہ بلڪل ان جي ڪابہ دعا ڪنهن بہ ڪم لاءِ قبول نہ ٿيندي جڏهن تہ انهن ڪمن ۾ قبول نہ هجڻ جو ظاهري سبب هي آهي تہ اهي ڪم سندس پنهنجي هٿن جا ڪيل آهن. تنهنڪري ويران جڳهہ ۾ لهڻ وارو ان جي نقصانن کان آگاهہ آهي، پوءِ جيڪڏهن اتي چوري ٿي وڃي، يا ڪو ڦرلٽ ڪري وڃي يا جِنّ تڪليف پهچائن تہ اهي ڳالهيون پاڻ ان جون قبول ڪيل آهن هاڻي چو تہ انهن جي ختم ٿيڻ جي دعا گهري؟ ائين ئي جڏهن رستي ۾ لٿو تہ هر قسم جا ماڻهو گذرندا، پوءِ جيڪڏهن چوري ٿي وڃي يا هاٿي ۽ گهوڙي جي پيرن مان ڪجهہ نقصان (ٿي پئي)، رات جو نانگ وغيره تڪليف پهچائي، (تہ اهو) ان جو پنهنجو ڪيل آهي، نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمائن ٿا تہ، ” رات جو رستي ۾ نہ ترسو جو **الله تعالي** پنهنجي مخلوق مان جنهن کي چاهي رستي تي هلڻ جي اجازت ڏيندو آهي، ائين ئي جانور کي پاڻ ڇڏي ڪري ان جي قابو ۾ اچڻ جي دعا تہ ظاهري طور تي بيوقوفي آهي ڇا (هو) **واحد قهار جل جلالہ** کي آزمائي ٿو يا **معاذالله** ڪيس پنهنجو محڪوم (يعني حڪم جو تابع) ٿو سمجهي! **حضرت سيّدُنا عيسيٰ** روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪنهن چيو جيڪڏهن خدا عَزَّوَجَلَّ جي قدرت تي ڀروسو اٿوَ تہ پنهنجو پاڻ کي هن جبل کان هيٺ ڪيرايو، فرمايائون،”مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي آزمائيندو ناهيان.

**(احسن الوعا لاداب الدعا ص 73، 74)**

## پنهنجي ڪَئيءَ جو ڪو علاج ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فارسيءَ ۾ چوڻي آهي ”خود کردہ را علاجے نیست“ يعني پنهنجي هٿن سان مصيبت آڻڻ وارن جو ڪو علاج ناهي. مثال طور ڪو پنهنجو مٿو پٿر ۾ هڻندو رهي ۽ روئندو رڙندو رهي تہ هاءِ! منهنجو مٿو ڦاٽي پيو! مون کي بچايو!! تہ ظاهر آهي ان بيوقوف کي اهو ئي چيو ويندو تہ پنهنجو مٿو پٿ ۾ هڻڻ ڇڏي ڏي تہ ڪونہ ڦاٽندو، اهڙيءَ ريت ڪوڙسارا نادان انسان جيڪو ڪجهہ هٿ ۾ ايندو آهي، اهو هڙپ ڪري ويندا ۽ خوب ڳڙڪائي ڪائيندا آهن بعد ۾ ٿولهہ، باهر نڪتل پيٽ، قبض ۽ بدهاضميءَ جون دوائون ڳوليندا وتندا آهن ۽ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن تي خوب پيسا خرچ ڪندا آهن پر دوائن مان علاج ناهي ٿي سگهندو، ڇو؟ ان لاءِ جو انهن بيمارين جو علاج انهن جي پنهنجي هٿ ۾ آهي، پيٽ پري ڪائڻ ڇڏي ڏين، جيستائين گهٽي بُک نہ لڳي ان وقت تائين نہ ڪائين، حديثِ پاڪ ۾ ٻُڌايل طريقي جي مطابق بُک کان گهٽ ڪائو، پِزن، پراٺن، کير جي ملائي، مکڻ، ڪيڪ، پيسترين، بن ڪبابن، برگرن، سيخ ڪبابن، سموسن، پڪوڙن، ۽ ٻين تريل شين گڏوگڏ سٽيپ، ميدي ۽ مناڻ وارين شين کي گهٽ ۾ گهٽ استعال ڪن، آئيسڪريمن ٿڌن شربتن ۽ ٿڌين بوتلن کان پاڻ کي بچائين گڏوگڏ چانهہ بہ گهٽي نہ پين، (ضرورت مطابق ڏينهن رات ۾ ٻہ يا ٽي پيرا اڌ اڌ ڪوپ چانهہ سان گذارو ڪن)، جيڪڏهن پان، سگريٽن، خوشبودار سوپارين، گٽڪن، مين پڙين ۽ پانن وغيره جي عادت آهي تہ انهن

ڪان پري پچن. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ وزن گهٽ، پيٽ اندر ۽ هاضمو صحيح ۽ پڻ ڪوڙ سارين بيمارين کان بنا ڊاڪٽري علاج جي ڇوٽڪارو ملي ويندو.

**ٿلهائپ جو هڪ سبب**

منهنجي هنن **مدني مشورن** تي گهٽ نه ته صرف 40 ڏينهن سختيءَ سان عمل ڪري ڏسو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي صحت ۾ حيرت انگيز تبديلي محسوس ڪندؤ، پهريان ڪنهن ليبارٽريءَ ۾ ” لپڊ پروفائيل ۽ شگر “ ٽيسٽ ڪرائي پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ کان بعد هن نيّت سان ته ” سني صحت جي ذريعي عبادت تي قوت حاصل ڪندس “ پرهيز وارو ڪاڌو شروع ڪري ڇڏيو ۽ ان جون برڪتون ماڻيو. ياد رکو! ڪاڌي کان پوءِ پاڻي پيئڻ سان به جسم وڌندو آهي ۽ ٿولهه ايندي آهي، تنهنڪري ڪاڌي ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي پيئو، ها ڪاڌي جي دوران ٿورو ٿورو پاڻي پيئندو رهڻ فائديمند آهي، بهرحال ڪائڻ کان پوءِ گهڻو پاڻي پيئڻ جي عاديءَ جو جسم جيڪڏهن سُجي وڃي ته ان جو علاج هو دوا سان ڪرڻ بدران پنهنجي عادت جي اصلاح سان ڪندو تڏهن ئي ٺي سگهندو.

نا سمجھ بیمار کو اَمرِت بھی زہر آمیز ہے

سچ یہی ہے سو دوا کی اک دوا پرہیز ہے

**خطري ۾ وجهڻ وارين 15 ڳالهين جا مثال**

**پنهنجي** هٿن سان پاڻ کي خطرن ۾ وجهي ڪري وري انهن خطرن کان پنهنجي حفاظت جي لاءِ ڪيئن ويندڙ

دعائون قبول ناهن ٿينديون، اَحسَنُ الوعَاءِ لِاٰدابِ الدُّعَاءِ ۾ پاڻ کي پنهنجي هٿن سان مصيبت ۾ وجهڻ جي ضمن ۾ تمام پيارا مثال ڏنل آهن ﴿1﴾ جيڪو بغير ڪنهن سخت مجبوريءَ جي رات جو اهڙي وقت گهر کان ٻاهر نڪري جو ماڻهو سُتل هجن، پيرن جي هلڻ جو آواز رستن تان هٽيل هجي، صحيح حديث ۾ ان کان ممانعت آيل آهي جو ان وقت مصيبتون ڦهليل هونديون آهن، (يعني جيڪڏهن رات جو دير سان ويران رستي کان گذري ۽ ان کي ڏاڙيل پڪڙين يا جِنّ چنبڙن ته پوءِ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري، جو پاڻ کي چو خطري ۾ وڌائين) يا ﴿2﴾ رات جو دروازو کليل ڇڏي ڏي يا بغير بِسۡمِ الله چوڻ جي بند ڪري جو شيطان ان کي کولي سگهي ٿو ۽ جڏهن بِسۡمِ الله چئي ڪري ساڄو پير گهر ۾ رکي ته شيطان جيڪو گڏ آيو هو اهو ٻاهر رهجي ويندو آهي ۽ جڏهن بِسۡمِ الله چئي ڪري دروازو بند ڪري ته اهو کولي ناهي سگهندو (هتي به جيڪڏهن بي احتياطي ڪئي وئي ۽ شيطان گهر ۾ گهري نقصان پهچايو ته پاڻ پنهنجي ئي غلطي جي سبب ائين ٿيو هاڻي هن مُعاملي ۾ دعا ڪيئن قبول ٿيندي؟) يا ﴿3﴾ ڪاڏي، پاٽيءَ جا ٿانوَ بِسۡمِ الله چئي ڪري نه ڍڪيا جو (انهن ۾) مصيبتون لهنديون آهن ۽ (انهن کي) خراب ڪنديون آهن، پوءِ اهو کائڻ ۽ پيئڻ جون شيون بيمارين جو سبب بڻجنديون آهن (ڪاڏو وغيره موجود هوندي ٿانءُ کليل هجي ته ناپاڪ جنّات استعمال ڪندا آهن تنهن ڪري بي احتياطيون ڪرڻ وارن جي هتي به دعا قبول نه ٿيندي، جنّات ۽ بيمارين کان حفاظت جو هي بهترين نسخو ٻڌايو ويو آهي) يا ﴿4﴾ ٻارن کي مغرب (يعني سانجهيءَ) جي وقت گهر کان ٻاهر نه ڪڍجي جو ان وقت

شيطان پڪڙيل هوندا آهن (جيڪڏهن سانجهي ۽ سومهڻيءَ جي وچ ۾ ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪنهن جنّ پڪڙي ورتو ته توهان جي پنهنجي غلطي آهي ته ڇو ڪڍيوَ؟) يا ﴿5﴾ ڪاڏي ڪانپوءِ بنا هٿ ڌوئڻ جي سمهي رهيؤ ته شيطان چٽيندو آهي ۽ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪوڙهه جو سبب بڻبو آهي يا ﴿6﴾ غسل خاني ۾ پيشاب ڪري جو ان سان وسوسو پيدا ٿيندو آهي يا ﴿7﴾ ڄڄي جي پرسان سمهي ۽ ڇت جي پاسن کان پٽ يا ٻنو وغيره نه هجي ته ڪِري پوڻ جو امڪان آهي يا ﴿8﴾ کاڌو بغير بِسۡمِ اللهِ پڙهڻ جي کائي جو شيطان گڏ کائيندو آهي ۽ جيڪو کاڌو ڪجهه مسلمانن لاءِ ڪافي هوندو آهي اهو هڪ جي ئي کائڻ ۾ ختم ٿي ويندو آهي يا ﴿9﴾ زمين جي سوراخن ۾ پيشاب ڪري جو ڪڏهن نانگ وغيره جانورن جو گهر يا جنّ جو گهر هوندو آهي ۽ انسان تڪليف ڏسندو آهي يا ﴿10﴾ پنهنجي توڙي پنهنجي دوست جي ڪا شيءِ پسند اچي وڃي ته ان تي نظر لڳڻ کان بچاءَ جي دعا: اَللّٰهُمَّ بَارِكۡ عَلَيۡهِ وَلَا تَضُرُّهُ مَاشَآءَاللهُ لَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ (يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! ان تي برڪت نازل فرماءِ ۽ ان کي نقصان نه پهچي، جيڪو ڪجهه الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو اهو ئي ته ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي تائيد جي بغير نيڪي ڪرڻ تي ڪا به طاقت ناهي) نه پڙهي جو نظر لڳڻ حق آهي، (جيڪا) ماڻهو کي قبر ۾ ۽ اٺ کي ديڱ ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي، (دعا ياد نه هجي ته مَاشَآءَاللهُ يا بَارَكَ اللهُ به چئي سگهو ٿا، مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان فرمائن ٿا جيڪڏهن پسنديده شيءِ کي ڏسي ڪري مَاشَآءَاللهُ يا بَارَكَ الله) چئي ته نظر ناهي لڳندي جيڪڏهن انهن جملن (يعني مَاشَآءَاللهُ يا

بَارَکَ اللہ) جي بغير ئي حيرت سان ڏسي ۽ حيرت جا لفظ ڳالهائي تہ نظر لڳي ويندي آهي. (مرآۃ ج 6 ص 244) يا ﴿11﴾ اڪيلو سفر ڪري جو فاسق انسانن ۽ جنّات کان نقصان پهچندو آهي ۽ هر ڪم ۾ ڏڪيائي پيش ايندي آهي يا ﴿12﴾ بيني بيني پاڻي پيئي جو (ائين ڪرڻ جگر (جيري) ۾ سور پوڻ جو سبب بڻجندو آهي، (آب زم زم شريف ۽ وضوءَ جو بچيل پاڻي بيني بيني پيئڻ مستحب آهي)، يا ﴿13﴾ بيت الخلا ۾ بغير بِسۡمِ اللہ پڙهڻ (يا بغير دعا پڙهڻ جي) وڃي تہ ناپاڪ جنّات کان نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، يا ﴿14﴾ فاسقن، فاجرن، بي ڊنگهن ۽ بدمذهبن وٽ اچ وڃ ڪندو تہ جيڪڏهن بالفرض خراب صحبت جي اثر کان بچي بہ ويو پوءِ بہ تهمت جو نشانو ضرور بڻجندو. يا ﴿15﴾ ماڻهن جي رستن يا انهن جي اٿڻ ويهڻ جي جڳهہ تي پيشاب ڪري جو پاڻ ئي گاريون جهليندو. (ملخصًا احسن الوعاء لآداب الدعاء 76،77)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿63﴾ توهان ڪٿان ڪائيندا آهيو؟

حضرتِ سيّدُنا بايزيد بِسطامي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ هڪ مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويا تہ نماز پوري ٿيڻ کانپوءِ پيش امام پُڇيو تہ اي بايزيد! توهان ڪٿان ڪائيندا آهيون؟ فرمايائون ٿورو ترسو! پهريان توهان جي پويان پڙهيل نماز ٻيهر پڙهان، توهان کي جڏهن مخلوق کي روزي ڏيڻ واري جي باري ۾ ئي شڪ آهي تہ پوءِ توهان جي پٺيان نماز ڪيئن جائز آهي! (روض الرياحين ص155)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي
مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيِّدُنا بايزيد بِسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام وڏا وليُّ الله هئا. يقيناً الله رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ سڀني جي روزي جو ڪفيل (يعني ذمو کڻندڙ) آهي، اهو ئي ڪارائيندو پيارائيندو آهي، پيش امام اهو سوال پُڇي ڪري ته" توهان ڪٿان ڪائيندا آهيو؟" سائين جن جي مطابق پنهنجي ضعيف الاِعتقاد (يعني ڪمزور عقيدن وارو) هجڻ جو ثبوت ڏنو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نماز دهرائي. هي سندن جي تقويٰ هئي. عرف جي طور تي ماڻهو اهڙا سوال جواب پاڻ ۾ ڪندا آهن، شرعي طور ان ۾ ڪو گناهه ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿64﴾ ڀُگل پڪي

ابو الحسين علويءَ جو بيان آهي، ته مان هڪ ڀيري گهر ۾ فرمائش ڪئي ته فلاڻو حلال پکي پُڄڻ لاءِ تنور ۾ لڙڪائي ڇڏيو. مان مناسب وقت تي اچي ڪائيندس. پوءِ مان حضرت سيِّدُنا جعفر خُلدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ زيارت جي لاءِ حاضر ٿيس، پاڻ فرمايائون، رات هتي ترسو، منهنجي دل جيئن ته پکي ڪائڻ ۾ قاتل هئي ان لاءِ مان ڪو بهانو ڪري گهر پهچي ويس، گرما گرم ڀُگل پکي دسترخوان تي رکيو ويو. اوچتو گهر ۾ ڪُتو گهري آيو ۽ جهپٽ ڏئي ڀُگل پکي کڻي ڀڄي ويو، ان پکيءَ جي بچيل رس نوڪرياڻي کڻي اچي رهي هئي ته سندس ڪپڙي جي دامن جو جهٽڪو لڳڻ سان اها سموري رس به هارجي پئي، پوءِ صبح جو جڏهن مان حضرتِ سيِّدُنا شيخ جعفر

خلدي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس تہ مون کي ڏسندي ئي فرمائڻ لڳا، ”جيڪو شخص مشائخ جي دلين جو لحاظ ناهي رکندو ان جي دل کي تڪليف پهچائڻ لاءِ ڪُتو مسلط ڪيو ويندو آهي.

(الرسالة القشيريه ص 362)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ بزرگن جي ڳالهہ نيائڻ ۽ اهي جيڪو حڪم ڏين ان کي بجا آڻڻ ۾ ئي عافيّت آهي. الله وارن سان چالاڪي ۽ بهاني بازي ڪم نہ ايندي آهي. هن حڪايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ **اولياءُالله** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جون ڳالهيون بہ معلوم ٿي وينديون آهن، جڏهن **اولياءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو اهو شان آهي تہ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ڇا مقام هوندو! ڳڏوگڏ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ خود تاجدارِ مدينه، حبيبِ ڪبريا، احمدِ مجتبيٰ، محمّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان جو ڪير اندازو ڪري سگهي ٿو منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا تہ

سرِ عرش پر ہے تری گزر دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿65﴾ ڏيءِ پيدا ٿيڻ جي بشارت

الله ربُّ الْعزّت عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا بہ غيب جون خبرون ٻُڌائڻ جا واقعا ڪتابن ۾ ملن ٿا، جيئن تہ

ڪروڙين مالڪين جي عظيم المرتبت پيشوا حضرت سيّدُنا امام مالڪ بن انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي مشهورِ زمانہ احاديث جي مجموعي ”مؤطا امام مالڪ“ ۾ فرمائن ٿا تہ حضرتِ سيّدُنا عُروه بن زبير رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان روايت آهي تہ ام المؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا فرمايو، خليفة الرسول حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي وفات واري بيماريءَ واري حالت ۾ ڪين وصيّت ڪندي ارشاد فرمايو هو تہ ” منهنجي پياري ڌيءَ! اڄ تائين مون وٽ جيڪو منهنجو مال هو اهو اڄ ميراث جو مال آهي، تنهنجا ٻہ ڀائر (عبد الرحمٰن ۽ محمد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا) ۽ تنهنجيون ٻہ ڀينرون (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا) آهن، تنهنڪري توهان منهنجي مال کي قرآن مجيد جي حڪم مطابق ورهائجو، اهو ٻڌي ڪري حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا عرض ڪيو، ”بابا سائين! منهنجي تہ هڪ ئي ڀيڻ ”بيبي اسماء “ آهي، هي منهنجي ٻي ڀيڻ ڪير آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمايائون، اها (تنهنجي ويگي ماءُ) ”حبيبه بنت خارجه“ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا جي پيٽ ۾ آهي منهنجي خيال ۾ اها ڇوڪري آهي (الموطا للامام مالڪ ج 2 ص 270 حديث 1503) هن حديث جي تحت حضرت سيّدُنا علّامہ محمد بن عبدالباقي زرقاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي تحرير فرمائن ٿا، تہ پوءِ ائين ئي ٿيو تہ ڇوڪري ئي ڄائي جنهن جو نالو ” اُمّ ڪلثوم“ رکيو ويو.

(شرح الزرقاني علي المؤطا ج 4 ص 61)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻہ ڪرامتون ثابت ٿيون

مَدنی مُنّا اسلامي ڀائرو! هن حديث مبارڪ جي باري ۾ حضرت علامہ تاج الدين سبڪي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی تحرير فرمايو تہ هن حديث مان **خليفة الرسول** حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جون ٻہ ڪرامتون ثابت ٿين ٿيون. (**1**) ڪين وفات کان اڳ ئي اهو علم ٿي ويو هو تہ مان هن بيماريءَ ۾ دنيا کان لاڏاڻو ڪري ويندس، ان لاءِ ئي تہ وصيّت ڪرڻ وقت فرمايائون تہ مون وٽ جيڪو مال هو، اهو اڄ ميراث جو مال آهي. (**2**) جيڪو ٻار ڄمندو اها ڇوڪري آهي.

**(حجة الله علي العٰلمين ص 612 مرڪز اهلسنت برڪات رضا گجرات هند)**

## صديق اڪبر کي علم غيب

هن حڪايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ **مَا فِي الۡاَرۡحَام** (يعني جيڪو ڪجھ ماءُ جي پيٽ ۾ آهي ان) جو علم الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي حاصل ٿي ويو هو. ان مسئلي کي سمجھڻ لاءِ قرآني آيت ۾ ان جو تفسير غور سان ٻڌو، جيئن تہ الله تبارڪ وتعاليٰ 21 سيپاري سُوۡرَةُ لُقۡمٰنَ جي آخري آيتِ مبارڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَيَعۡلَمُ مَا فِي الۡاَرۡحَامِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ (الله عَزَّوَجَلَّ) ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ مائرن جي پيٽ ۾ آهي.

**خليفهءِ اعليٰ حضرت**، مفسرِ قرآن حضرت صدر الافاضل علامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی خزائن العرفان (مطبوعه بمبئي) ص661 تي هن آيتِ مبارڪ جي تحت

فرمائن ٿا، ” علمِ غيب الله تعاليٰ سان خاص آهي ۽ انبياءِ ۽ اولياءِ
کي غيب جو علم الله تعاليٰ جي تعليم ڏيڻ سان معجزي ۽ ڪرامت
جي ذريعي عطا ٿيندو آهي، اهو (الله تعاليٰ سان) خاص هئڻ جي خلاف
ناهي ۽ بيشمار آيتون ۽ حديثون هن تي دلالت ڪن ٿيون.” برسات
جو وقت ۽ پيٽ ۾ ڇا آهي ۽ سڀاڻي ڪو ڇا ڪندو ۽ ڪٿي مرندو؟ “
انهن ڪمن جون خبرون ڪثرت سان اولياءِ ۽ انبياءِ ڪرام ئي
ڏنيون آهن ۽ قرآن و حديث مان ثابت آهن. حضرتِ سيّدُنا ابراهيم
خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي فرشتن حضرتِ سيّدُنا اسحاق عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ
الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پيدا ٿيڻ جي ۽ حضرتِ سيّدُنا زڪريا عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام
کي حضرت سيّدُنا يحييٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پيدا ٿيڻ جي ۽
حضرت مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ
الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پيدا ٿيڻ جون خبرون ڏنيون ته انهن فرشتن کي به
پهريان کان معلوم هو ته انهن پيٽن ۾ ڇا آهي ۽ انهن کي به جن
کي فرشتن اطلاع ڏنا هئا ۽ انهن سڀني جو ڄاڻڻ قرآن ڪريم مان
ثابت آهي ته آيت جي معنيٰ قطعي طور تي اها ئي آهي ته بغير الله
تعاليٰ جي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ ڪوبه نٿو ڄاڻي. ان جي هيءَ معنيٰ وٺڻ ته
الله تعاليٰ جي ٻُڌائڻ سان به ڪو نٿو ڄاڻي اهو بلڪل باطل ۽ سوين
آيتن ۽ حديثن جي خلاف آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اولياءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی به الله
عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان آئنده ٿيڻ واري اولاد جي خبر ٻُڌائي سگهن ٿا
جيئن ته

## ﴿66﴾ پٽ پيدا ٿيڻ جي بشارت

**حضرت شاهه وليُّ الله مُحدث دهلوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُاللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ منهنجا والد ماجد حضرت شاهه عبد الرحيم عَلَيْهِ رَحْمَةُاللّٰهِ الْكَرِيم فرمائن ٿا تہ، ”مان هڪ ڀيري حضرت سيِّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللّٰهِ الْبَاقِی جي مزار شريف جي زيارت لاءِ ويس. سندن روح مبارڪ ظاهر ٿيو ۽ فرمايائون، ”**توهان کي پٽ پيدا ٿيندو ان جو نالو قطب الدين احمد رکجو.**“ جيئن تہ گهرواري پوڙهي ٿي وئي هئي ان لاءِ مون سمجهيو تہ شايد هن فرمان مان مُراد پٽ جو پٽ يعني پوٽو هوندو حضرت سيِّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللّٰهِ الْبَاقِی منهنجي ان دلي خيال کان هڪدم آگاهہ ٿي ويا ۽ فرمايائون، ” منهنجي اها مُراد ناهي بلڪ اهو پٽ توهان جي پُٽ مان ٿيندو.“ شاهه وليُّ الله صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا، والد ماجد ڪجهہ عرصي کانپوءِ ٻي عورت سان نڪاح ڪيو تہ هي ڪاتب الحروف فقير وليُّ الله پيدا ٿيو، شروع ۾ ڪين اهو واقعو ياد نہ رهيو تہ وليُّ الله نالو رکيائون ۽ ڪجهہ عرصي کانپوءِ جڏهن ڪين ياد آيو تہ پيو نالو (حضرت سيِّدُنا خواجہ قطب الدين احمد بختيار ڪاڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللّٰهِ الْبَاقِی جي فرمان موجب) قطب الدين احمد رکيو. (انفاس العارفين ص 44)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مزارن تي حاضري ڏيڻ ۽ انهن کان فيض وٺڻ جو بزرگن جو معمول رهيو آهي، گڏوگڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ وفات ڪري ويل اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان دلين جو حال

جاڳيندا آهن ۽ ايندڙ وقت جون خبرون بہ ارشاد فرمائيندا آهن. جيئن حضرتِ سيّدُنا خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَاقِي حضرتِ شاهہ عبدالرحيم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡكَرِيۡم کي پٽ جي ڄمڻ جي بشارت (يعني خوشخبري) عنايت فرمائي.

يہيں پاتے ہيں سارے اپنا مطلب ہر اک کے واسطے یہ در کھلا ہے
میں دَردَر کیوں پھروں دُردُر سنوں کیوں مرے آقا! مرا کیا سرپھرا ہے!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿67﴾ مزيدار شربت

حضرتِ سيّدُنا صالح مري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا تہ مون حضرت سيّدُنا عطاء سُلمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَنِي جي خدمت ۾ بہ ڏينهن مسلسل گيهہ ۽ ماکي ملائي ڪري سَتُّو جو مزيدار شربت موڪليو، پر ٻئي ڏينهن پاڻ موٽائي ڏنائون، ان تي ناراضگي جو اظهار ڪندي مون چيو، توهان منهنجو تحفو چو واپس ڪيو؟ فرمايائون، ”ناراض نہ ٿيو مان پهرين ڏينهن تہ پي ويس، پر ٻئي ڏينهن پيئڻ ۾ ناڪامي ٿي چو تہ جڏهن پيئڻ جي نيّت ڪيم تہ 13 هين سيپاري ۾ سُوۡرَةُ اِبۡرٰهِيۡمَ جي آيت نمبر 17 ياد اچي ويئي.

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيۡغُهٗ وَ يَاۡتِيۡهِ الۡمَوۡتُ مِنۡ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنۡ وَّرَآئِهٖ

ترجمو ڪنزالايمان: سخت مشڪل سان ڍڪ ڍڪ ڪري ان کي پيئندو ۽ نڙيءَ کان هيٺ لهڻ جي اميد ڪانہ هوندس ۽ ڪيس هر طرف کان موت ايندو پر

عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿١٤﴾ مرندو ڪونه ۽ ان جي پٺيان هڪ سخت عذاب آهي.

حضرتِ سيِّدُنا صالح مري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، اهو ٻُڌي مان روئي وينس ۽ مون دل ۾ چيو تہ مان ڪنهن ٻي وادي ۾ آهيان ۽ توهان ڪنهن ٻي واديءَ ۾ آهيو. (ملخصًا احياءُ العلوم ج 3 ص 116)

## 12 مهينن جي عبادت کان وڌيڪ نفعو ڏيندڙ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين پنهنجي نفس جي جائز خواهشن کي پورو ڪرڻ کان بہ بچندا هئا. اي ڪاش! اسان کي جڏهن سٺي شيءِ کائڻ يا اعليٰ لباس پائڻ لاءِ دل چوي تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو راضپو حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ڪڏهن ڪڏهن ان کي ڇڏي ڏيڻ جي سعادت بہ ملي وڃي، مثال طور سخت گرمي آهي ۽ ٿڌي ٿڌي لسي پيئڻ لاءِ دل چوي ٿي يا سخت بُک ۾ ”ڪڙاهي گوشت کائڻ“ جي طلب آهي ۽ اسباب بہ آهن پر خدا عَزَّوَجَلَّ جي راضپي خاطر ان کي ڇڏي ڏيڻ جي ڪاش! توفيق ملي وڃي. نفس جي خواهش کي ڇڏي ڏيڻ جو فائدو تہ ڏسو! حضرت سيِّدُنا ابو سليمان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، **نفس جي ڪنهن خواهش کي ڇڏي ڏيڻ 12 مهينن جي روزن ۽ رات جي عبادتن کان بہ گهڻو دل جي لاءِ نفعو ڏيندڙ آهي.** (احياءُ العلوم ج 3 ص 118) حجة الاسلام حضرتِ سيِّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا، نفس کي جائز خواهش جي لاءِ بہ ڪليل آزادي نہ ڏيڻ گهرجي ۽ نہ ئي هر حال ۾ ان جي پيروي ڪرڻ گهرجي. ٻانهو جيتري قدر خواهش کي پورو ڪندو

آهي ۽ نفس جي مطالبي تي سُنيون غذائون کائيندو آهي ان کي اوترو ڏجڻ نه گهرجي جو قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي چيو ويندو:

اَذۡهَبۡتُمۡ طَيِّبٰتِكُمۡ فِىۡ حَيَاتِكُمُ الدُّنۡيَا وَاسۡتَمۡتَعۡتُمۡ بِهَا ۚ

پ 26 سُوۡرَةُ الۡاَحۡقَافِ 20

ترجمو ڪنزالايمان: توهان پنهنجي حصي جون پاڪ شيون پنهنجي دنيا جي حياتيءَ ۾ئي فنا ڪري ڇڏيون ۽ انهن مان نفعو وٺي ييٺؤ.

## حضور ﷺ جي بک شريف

خليفهءِ اعلٰي حضرت، مفسرِ قرآن، حضرت صدر الافاضل علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِى خزائن العرفان ۾ هن آيتِ مبارڪ تحت فرمائن ٿا، هن آيت ۾ الله تعالٰي دنياوي لذتون اختيار ڪرڻ تي ڪافرن کي ملامت فرمائي تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضور جي اصحاب عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان دنيا جي لذتن کان عليحدگي اختيار فرمائي. بخاري ۽ مسلم جي حديث پاڪ ۾ آهي، حضورِ سيّد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات تائين اهلبيت سڳورن ڪڏهن بہ جَوَن جي مانيءَ بہ ڏينهن لڳاتار نہ کاڌي، اهو بہ حديث ۾ آهي تہ پورو پورو مهينو گذري ويندو هو گهر مبارڪ ۾ (چلهہ ۾) باهہ نہ ٻرندي هئي، ڪجهہ کارڪن ۽ پاڻيءَ تي گذارو ڪيو ويندو آهي. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي پاڻ فرمائن ٿا تہ (اي انسانو) مان چاهيان ها تہ توهان کان سٺو کاڌو کاوان ها ۽ توهان کان بهتر لباس پهريان ها پر مان پنهنجو عيش ۽ راحت پنهنجي آخرت جي لاءِ باقي رکڻ چاهيان ٿو. (خزائن العرفان ص 802)

کھانا تو دیکھو جو کی روٹی، بے چھنا آٹا روٹی بھی موٹی — وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا، صلی اللہ علیہ وسلم
کون و مکاں کے آقا ہو کر، دونوں جہاں کے داتا ہو کر — فاقے سے ہیں شاہِ دوعالم صلی اللہ علیہ وسلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿68﴾ عاشورا جي خيرات جون بَرَڪتون

**عاشورا جي ڏينهن مُلڪ** ”ري“ ۾ قاضي صاحب وٽ هڪ سائل اچي عرض گذار ٿيو، تہ مان هڪ تمام غريب ۽ عيالدار ماڻهو آهيان، توهان کي عاشوري جي ڏينهن جو واسطو! منهنجي لاءِ ٻہ سير مانيون، پنج سير گوشت ۽ ڏهہ درهمن جو انتظام ڪريو. الله تعاليٰ توهان جي عزّت ۾ برڪت ڏئي. قاضي صاحب چيو، ٻيپهريءَ ڪانپوءِ اچجانءِ. فقير ٻيپهريءَ ڪانپوءِ آيو تہ چيائين ٽيپهريءَ ڪانپوءِ اچجانءِ. اهو ٽيپهريءَ کان پوءِ پهتو تڏهن بہ ڪجهہ نہ ڏنائين، خالي هٿين موٽائي ڇڏيائين. فقير جي دل ٽُٽي پئي، هو ڏکارو ٿي ڪري هڪ عيسائي وٽ پهتو ۽ ان کي چيائين، اڄ جي مقدس ڏينهن جي صدقي مون کي ڪجهہ ڏي. ان پُڇيو، اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ جواب ڏنائين، اڄ **عاشوري جو ڏينهن** آهي اهو ٻُڌائڻ کان پوءِ هن عاشورا جا ڪجهہ فضائل بيان ڪيا. ان ٻُڌي ڪري وراڻيو، توهان وڏي عظمت واري ڏينهن جو واسطو ڏنو آهي، پنهنجي ضرورت بيان ڪريو! سائل ان سان بہ اها ئي ضرورت بيان ڪئي. ان ماڻهوءَ ڏهہ ٻوريون ڪڻڪ جون، سؤ سير گوشت ۽ ويهہ درهم پيش ڪندي چيو تہ هي توهان جي اهل و عيال جي خاطر سڄي زندگيءَ لاءِ هر مهيني، هن مبارڪ ڏينهن جي فضيلت ۽ حرمت جي صدقي مقرر

آهي. رات جو قاضي صاحب خواب ڏٺو تہ ڪو چئي رهيو آهي تہ نظر کڻي ڏس! **جڏهن نظر ڪنيائين تہ ڪيس بہ عالِيشان محل نظر آيا، هڪ چاندي ۽ سون جي سرن جو ۽ ٻيو ڳاڙهي ياقوت جو هو.** قاضي پُڇيو تہ هي ٻئي محل ڪنهن جا آهن؟ جواب مليو، جيڪڏهن تون سائل جي ضرورت پوري ڪري ڇڏين ها تہ هي توکي ملن ها، پر جيئن تہ تو ان کي ڏکا کارائڻ جي باوجود بہ ڪجهہ نہ ڏنو، ان لاءِ هي ٻئي محل فلاڻي عيسائيءَ جي لاءِ آهن. قاضي سجاڳ ٿيو تہ ڏاڍو پريشان هو. صبح ٿيو تہ عيسائيءَ وٽ ويو ۽ ان کان پُڇيائين تہ ڪالهہ تو ڪهڙي "نيڪي" ڪئي هئي؟ ان پُڇيو، توهان کي ڪيئن خبر پئي؟ قاضي صاحب پنهنجو خواب ٻُڌايو ۽ پيشڪش ڪئي تہ مون کان هڪ لک درهم وٺ ۽ ڪالهوڪي "نيڪي" مون کي وڪڻي ڇڏ! عيسائيءَ چيو، مان روءِ زمين جي سموري دولت وٺي ڪري بہ ان کي نہ وڪڻندس، **رب العزت جل جلالہ** جي رَحمت ۽ عنايت تمام خوب آهي. **ٻُڌو! مان مسلمان ٿو ٿيان** هي چئي ڪري هُن پڙهيو، اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) مان گواهي ٿو ڏيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي ۽ مان گواهي ٿو ڏيان تہ محمد ان جا خاص ٻانها ۽ ان جا رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن. (روض الرياحين ص152)

## عاشوري جا فضائل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عاشوراء يعني محرم الحرام جي ڏهين تاريخ تي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏوهٽي، حضرت بتول جي

جگر جي ٽڪري، امام عاليمقام حضرت سيِّدُنا امام حسين رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ۽ سندن ساٿين کي ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بي رحمي سان بُکايل ۽ اڃايل شهيد ڪيو ويو. عاشوري جي ڏينهن ان ڪان سواءِ ڪيترائي اهم واقعا ظاهر ٿيا. عاشوري جي ڏينهن ۽ محرم الحرام جي سڄي مهيني کي ئي اسلام ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. رمضان المبارڪ کان پوءِ **محرم الحرام** جا روزا افضل ترين آهن، جيئن ته

## "پنجتن" جي پنجن اکرن جي نسبت سان 5 احاديث مبارڪ

﴿1﴾ ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، رمضان کان پوءِ محرم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان بعد افضل نماز **صلوة الليل** (يعني رات جي نفل نماز) آهي. (صحيح مسلم ص 591 حديث 1163) ﴿2﴾ نبي رَحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، محرم الحرام جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي. (المعجم الصغير للطبراني ج2 ص 71) ﴿3﴾ رَحمت عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جنهن محرم الحرام ۾ ٽن ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر جو روزو رکيو ان جي لاءِ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو. (مجمع الزوائد ج3 ص 438 حديث 5151) ﴿4﴾ سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، عاشوري جي ڏينهن جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان اڳ يا پوءِ ۾ به

هڪ ڏينهن جو روزو رکو.(مُسند امام احمد ج1 ص 518 حديث 2154) تنهنڪري جيڪو 10 محرم الحرام جو روزو رکي ان کي گهرجي تہ 9 يا 11 تاريخ جو روزو بہ رکي ڇڏي. ﴿5﴾ ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَرورِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جنهن عاشوري جي ڏينهن پنهنجي گهر ۾ رزق ۾ ڪشادگي ڪئي الله تعالي ان تي سڄو سال ڪشادگي ڪندو.

## سڄو سال بيمارين کان حفاظت

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، جيڪو محرم الحرام جي نائين ۽ ڏهين جو روزو رکندو تہ گهڻو ثواب حاصل ڪندو. جيڪو ٻارن ٻچن جي لاءِ ڏهين محرم شريف جو خوب سنا سنا کاڌا پچائيندو، تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڄو سال سندس گهر ۾ برڪت رهندي، بهتر آهي تہ کچڙو پچائي ڪري حضرت شهيد ڪربلا سيِّدُنا امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فاتحه ڏياري تمام مجرب (يعني آزمايل) آهي. جيڪو انهيءَ تاريخ ۾ غسل ڪري تہ سڄو سال بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو تہ ان ڏينهن آبِ زم زم تمام پاڻين ۾ ملي ويندو آهي. (تفسير روح البيان ج4 ص142 ، اسلامي زندگي ص 102) سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو شخص عاشوري جي ڏينهن اِثمَد سرمو اکين ۾ لڳائي تہ ان جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون (شعب الايمان ج3 ص 367 حديث 3797)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پاڪستان جو خوفناڪ زلزلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مصيبت جي مارن سان همدرديءَ جو ذهن ملندو آهي. هي سٽون لکجڻ تائين پاڪستان جي تاريخ ۾ اچڻ واري سڀ کان وڏي **خوفناڪ زلزلي** جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪيان ٿو. ڇنڇر جي ڏينهن 3 رمضان المبارڪ 1426هـ (8-10-2005) صبح جو تقريبًا 8:45 تي پاڪستان جي اوڀرندي حصي ۾ خوفناڪ زلزلو آيو، جنهن ۾ سرحد ۽ ڪشمير جي هڪ تمام وڏي حصي سان گڏوگڏ پنجاب جو به ڪجهه حصو متاثر ٿيو، **هڪ اطلاع جي مطابق پن لکن کان وڌيڪ ماڻهو ان ۾ فوت ٿي ويا** ۽ صحيح ڳالهه هي آهي ته مرڻ وارن جي تعداد جي ڪنهن کي خبر آهي! پورا پورا ڳوٺ، مڪمل وسنديون ۽ ڪيترائي شهر تباهه ۽ برباد ٿي ڪري ملبي جو ڍير بڻجي ويا، جبلن جا جبل زمين مان اکڙجي آبادين تي اچي ڪريا، نه ڄاڻ ڪيترا ڪِلنڊڙ ڪُڏنڊڙ انسان اوچتو زنده دفن ٿي ويا، انهن سڀني جي ڳُٽپ ڪير ۽ ڪيئن ڪري سگهي ٿو! اسان سڀني کي گناهه ڪندي ڪاش! انهيءَ زلزلي کي نظرن آڏو رکڻ جو ذهن بڻجي وڃي ۽ ڪٿي ائين نه ٿئي جو گناهه ڪرڻ مهل ئي **اوچتو زلزلو** اچي وڃي ۽ اک ڇنڀ ۾ اسان **"ڇتجي"** وڃون! (اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان عافيت جا طلبگار آهيون)

## 619 ٽرڪن جو سامان

**دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀائرن زلزلي متاثرين جي امداد لاءِ وڏي چڙهي ڪري حصو ورتو تقريبًا **619** ٽرڪن جو سامان زندگيءَ

جي ضرورتن جي مطابق انهن ۾ ورهايو، امدادي ڪمن ۾ لڳ ڀڳ **12**ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **عاشقانِ رسول** جا سنّتن جي تربيت جا ڪجهه **مدني قافلا** به زلزلي ستيل علائقن ۾ گم ٿي ويا پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهي جلد ئي زنده سلامت ملي ويا، انهن مان هڪ **مدني قافلي** جي مدني بهار ملاحظ فرمايو.

## ﴿69﴾ ٻه ڀيرا موت جي منهن ۾

ڊرگ ڪالوني ۾ ملير (باب المدينه ڪراچي) جي 9 اسلامي ڀائرن تي مشتمل **دعوتِ اسلاميءَ** جو سنّتن جي تربيت جو مدني قافلو سنّتن ڀرئي سفر تي هو ۽ قادرآباد ضلعي "باغ" (ڪشمير) جي هڪ مسجد ۾ ترسيل هو، **عاشقانِ رسول** جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته " آرام جي وقفي مهل پنج اسلامي ڀائر آرام ڪري رهيا هئا جڏهن ته چار اسلامي ڀائر مسجد ڪان ٻاهر ويل هئا، 3 رمضان المبارڪ **1426**ھ ڏينهن جي تقريبًا پوڻي نائين وڳي اوچتو **زلزلي** جا زوردار جهٽڪا آيا، اسلامي ڀائرن گهٻرائجي ڪري تقريبًا پنج فٽ ڏکهي پٽ ڪان ٻاهرئين طرف ٽپو ڏئي روڊ جي طرف تيز تيز ڀڄڻ شروع ڪيو، هر طرف ڌماڪن جا **خوفناڪ** آواز اچي رهيا هئا، پوئتي ڪنڌ ورائي جو ڏٺائون ته هڪ ناقابل يقين منظر نگاهن جي سامهون هو ۽ اهو هيءُ ته ٻنهي طرفن ڪان **جبل آباديءَ** تي اچي ڪريو هو، جڏهن مٿي ۾ ڌڙ هئي ته اتي نه اسان جي مسجد هئي نه ئي ڪو گهر. تمام عاليشان عمارتون ڍهي پٽ تي ڇُڪيون

هيون، هر طرف **قيامتِ صغريٰ** قائم هئي، غالبًا ان آباديءَ جو ڪو به ماڻهو زنده نه بچيو هو. **عاشقانِ رسول** تڙندا تاٻڙندا ويجهي واري علائقي ”نذر آباد“ پهتا، اتي به **زلزلي** تباهي مچائي ڇڏي هئي، جڏهن سندن حواس ڪجهه بحال ٿيا ته امدادي ڪمن ۾ حصو ورتائون اتي ئي روزو کوليائون ۽ **زلزلي** متاثر هڪ مسجد جي باقي بچيل حصي ۾ سانجهيءَ جي نماز ادا ڪيائون پوءِ جيئن ئي ان مسجد مان نڪتا ته وري هڪ هنيانءُ ڏڪائيندڙ جهٽڪو آيو ۽ مسجد جو بچيل حصو به هڪ ڌماڪي سان زمين تي ڪِري پيو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٻئين ڀيري به **عاشقانِ رسول** جي جان محفوظ رهي. قومي اخبار جي ڪالم نگار هي واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ لکيو هو، ” **اهوقافلو سنّي نيّت سان** (يعني نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائڻ لاءِ) ويو هو (شايد) **انهيءَ لاءِ الله** عَزَّوَجَلَّ **کين بچايو.**“

زلزلہ آئے گر، آکے چھاجائے گر　　صِرف حق سے ڈریں قافِلے میں چلو
زلزلہ عام تھا ہرسُو کہرام تھا　　اس سے لو عبرتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿70﴾ سُڪل مانيءَ جو ٽڪرو

**پنهنجي** دؤر جي جيّد عالم حضرتِ سيّدُنا **خليل بصري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی جي خدمت ۾ ” اهواز“ کان امير (يعني حڪمران) سليمان بن علي جو خصوصي نمائندو حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿيو. شهزادن جي

تعليم ۽ تربيت لاءِ حاڪم توهان کي شاهي دربار ۾ گهرايو آهي، حضرتِ سيّدُنا **خليل بصري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی سڪل مانيءَ جو ٽُڪر ڏيکاريندي جواب ارشاد فرمايو،”مون وٽ جيستائين سڪل مانيءَ جو هڪ ٽڪر موجود آهي مون کي شاهي دربار جي نوڪريءَ جي ڪا ضرورت ناهي.“ (روحاني حڪايات حصو پهريون ص 106 رومي پبلشرز لاهور)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

جُستجُو میں کیوں پھریں مال کی مارے مارے
ہم تو سرکار کے ٹکڑوں پہ پلا کرتے ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وزيراعظم جو دعوت نامو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها حڪمرانن کان ڪيتري قدر پري رهندا آهن جڏهن ته اڄ اسان جهڙن کي بالفرض صدر يا وزير اعظم جو دعوتنامو ملي وڃي ته سڀئي مصروفيتون ۽ سڀئي معاملا ڇڏي ڏيون ۽ چاهي هزارين ڪلو ميٽرن جو سفر طئي ڪرڻو پوي، اهو به ڪري خوب اعليٰ لباس پائي وڏي شان سان اسيمبلي حال جي سامهون پهچي ڪري سيني کان پهرين قطار ۾ ويهي رهون! هاءِ نفس جي غلامي!!! بغير سخت مجبوريءَ جي رُڳو دنيا جي مفادن ۽ عهديداريءَ جي لوڀ جي خاطر حڪمرانن ۽ آفيسرن وغيره جي پويان ڦرڻ، انهن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ، انهن کان تمغا حاصل ڪرڻ، مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن

سان گڏ تصويرون ڪيرائڻ وري انهن تصويرن کي سنڀالي رکڻ، ماڻهن کي ڏيکاريندو وتڻ انهن جي فريم ٺهرائڻ ۽ ان کي گهر يا آفيس ۾ ٽنگڻ وغيره وغيره حرڪتون پنهنجي اندر هلاڪتون ته رکنديون آهن، پر انهن ۾ برڪتون نظر نه ٿيون اچن. ها اهم ديني مفاد جي لاءِ يا انهن جي شر کان بچڻ جي لاءِ جيڪڏهن انهن وٽ وڃڻو پوي ته ٻئي ڳالهه آهي ڇو ته جيڪو مجبور آهي سو معذور آهي، منقول آهي

بِئْسَ الْفَقِيرُ عَلٰى بَابِ الْاَمِيرِ

(يعني فقيرن مان اهو شخص ڏاڍو بُرو آهي جيڪو اميرن جي دروازي تي وڃي.)

نِعمَ الْاَمِيرُ عَلٰى بَابِ الْفَقِيرِ

(يعني اميرن مان اهو شخص ڏاڍو سٺو آهي جيڪو فقيرن جي دروازي تي حاضر ٿئي.)

(شيطان کي حڪايات ص 71 کان 72فريد بک اسٽال لاهور)

**پنهي جهانن ۾ ڪاميابي**

**بهرحال** شيطان جي چال تمام خطرناڪ هوندي آهي،اڪثرڪري هو نفساني خواهشن کي ديني مفاد ڄاڻائي به حڪمرانن جي قدمن ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، انهيءَ سبب جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ۽ محتاط ٻانها انهن کان پري رهڻ ۾ ئي عافيّت سمجهندا آهن. ٻين جي مال تي نظر رکڻ بدران جيڪو قناعت اختيارڪندو، اهو ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب آهي. حڪمرانن، ظالمن ۽ قاضين کان الله وارا ڪيتري قدر بيزاررهندا هئا، ان جو اندازو هن حڪايت مان لڳائي سگهجي ٿو جيئن ته

# ﴿71﴾ حضور ﷺ جو سجاڳيءَ ۾ 75 ڀيرا ديدار

حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، حضرت علامہ جلال الدين سيوطي الشافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو هڪ خط سندن هڪ دوست شيخ عبدالقادر شاذليءَ وٽ حضرت سيّدُنا علي خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏنو. جيڪوان شخص جي جواب ۾لکيوهئائون جنهن بادشاهہ وٽ سفارش جي لاءِ هلڻ جي درخواست لکي هئي ان خط جي جواب ۾ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي الشافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه لکيو هو، ” منهنجا ڀاءُ! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان هن وقت تائين حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ 75 ڀيراسجاڳيءَ جي حالت ۾آمهون سامهون حاضر ٿي چُڪو آهيان. جيڪڏهن مون کي بادشاهہ ۽ اميرن وٽ وڃڻ ۾ نبي ڪريم، روف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جي زيارت کان محروميءَ جوخوف نہ هجي ها تہ ضرورقلعي ۾وڃان ها ۽ بادشاهہ کي تنهنجي سفارش ڪيان ها. مان حديث جو هڪ خادم آهيان، جن حديثن کي محدثين ڪرام پنهنجي تحقيق ۾ ضعيف چيو آهي انهن جي تصحيح جي لاءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف محتاج آهيان ۽ بيشڪ ان جونفعوتنهنجي ذاتي نفعي تي ترجيح رکي ٿو. (ميزان الشريعه الڪبريٰ ص48)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! حڪمرانن وٽ اچڻ وڃڻ ۾ روحانيت جو ڪيڏو وڏونقصان ٿي سگهي ٿو! هن سلسلي ۾ هڪ

ٻي حڪايت ملاحظہ فرمايو جنهن ۾ حاڪم (گورنر) وٽ وڃڻ جي سبب روحانيت کي سخت نقصان پهچڻ جو واضح بيان آهي جيئن تہ

## ﴿72﴾ نعت خوان کي چو نقصان پهتو

**حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني** قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، حضرتِ سيّدُنا **محمد بن ثرين** مدّاح رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (يعني نعت خوان) جي متعلق مشهورآهي تہ کين سجاڳيءَ ۾ **حضور تاجدارِرسالت** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمهون سامهون زيارت ٿيندي هئي. جڏهن اهي صبح جي وقت روضي اطهر تي حاضر ٿيا تہ **حضورِ انور** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ساڻن پنهنجي قبر مبارڪ مان گفتگو فرمائي. اهي نعت خوان پنهنجي انهيءَ مقام تي فائز رهيا ايتري تائين جو هڪ شخص کين درخواست ڪئي تہ شهر جي حاڪم وٽ سندس سفارش ڪن. پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْہ حاڪم وٽ پهتا ۽ سفارش ڪيائون. ان حاڪم کين پنهنجي تخت تي ويهاريو. تڏهن کان سندن زيارت جو سلسلو ختم ٿي ويو. پوءِ هو هميشہ حضورِ اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ زيارت جي تمنا پيش ڪندا رهيا، پرزيارت نہ ٿين. هڪ ڀيري هڪ شعر عرض ڪيائون تہ کين پري کان زيارت ٿي. حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، "**ظالمن جي تخت تي ويهڻ سان گڏ منهنجي زيارت چاهين ٿو، ان جو ڪو رستوناهي.**" حضرت سيّدُنا علي خواص رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْہ فرمائن ٿا تہ پوءِ اسان کي ان بزرگ جي متعلق خبر نہ ملي تہ کين شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي يا نہ ايتري تائين جو سندن وصال ٿي ويو. (ميزان الشريعة الڪبريٰ ص48)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪي ماڻهو ذاتي مفاد خاطر حڪمرانن جي پويان ڀٽڪندا آهن، ڪڏهن ڪنهن وزير يا صدر وغيره وٽ موقعو ملي ته اڏامندي حاضر ٿيندا آهن، صدر تمغو پارائي يا هٿ ملائي ته ان جي تصويرلڳائيندا آهن ٻين کي ڏيکاريندا ۽ ان کي تمام وڏواعزاز سمجهندا آهن، انهن جي لاءِ ڳذريل حڪايت ۾ گهڻو ڪجهه عبرت جو درس آهي.

اَلْعَاقِلُ تَكْفِيْهِ الْاِشَارَةُ (يعني عقلمند لاءِ اشارو ئي ڪافي آهي)

ڪس چيز کی کمی ہے مولیٰ تری گلی میں دنیاتری گلی میں عقبیٰ تری گلی میں
تختِ سکندری پر وہ تھوکتے نہیں ہیں بستر لگاہے ہواجن کا تری گلی میں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿73﴾ شاهي دسترخوان جو وبال

**حضرت سيّدُنا قاضي شريڪ** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَیْه تمام وڏا عالم ۽ محدّث ٿي گذريا آهن. پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَیْه حڪمرانن سان ملڻ جُلڻ کان پري رهندا هئا. هڪ ڀيري بغداد جي خليفي مهدي عباسي پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَیْه کي دربار ۾ گهرايو ۽ خوب اصرار ڪيو ته منهنجي ٽن ڳالهين مان هڪ کي اختيار ڪرڻو ئي پوندو ﴿1﴾ قاضي (يعني جج) جو عهدو قبول ڪريو يا ﴿2﴾ منهنجي شهزادن کي تعليم ڏيو يا ﴿3﴾ گهٽ ۾ گهٽ مون سان

ڳڏ ڪاڏو ئي ڪائو. ٿوري دير غور ۽ فڪر ڪان پوءِ فرمايائون، توهان سان ڳڏ ڪاڏو ڪائڻ، باقي ڪمن جي نسبت آسان آهي، پوءِ پاڻ دعوت قبول فرمايائون. خليفي بورچيءَ کي سٺي ڪان سٺو ڪاڏو تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو، حضرتِ سيّدُنا قاضي شريڪ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه بادشاهه سان ڳڏ **شاهي دستر خوان** تي ڪاڌو تناوُل فرمايو. شاهي بورچي سندن خدمت ۾عرض ڪيو، سائين! هاڻي توهان جو خير ناهي، يعني توهان هاڻي شاهي جار ۾ ڦاسي چُڪا آهيو، ان ڪان ڪڏهن بہ آزاد نہ ٿا ٿي سگهو“. نيٺ ائين ئي ٿيو، بادشاهه سان ڳڏ ”ڪاڏو“ ڪائڻ ڪان بعد شهزادن جا استاد بہ بڻجي ويا ۽ قاضيءَ جو عهدو بہ قبول فرمايائون. (تاريخ الخلفاء ص 221)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

## پہ ٽهائي دين هليو ويندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حڪمرانن ۽ سرمائيدارن ڪان پري رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي. انهن جون دعوتون ڪائڻ ۽ انهن جا تحفا قبول ڪرڻ ۾ آخرت جي لاءِ شديد خطرا آهن، جو انهن جون دعوتون ڪائڻ ۽ تحفا قبول ڪرڻ واري جو انهن جي خوشامد ڪرڻ ۽ هرويرو ها ۾ ها ملائڻ ڪان بچڻ تمام مشڪل هوندو آهي. حديث شريف ۾ آهي،”جيڪو ڪنهن مالدار جي، ان جي مالداريءَ جي سبب تواضع (يعني ان جي سامهون عاجزي) ڪندو ان جو بہ **ٽهائي** دين ختم ٿي ويندو آهي. (ڪشف الخفا ج2 ص 215 حديث 2442)، اعلٰي حضرت مولانا احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا،” دنيا جي مال لاءِ تواضع (يعني عاجزي) خدا جي لاءِ ناهي (تنهنڪري) اها حرام ٿي“. (ذيل المدعا لاحسن الوعا ص 12)

## خوشامد جي مذمت

مطلب هي آهي تہ ڪنهن دنيادار مالدار ماڻهوءَ جي بنا شرعي اجازت جي رُڳو ان جي دولت سبب تواضع (يعني خوشامند) ڪرڻ حرام آهي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اهو گناهہ اڄڪلهہ تمام گهڻو عام آهي. ” مالدارماڻهو“ عام ماڻهن جي لاءِ امتحان جو سبب هوندو آهي، ڇو تہ دولت جي ڪثرت جي سبب ان جو هڪ خاص رعب هوندو آهي، جيتوڻيڪ هو هڪ ”ڪوڙو سڪو“ بہ نہ ڏئي پر پوءِ بہ نفسياتي اثر جي غلبي ۾ اڃي هرويرو ساڻس عاجزاڻي ۽ خوشامدانہ انداز سان ماڻهو پيش ايندا آهن. سرڪارِ اعليٰ حضرت جا والد گرامي رئيس المتڪلمين حضرت علامہ مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان نقل ڪن ٿا، حديث شريف ۾ آيو آهي تہ، ” مسلمان خوشامدي ناهي هوندو.“ ۽ ڪوڙيون ڪوڙيون تعريفون ان ڪان بہ بدتر، جو هڪ تہ خوشامند بيو ڪوڙ ٽيون ان شخص جو نقصان، جو منهن تي تعريف ڪرڻ ڪي حديث ۾ سِسي لاهڻ فرمايو (ويو آهي) ۽ ارشاد ٿيو تہ مداحن (يعني منهن تي تعريف ڪرڻ وارن) جي وات ۾ مٽي وجهي ڇڏيو.“ خاص طور تي جيڪڏهن ممدوح (يعني جنهن جي تعريف ڪئي وڃي) فاسق هجي جو حديث ۾ آهي تہ ”جڏهن فاسق (بدڪار) جي تعريف ڪئي ويندي آهي تہ رب تعاليٰ غضب فرمائيندو آهي ۽ رحمٰن جو عرش لُڏي ويندو آهي. (احسن الوعا لاداب الدعاءِ ص 154)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿74﴾ مليدي جو ثواب بہ مليو

هڪ بزرگ رَحْمَۃُاللہِتَعَالٰیعَلَیْہ فرمائن ٿا تہ مان پنهنجي مرحومہ پڦيءَ کي خواب ۾ ڏسي ڪري حال پُڇيو تہ چيائين، ”خيريت سان آهيان، پنهنجي عملن جو پورو بدلو مليو ايتري تائين جو ان مليدي (ديسي گيهہ ۽ ڳڙ ۾ مانيءَ جي مني ڪُٽي) جو ثواب بہ مليو جيڪو مون هڪ ڏينهن غريب کي کارايو هو. (شرح الصدور ص 278)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿75﴾ انگور جو داڻو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي ٿوري بہ نيڪي ضايع ناهي فرمائيندو. ظاهر ۾ ڪيتري بہ معمولي شيءِ هجي ان کي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ڪرڻ ۾ شرمائڻ نہ گهرجي .اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا هڪ ڀيري سائل (يعني سواليءَ) کي هڪ انگور جو داڻو عطا فرمايو. ڪنهن ڏسڻ واري حيرت جو اظهار ڪيو تہ فرمايائون هن (انگور) مان تہ ڪيئي ذرا نڪري سگهن ٿا جڏهن تہ اللّٰہ تعاليٰ 30 سيپاري سورة الزلزال جي ستين آيت ۾ فرمائي ٿو:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي

خَيۡرًا يَّرَهٗ ۝ؕ كندو ان كي ڏسندو.

الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ٻڪايل کي مليدو يا کو بہ حلال ۽ پاڪ کاڌو کارائڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي. جيئن تہ سردارِ مڪهءِ مڪرمه، سلطانِ مدينهءِ منوره صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمتِ نشان آهي تہ، جنهن ٻڪايل کي کاڌو **کارايو** ايتري تائين جو ڍؤ ڪيائين تہ ان کي (يعني کارائڻ واري کي) الله عرش جي ڇانوَ ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو.

(مكارم الاخلاق للطبراني ص 272)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿76﴾ خواب ۾ دم جي برڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڪايلن کي کارائڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ سنّتن ڀري زندگي اختيار ڪرڻ جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، روحاني برڪتن سان گڏو گڏ جسماني فائدن سان بہ مالا مال ٿي ويندؤ. جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ منهنجو ڀاڻيجو السر جي سبب ڪان سخت تڪليف ۾ هو، ڊاڪٽر بہ علاج ڪان عاجز ٿي چُڪا هئا، ان سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو، واپسيءَ تي سندس طبيعت وڌيڪ بگڙي چُڪي هئي، ان جي تڪليف ڏٺي نہ پئي وڃي، ان ٻُڌايو تہ مون هي ذهن بڻايو تہ **مدني قافلي** ۾ نہ

خصوصي آرام جو مطالبو ڪندس نہ ئي پرهيز وارو کاڌو گهرندس تنهنڪري جيڪو بہ تڪو ڦڪو ملندو هو اهو کائي وٺندو هئس. ان اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ جڏهن منهنجو ياڻيجو رات جو سُتو تہ ان خواب ۾ هڪ پيرسن **دعوتِ اسلامي ءِ جي مبلغ** جي زيارت ڪئي ان مبلغ چيو مان توکان ڏاڍو خوش آهيان، پوءِ شفقت سان طبيعت پُڇيائين تہ منهنجي ياڻيجي پنهنجي شديد بيماريءَ جي شڪايت ڪئي **اهو ٻڌي ڪري ان مبلغ سيني تي آڱر رکي ڪري دم ڪيو.** جڏهن منهنجو ياڻيجو صبح جو سجاڳ ٿيو تہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مڪمل طور تي صحتمند ٿي چُڪو هو.

ہے شفا ہی شفا مرحبا! مرحبا!
آکے خود دیکھ لیں قافِلے میں چلو
لوٹ لیں رحمتیں خوب لیں برکتیں
خواب اچھے دِکھیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿77﴾ نرالي شهزادي

**حضرت سيّدُنا شيخ شاهہ ڪرماني** قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي جي شهزادي جڏهن شادي جي لائق ٿي ءِ پاڙيسري ملڪ جي بادشاهہ وٽان رشتو آيو تڏهن بہ پاڻ انڪار ڪري ڇڏيائون ءِ مسجد مسجد گهمي ڪري ڪنهن نيڪ سيرت نوجوان کي ڳولڻ لڳا، هڪ نوجوان تي سندن نظر پئي جنهن چڱيءَ طرح نماز پڙهي ءِ ٻاڏائي ڪري دعا گهري،

شيخ ان کان پُڇيو توهان جي شادي ٿي چُڪي آهي؟ ان نفيءَ ۾ جواب ڏنو پوءِ پُڇيائون ڇا نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڇوڪري قرآن مجيد پڙهندي آهي، نماز روزي جي پابند آهي ۽ خوب سيرت آهي، ان چيو، ڀلا مون سان ڪير رشتو ڪندو! شيخ فرمايو، مان ٿو ڪريان ونو هي ڪجهه درهم. هڪ درهم جي **ماني**، هڪ درهم جي **پاڄي** ۽ هڪ درهم جي **خوشبوءِ** خريد ڪري اچو. اهڙي طرح شاهه ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ان سان پڙهائي ڇڏيو، **ڪنوار** جڏهن گهوٽ جي گهر آئي تڏهن ان ڏٺو ته پاڻيءَ جي گهگهيءَ تي هڪ ماني رکيل آهي، ان پُڇيو، هي ماني هتي ڪيئن؟ گهوٽ چيو ته اها ڪالهوڪي پاروٺي ماني آهي، مون افطار جي لاءِ رکي آهي، اهو ٻُڌي ڪري هوءَ واپس ٿيڻ لڳي. اهو ڏسي ڪري گهوٽ چيو ته مون کي خبر هئي ته شيخ شاهه ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي جي شهزادي مون غريب انسان جي گهر نه ٿي رهي سگهي، ڪنوار چيو ته مان توهان جي غربت جي سبب نه پر ان لاءِ واپس وڃي رهي آهيان جو رب **الْعٰلمين** عَزَّوَجَلَّ تي توهان جو يقين ڏاڍو ڪمزور نظر اچي رهيو آهي، تڏهن ته سڀاڻي جي لاءِ ماني بچائي رکو ٿا، مون کي ته پنهنجي پيءُ تي حيرت آهي جو ان توهان کي پاڪيزه خصلت ۽ نيڪ ڪيئن چيو؟ **گهوٽ** اهو ٻُڌي ڪري ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ چيائين، ان ڪمزوريءَ لاءِ معذرت ٿو چاهيان، **ڪنوار** چيو ته پنهنجي معذرت توهان پاڻ ڄاڻيو پر مان اهڙي گهر ۾ نه ٿي رهي سگهان، جتي هڪ وقت جي خوراڪ جمع ٿيل هجي هاڻي يا مان رهنديس يا ماني،

گهوٽ هڪدم وجي ماني خيرات ڪري ڇڏي ۽ اهڙي درويش خصلت نرالي شهزاديءَ جو مڙس ٿيڻ تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيائين.

(روض الرياحين ص 103)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! متوڪلين جون به ڇا ته خوب ادائون هونديون آهن. شهزادي هئڻ جي باوجود اهڙي زبردست **توڪل** جو سڀاڻي جي لاءِ ڪاڌو بچائڻ پسند ئي ناهي! اهي سڀ ڪامل يقين جون بهارون آهن جو جنهن خدا عَزَّوَجَلَّ اڄ ڪارايو آهي اهو سڀاڻي به ڪارائڻ تي يقينًا قادر آهي. پکي ۽ جانور وغيره ڇا بچائي رکندا آهن! هڪ وقت کائڻ کان پوءِ ٻئي وقت جي لاءِ بچائي رکڻ انهن جي فطرت ۾ ئي ناهي. مرغيءَ جي توڪل ملاحظه فرمايو، ان کي پاڻي ڏيو. ضرورت مطابق پيئڻ کانپوءِ پيالي تي پير رکي پاڻي هاري ڇڏيندي آهي. ڄڻ ته اها **خاموش مبلغ** آهي! ۽ اسان کي نصيحت ڪري رهي آهي ته اي انسانو! ورهين جو جمع ڪري وٺڻ باوجود به توهان کي قرار ناهي ايندو! جڏهن ته مان هڪ ڀيرو پيئڻ کانپوءِ ٻئي ڀيري لاءِ بي فڪر ٿي ويندي آهيان ته جنهن هاڻي پياريو آهي اهو بعد ۾ به پياريندو.

## ﴿78﴾ امام بخاريءَ جا استاد

**حضرتِ سيِّدُنا** امام بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی جي استاد سڳوري **حضرتِ سيِّدُنا قُبيصه بن عُقبه** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان ملڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن ڪوهستاني علائقي جو شهزادو پنهنجي خادمن سان گڏ حاضر ٿيو. پاڻ

رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه گھر مان نڪرڻ ۾ ڪافي دير لڳايائون، ان تي خادمن سڏ ڪري چيو تہ سائين! توهان رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه جي دروازي تي **ملک الجبل** (يعني جبل جي بادشاھ) جو شهزادو بيٺو آھي ۽ توهان آھيو جو گھر کان نڪرو ئي نہ ٿا! اهو ٻُڌي ڪري حضرت سيّدُنا قُبيصه رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه **مانيءَ جا ڪجھ سڪل ٽڪرا** کڻي ٻاهر تشريف کڻي آيا ۽ ڏيکاريندي ارشاد فرمايائون، جيڪو شخص دنيا ۾ ايتري تي ئي قناعت ڪري راضي ٿي ڇُڪو هجي ان کي **ملک الجبل** سان ڪهڙو ڪم؟ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان هن سان ڳالهائيندس بہ نہ. اهو فرمائي ڪري دروازو بند ڪري ڇڏيائون. (تنڪرة الحفاظ ج 1 ص 274)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت هجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قناعت ۾ عزت آھي

مدينا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو سادگي اختيار ڪندو آھي ۽ سادي غذا ۽ لباس تي قناعت ڪندو آھي، ان کي نہ دولت جي ضرورت هوندي آھي نہ دولتمند جي. مال جي لالچ سٺي ناهي هوندي، جيڪو ان ۾ مبتلا ٿي ويندو آھي اهو نقصان ۾ رهندو آھي، جيڪو لالچي هوندو آھي ان جو ڪڏھن بہ ڍؤ ناهي ٿيندو، هر وقت ان تي مال ڪمائڻ جي ڌُن سوار رهندي آھي، ايتري تائين جو موت اچي پهچندو آھي. جيئن تہ حضرت م شيرِ خدا ولاءِ ڪائنات عليُّ الۡمرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم فرمائن ٿا تہ" عَزَّمَنۡ قَنَعَ وَذلَّ مَنۡ طَمَعَ يعني جنھن قناعت ڪئي ان عزّت ماڻي ۽ جنھن لالچ ڪئي اهو ذليل ٿيو." (روحاني حڪايات حصو پهريون ص 106 رومي پبليڪيشنز مرڪزالاولياء لاهور)

## دنيا کي ڇڏي ڏيو!

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو بيان آهي تہ نبيِّ رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو، اي ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جڏهن توهان کي سخت بُک لڳي تہ هڪ ماني ۽ پاڻيءَ جي هڪ پيالي تي گذارو ڪريو ۽ چئو تہ مان دنيا ۽ **دنيا وارن کي ڇڏيان ٿو**.

(الكامل في ضعفاء الرجال ج8 ص 183)

## پين جي مال کان مايوس ٿي وڃو

حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ هڪ ڳوٺاڻي سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي هڪ مختصر وصيّت فرمايو! فرمايائون، ”جڏهن توهان نماز پڙهو تہ زندگيءَ جي آخري نماز (سمجهي ڪري) پڙهو ۽ هرگز اهڙي ڳالهہ نہ ڪريو جنهن سان توهان کي سڀاڻي معذرت ڪرڻي پوي ۽ ماڻهن وٽ جيڪو ڪجهہ آهي ان کان نا اميد ٿي وڃو. (سنن ابن ماجہ ج 4 ص 455 حديث 4171)

## ڪنهن جو مال نہ وٺڻ ۾ ئي ڀلائي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻين جي مال جي آسري تي رهڻ تہ هو مون سان تمام گهڻي محبت ڪندو آهي، پاڻ ئي مون کي اڄ يہ ڪندو رهندو آهي تہ جڏهن بہ ضرورت هجئي چوندو ڪر. ان لاءِ ڪڏهن بہ ضرورت پئي تہ ان کان گهري وٺندس، منع نہ ڪندو وغيره اميدون بلڪل ڪوڪليون آهن جو ماڻهوءَ جي دل بدلجندي رهندي آهي، ياد رکو! ڏيڻ وارو انسان وٺڻ واري کان متاثر نہ ٿو

تي سگهي باقي جيڪڏهن ڪو ڏيڻ اچي ۽ توهان قبول نہ ڪيو تہ ضرور متاثر ٿيندو. **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي نقل ڪن ٿا تہ عيش ڪجھ گهڙين جو آهي جيڪو گذري ويندو ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ حالت بدلجي ويندي. پنهنجي زندگيءَ ۾ قناعت اختيار ڪريو، راضي رهندؤ ۽ پنهنجي خواهش ڇڏي ڏيو آزاديءَ سان زندگي گذاريندؤ. ڪيترائي پيرا موت سون، ياقوت ۽ موتين جي سبب (ڏاڙيلن جي ذريعي) ايندو آهي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 298)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

## ڪنهن جو محتاج نہ ٿئي

حضرت سيّدُنا محمّد بن واسع رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سڪل مانيءَ کي پاڻيءَ ۾ پجائي ڪري کائيندا هئاءِ فرمائيندا هئا جيڪو شخص ان تي قناعت ڪندو آهي اهو ڪنهن جو محتاج ناهي ٿيندو. (ايضًا ص 295)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

## پيٽ هڪ گراٺ جيترو ئي تہ آهي

**حضرت** سيّدُنا سميط بن عجلان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ ”اي انسان! تنهنجو پيٽ تمام مختصر يعني رُڳو هڪ گراٺ چورس ئي تہ آهي پوءِ اهو تو کي دوزخ ۾ ڇو وٺي وڃي؟ ڪنهن داناءَ کان پُڇيو ويو توهان جو مال ڇا آهي؟ انهن وراڻيو! ظاهر ۾ سٺي حالت ۾ رهڻ، باطن ۾ وچٿرائي اختيار ڪرڻ ۽ جيڪو ڪجھ ماڻهن وٽ آهي ان کان مايوس ٿيڻ. (ايضًا ص 298)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

سرڪارِ والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روزِ شمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ماڻهو پوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ ان جون ٻه خصلتون جوان ٿي وينديون آهن مال جو حرص ۽ عمر جو حرص.

(صحيح مسلم ص 521 حديث 1047)

## رڳو قبر جي مٽيءَ سان ئي پيٽ ڀربو

سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، جيڪڏهن انسان جي لاءِ مال جون ٻه واديون هجن ته اهو ٽين واديءَ جي تمنا ڪندو ۽ انسان جي پيٽ کي ته رُڳو مٽي ئي ڀري سگهي ٿي ۽ جيڪو شخص توبهه ڪندو آهي الله تعاليٰ ان جي توبهه قبول فرمائيندو آهي. (صحيح مسلم ص 522 حديث 1050)

سیٹھ جی کو فکر تھی اِک اِک کے دس دس کیجئے
موت آ پہنچی کہ مسٹر جان واپس کیجئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿79﴾ سؤ مانيون

حافظ الحديث حضرتِ سيّدُنا حجاج بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي جڏهن علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ سفر تي روانا ٿيا ته والده سڳوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عليها ڪين سؤ عدد خميري مان نهيل مانيون هڪ گهڙي ۾ ڀري ڏنيون. پاڻ عظيم محدّث حضرت شبابه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عليها جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري حديث جو علم پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويا. مانيون ته اٺڙ

سڳوريءَ ڪين اڳ ۾ ئي ڏنيون هيون. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پاڃيءَ جو پاڻ ئي بندوبست ڪيو ۽ اها پاڃي به اهڙي جيڪا سوين سال گذرڻ کان پوءِ به سدائين تازي ئي تازي ۽ ان ۾ برڪت اهڙي جو ان ۾ ڪا گهٽتائي ئي ڪانه تي اها نرالي پاڃي ڪهڙي هئي؟ دِجلہ درياهہ جو پاڻي، روزانو هڪ ماني دِجلہ درياهہ جي پاڻيءَ ۾ پچائي ڪري کائيندا هئا ۽ ڏينهن رات خوب محنت سان سبق پڙهندا هئا، جڏهن سندن اهي سؤ مانيون ختم ٿي ويون تہ مجبور ٿي ڪين استاد صاحب کان موڪل وٺڻي پئي. (تذكرة الحفاظ ج2 ص 100)

**اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! اڳئين دؤر ۾ اسان جي علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون هيون. آهہ! هڪ اڄ جو دؤر آهي جو ڪاڏي ۽ رهائش جي سهولتن سان علمِ دين پڙهايو ويندو آهي. پوءِ بہ ماڻهو پڙهڻ لاءِ تيار ناهن ٿيندا. علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ يقينًا بنهي جهانن جون ڀلايون آهن. فرض ڪيو ڪنهن مدرسي يا جامعہ ۾ مستقل داخلا وٺڻ جي ترڪيب نہ ٿي بڻجي سگهي تہ دعوتِ اسلاميءَ جي ڪنهن مدني تربيت گاهہ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ئي ڪري ڇڏيو. مدني تربيتي ڪورس جون بہ ڇا خوب بهارون آهن جيئن تہ

## ﴿80﴾ الرجي جي بيماري ٺيڪ ٿي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن ريت بيان آهي تہ " مون کي الرجي جي بيماري هئي اُسَ ۽ سِيءَ ۾ ڪافي تڪليف ٿيندي هئي

اھڙيءَ ريت جڏھن برسات ٿيندي ھئي تہ ان وقت مان سور جي شدّت کان نھايت بيقرار ٿي ميچيءَ وانگر تڙپندو ھئس. مون کي ھڪ عاشقِ رسول **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ رھي ڪري **تربيتي ڪورس** ڪرڻ جو مشورو ڏنو. تنھنڪري مون عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچيءَ ۾ 19 نومبر 2004 جو شروع ٿيڻ واري 63 ڏينھن جي تربيتي ڪورس ۾ داخلا ورتي. مان حيران آھيان تہ ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ ۽ گھٽي رقم خرچ ڪرڻ جي باوجود الرجي جي جيڪا موذي بيماري ڏکھي عرصي کان ختم ٿيڻ جو نالو ئي ڪانہ پئي وٺي اھا عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رھي ڪري 63 ڏينھن جو تربيتي ڪورس ڪرڻ جي برڪت سان ختم ٿي ويئي.

دعوتِ اسلامی کی قیوّم، دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اِس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ یا اللہ مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تربيتي ڪورس ڇا آھي؟

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول** جي صحبتن سان مالا مال 63 ڏينھن جو تربيتي ڪورس آخرت جي لاءِ ايتري قدر فائديمند آھي جو ان ۾ جيڪو سکڻ لاءِ ملندو آھي ان جا تفصيل معلوم ٿي وڃڻ کان پوءِ دين جو درد رکڻ وارو ھر مسلمان ھيءَ حسرت ڪندو تہ ڪاش مون کي بہ 63 ڏينھن وارو تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي

وجي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ باب المدينه کان علاوه ٻين شهرن ۾ ٻہ تربيتي ڪورس جو سلسلو ڪيو ويندو آهي. **ان ۾ ڪجهہ اهي علوم حاصل ٿيندا آهن جن جو سکڻ هر عاقل بالغ مسلمان تي فرض آهي** علمِ دين حاصل ڪرڻ جا بيشمار فضائل آهن، جيئن تہ سُرورِ قلبِ محزون، عالِمِ ماڪان وما يڪون صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”جنهن (دين جو) علم حاصل ڪيو تہ اهو سندس گذريل گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو.“ (جامع ترمذي ج4 ص295 حديث 2657)

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس ۾ وضوء غسل کان سواءِ نماز جو عملي طريقو سيکاريو ويندو آهي، ميّت جي غسل، ڪفن دفن، جنازي ۽ عيد جي نماز جي تربيت ٿيندي آهي. رحماني قاعدي جي ذريعي صحيح اُچار سان قرآني حرفن جي ادائيگيءَ جي تعليم ڏني ويندي آهي ۽ قرآن ڪريم جون آخري 20 سورتون زباني حفظ ۽ سُوۡرَۃُ الۡمُلۡكِ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. ۽ قرآن ڪريم سکڻ جي فضائل جو تہ ڇا بيان ڪجي؟ جيئن تہ

## ٻار کي ناظره قرآن پڙهائڻ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان، صاحبِ قرآن، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، جيڪو شخص پنهنجي پٽ کي ناظره قرآن ڪريم سيکاري تہ ان جا سڀ اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (مجمع الزوائد ج7 ص 344 حديث 11271) شهنشاهِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي جيڪو شخص جوانيءَ ۾ قرآن سکي، قرآن ان جي گوشت ۽ رت ۾ شامل

ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو ان کي پوڙهائپ ۾ سکي ۽ ان کان قرآن هرهر وسري ويندو هجي ۽ ان جي باوجود اهو ان کي نہ ڇڏي تہ ان لاءِ بہ اجر آهن. (ڪنزالعمال ج 1 ص 267 حديث 2378)

## تربيتي ڪورس ۾ اخلاقي تربيت

تربيتي ڪورس ۾ اخلاقي تربيت جي حوالي سان هينئين موضوعن تي خاص توجهہ ڏني ويندي آهي﴿1﴾ سچائي ﴿2﴾ نرمي ﴿3﴾ صبر﴿4﴾ عاجزي ﴿5﴾ معافي ۽ درگذر﴿6﴾ گفتگوءَ جو انداز ﴿7﴾ غيبت جون تباهہ ڪاريون ۽ ﴿8﴾ گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جو طريقو وغيره. **مدني قافلي** جي جدول تي عمل ڪرائيندي مدني قافلو تيار ڪرڻ جو طريقو، درس ۽ بيان، علائقائي دورو براءِ نيڪيءَ جي دعوت سان گڏوگڏ خاص طور دعوتِ اسلامي جي مدني ڪم جي جان ”انفرادي ڪوشش“ جو انداز، مدني انعامات جو عملي طريقو سيڪاريو ويندو آهي. تربيتي ڪورس جي وچ ۾ وقفي وقفي سان ٽي ٽي پيرا ٽن ٽن ڏينهن جا ۽ ختم ٿيڻ کان اڳ 12 ڏينهن جي عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت بہ ملندي آهي، 12 ڏينهن جي مدني قافلي کان واپسيءَ کان بعد هڪ ڏينهن امتحان جي تياري، ٻئي ڏينهن امتحان ۽ ٽئين ڏينهن الوداعي دعا ۽ صلوٰة و سلام تي 63 ڏينهن جو **تربيتي ڪورس** ختم ٿيندو آهي. تربيتي ڪورس جي جيڪا ڪيفيت بيان ٿي ان کان سواءِ بہ گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ ملندو آهي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي صحبت جي نعمت ميسر ايندي آهي. اَلحَمدُلله

عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس جي برڪت سان ڪيترائي بگڙيل ماڻهو نمازي ۽ سنا مسلمان بڻجي ڪري روانا ٿيندا آهن ۽ معاشري ۾ عزّت جو مقام ماڻيندا آهن. تنهنڪري جنهن کي موقعو ملي ان کي ضرور تربيتي ڪورس جي ذريعي علمِ دين حاصل ڪرڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ عبرت بنياد آهي، قيامت جي ڏينهن سڀ کان گهڻي حسرت ان کي ٿيندي جنهن کي دنيا ۾ (ديني) علم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو پر ان حاصل نہ ڪيو ۽ (ٻيو) ان شخص کي ٿيندي جنهن علم حاصل ڪيو ۽ ان کي ٻُڌي ڪري ٻين تہ فائدو حاصل ڪيو پر پاڻ ان (پنهنجي علم تي عمل ڪندي) فائدو حاصل نہ ڪيو. (الجامع الصغير ص 69 حديث 1058) جيڪي مڪمل 63 ڏينهن نہ ٿا ڏئي سگهن اهي مدني مرڪز ڏانهن رجوع ڪن تہ انهن جي گهٽ ڏينهن جي لاءِ بہ ترڪيب بڻجي سگهي ٿي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿81﴾ هڪ جي بدلي ڏهہ

پنهنجي دؤر جا ابدال حضرت سيّدُنا ابو جعفر بن خطاب عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ التَّوَّاب فرمائن ٿا، منهنجي دروازي تي هڪ سائل (يعني سواليءَ) صدا هنئي مون گهرواريءَ کان پُڇيو تہ ڇا تو وٽ ڪجهہ آهي؟ جواب مليو چار انڊا آهن مون چيو، پينوءَ کي ڏئي ڇڏيو، انهن ڏيئي ڇڏيا. سائل انڊا وٺي هليو ويو، اجان ٿوري دير مس گذري تہ مون وٽ هڪ دوست انڊن سان ڀريل هڪ ٽوڪري موڪلي. مون گهران پُڇيو، هن ۾ ڪل

ڪيترا انڊا آهن؟ انهن چيو 30. مون چيو توهان تہ فقير کي 4 انڊا ڏنا هئا، هي 30 ڪهڙي حساب سان آيا! چوڻ لڳيون ته انڊا صحيح آهن ۽ باقي 10 پڪل آهن، حضرت سيّدُنا شيخ علامہ يافعي يمني رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ڪجھ ماڻهو هن حڪايت جي متعلق بيان ڪن ٿا تہ سائل کي جيڪي انڊا ڏنا ويا هئا انهن مان ٽي صحيح ۽ هڪ پڪل هيو. رب تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ۾ ڏهہ ڏهہ عطا فرمايا. صحيح جي بدلي صحيح ۽ پڪل جي بدلي پڪل. (روض الرياحين ص 151)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! هو مسلمانن کي آخرت ۾ تہ اجر ڏيندو ئي آهي ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ عنايت فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن کي ڪليل اکين سان ڏيکاريندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت سندس حوصلو وڌائيندو آهي، جيئن هينئر توهان حڪايت ۾ ٻڌو تہ هٿو هٿ هڪ جي بدلي ۾ ڏهوڻ انڊا ملي ويا. اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 8 سُوْرَةُالْاَنْعَامِ جي آيت نمبر 160 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: جنهن هڪ نيڪي ڪئي تہ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ آهن.

هن آيت مبارڪ جي تحت صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِى فرمائن ٿا، يعني هڪ

نيڪي ڪرڻ واري کي ڏهن نيڪين جي جزا ملندي ۽ اها بہ حد ۽ انتها جي طريقي تي نہ آهي بلڪ الله تعاليٰ جنهن جي لاءِ جيترو چاهي، ان جي نيڪين کي وڌائي هڪ جي عيوض ست سؤ ڪري يا بي حساب عطا فرمائي، اصل هي آهي تہ نيڪين جو ثواب صرف فضل تي آهي (خزائن العرفان ص 241)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿82﴾ احسان جو بدلو

حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي هڪ ڏينهن پنهنجي چاليهہ مُريدن جي قافلي سان گڏ بغداد شهر کان ٻاهر تشريف کڻي ويا، هڪ جڳهہ تي پهچي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون، اي انسانو! الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي رزق جو ڪفيل (يعني ذمو کڻندڙ) آهي، پوءِ پاڻ 28 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الطَّلَاقِ جي ٻي ۽ ٽين آيتِ ڪريمہ جو هي حصو تلاوت فرمايائون.

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي واسطي ڇوٽڪاري جي وات ڪڍي ڏيندو، ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هجي ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري اهو ان کي ڪافي آهي.

اهو فرمائڻ ڪانپوءِ مُريدن کي اتي ڇڏي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪيڏانهن هليا ويا. تمام مُريد ٽن ڏينهن تائين اتي ئي بُکايل پيا

رهيا، چوٿين ڏينهن حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه واپس تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون، اي انسانو! الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهن جي لاءِ رزق تلاش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي، جيئن 29 هين سيپاري ۾ سُوۡرَةُ الۡمُلۡكِ جي آيت نمبر 15 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

هُوَ الَّذِیۡ جَعَلَ لَکُمُ الۡاَرۡضَ ذَلُوۡلًا فَامۡشُوۡا فِیۡ مَنَاکِبِهَا وَ کُلُوۡا مِنۡ رِّزۡقِهٖ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: اهو ئي آهي جنهن توهان جي واسطي زمين مسخر فرمائي پوءِ ان جي رستن ۾ هلو ۽ الله جي روزيءَ مان کائو.

ان لاءِ توهان پاڻ مان ڪنهن کي موڪليو، اميد آهي ته اهو ڪجهه نه ڪجهه کاڌو وٺي ايندو. مُريدن هڪ غريب شخص کي بغداد شهر ۾ موڪليو، اهو گهٽي گهٽي ڦرندو رهيو، پر روزي ملڻ جي ڪا راهه پيدا نه ٿي، ٿڪجي ٽُٽجي هڪ جڳهه تي ويهي رهيو، جنهن جي پرسان هڪ عيسائي طبيب جو دواخانو هو، اهو طبيب وڏو ماهر نباض هو (يعني) صرف نبض ڏسي ڪري مريض جو حال پاڻ ئي ٻُڌائي ڇڏيندو هو. سڀ هليا ويا ته ان(طبيب) هن **درويش** کي به مريض سمجهي ڪري گهرايو ۽ نبض ڏني پوءِ مانيون، ڀاڄي ۽ حلوو گهرايائين ۽ پيش ڪندي چيائين تنهنجي بيماريءَ جون اهي ئي دوائون آهن. **درويش** طبيب کي چيو ته اهڙي طرح جا 40 مريض ٻيا به آهن. طبيب غلامن جي ذريعي چاليهه ماڻهن جي لاءِ اهڙو ئي کاڌو گهرائي درويش سان گڏ روانو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ به لڪي ڪري پويان پويان هلڻ لڳو، کاڌو جڏهن سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي

عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ويو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان **ڪاڏي ڪي هٿ نہ لڳايائون ۽ فرمايائون درويشو!** هن ڪاڏي ۾ ته عجيب راز لڪل آهي، ڪاڏو آڻڻ واري درويش سڄو واقعو ٻڌايو، شيخ فرمايو، هڪ عيسائي اسان سان ايتري قدر سنو سلوڪ ڪيو آهي، ڇا اسان ان جو بدلو ڏيڻ کان سواءِ ائين ئي ڪاڏو کائون؟ مُريدن عرض ڪيو سائين! اسان غريب ماڻهو هن کي ڇا ٿا ڏئي سگهون! حضرت سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمايو ڪاڏي کان اڳ ۾ ان جي حق ۾ دعا ته ڪري سگهون ٿا! پوءِ دعا ڪئي ويئي، هتوهت **دعا جي برڪت** ظاهر ٿي ۽ اها ائين ته عيسائي طبيب جيڪو سيئي ڳالهيون لڪي ڪري ٻڌي رهيو هو، ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، ان هڪدم پنهنجو پاڻ کي سيّدُنا شيخ شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي بارگاهه ۾ پيش ڪري ڇڏيو ۽ توبهه ڪري ڪلمهءِ شهادت پڙهي مسلمان ٿي ويو ۽ شيخ جي مُريدن ۾ شامل ٿي ڪري بلند درجو ماڻي ورتو.

(روض الرياحين ص 81)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وليءَ جي خدمت رنگ لائيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جو نيڪيءَ جي دعوت جو انداز ڪيڏو نرالو هو! انهن جي خدمت ڪرڻ وارو ڪڏهن خالي ناهي موٽندو، هي به معلوم ٿيو ته جڏهن ڪو سنو سلوڪ ڪري ته ان کي دعائن سان نوازڻ گهرجي، ڳڏوڳڏ

جيڪڏهن ڪو ڪافر به احسان ڪري ته ان جي حق ۾ به هدايت جي دعا ڪرڻ گهرجي، حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوبڪر شبلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ۽ سندن مُريدن جي هدايت واري دعا رنگ لاتو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سندن خدمت ڪرڻ وارو عيسائي حڪيم ايمان جي دولت سان مالا مال ٿي ويو.

دعائے ولی میں وہ تاثیر دیکھی

بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

## هڪ گرهه جي سبب ٽي ماڻهو جنتي

ان عيسائي طبيب مسڪين سمجهي ڪري ڪاڏو پيش ڪيو ۽ ايمان جي نعمت سان سرفراز ٿي ويو، ته جيڪڏهن ڪو مسلمان به مسڪين کي ڪاڏو ڪارائيندو ته اهو به جنّت جو حقدار بڻجي ويندو، جيئن ته ٻنهي جهانن جي سلطان، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي ته هڪ گرهه ماني ۽ هڪ مٺ خُرما (يعني ڪارڪون يا چوهارا) ۽ ان جهڙي ٻي ڪا شيءِ جنهن مان مسڪين کي فائدو پهچي، ان جي سبب الله تعاليٰ ٽن شخصن کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو آهي، هڪ گهر جو مالڪ جنهن حڪم ڏنو، ٻي گهرواري جيڪا ان کي تيار ڪندي آهي، ٽيون خادم جيڪو مسڪين کي ڏئي ايندو آهي، پوءِ حضور سراپا نُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، واکاڻ آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن اسان جي خادمن کي به نه ڇڏيو. (المعجم الاوسط للطبراني ج 4 ص 89 حديث 5309)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پين کي ڪاڏو کارائڻ جي فضائل تي مشتمل وڌيڪ 5 ارشاداتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظه فرمايو ﴿1﴾ توهان مان

بهتر اهو آهي جيڪو ڪاڏو ڪارائيندو آهي. (مُسند امام احمد ج9 ص241 حديث 23984) ﴿2﴾ مغفرت ڪي واجب ڪرڻ وارن ڪمن مان ڪاڏو ڪارائڻ ۽ سلام ڪي عام ڪرڻ آهي. (مڪارم الاخلاق للطبراني ص 375حديث 158) ﴿3﴾ جيستائين ٻانهي جو دسترخوان وڇايل رهندو آهي، فرشتا ان تي رحمتون نازل ڪندا رهندا آهن. (شعب الايمان ج 7 ص 99 حديث 9626) ﴿4﴾ جيڪو پنهنجي اسلامي ڀاءَ جي ٻُڪ لاهڻ جو انتظام ڪري ۽ ان کي ڪاڏو ڪارائي، ايتري تائين جو سندس ڍؤ ٿي وڃي ته الله تعاليٰ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (مجمع الزوائد ج 3 ص 319 حديث4719) ﴿5﴾ جنهن ٻُڪايل کي ڪاڏو ڪارايو الله تعاليٰ ان کي عرش جي ڇانوَ هيٺان جڳهه عطا فرمائيندو. (مڪارم الاخلاق للطبراني ص 373) اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جون سنّتون سکڻ جو جذبو ملندو آهي ۽ خوب علمِ دين حاصل ٿيندو آهي، گهڻو گهڻ عاشقانِ رسول جي برڪتن سان ڪڏهن ڪڏهن غير مسلم به مسلمان ٿيندا رهن ٿا، جيئن ته هڪ ايمان افروز واقعو ملاحظ فرمايو،

## ﴿83﴾ مدني قافلي جو نرالو مسافر

**باندره** (بمبئي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي،" ته مون واٽ ويندي رستي جي پاسي تي ڪجهه ماڻهن کي گڏجي بيٺل ڏٺو، ويجهو ويس ته ڪو نوجوان هڪ ڪتاب مان جنهن تي ڇَٽن اکرن ۾ **فيضانِ سنّت** لکيل هو، هو پڙهي ڪري ڪجهه ٻُڌائي رهيو آهي، مان به بيهي رهيس، مون کي سندس

ڳالهيون تمام سٺيون لڳيون، آخر ۾ انهن مان هڪ چڱو ڀلو ڀاڻ اڳتي وڌي مون سان انتهائي محبت سان ملاقات ڪئي ۽ انفرادي ڪوشش ڪري منٿون ڪندي مون کي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني، درس جا الفاظ اڃان تائين منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا هئا ان لاءِ مون بي اختيار ”ها“ ڪري ڇڏي ۽ سچ پچ دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ مون کي اهو ڪيف و سُرور حاصل ٿيو جو بيان کان ٻاهر آهي، آخرڪار همت ڪري هڪ مبلغ جي اڳيان مون پنهنجو راز کولي ڇڏيو تہ مان غير مسلم آهيان، هن وقت تائين ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪندو رهيو آهيان، توهان جي درس، **انفرادي ڪوشش** ۽ مدني قافلي ۾ حُسنِ اخلاق جي ڀرپور مظاهري منهنجي دل موهي وڌي آهي، مهرباني ڪري مون کي مسلمان ڪري پنهنجو ڀائي بڻائي ڇڏيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ توبهہ ڪري ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس، اهو ڊسمبر 2004ع جو واقعو آهي، مسلمان ٿيڻ کان هي ٻُڌائڻ تائين يعني مارچ 2005 ع ۾ مون کي صرف چار مهينا ٿيا آهن، مون ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪري ڏني آهي، سڄو ڏينهن مٿي تي سبز عمامي جو تاج سجائي رکڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هن وقت دعوت اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ 63 ڏينهن جي لاءِ مسافر آهيان.

آؤاے عاشقیں، مل کے تبلیغ دیں کافروں کو کریں، قافلے میں چلو
سنّتیں عام ہوں، عام نیک کام ہوں سب کریں کوششیں، قافلے میں چلو

## ﴿84﴾ بغداد جو واپاري

**بغداد** شريف جو هڪ واپاري اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سان تمام گهڻو بغض رکندو هو، هڪ ڏينهن حضرت سيّدُنا بشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْکَافِي کي جمعي جي نماز پڙهي ڪري هڪدم مسجد کان ٻاهر نڪرندو ڏسي ڪري دل ۾ چوڻ لڳو، ته ڏسو ته سهي! هيءُ ولي بڻيو ٿو وتي! جڏهن ته مسجد ۾ هن جي دل ئي نه ٿي لڳي، تڏهن ته نماز پڙهندي ئي هڪدم ٻاهر نڪري آيو آهي، اهو واپاري اهو ئي سوچيندي ۽ چوندي ان جي پويان پويان هلڻ لڳو، حضرت سيّدُنا بشرحافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْکَافِي هڪ نانوائيءَ جي دڪان تان ماني خريد ڪئي ۽ شهر کان ٻاهر هلڻ لڳا، واپاريءَ کي اهو ڏسي اڃان به گهڻي ڪاوڙ آئي ۽ چيائين، هي شخص رُڳو مانيءَ جي لاءِ مسجد مان تڪڙو ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ هاڻي شهر کان ٻاهر ڪنهن ساوڪ واري جڳهه تي ويهي ڪري کائيندو، واپاريءَ پيڇو جاري رکندي هي ذهن بڻايو ته جيئن ئي ويهي هي ماني کائڻ لڳندو، مان پُڇندس ته چا ولي اهڙا ئي هوندا آهن جيڪي مانيءَ جي خاطر مسجد مان هڪدم نڪري اچن! پوءِ واپاري پويان پويان هلڻ لڳو، ايستائين جو حضرت سيّدُنا بشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْکَافِي ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿي ڪري هڪ مسجد ۾ تشريف کڻي ويا، اتي هڪ بيمار شخص ليٽيو پيو هو، حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْکَافِي ان بيمار جي سيرانديءَ کان ويهي ڪري ڪيس پنهنجي مبارڪ هٿن سان ماني ڪارائي، واپاري اهو معاملو ڏسي حيران ٿي ويو پوءِ ڳوٺ ڏسڻ لاءِ

باهر نڪتو، ٿوري دير بعد جڏهن ٻيهر مسجد ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ مريض اتي ليٽيل آهي پر حضرتِ سيّدُنا بشرحافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡكَافِي اتي موجود ناهن. ان مريض کان پُڇيو، ڪيڏانهن ويا؟ ان ٻُڌايو تہ اهي تہ بغداد شريف هليا ويا، واپاري پُڇيو تہ بغداد هتان ڪان ڪيترو پري آهي؟ ان چيو تہ چاليهہ ميل، واپاري سوچڻ لڳو تہ مان تہ ڏاڍي مشڪل ۾ ڦاسي ويس، جو سندن پُٺيان ايترو پري نڪري آيس ۽ تعجب آهي تہ ايندي ڪجهہ خبر ئي نہ پئي پر هاڻي واپسي ڪيئن ٿيندي؟ پوءِ ان پُڇيو هاڻي ٻيهر ڪڏهن ايندا؟ چيائين ايندڙ جمعي تي. مجبور ٿي واپاري اتي ئي ترسيو جڏهن جمعو آيو تہ حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡكَافِي پنهنجي وقت تي تشريف ڪٺي آيا ۽ مريض کي ماني کارايائون، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ان واپاري کي فرمايائون توهان ڇو منهنجي پويان آيا هيئو؟ واپاريءَ عاجزيءَ سان عرض ڪيو، سائين! منهنجي غلطي هئي! فرمايائون اٿو ۽ منهنجي پويان پويان هليا اچو، پوءِ هو سندن پويان پويان هلڻ لڳو ۽ ٿوري دير ۾ بغداد شريف پهچي ويا. **حضرت سيّدُنا بِشر حافي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡكَافِي **جي زندهہ ڪرامت ڏسي ڪري بغداد جي واپاري اولياءِ ڪرام جي بُغض کان توبهہ ڪئي ۽ آئنده انهن پاڪ ماڻهن جو دل سان معتقد ٿي ويو.** (روض الرياحين ص 118)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

## گندو گمان گنديءَ دل مان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمان جي باري ۾ بدگماني حرام آهي، سرڪارِ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُالرَّحۡمٰن

نقل فرمائن ٿا ته، ” گندو گمان گنديءَ دل مان ئي پيدا ٿيندو آهي .(فتاويٰ رضويه ج 22 ص 400) خاص طور تي الله وارن کي ڪڏهن به نفرت جي نگاهه سان نه ڏسڻ گهرجي، انهن پاڪ ماڻهن جي ادائن ۾ لِلّٰهِيَّت ۽ خلوص ۽ انهن جي دلين ۾ خدا جي مخلوق جو درد هوندو آهي ۽ اهي پاڪ ماڻهو ڏينهن جو سفر هڪ گهڙيءَ ۾ طئي ڪري وٺندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن **بدگماني** جي سزا دنيا ۾ هٿوهٿ به ملندي آهي جيئن ته

## ﴿85﴾ بدگمانيءَ جي سزا

**هڪ** ڀيري تمام سخت سياري ۾ حضرتِ سيِّدُنا شيخ ابوالحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خادمه ”زيتونه“ کير ۽ ماني ڪٽي حاضر ٿي، ان وقت هٿ سيڪڻ لاءِ پرسان ئي ڪوئلا رکيل هئا، جن کي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اٿلائي پٿلائي رهيا هئا ڪوئلن جي ڪاراڻ سندن هٿن تي لڳل هئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪاڌو شروع ڪري ڇڏيائون، انهيءَ مهل ڪوئلن ۾باهه ڀڙڪي اٿي ۽ کير پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هٿن تي وهڻ لڳو. ان (خادمه) دل ۾ خيال ڪيو ته هي ڪهڙا ولي آهن، جو سندن ۾ صفائي ڪونهي! پوءِ ڪنهن ڪم سان سندن گهر کان نڪتي ته اوچتو هڪ عورت ساڻس سان چنبڙي وئي ۽ چوڻ لڳي، تون ئي منهنجي ڪپڙن جي ڳنڍ چورائي آهي ۽ پوءِ ان کي ڪوتوال (پوليس آفيسر) وٽ گهلي وٺي وئي. حضرت سيِّدُنا **شيخ نوري** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اطلاع مليو ته ڪوتوال وٽ سفارش جي لاءِ تشريف ڪٽي ويا. ڪوتوال چيو، مان ان کي ڪيئن ڇڏيان، هن تي چوريءَ جو الزام آهي! ايتري ۾ هڪ ٻانهي اها ئي **ڪپڙن جي ڳنڍ** کڻي آئي ۽ پاڻ ڪپڙا ان جي مالڪياڻيءَ جي

حوالي ڪري ”زَيتونہ“ ڪي فرمايائون، تہ پيهر بدگماني ڪندينءَ تہ وليُّ الله ڪيئن گڏلا هوندا آهن! زَيتونہ چيو، تہ مون کي بدگمانيءَ جي سزا ملي ويئي آهي، پيهر جي لاءِ مان توبهہ ڪريان ٿي. (روض الرياحين ص 132)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

## بدگماني حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! بدگمانيءَ جي هٿو هٿ سزا ملي ويئي، جيڪڏهن دنيا ۾ سزا نہ بہ ملي تڏهن بہ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ڪرڻ گهرجي، جو **مسلمان تي بدگماني حرام آهي**، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن نقل فرمائن ٿا ”تہ گندو گمان، گنديءَ دل مان ئي پيدا ٿيندو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج22 ص400 رضا فاونديشن مرڪز الاولياء لاهور) 15 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْل جي آيت نمبر 36 ۾ الله تعاليٰ جو فرمانِ عبرت نشان آهي.

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓىٕكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان ڳالهہ جي پويان نہ پئہ جنهن جي توکي ڄاڻ ناهي بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دل سمورن کان پُڇا ٿيڻي آهي.

26 هين سيپاري سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارو گهڻن گمانن کان بچو

اِنَّ بَعۡضَ الظَّنِّ اِثۡمٌ كَثِيۡرًا مِّنَ الظَّنِّ

بيشڪ ڪو گمان گناهہ ٿي ويندو آهي.

هڪ موقعي تي سرڪارِ نامدار، باذِنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ڳالهہ تي ارشاد فرمايو، ”ڇا توهان ان جي دل چيري ڏٺي جو توهان کي خبر پئجي وڃي ها.“ (ابوداود ج3 ص 63 حديث 2643) ، وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا، بدگمانيءَ کان بچو ڇو تہ گمان ڪرڻ سڀ کان ڪوڙي ڳالهہ آهي.

(صحيح البخاري ج3 ص 446 حديث 5143)

## ﴿86﴾ روئڻ واري کي ڏسي توهان بہ روئي ڏيو

حضرتِ سيّدُنا مڪحول دمشقي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا، جڏهن ڪنهن کي روئندو ڏسو تہ ان سان گڏ توهان بہ روئڻ لڳي وڃو، بدگماني نہ ڪريو تہ هي رياڪاري ڪري رهيو آهي، هڪ ڀيري هڪ روئڻ واري مسلمان جي باري ۾ مون بدگماني ڪئي هئي تہ ان جي سزا ۾ **مان سڄو سال روئڻ کان محروم رهيس**.

(تنبيه المغترين ص 122)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿87﴾ 9 ڪافرن جو اسلام قبول ڪرڻ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن** جون بہ خوب بهارون آهن،

انهن جي برڪت سان جتي بگڙيل مسلمانن جي اصلاح ٿيندي آهي، اتي ڪڏهن ڪڏهن ڪافرن کي به اسلام قبول ڪرڻ جون سعادتون نصيب ٿي وينديون آهن. جيئن ته هڪ مبلغ جو بيان آهي ته مون تقريبًا 5 سال اڳ پنهنجي ڪاليج جي ڪلاس فيلو **هڪ ڪافر شاگرد** ۽ ان جي دوستن کي **مڪتبة المدينه** کان ياسين شريف بمع **ترجمو ڪنزالايمان** جي ڪيسيٽ ۽ سنّتن پرئي بيانات جون ڪجهه ڪيسيٽون ۽ ڪجهه رسالا وغيره تحفي ۾ ڏنا هئا. **5** جنوري **2006**ع جو سنّتن جي تربيت جي عاشقانِ رسول جي هڪ مدني قافلي ۾ مون کي سکرنڊ (باب الاسلام سنڌ) جي سفر جي سعادت حاصل ٿي، اتي انهيءَ **ڪافر ڪلاس فيلو** سان ملاقات ٿي، سنڌس پورو گروپ گڏ هو، اهي ڪل **15** ڄڻا هئا. مون ڪائنس ڪيسيٽن جي باري ۾ پُڇيو، ان ٻڌايو ته ياسين شريف جي تلاوت ۽ ترجمو ٻُڌي ڪري مون کي ايترو سُڪون مليو جو ان کان اڳ ڪڏهن زندگيءَ ۾ نه مليو هو، ان کان بعد هر **رمضان المبارڪ** ۾ مسجد کان ٻاهر ويهي ڪري اسپيڪر جي ذريعي، تراويح ۾ ٿيڻ واري تلاوت ٻُڌڻ جو معمول آهي. گڏوگڏ مون بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌيون ۽ رسالا پڙهيا، ان سان منهنجي دل تي تمام گهرو اثر ٿيو، مبلغ جو چوڻ آهي ته مون کيس اسلام جي دعوت پيش ڪئي، هو اسلام کان متاثر ٿي چُڪو هو پر مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار نه هو، مون ڪافي دير تائين ان تي ۽ سنڌس دوستن تي **انفرادي ڪوشش** ڪندو رهيس، **آخرڪار ڪاميابي ٿي ئي وئي.** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **هتوهت 9 ڪافر**

مسلمان ٿي ويا ۽ پين چيو اسان غور ڪنداسين.

آؤ علمائے دیں، بہرِ تبلیغ دیں مل کے سارے چلیں قافلے میں چلو
دور تاریکیاں کُفر کی ہوں میاں آؤ کوشش کریں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿88﴾ ثريد ۽ لذيذ گوشت

حضرتِ سيّدُنا شيخ علامہ يافعي يمني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ سفر جي دوران هڪ ڏينهن اسان جو قافلو ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو، هڪ شخص ڳوٺ وارن کان هڪ ديڳڙي وٺي آيو ۽ ان ۾ حلوو پچايائين ۽ سيني ملي ڪري کاڌو. قافلي جو هڪ ماڻهو غير موجود هئڻ جي سبب نہ کائي سگهيو، ان وٽ تورو اتو هو، اتو کڻي هو پوري ڳوٺ ۾ گهميو پر ڪيس پچائڻ وارو ڪوبہ نہ مليو ايتري ۾ رستي تي ان کي هڪ ضعيف نابين مليو، ان ثواب جي نيّت سان اهو اتو ان کي ڏئي ڇڏيو (هن حالت کي لطفِ خفي چوڻ گهرجي جو چڻ تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جي حڪمت ان کي زبانِ حال سان مخاطب ڪيو تہ هي اتو هن ضعيف شخص جو رزق آهي، جڏهن تہ تنهنجو رزق اسان پنهنجي ڪرم سان ڏينداسين). اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! توري ئي دير بعد هڪ شخص آيو ۽ ان تمام قافلي وارن مان صرف ان ماڻهوءَ کي گهرايو ۽ پنهنجي گهر وٺي وڃي ڪري **ثريد** (پاڄيءَ ۾ ملايل مانيءَ جا ٽڪر) ۽ **لذيذ گوشت** کارايو. (ملخصًا روض الرياحين ص 153)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اَلحَمـدُللّٰهعَزَّوَجَلَّ معلوم ٿيو تہ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪاڏو ڪارائڻ ڪڏهن بہ ضايع ناهي ٿيندو، گهٽو ڪري دنيا ۾ هتوهٿ اجر ملندو آهي ۽ آخرت جي ثواب جو استحقاق بہ باقي رهندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿89﴾ گوشت ۽ حلوو

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، مون هڪ مسجد ۾ ڏٺو تہ اتي هڪ مالدار واپاري وينو آهي ۽ ويجهو ئي هڪ فقير هٿ کڻي دعا گهري رهيو آهي، يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! گوشت ۽ حلوو ڪاراءِ! ان واپاريءَ ٻڌو تہ چوڻ لڳو، ”هي فقير دراصل مون کي ٻڌائي رهيو آهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن مون کان گهري وٺي ها تہ مان ان کي ڪارايان ها پر هاڻي نہ ڪارائيندس.“ ٿوري دير ڪانپوءِ اهو فقير سمهي پيو، ايتري ۾ ڪو شخص هڪ ڍڪيل ٿالهہ کڻي آيو ۽ اسان سڀنن ڏانهن نظر دوڙائڻ ڪانپوءِ ان سُتل فقير کي ڏسي ڪري ٿالهہ هيٺ رکي ان وٽ ويهي رهيو ۽ ان کي جاڳائي ڪري تمام عاجزيءَ سان عرض ڪرڻ لڳو، گوشت ۽ حلوو حاضر آهي، ڪائو. فقير ان مان ڪجهہ ڪائي ڪري ٿالهہ واپس ڪري ڇڏيو، ان واپاريءَ حيران ٿي ڪري ڪاڏو آڻڻ واري کان پُڇيو، هي ڇا قصو آهي؟ ان چيو، مان هڪ مزدور آهيان، ڪافي عرصي کان گهروارن کي گوشت ۽ حلوي

ڪائڻ جي خواهش هئي پر غربت جي سبب ڪائي نہ سگهياسين. اڄ ڪافي ڏينهن کان پوءِ مزدوريءَ ۾ هڪ مثقال (يعني ساڍا چار ماشا) سون مليو ان مان گوشت ۽ حلوو تيار ڪيو ويو، مان ٿوري دير جي لاءِ سمهي پيس، اکيون تہ ڇا سُتيون، سُتل قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، مون ڪي خواب ۾ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو جلوو مبارڪ نظر اچي ويو، مان محبوب جي نظاري ۾ گم هئس تہ لب مبارڪ حرڪت ۾ آيا، رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهہ هن طرح ترتيب ماٺي، تہ ”توهان جي مسجد ۾ هڪ ولي موجود آهي جيڪو گوشت ۽ حلوو گهري ٿو توهان هي گوشت ۽ حلوو پهريان هن کي ڪارايو، هُو پنهنجي خواهش مطابق ڪائي ڪري واپس ڪندو ۽ باقي (بچيل ڪاڌي) ۾ الله تعاليٰ برڪت عطا فرمائيندو. ان جي بدلي ۾ مان توهان کي جنّت ۾ وني ويندس.“ ان لاءِ مان هڪدم هي ڪاڌو ڪٺي ڪري هتي حاضر ٿي ويس. اهو ٻُڌي ڪري واپاري چوڻ لڳو، هن ڪاڌي تي توهان جو ڪيترو خرچ آيو آهي؟ چيائين هڪ مثقال سون. واپاريءَ چيو، مون کان ڏهہ مثقال سون وٺو ۽ پنهنجي هن نيڪ عمل سان مون کي هڪ قيراط جو حصيدار بڻايو. ان وراڻيو، هرگز نہ. واپاري چيو، ويهہ مثقال سون وٺو. ان چيو، نہ. واپاريءَ چيو، پلا پنجاهہ مثقال سون ئي وٺو. ان چيو، سڄي دنيا جا خزانا بہ ڏيندؤ تہ بہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڪيل سودي ۾ توهان کي شريڪ نہ ڪندس. توهان جي قسمت ۾ اها شيءِ هجي ها تہ توهان مون کان

اڳيرائي ڪري سگهو پيا، پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سان خاص ڪندو آهي جنهن کي چاهي. (روض الرياحين ص 153)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! الله وارن جو هي شان آهي ته اهي پنهنجي الله عَزَّوَجَلَّ جي مرضي تي هلندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جو عرض پورو فرمائيندو آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته پنهنجي فاني دولت جي نشي ۾ مست رهي ڪري، **الله رب العزّت** جي نيڪ ٻانهن کي نفرت جي نظر سان ڏسڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم کان محروم رهجي ويندا آهن، گڏوگڏ هي به معلوم ٿيو ته سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان داناءِ غُيُوب (يعني غيبن جا ڄاڻيندڙ) آهن. تڏهن ئي ته فقير کي سُڄاڻي ورتائون ۽ پنهنجي هڪ غلام جي قسمت جاڳائي ان کي جنّت جي بشارت (يعني خوشخبري) ٻڌائي ڪري خدمت جي لاءِ موڪليائون.

سرِ عرش پر ہے تِری گزر دِلِ فرش پر ہے تِری نظر
ملکوت وملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي به ڄاڻڻ جو موقعو مليو ته ڪنهن مسلمان تي بدگماني ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به پشيمانيءَ جو باعث بڻجندي آهي ۽ شرعي طور تي به مسلمان تي بدگماني ڪرڻ حرام آهي.

## ﴿90﴾ معذور ٻار گهمڻ ڦرڻ لڳو!

**ڏاڙيلن** جي هڪ جماعت ڦرمار ڪرڻ لاءِ نڪتي، انهيءَ دؤران رات هڪ مسافرخاني ۾ ترسيا، ۽ اتي ِهي ظاهر ڪيائون ته اسان راهِ خداعَزَّوَجَلَّ جا مسافر آهيون ۽ جهاد جي لاءِ نڪتا آهيون. مسافر خاني جو مالڪ نيڪ ماڻهو هو. ان خدا جو راضپو حاصل ڪرڻ جي نيّت سان انهن جي خوب خدمت ڪئي. صبح جو اهي ڏاڙيل ڪيڏانهن روانا ٿي ويا، ۽ ڦرمار ڪري واپس اتي ئي اچي پهتا، گذريل رات مسافرخاني واري جي جنهن نيگر کي گهمڻ ڦرڻ کان معذور ڏٺو هئائون، اهو اڄ بغير ڪنهن تڪليف جي گهمي ڦري رهيو هو! انهن حيرت سان مسافرخاني واري کان پُڇيو، ته ڇا هي اهو ڪالهوڪو معذور نينگر ناهي؟ ان وڏي احترام سان جواب ڏنو، جي ها، هي اهو ئي آهي. پُڇيائون، هيءُ ڪيئن صحتمند ٿي ويو؟ جواب ڏنائين هي سڀ توهان جهڙن راهِ خداعَزَّوَجَلَّ جي مسافرن جي برڪت آهي. ڳالهه هي آهي ته توهان جيڪو طعام ڪاڌو هيو، ان مان ڪجهه بچي پيو هو، اسان توهان جي اوبر وارو ڪاڌو شفا جي نيّت سان پنهنجي معذور ٻار کي **ڪارايو** ۽ اوبر واري پاڻيءَ سان ان جي جسم جي مالش ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ توهان جهڙن نيڪ ٻانهن جي اوبر واري **ڪاڌي ۽ پاڻيءَ** جي برڪت سان اسان جي معذور ٻار کي شِفا عطا فرمائي. جڏهن ڏاڙيلن اهو ٻُڌو ته انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا، روئندي انهن چيو، اهو سڀ توهان جي سٺي گمان جونتيجو آهي، نه ته اسان ته سخت گناهگار آهيون، ٻُڌو اسان راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ جا مسافر نه پر ڏاڙيل آهيون، اللهعَزَّوَجَلَّ

جي هن ڪرم نوازيءَ اسان جي دل جي دنيا کي بدلائي ڇڏيو آهي. اسان توهان کي گواهه بڻائي ڪري توبهه تا ڪريون. پوءِ انهن توبهه ڪري نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين توبهه تي ثابت قدم رهيا. (ڪتاب القليوبي ص 20)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جون ڪيڏيون نه بهارون آهن، هي به معلوم ٿيو ته مسلمان تي سني گمان جون به برڪتون آهن، هي به معلوم ٿيو ته مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي، هي به خبر پئي ته فيض حاصل ڪرڻ لاءِ اعتقاد پڪو هئڻ گهرجي. ڪچي يقين وارو نه هجي، مثلاً ڪو هي سوچيندو هجي ته فلاڻي بزرگ کان يا فلاڻي وليُّ الله جي مزار تي حاضري ڏيڻ سان فائدو ٿيندو يا نه ٿيندو وغيره. اهڙو شخص فيض نه تو حاصل ڪري سگهي. ڳڻوڳڏ فيض ملڻ ۾ وقت جي ڪو قيد ناهي پنهنجو پنهنجو مقدر هوندو آهي ڪنهن کي فورًا فيض ملي ويندو آهي ڪنهن جو ورهين تائين ڪم ناهي ٿيندو، ڪم ٿئي يا نه ٿئي ”يڪ درگير و محڪم گير“ يعني هڪ دروازو پڪڙ ۽ مضبوطيءَ سان پڪڙ، جي مثال وانگر پيو رهڻ گهرجي.

کوئی آیا پا کے چلا گیا کوئی عُمر بھر بھی نہ پاسکا

مرے مولیٰ تجھ سے گِلہ نہیں یہ تو اپنا اپنا نصیب ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴾91﴿ مفلوج جي هٿو هٿ تندرستي

اَلحَمــدُلله عَزَّوَجَلَّ صلوٰة و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ مسجدن ۾ اجتماعي اعتڪاف جو سلسلو هوندو آهي، جنهن ۾ معتڪفين جي سنّتن پري تربيت ڪئي ويندي آهي. معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو اعتڪاف ۾ گناهن کان تائب ٿي زندگي جي نئين دؤرجو آغاز ڪندا آهن.ڪڏهن ڪڏهن رب ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان ايمان افروز ڪرشما بہ ظاهر ٿيندا آهن، جيئن تہ رمضان المبارڪ **1425**هـ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي** ۾ جتي تقريبًا **2000** معتڪفين هئا، انهن ۾ ضلعي چڪوال (پنجاب) جا **77** ورهين جا پيرسن بزرگ حافظ محمّد اشرف صاحب بہ معتڪف ٿي ويا، حافظ صاحب جي هٿ ۽ زبان تي فالج جو اثر هيو ۽ ٻُڌڻ جي قوت بہ جواب ڏئي چُڪي هئي، هو ڏاڍا خوش عقيدا هئا، انهن هڪ پيري افطار جي ڪاڏي ۾ تمام سني گمان سان هڪ مبلغ جو اوبر وارو ڪاڏو ڪٽي ڪاڏو ۽ انهيءَ کان دم بہ ڪرايو، بس سندن سني گمان ڪم ڪري ڏيکاريو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪي جوش آيو، الله عَزَّوَجَلَّ ڪين تندرست ڪري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سندن فالج واري بيماري ختم ٿي وئي، انهن

هزارين اسلامي ڀائرن جي موجودگيءَ ۾ فيضانِ مدينه جي منچ (يعني اسٽيج) تي چڙهي ڪري وڏي عقيدت سان پنهنجي صحتمند ٿيڻ جي بشارت ٻُڌائي. اها دل خوش ڪندڙ خوشخبري ٻُڌي ڪري فَضا "الله، الله، الله، الله عَزَّوَجَلَّ" جي پُرڪيف صدائن سان گونجڻ لڳي، انهن ڏينهن ۾ ڪيترن ئي مقامي اخبارن هن فرحت بخش خبر کي شايع ڪيو.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ یااللہ مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سيد صاحب کي نوڪر رکڻ ڪيئن آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ بابرڪت ۽ انهن جي اوبر ڪائڻ ۾ شفاءِ ۽ صحت جو سبب آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن سيّد زادن جي عظمت ۽ مسلمان جي اوبر وارو ڪاڏو ڪائڻ جي برڪت جي متعلق فرمائن ٿا، "سيّد زادي کان ذلت واري خدمت وٺڻ جائز ناهي ۽ اهڙي خدمت تي ان کي نوڪر رکڻ به ناجائز آهي." جنهن خدمت ۾ ذلت ناهي ان تي ملازم رکي سگهجي ٿو. سيّد زادي کي مارڻ کان استاد مڪمل طور تي بچي. باقي رهيو مسلمان جي اوبر، اها ڪائڻ (۾) ڪا ذلت ناهي، حديثِ پاڪ ۾ ان کي شفا فرمايو ويو. (ڪشف الخفاء ج1 ص 384 حديث 1403) اها (اوبر) جيڪڏهن سيّد زادو گهري ته ان کي انهيءَ (يعني مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي) هن نيّت سان ڏني وڃي، پنهنجي اوبر ڏئي رهيو آهيان ان نيّت سان نه ڏجي

(ازافادات فتاويٰ رضويه ج 22 ص 568)

## ﴿92﴾ جنهن کي خدا رکي ان کي ڪير چکي

**حضرت سيِّدُنا علي بن حرب** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّبّ بيان فرمايو ته مان ۽ ڪجھ نوجوان مَوصِل جي ڪناري تان هڪ ٻيڙيءَ ۾ ويٺاسين، ٻيڙي ڏهن وچ ۾ پهتي ته هڪ مڇي درياهه مان ٽپو ڏئي ٻيڙي ۾ اچي وئي، پاڻ ۾ مشورو ڪري پُڇي ڪري ڪاٺڻ جي لاءِ ٻيڙي جڏهن هڪ ڪناري تي لڳائي وئي ۽ باهه ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون جمع ڪيون پئي ويون ته ان دوران اسان ويراني ۾ هڪ ڏڪائيندڙ منظر ڏٺو، چا تا ڏسون ته پراڻن ڪندرن ۽ قديم گهرن جا نشان آهن ۽ هڪ شخص ليٽيل آهي جنهن جا ٻئي هٿ پُنيءَ جي پويان ٻَڌل آهن ۽ اتي هڪ ٻيو شخص ذبح ٿيل پيو آهي ۽ پرسان ئي سامان سان ستيل هڪ خچر بيٺو آهي، اسان ٻَڌل شخص کان مُعاملو پُڇيو، ان چيو، مون هن ذبح ٿيل شخص جو خچر ڪرائي تي ورتو هو، هي مون کي رستي تان ڀٽڪائي هتي وٺي آيو ۽ منهنجون ٻانهون ٻَڌي چڏيائين ۽ چيائين ته مان توکي قتل ڪندس، مون ان کي خدا جو واسطو ڏنو ۽ چيم منهنجي قتل جو گناهه پاڻ تي نه کڻ، بيشڪ هي سجو سامان تون کڻ، مون هي تنهنجي لاءِ مباح (يعني جائز) ڪيو، مان ان جي ڪنهن سان بہ شڪايت نه ڪندس، پر هو پنهنجي ارادي تي بيٺو رهيو ۽ مون کي مارڻ جي لاءِ ان پنهنجي چيلهه سان ٻَڌل ڇُرو ڪڍيو پر اهو نه نڪتو ان تي هن جڏهن گهڻو زور لڳايو ته اهو ڇُرو نڪري ڪري هڪدم جهٽڪي سان ان جي ڳلي تي اچي لڳو، ۽ ائين هو پنهنجو پاڻ ذبح ٿي ويو ۽ تڙپي تڙپي مري ويو، اهو ٻُڌڻ ڪانپوءِ

اسان ان کي ڪولي ڇڏيو ۽ اهو شخص خچر ۽ پنهنجو سامان کڻي ڪري پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. پوءِ اسان ٻيڙيءَ ۾ آياسين تہ جيئن ﭘُڄڻ لاءِ مڇي ڪيون تہ اها ٽپو ڏئي درياهہ ۾ وڃي ﭼُڪي هئي.

(روض الرياحين ص 139)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا جنهن کي خدا رکي ان کي ڪير چکي!** الله عَزَّوَجَلَّ جي شانِ بي نيازي ۽ ڪرم نوازي بہ ڇا خوب آهي! ظالم ڦورو ڀاڻ پنهنجي هٿان ئي ذبح ٿي ڪري ڪيفرِ ڪردار (يعني پنهنجي سزا) کي پهتو ۽ بَدَل شخص کي ڇڏائڻ جي لاءِ درياهہ مان ٽپو ڏئي مڇي ٻيڙيءَ ۾ پهتي ۽ پُڄي ڪري کائڻ جي خواهش جي سبب قافلو ڪناري تي لٿو پر مڇي کائڻ انهن جي مقدر ۾ ڪٿي! هي تہ بَدَل مظلوم شخص جي مدد لاءِ اچڻ، ان جي رسي کولڻ جو ثواب ڪمائڻ ۽ قدرت جي ڪرشمي جي عظمت ظاهر ڪرڻ جا بهانا هئا.

جلوے ترے گلشن گلشن، سَطوَت تری صحرا صحرا
رحمت تری دریا دریا، سُبحٰنَ اللہ سُبحٰنَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿93﴾ روزيءَ جو وسيلو

**مسجد الحرام** شريف **(مڪهءِ مڪرمه)** ۾ هڪ عابد (عبادت گذار) شخص سڄي رات عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽ ڏينهن جو روزو رکندو هو، روزانو هڪ شخص کيس ٻہ مانيون ڏئي ويندو هو، جنهن سان هو افطار ڪندو هو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تائين عبادت ۾

لڳي ويندو هو. هڪ ڏينهن ان جي دل ۾ خيال آيو ته هي ڪهڙو توڪل آهي، جو مان ته هڪ انسان جي ڏنل مانيءَ تي ڀروسو ڪري وينو آهيان! ۽ مخلوق جي رزاق عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ناهي ڪيو، شام جو جڏهن ماني کڻي اچڻ وارو آيو ته عابد ڪيس واپس ڪري ڇڏيو، اهڙيءَ ريت ٽي ڏينهن گذري ويا، جڏهن بُک جو غلبو ٿيس ته پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي فرياد ڪيائين، رات جو خواب ۾ ڏٺائين ته هو الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ حاضر آهي ۽ الله تعاليٰ فرمائي ٿو، مان پنهنجي ٻانهي جي ذريعي جيڪو ڪجهه موڪليندو هئس تون اهو ڇو واپس ڪيو؟ عابد عرض ڪيو مولا منهنجي دل ۾ خيال آيو ته تو کان سواءِ ٻئي تي ڀروسو ڪري وينو آهيان. رب تعاليٰ فرمايو اهي مانيون ڪير موڪليندو هو؟ عابد عرض ڪيو ته يـا الله عَزَّوَجَلَّ تون ئي موڪلڻ وارو آهين. حڪم ٿيو! ته هاڻي مان موڪليان ته واپس نه موٽائجانءِ، انهيءَ خواب ۾ هي به ڏٺو ته مانيون آڻڻ وارو شخص رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ حاضر آهي، الله تعاليٰ کانئس پُڇيو تون هن عابد کي مانيون ڏيڻ جو بند ڪيون؟ ان عرض ڪيو اي مالڪ ۽ مولا! توکي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي. پوءِ پُڇيائين اي ٻانها! اهي مانيون تون ڪنهن کي ڏيندو هئين؟ عرض ڪيائين مان ته توکي (يعني تنهنجي راهه ۾ ڏيندو هئس) ارشاد ٿيو تون پنهنجو عمل جاري رک، منهنجي طرفان تنهنجي لاءِ ان جي بدلي ۾ جنّت آهي.

(روض الرياحين ص67)

**بنا گهرڻ جي ملي ته..........**
**مدينـــــــــــــــــه**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارن جو انداز به خوب هوندو آهي، الله **رب العٰلمين** جل جلاله عبادت گذار ٻانهن تي خوب نوازشون فرمائيندو آهي ۽

انهن جي لاءِ عالمِ غيب مان سبب مُهيا ڪندو آهي. جڏهن ٻين جي مال جو حرص ۽ لالچ نہ هجي، ڏيڻ وارو احسان ورجائڻ وارو نہ هجي، جنهن ڪان ورتو هجي ان جي دل خوش ٿيڻ جي اميد هجي، جنهن ڏنو ان جي دل ۾ ونڻ واري جي عزت ۾ گهٽتائي اچڻ جو امڪان نہ هجي، ونڻ جي صورت ۾ ڏيڻ واري يا ڏسڻ واري جي نظر ۾ ڪنهن قسم جي تذليل جو شڪ شبهو نہ هجي، مطلب تہ ڪا شرعي رڪاوٽ نہ هجي تہ بنا گهرڻ جي جيڪو ملي اهو قبول ڪرڻ گهرجي. جيئن تہ حضرت سيّدُنا خالد بن عَدي جُهني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ مون تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو تہ جنهن کي ان جي ڀاءُ جي ذريعي ڪا شيءِ بنا گهرڻ ۽ بنا حرص جي ملي تہ ان کي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ موٽائڻ نہ گهرجي جو اهو تہ رزق آهي جيڪو ان کي الله عَزَّوَجَلَّ (ڪنهن ٻئي جي ذريعي) موڪليو. (مُسند امام احمد ج 6 ص 676 حديث 17958) معلوم ٿيو تہ بنا سوال ڪرڻ جي ملڻ واري شيءِ ونڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ ان شيءِ ڏانهن ان کي حرص ۽ لالچ نہ هجي پر جيڪڏهن غني آهي تہ ڏيڻ واري جي دل رکڻ جي لاءِ ورتائين پر ونڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ان شيءِ جي ان کي ضرورت نہ هجي تہ ڪنهن ٻئي کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏي يا صدقو ڪري ڇڏي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا عائذ بن عَمرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ نبيِّ ڪريم، رؤف رحيم، محبوب ربِّ عظيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشّان آهي تہ جنهن کي ان رزق مان بنا گهرڻ يا بغير حرص جي ڪجهہ ملي تہ ان کي دل سان قبول ڪرڻ گهرجي ۽

جيڪڏهن غني هجي تہ (قبول ڪري) پاڻ کان وڌيڪ ضرورتمند ڏانهن موڪلي ڇڏي.

(مُسند امام احمد ج 7 ص 362 حديث 2673)

## تحفو يا رشوت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تحفو قبول ڪرڻ سنّت آهي پر ياد رهي تہ تحفو وٺڻ ۽ ڏيڻ جون مختلف صورتون آهن، هر تحفو قبول ڪرڻ هرگز سنّت ناهي. حضرت سيّدُنا امام بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی پنهنجي ”صحيح بخاري“ ۾ باقاعده هڪ باب رکيو آهي، جنهن جو نالو آهي ” بَابُ مَنْ لَّمْ يَقْبَلِ الْهَدِيّةَ لِعِلَّةٍ “ يعني ”ان شخص جي باري ۾ باب جنهن ڪنهن سبب کان تحفو قبول نہ ڪيو.“ هن باب ۾ سيّدُنا امام بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی تعليق ڪئي (يعني ابتدائي سند کان راوي کي ساقط ڪري حديث بيان ڪرڻ) حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو، ”حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتي مبارڪ ۾ تہ تحفو تحفو ئي هو پر اڄڪلهہ رشوت آهي.“ (صحيح بخاري ج2 ص 174)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿94﴾ صوفن جا ٿالهہ

هن روايت جي شرح ڪندي حضرت علامہ بدرالدين عيني حنفي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حضرت سيّدُنا فُرات بن مُسلِم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي سند سان روايت بيان فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي صوف کائڻ جي خواهش ٿي پر گهر ۾ ڪا

اهڙي شيءِ نہ ملي جنهن جي بدلي ۾ صوف خريد ڪري سگهجن، پوءِ اسان ساڻن گڏ سوار ٿي ڪري نڪتاسين. ڳوٺ جي طرف ڪجهہ ڇوڪرا مليا جيڪي صوفن جا ٿالهہ (تحفي ۾ پيش ڪرڻ لاءِ) کنيون بيٺا هئا، سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ٿالهہ کڻي ڪري سنگهيو ۽ پوءِ واپس ڪري ڇڏيائون، مون کين ان جي باري ۾ عرض ڪيو تہ فرمايائون مون کي ان جي ضرورت ناهي، مون عرض ڪيو ڇا سيِّدُنا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، سيِّدُنا ابوبڪر صديق اڪبر ۽ سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا تحفو قبول نہ فرمائيندا هئا؟ ارشاد فرمايائون، بيشڪ هي انهن جي لاءِ تحفا ئي هئا پر انهن کان بعد جي عُمّال (يعني حاڪمن يا سندن نمائندن) جي لاءِ رشوت آهن.

(عمدة القاري ج9 ص 418)

## ڪير ڪنهن جو تحفو نہ وٺي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تحفي جا صوف قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڄاڻيندا هئا تہ هي تحفو وقت جي خليفي جي حيثيت سان ڏنو پيو وڃي، جيڪڏهن مان خليفو نہ هجان ها تہ ڪو ڇو ڏئي ها؟ ۽ هيءَ ڳالهہ تہ هر عقلمند ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن يا ٻين سرڪاري آفيسرن ۽ چونڊيل نمائندن گڏوگڏ جج صاحبن، ايتري تائين جو پوليس وغيره کي ماڻهو جو تحفا ڏيندا آهن ۽ انهن جون ڪهڙي سبب کان خصوصي دعوتون ڪندا آهن. ظاهر آهي يا تہ

”ڪم“ ڪڍڻ مقصد هوندو آهي يا هي ذهن هوندو آهي تہ آئنده ان ڪم جي ضرورت پوڻ جي صورت ۾ آسانيءَ سان ترڪيب بڻجي ويندي، انهن ۾ سببن جي ڪري اهڙن ماڻهن کي تحفو ڏيڻ ۽ انهن جي خصوصي دعوت ڪرڻ رشوت جي حڪم ۾ آهي ۽ رشوت ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو جهنم جو حقدار آهي. اهڙي موقعي تي عيد جي خرچي، منائي، چانهہ، پاٽي يا خوشيءَ سان پيش ڪري رهيو آهيان، محبت ۾ ڏئي رهيو آهيان وغيره جهڙا خوبصورت لفظ رشوت جي گناهہ کان نہ ٿا بچائي سگهن. جيتوڻيڪ واقعي اخلاص سان پيش ڪيا ويا هجن ۽ رشوت جي ڪا صورت نہ بڻجندي هجي تڏهن بہ اهڙن جو پنهنجي ماتحتن کان تحفو يا خصوصي دعوت قبول ڪرڻ ”**مَظِنَّۂِتُهمت**“ يعني تهمت جي جڳهہ تي بيهڻ جي برابر آهي. جڏهن تہ سردارِ مڪہءِ مُڪَرمہ، سلطانِ مدينہءِ مُنَوره صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حفاظت نشان آهي تہ جيڪو الله تعاليٰ ۽ آخرت تي ايمان رکندو هجي اهو تهمت جي جڳهہ تي نہ بيهي. (ڪشف الخفاء ج 2 ص 227حديث 2499) ان لاءِ هتي تهمت جي جڳهہ کان بچڻ واجب آهي، تنهنڪري ڏيڻ بہ ناجائز ۽ وٺڻ بہ ناجائز. ها جيڪڏهن عهدو ملڻ کان اڳ ئي پاڻ ۾ تحفن جي ڏي وٺ ۽ خصوصي دعوت جي ترڪيب هئي تہ هاڻي حرج ناهي، پر پهريان گهٽ هو ۽ هاڻي مقدار وڌايو ويو تہ واڌارو حصو ناجائز ٿي ويندو. جيڪڏهن ڏيڻ وارو پهريان جي نسبت مالدار ٿي ويو آهي ۽ ان هن سبب کان وڌايو آهي تہ وٺڻ ۾ حرج ناهي. اهڙيءَ ريت پهرين جي مقابلي ۾ هاڻي جلدي جلدي خصوصي دعوت ٿيڻ لڳي آهي تڏهن بہ ناجائز آهي. جيڪڏهن ڏيڻ

وارو ذَوِالارحَام يعني رت جي رشتيدارن مان آهي تہ ڏيڻ وٺڻ ۾ حرج ناهي. (والدين، ياءُ، ڀيڻ، نانو، ناني، ڏاڏو، ڏاڏي، پٽ، ڌيءُ، چاچو، مامو، ماسي، پڦي، وغيره مُحَرَمُ رشتيدار آهن جڏهن تہ پڦڙ، پيٽويو، چاچي، سوٽ، پڦات، ماسات، ماروٽ وغيره ذي رحم يعني محرم رشتيدارن مان خارج آهن) مثال طور پٽ يا پائٽيو جج آهي ان کي پيءُ يا چاچي تحفو ڏنو يا خصوصي دعوت ڪئي تہ قبول ڪرڻ جائز آهي. ها فرض ڪريو پيءُ جو ڪيس جج پٽ وٽ هلي رهيو آهي تہ هاڻي مظنۀ تهمت يعني تهمت جي جڳهہ تي بيهڻ سبب ناجائز آهي. بيان ڪيل احڪام صرف سرڪاري ماڻهن لاءِ ئي نہ آهن، هر سماجي، سياسي، مذهبي ليڊر ۽ اڳواڻ جي لاءِ بہ آهن ايتري تائين **جو دعوتِ اسلامي جي تمام تنظيمي مجلسن جا تمام نگران ۽ ذميدار بہ پنهنجي پنهنجي ماتحتن کان تحفو يا خصوصي دعوت قبول نہ ٿا ڪري سگهن.** ننڍو ذميدار پاڻ کان وڏي ذميدار کان قبول ڪري سگهي ٿو. مثال طور دعوتِ اسلاميءَ جي مرڪزي مجلس شوريٰ جو رڪن نگران شوريٰ کان قبول ڪري سگهي ٿو، پر ٻين دعوتِ اسلاميءَ وارن کان قبول نہ ٿو ڪري سگهي ۽ نگران شوريٰ پنهنجي ڪنهن بہ ماتحت دعوتِ اسلاميءَ واري جو تحفو نہ ٿو وٺي سگهي، مدرس (يعني استاد) پنهنجي شاگردن يا ان جي سرپرست جو بنا اجازت شرعي تحفو نہ ٿو وٺي سگهي. ها تعليم کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن شاگرد تحفو يا خصوصي دعوت ڏي تہ قبول ڪري سگهي ٿو. اهي علماء و مشائخ جن کي ماڻهو علم ۽ فضل جي سبب نذرانا پيش ڪندا آهن ۽ اهي قبول بہ ڪندا آهن ۽ ماڻهو انهن

تي رشوت جي تهمت بہ نہ ٿا لڳائن جيئن تہ اهڙن ماڻهن جو تحفو قبول ڪرڻ مَظِنَّۂِ تُهمت کان خارج هجڻ جي ڪري جائز آهي. منا منا اسلامي ڀائرو! تحفي ۽ رشوت جي متعلق اهم سوال ۽ جواب حاضر آهن. ٿي سگهي تہ انهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا غور سان پڙهي يا ٻُڌي وٺو.

**سوال** : ڇا تحفو قبول ڪرڻ سنّت ناهي؟

**جواب** : بيشڪ تحفو قبول ڪرڻ سنّت آهي پر ان جون صورتون آهن، جيئن تہ علّامہ بدرالدين عيني حنفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ” نبيِّ رحمت، شفيعِ امت، مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ الفت نشان آهي، ”تحفي جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪريو، محبت وڌندي.“(مجمع الزوائد ج4 ص 260 حديث 6716) هي ان جي حق ۾ آهي جنهن کي مسلمانن تي عهديدار نہ بڻايو ويو هجي ۽ جنهن کي مسلمانن تي عهدو ڏنو ويو هجي جيئن قاضي يا والي ، تہ هاڻي ان کي تحفو قبول ڪرڻ کان بچڻ ضروري آهي، خصوصًا ان کي جنهن کي ڀيريان تحفا نہ پيش ڪيا ويندا هجن چو تہ ان جي لاءِ هاڻي هي تحفو رشوت ۽ ناپاڪيءَ جي قسم مان آهي. (البناية شرح الهدايه ج8 ص 244)

## عارضي طور تي اسڪوٽر وٺڻ

**سوال** : عهديدار پنهنجي ماتحت کان قرض جي طور تي ڪا رقم يا عارضي طور تي ڪار، اسڪوٽر يا سائيڪل وغيره وٺي سگهي ٿو يا نہ؟ گڏوگڏ هي بہ ارشاد فرمايو تہ پنهنجي ماتحت کان

ڪا شيءِ ڪنهن حيلي سان سستي خريد ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب** : **عهديدار** پنهنجي ماتحت کان نہ قرض وٺي سگهي ٿو نہ عرف ۽ عادت کان هٽي ڪري خريد و فروخت ڪري سگهي ٿو، نہ ئي عارضي طور تي استعمال جي لاءِ شيون وٺي سگهي ٿو، ماتحت پاڻ آڇ ڪري تڏهن بہ نہ ٿو وٺي سگهي. جيئن علامہ شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ” عهديدار ڪي جنهن جنهن جو تحفو قبول ڪرڻ حرام آهي، ان کان قرض ۽ ڪا (بہ) شيءِ اڌار طور گهرڻ (يعني ڪجهہ مدت جي لاءِ ڪا شيءِ گهرڻ ) بہ حرام آهي.“ (ردالمحتار علي الدُّرُ المختار ج8 ص 48)

**سوال** : ڇا تحفن جي باري ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ ڪجهہ رهنمائي فرمائي آهي؟

**جواب** : منهنجا آقا **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين وملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت ،پير طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ و مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن، فرمائن ٿا، ”مان چوان ٿو انهن جو مثال ڳوٺاڻن ۽ ڪاروبار ڪرڻ وارن چوڌرين جهڙو آهي جن ڪي پنهنجي ماتحتن تي تسلط ۽ غلبو هوندو آهي، ڇو تہ انهن چوڌرين جي شر جي خوف يا رواج جي سبب انهن ڪي تحفا ملندا آهن. (فتاويٰ رضويه ج19 ص 446) معلوم ٿيو تہ تحفا قبول ڪرڻ جي منع صرف سرڪاري عهديدارن جي لاءِ ئي ناهي بلڪ هران شخص جي لاءِ بہ آهي جيڪو پنهنجي عهدي يا دبدبي جي سبب ماڻهن کي نفعو يا نقصان پهچائڻ جي طاقت رکندو هجي.

# دعوتن جا ٻہ قسم

**سوال** : ”خصوصي دعوت“ چا کي چوندا آهن؟

**جواب** : خصوصي دعوت يعني اها دعوت جيڪا ڪنهن خاص ماڻهو جي لاءِ رکي وڃي جو جيڪڏهن اهو اچڻ کان انڪار ڪري تہ دعوت منعقد ئي نہ ٿئي.

**سوال** : ”عمومي دعوت“ جو مطلب بہ ارشاد فرمايو؟

**جواب** : عمومي دعوت يعني اها دعوت جيڪا ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي لاءِ نہ هجي جو فلاڻو نہ اچي ها تہ اها دعوت ئي نہ رکي وڃي ها.

**سوال** : جيڪڏهن ماتحت عهديدار کي خصوصي دعوت ڏني ۽ يارهين شريف جي نيّت ڪري ڇڏي تہ پوءِ بہ ناجائز آهي؟

**جواب** : جي ها. جو تہ هي واضح آهي تہ عهديدار شريڪ ٿيڻ جي حامي نہ ڀري تہ يارهين شريف جو نياز نہ ڪيو ويندو، ها جيڪڏهن نياز ڪيو آهي ۽ ان ۾ عهديدار کي بہ دعوت آهي ۽ هي طئي آهي تہ اهو اچي يا نہ اچي نياز جو سلسلو رهندو تہ اهڙي دعوت جائز آهي، جو تہ اها ”عمومي دعوت“ آهي، پرعمومي دعوت ۾ بہ عهديدارکي جيڪڏهن ٻين جي مقابلي ۾سنيون غذائون ڏنائين تہ ناجائز آهي. مثال طور عام مهمانن کي تنور جي ماني ۽ ڳئونءَ جي گوشت جي ڀاڄي ڏنائين پر عهديدار جي خدمت ۾شيرمال ۽ ٻڪري جي گوشت جو قورمو حاضر ڪيائين تہ ائين ڪرڻ ناجائز آهي.

**سوال**: آفيسرڪان ان جو ماتحت تحفو قبول ڪري سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب** : قبول ڪري سگهي ٿو.

**منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي جاري ڪيل هن مبارڪ فتويٰ کي جيڪڏهن اسان گهٽ۾گهٽ ٽي پيرا غورسان پڙهنداسين يا ٻُڌنداسين ته اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تحفي ۽ رشوت جو فرق سمجهه ۾ اچي ويندو ته ڪير ڪنهن ڪنهن کان تحفو قبول ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن ڪنهن کان نه. جيئن ته منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا، ” جيڪوشخص پاڻمرادو يا حڪمران جي طرف کان ڪنهن به طرح جو غلبو يا طاقت رکندو هجي. جنهن سبب ماڻهن تي ان جو ڪجهه دٻاءُ هجي جيتوڻيڪ هو ذاتي طورتي انهن تي جبر ۽ زيادتي نه ٿو ڪري ۽ دٻاءُ به نه ٿو وجهي جيتوڻيڪ هو ڪنهن قطعي فيصلي ڪرڻ يا غير قطعي فيصلي ڪرڻ جو به مجاز (يعني با اختيار) به نه هجي، جيئن ڪوتوال، ٺاڻيدار، جمعدار، يا ڳوٺاڻن لاءِ زميندار، مقدم يعني ٽيپدار ايتري تائين جو پنچائتي قومن يا ڪمن لاءِ انهن جا چوڌري، انهن سيني کي ڪنهن به قسم جا تحفا وٺڻ يا خصوصي دعوت قبول ڪرڻ جي بلڪل اجازت ناهي پر ٽن صورتن ۾ پهرين آفيسر (**يعني پاڻ کان وڏي عهديدار** )کان جنهن تي هن جو دٻاءُ ناهي، نه اتي هي خيال ڪيو ويندو آهي ته ان جي طرف کان هي

تحفو يا دعوت پنهنجي معاملن ۾ رعايت ڪرائڻ لاءِ آهي، ٻئي اهڙي شخص کان جيڪو ان جي عهدي کان اڳ ان کي تحفو ڏيندو هو يا دعوت ڪندو هو بشرطيڪ هاڻي به انهيءَ مقدار تي آهي. نه ته اضافو جائز نه هوندو، مثلاً پهريان تحفي ۽ دعوت ۾ جنهن قيمت جي شيءِ هوندي هئي هاڻي ان کان قيمتي (۽) پُرتڪلفّ ٿيندي آهي يا تعداد ۾ وڌي وئي يا جلدي جلدي ٿيڻ لڳي جو هنن سڀني صورتن ۾اضافو موجود آهي ۽ جائز هئڻ جي صورت ناهي ،پر جڏهن ان شخص جو مال اڳي کان ان اضافي جيترو وڌي ويو هجي. (يعني ڏيڻ وارو وڏيڪ مالدار ٿي ويو هجي) جنهن مان سمجهيو وڃي ته اهو اضافو ان شخص جي عهدي جي سبب نه بلڪ پنهنجي دولت وڌڻ جي سبب آهي. ٽئين پنهنجي ويجهو وارن محرمن کان جيئن ماءُ پيءُ، اولاد، ڀيڻ، ڀاءُ (پر) چاچي مامي ماسي پڦيءَ جا پٽ نه، جو ته اهي محرم ناهن جڏهن ته عرف جي طور انهن کي ڀاءُ چيو ويندو آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا ته سو جتي جتي منع آهي ان جو بنياد رُڳو تهمت ۽ رعايت جي امڪان تي آهي، حقيقي طور تي رعايت جو ملي وڃڻ ضروري ناهي جو ان جو پنهنجي عمل ۾ تبديلي نه آڻڻ يا ان جي مخلصانه عادت کان آگاهه هجڻ جائز ٿي وڃڻ لاءِ دليل ٿي سگهي. دنيا جا ڪم اميد تي ئي هلندا آهن جڏهن هو دعوت ۽ تحفا قبول ڪندو رهندو ته ضرور خيال ٿيندس ته شايد هن ڀيري ڪجهه اثر پوي جو مفت مال ڏيڻ جي تاثيرآزمايل آهي، اُن ڀيري نه ٿي ته هِن ڀيري ٿيندي، هِن ڀيري نه ٿي ته وري ڪڏهن ٿيندي، ۽ هي حيلو ته

ان جو تحفو ۽ دعوت عهدي جي لحاظ کان نہ بلڪ انساني اخلاق جي بنياد تي آهي، (تہ) ان جو رد پاڻ حضورِ اقدس **سيّد المرسلين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي چُڪا آهن، ”جڏهن هڪ شخص کي زڪواة وٺڻ تي مقرر فرمائي ڪري موڪليو هئائون، ان زڪواة جو مال حاضر ڪيو ۽ ڪجهہ مال جدا رکيو تہ هي مون کي مليو آهي، فرمايائون پنهنجي ماءُ جي گهر ويهي ڪري ڏسين ها تہ هاڻي توکي ڪيترا تحفا تا ملن! يعني اهي تحفا رُڳوانهيءَ عهدي جي ڪري آهن، جيڪڏهن گهر وينو هجين ها تہ (توکي) ڪير اچي ڏئي وڃي ها؟“

**(صحيح مسلم ص 1019حديث 1832، فتاويٰ رضويه ج 18 ص 171،170)**

**سوال** : جيڪڏهن شاگرد پنهنجي استاد کي تحفو پيش ڪري تہ قبول ڪري يا نہ؟

**جواب** : قرآنِ پاڪ يا درسِ نظامي يا بيا علم پڑهائڻ وارن کي بہ شاگردن جي طرفان ڏنل تحفا قبول ڪرڻ ۾ نهايت احتياط جي ضرورت آهي ڇو تہ مدرس بہ ڪجهہ مسلمانن (مثلاً شاگردن) جي ڪمن تي والي **(يعني حڪمران)** هوندا آهن. عهديدار جي وضاحت ڪندي حضرت علامہ شامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ” ۽ عهديدارن ۾ بازارن ۽ شهرن جا عهديدار، اوقاف جا مُعاملا هلائڻ وارا ۽ هر اهو شخص شامل آهي جيڪو ڪنهن اهڙي مُعاملي ۾ عهديدار هجي جيڪو مسلمانن سان تعلق رکندو هجي. **(ردالمحتار ج 8 ص 50)** جاڻايل عبارت جي روشنيءَ ۾ استاد بہ هڪ طرح جو عهديدار آهي ڇو تہ

شاگردن جي مدرسي ۾ داخلا برقرار رهڻ اڪثراستاد جي ئي مهرباني تي هوندي آهي، استاد ان کي بي قاعدگين تي ڪلاس مان ڪڍي سگهي ٿو، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته داخلا بہ منسوخ (يعني رد) ڪرائي سگهي ٿو يا منسوخ ڪرڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو. ائين ئي امتحانن ۾ ٿيندڙسوالن جي پرچن کي وقت کان اڳ ظاهر ڪرڻ ، امتحانن جي نتيجن ۾ سنا نمبر ڏيڻ يا ناڪام(Fail) ڪري ڇڏڻ بہ استاد جي هٿ ۾ هوندو آهي، ڪيترائي شاگرد اهڙا بہ هوندا آهن جن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق گهٽ هوندوآهي، جڏهن تہ اهي بد اخلاقين ۽ بي قاعدگين ۾ اڳيان اڳيان هوندا آهن، جيئن تہ اهي پنهنجي تعليمي صلاحيتن کان استاد کي خوش ناهن ڪري سگهندا ان لاءِ اهي وقتاً فوقتاً تحفا پيش ڪندا آهن. دعوتون ڪرائيندا آهن، تہ جيئن انهن کي نہ مدرسي مان ڪڍيو وڃي ۽ نہ ئي ناڪام (Fail) ڪيو وڃي، تنهنڪري استادن کي گهرجي تہ ان قسم جي شاگردن جا تحفا ۽ دعوتون قبول نہ ڪن ۽ جيڪڏهن معلوم ٿي وڃي تہ هي تحفو يا دعوت خاص انهيءَ لاءِ ڪئي وئي آهي تہ ڄاڻايل قسم جي شاگردن جو ڪم ٻڌجي وڃي، ۽ اهي واقعي ان جو ڪم ٻڌائي سگهن ٿا يا ڪم ٻڌائڻ جو ذريعو ٻڌجي سگهن ٿا، تہ پوءِ قبول ڪرڻ حرام ۽ جهنم۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي،" **شامي**" ۾ آهي اهڙيءَ ريت عالم کي جڏهن سفارش يا ظلم کي دور ڪرڻ جي لاءِ تحفو ڏنو وڃي تہ اها رشوت آهي، جيڪوحڪم مدرس جو بيان ٿيو اهو ئي هر منتظم جو آهي، چاهي ڪنهن اداري جو هجي يا جماعت جو، چاهي

خالص مذهبي جماعت هجي يا سياسي، چو ته ڪنهن نه ڪنهن اعتبار ڪان هو به مسلمانن جي ڪيترن مُعاملن تي عهديدارهوندا آهن ۽ انهن جي قلم جي حرڪت ۽ زبان هلائڻ سان بيشمار ماڻهن ڪي فائدو ۽ نقصان پهچندو آهي، تنهنڪري انهن ماڻهن ڪي به تحفو ۽ دعوت قبول ڪرڻ ۾ نهايت احتياط جي ضرورت آهي. (رد المحتار ج 9ص 607)

## تحفو موٽائي ڏيڻ جون ٻه حڪايتون

﴿1﴾ حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ڪان منقول آهي ته حضرت سيّدُنا شفيق بلخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي تحفي ۾ ڪپڙو پيش ڪيو ته پاڻ مون کي واپس موٽائي ڏنائون، مون عرض ڪيو، سائين! مان توهان جو شاگرد ناهيان، فرمايائون مون کي معلوم آهي پر توهان جي ڀاءُ ته مون ڪان حديث پاڪ ٻُڌي آهي، مون کي خوف آهي ته ڪٿي منهنجي دل توهان جي ڀاءُ جي لاءِ ٻين جي نسبت گهٽي نرم نه ٿي وڃي. (حلية الاولياء ج7 ص 3 حديث 9302)

﴿2﴾ هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دوست جي پٽ حاضر ٿي ڪري ڪجهه نذرانو پيش ڪيو، پاڻ قبول ڪري ورتائون، پرٿوري دير بعد ان کي گهرايائون ۽ اصرارڪندي اهو تحفوموٽائي ڏنائون، اهوان لاءِ ڪيائون جوسندن دوستي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هئي تنهنڪري کين خوف ٿيو ته هي تحفو ڪٿي في سبيل الله دوستيءَ جو معاوضو نه ٿي وڃي!سندن شهزادا سيّدُنا مبارڪ رَحْمَةُ

رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا، ”مون عرض ڪيو بابا سائين! توهان ڪي چا تي ويو آهي؟ توهان جڏهن وني ئي چڏيوهو تہ اسان جي خاطر رکي بہ چڏيو ها! فرمايائون،“ اي مبارڪ! توهان تہ خوشي خوشي ان ڪي استعمال ڪندؤ پر قيامت جي ڏينهن سوال مون کان ٿيندو.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 408)

**سوال** : عهديدار ڪي جيڪڏهن ڪنهن ماتحت مديني شريف جون ڪارڪون يا آبِ زمزم شريف پيش ڪيو تہ وني يا نہ وني؟

**جواب** : قبول ڪري وني، جو اِن ۾ رشوت جي تهمت جو امڪان ناهي گڏوگڏ رسالن، بيانات جي ڪيسيٽن وغيره تبليغي مواد يا نعل پاڪ جي ڪاڙدن، تمام گهٽ قيمت واري تسبيح يا سستي قيمت وارا مثلاً ٻن يا ٽن روپين وارا قلم وغيره قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي جو اهي ان طرح جا تحفا ناهن، جيڪي مظنۂ تهمت بڻجن، گڏوگڏ حج يا مديني جي سفر يا شادي يا ٻارجي ڄمڻ وارن موقعن تي تحفا ڏيڻ جو رواج آهي، اهڙا تحفا بہ عهديدارپنهنجي ماتحتن کان وني سگهي ٿو، ها جيڪڏهن عرف کان وڌيڪ جو تحفو ڏنو ويو تہ نٿووني سگهي، مثلا 100 رپيا ڏيڻ جو عرف آهي ۽ 500 يا 1200 روپين جو تحفو ڏنو يا اوتري قيمت جي نوٽن جو هار پارايو تہ مظنۂ تهمت جي امڪان سبب ناجائز ٿي ويندو.[1]

[1] انهن احڪامن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي طرف کان جاري ڪيل مدني مذاڪرو نمبر 71 کان 74 جون ڪيسيٽون ٻڌو. مجلس مڪتبة المدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگيرغير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهندؤ ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪندا رهندؤ تہ اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ تمام گهڻا احڪامِ شريعت سکڻ لاءِ ملندا رهندا، مدني قافلي ۾سفر جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني قافلي جي مدني بهار ملاحظہ فرمايو. جيئن تہ

## ﴿95﴾ زنده قبر ۾ دفن ٿي ويا

**هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھہ هن طرح بيان آهي،** تہ **دعوتِ اسلامي** جي 12 عاشقانِ رسول جو سنّتن جي تربيت جو **مدني قافلو** ڪشمير جي ضلعي ”باغ“ جي علائقي نندرائي جي جامع مسجد نندرائي ۾ ترسيل هو، 3 رمضان المبارڪ 1426ھ جو جدول جي مطابق صبح جي وقت آرام جي وقفي ڪانپوءِ ”مدني مشوري“ جو وقت ٿي ويو هو، اميرِ قافلہ جي حڪم تي اٺ اسلامي ڀائر اٿي تياري ڪري رهيا هئا جڏهن تہ مون سميت چار اسلامي ڀائر سُستيءَ جي سبب مسجد سان لاڳاپيل مدرسي ۾ پنهنجي سمهڻ جي جڳھ تي ئي هئا تہ اوچتو ائين محسوس ٿيو ڄڻ اسان ريل گاڏيءَ ۾ سمهي رهيا آهيون ۽ اسان کي جهٽڪا لڳي رهيا آهن، اسان يڪدم گهبرائجي اٿي ويناسين، پٽيون ۽ در وغيره سڀ زور زور سان لڏي رهيا هئا، اسان بي اختيار ڊوڙ پاتي پر آھ! اوچتو زمين ڦاٽي ۽ اسان زور سان منهن ڀر ڪِري پياسين، اجان پاڻ کي سنڀالي ئي مس سگهياسين تہ **هڪ ڌماڪي سان** ڇت ۽ پٽيون اسان جي مٿان اچي ڪِريون، هر طرف گهگهہ اونداهي

چانئجي وئي، رهيل سهيل حواس بہ خطا ٿي ويا. آهہ! آهہ! آهہ! اسان چار ئي زندهہ قبر ۾ دفن ٿي چُڪا هئاسين! اسان گهبرايل انداز ۾ بلند آواز سان ڪلمو شريف پڙهڻ ۽ رڙيون ڪري روئڻ لڳاسين، ظاهري طور زندهہ بچي نڪرڻ جي ڪا اميد نہ رهي، تڙپندي هٿ پير هڻندي هڪ اسلامي ڀاءُ جي ڌڪ سان اوچتو هڪ پٿر هٽي ويو ۽ روشني ٿي وئي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ سوراخ مان هڪ هڪ ٿي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين، اميرِ قافلہ جي هڪدم اطاعت ڪرڻ جي برڪت سان مدني قافلي جا اٺ عاشقانِ رسول اسان کان اڳ ۾ آسانيءَ سان صحيح سلامت مسجد کان ٻاهر نڪري چُڪا هئا.

زَلزلے سے اماں، دے گا ربِّ جہاں        سب دعائیں کریں، قافلے میں چلو
ہوں بپا زلزلے، گرچہ آندھی چلے        صبر کرتے رہیں، قافلے میں چلو

**اطاعت نہ ڪرڻ جو نتيجو**

ان مان هيءَ بہ خبر پئي تہ مدني قافلي جي جدول تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان انهن اٺ اسلامي ڀائرن کي ڪا تڪليف نہ ٿي، اُهي آسانيءَ سان نڪري ويا ۽ اهي چار اسلامي ڀائر جيڪي سستي جي سبب اُونهہ ڪري پيا هئا اهي ڪجهہ دير لاءِ اجتماعي قبر ۾ زندهہ دفن ٿي ويا پر آخرڪار اهي بہ مدني قافلي جي برڪت سان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙي طرح نشانيون ڏيکاريندو آهي جو ڪو تہ موت جي منهن مان بہ صحيح سالم نڪري ايندو آهي جڏهن

تـ ڪـو هزارين قلعن ۾ لِڪـي وجي پر وقت پورو ٿي وڃڻ جي صورت ۾ موت کان نـ ٿو بچي سگهي، موت کان ڪوبہ بچي ئي نہ ٿو سگهي، جيئن تـ الله تبارڪ و تعاليٰ 28 سيپاري سُوۡرَۃُ الۡجُمُعَۃِ جي آيت8 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

قُلۡ اِنَّ الۡمَوۡتَ الَّذِیۡ تَفِرُّوۡنَ مِنۡہُ فَاِنَّہٗ مُلٰقِیۡکُمۡ

ترجمو ڪنزالايمان: ”تون فرماءِ جنهن موت کان توهان ڀڄو ٿا اهو تـ ضرور توهان کي ملڻو آهي.“

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿96﴾ عقلمند بادشاھ

مصر جو عقلمند بادشاھ **احمد بن طولون** هڪ ڏينهن ڪنهن ويران جڳهہ ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏ کاڌو کائي رهيو هوجو سندس نظر قاتل ۽ پراڻا ڪپڙا پاتل هڪ فقير تي پئي، بادشاھ هڪ ماني، هڪ ترپل مرغي، هڪ گوشت جو ٽڪر ۽ فالودو غلام هٿان ان ڏانهن ڏياري موڪليا، غلام واپس اچي ڪري ٻڌايو تـ ”سائين! کاڌو ڏسي هوخوش نـ ٿيو.“ اهو ٻُڌي ڪري بادشاھ ان کي پاڻ وٽ گهرايو، جڏهن هو اچي ويو تـ بادشاھ کانئس ڪجهہ سوال ڪيا جن جا ان نهايت سٺي طريقي سان جواب ڏنا ۽ ان تي شاهي دبدبي جو ڪو اثر نـ ٿيو، عقلمند بادشاھ اوچتوچيوتہ تون **مُخبر** (يعني جاسوس) ٿو ڏسجين، اهوچئي ڪري بادشاھ ڪوڙا هڻڻ واري کي گهرايوان کي ڏسندي ئي ان فقير جهٽ پٽ اعتراف ڪيو تـ مان واقعي **مُخبر**

(يعني جاسوس) آهيان. اها ماجرا ڏسي ڪري ڪنهن بادشاهه کي چيو، سائين، توهان ته جڻ جادوگري چڏيو، **عقلمند بادشاهه** چيو، ڪو جادو ناهي ڪيو، مون هن کي پنهنجي اندازي سان پڪڙيو آهي، چو ته ڪاڏو ايتريقدرعمدوهوجو جيڪو پيٽ پري ڪائي ڇُڪوهجي ان جي وات ۾ به ڏسي ڪري پاٽي پرجي اچي ۽ هُوان جي طرف مائل ٿي وجي پر ظاهري بدحاليءَ جي باوجود هن اهڙي ڪاڏي جي طرف ڪا توجهه نه ڏني، پيو هي ته عام ماڻهو شاهي رعب ۽ دبدبي کي ڏسي ڏڪي ويندو آهي، پرهي دليريءَ سان گفتگو ڪري رهيو هو ان لاءِ اندازو ٿيو ته هي جاسوس آهي (چو ته جاسوس جي مخصوص طريقن سان تربيت ڪئي ويندي آهي) **(حياۃ الحيوان الکبريٰ ج 1 ص 459)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (97) ابن طولون جو قبر ۾ حال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احمد بن طولون انتهائي عقلمند، انصاف پسند، بهادر، عاجزي ڪندڙ، خوش اخلاق، علم دوست، سخي بادشاهه ٿي گذريو آهي، هو حافظ قرآن هو ۽ هو نهايت خوش الحاني (**يعني بهترين آواز**) سان تلاوت ڪندو هو پرظالم به پهرين درجي جو هو، سندس تلوار خونريزيءَ جي لاءِ هر وقت مياڻ مان ٻاهرنڪتل هوندي هئي. چيو وڃي ٿو ته هُن جن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ جيڪي ان جي قيد ۾ مري ويا انهن جو تعداد ارڙهن هزار جي لڳ ڀڳ هو! مرڻ کانپوءِ هڪ شخص روزانوسندس قبر تي تلاوت ڪندو هو، هڪ ڏينهن بادشاهه احمد بن طولون ان کي خواب ۾ نظرآيو ۽ چوڻ لڳو،

منهنجي قبر تي قرآن نہ پڙهندو ڪر، ان پُڇيو ڇو؟ ابن طولون جواب ڏنو، جڏهن بہ ڪا آيت منهنجي طرف کان گذرندي آهي، منهنجي مٿي تي ضرب (ڌڪ) هڻي پُڇيوويندوآهي، ڇا تو هي آيت نہ ٻُڌي هئي؟

(حياة الحيوان الڪبريٰ ج 1 ص 460)

آهہ! آهہ! آهہ! ظلم جو انجام ڪيڏو ڀوائتوهوندوآهي! حڪمران طبقي جو ظلم ۽ زيادتين کان بچڻ انتهائي ڏکيو هوندو آهي تنهنڪري حڪومتن ۽ وزارتن جي خوبصورت نظر ايندڙعهدن وغيره کان بالخصوص اڄڪلهہ جي دؤر ۾ پري رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي، هي بہ معلوم ٿيو تہ حافظ قرآن کي قرآن پاڪ جي احڪامن تي عمل بہ ڪرڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ قبر جي عذاب ۾ مبتلا گناهگار مسلمانن جي ۽ سڄي امت جي مغفرت فرمائي.

اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ﴿98﴾ مغفرت جي دعا ڪرڻ واري جي مغفرت ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي سڀني مسلمانن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهڻ گهرجي، ان ۾ پاڻ اسان جي پنهنجي بہ ڀلائي آهي جو جيترن مسلمانن جي مغفرت جي دعا ڪنداسين اوتري تعداد ۾ اسان کي نيڪيون ملنديون، جيئن تہ حضورِ انور، شافع محشر، مديني جا تاجوَر، باذنِ ربّ اڪبر غيبن کان باخبر، محبوب داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ”جيڪو تمام مومن مردن ۽

عورتن جي لاءِ مغفرت طلب ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر مومن مرد ۽ مومنه عورت جي بدلي ۾ هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي. (الجامع الصغير ص 513 حديث 8419) بهرحال اسان بين جي ڀلائي چاهيندا سين ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اسان سان به ڀلائي ڪئي ويندي، جيئن ته حضرت علامه عبدالرحمٰن صفوري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه نقل ڪن ٿا ته ”هڪ بزرگ جي فوتگيءَ کانپوءِ خواب ۾ ڏسي ڪنهن پڇيو، مَافَعَلَ اللهُ بِکَ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ پاڻ ٻڌايائون ته الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي، ۽ فلاڻي شخص جي محل جي پرسان مون کي محل عطا فرمايائين حالانڪه مان ان جي مقابلي ۾ گهٽ عبادتگذار هئس تنهن هوندي به هو مون کان اڳتي وڌي ويو، ڇو ته ان ۾ هڪ خاص عادت هئي جيڪا مون ۾ نه هئي ۽ اها هي ته هو دعا گهرندو هو ته ” اي الله عَزَّوَجَلَّ! گذري ويل، موجود ۽ ايندڙ دؤر جي سيني مسلمانن جي مغفرت فرماءِ.“ (نزهة المجالس ج 2 ص 3)

الٰہی واسِطہ پیارے کا سب کی مغفرت فرما
عذابِ نار سے ہم کو خدایا خوف آتا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿99﴾ 70 ڏينهن پراڻو لاش

اَلْحَمْدُللهعَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن جي غمخواري

جو جذبو ۽ دنيا ۽ آخرت جون برڪتون گڏ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ لڪن جا پاڳ ڪلي رهيا آهن، **دعوتِ اسلاميءَ** اهل حق جي خالص مدني تحريڪ آهي، اچو ايمان تازوڪرڻ جي لاءِ توهان کي دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪت جي عظيم الشّان بهار ٻُڌايان، 3 رمضان المبارڪ 1426ھ (8.10.05) چنچر جي ڏينهن پاڪستان جي اوپرندي حصي ۾ خوفناڪ زلزلو آيو جنهن ۾ لکين ماڻهو مري ويا انهن ۾ مظفرآباد (ڪشمير) جي علائقي "ميراتسوليان" جي رهواسي **19** سالہ نسرين **عطاريہ** بنت غلام مرسلين جيڪا **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي هئي، شهيد ٿي وئي. مرحومہ جي والد ۽ ڀين گهروارن **8** ذوالقعد **1426**ھ (**10.12.05**) سومر جي رات تقريبًا **10** هين وڳي رات جي وقت ڪنهن سبب ڪري قبر کي کوليو تہ اوچتو اچڻ واري خوشبوءِ جي سرهاڻ سان دماغ معطر ٿي ويو، شهادت کي **70** ڏينهن گذرڻ باوجود نسرين عطاريہ جو ڪفن ۽ جسم بلڪل صحيح سلامت هو.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول　　ہے فیضانِ غوث ورضا مَدَنی ماحول
سلامت رہے یاخدا مَدَنی ماحول　　بچے نظرِ بد سے سدا مَدَنی ماحول
اے اسلامی بہنو! تمہارے لئے بھی　　سُنو! ہے بہت کام کا مَدَنی ماحول
تمہیں سنّتوں اور پردے کے احکام　　یہ تعلیم فرمائے گا مَدَنی ماحول

سنور جائیگی آخرت ان شاءَاللہ
تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول

يا رب مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام، صحابهءِ ڪرام، اهلبيت اطهار ۽ اولياءِ عظام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي سچي محبت نصيب فرماءِ، انهن جي نقش قدم تي هلاءِ ۽ انهن جي فيضان سان اسان کي ايمان جي سلامتي ۽ ٻنهي جهانن ۾ امن امان عنايت فرماءِ، اسان جي مغفرت فرمائي ڪري اسان کي جنّت الفردوس ۾ بي حساب داخلا ۽ اتي پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَی اللّٰہ اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# سوال ۽ جواب

هي صفحا ڪاٽڻ ۽ پچاڙڻ وارن يعني سيني جي لاءِ هڪ جيترو فائدي مند آهن، تنهنڪري شيطان ڪيڏي بہ سستي ڏياري انهن کي مڪمل پڙهي وٺو، مسجد ۽ گهر وغيره ۾ ان جو درس بہ جاري ڪري ثواب جا خزانا اماڻيو.

## درود شريف جي فضيلت

خلق جي رهبر، شافع محشر، محبوبِ داور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو جيستائين منهنجو نالو ان ۾ رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.“ (الجمع الوسط ج 1 ص 497 حديث 1835)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

19 رَبِيعُ النُّور شريف 1423 هـ جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات دعوتِ اسلامي جي مدارس ۽ جامعات (باب المدينہ ڪراچي) بورچين ۽ ان جي ناظمن جو مدني مشورو ٿيو.[1] ڪافي شاگردن بہ شرڪت ڪئي، معمول موجب تلاوت ۽ نعت شريف ڪانپوءِ اميرِ

---

[1] مدني مشوري جي گفتگو ۾ ضرورت موجب ترميم ۽ بين ملفوظات جو اضافو ڪري هن رسالي کي ڪافي جامع ۽ دلچسپ بڻايو ويو آهي.

اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بيشمار مدني گلن سان نوازيو ۽ عادت موجب مناسب موقعن تي صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! جي دلنواز صدا لڳائي ڪري حاضرين کي درود شريف پڙهڻ جي سعادت بہ عنايت فرمائيندا رهيا، پاڻ سيني کي مسجد جي پهرين صف ۾تڪبير اوليٰ سان هر نماز جي باجماعت ادائيگي، **هفتيوار سنّتن ڀريئي اجتماع** ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت، هر مهيني **مدني قافلي** ۾ ٽي ڏينهن سفر ۽ هر مهيني **مدني انعامات** جا ڪارڊ جمع ڪرائڻ جي تاڪيد فرمايائون.

## ڪاڏو ماڻهن جي حساب سان پچايو

**سوال** : ڪاڌي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

**جواب** : ڪاڌو اندازي سان پچايو ۽ اندازي سان ئي ورهايو، مثال طور 92 شاگردن لاءِ برياني پچائڻي آهي، جيئن تہ هڪ ڪلو چانورن کي عام طور تي 8 ماڻهو کائيندا آهن تہ 12 ڪلو چانور جي برياني پچايو. سيني کي ٿالهه ۾ ايترو ايترو ڪاڌو ڏيو جو ڏؤ ٿي بہ وڃي ۽ بچي بہ نہ پوي، ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪافي سهولت رهندي ۽ ڪاڌي جو زيان بہ گهٽ ٿيندو، صحيح اندازو لڳائڻ کان بغير بچائڻ سان يا گهٽ ٿي پوندو آهي يا تمام گهڻو بچي پوندو آهي. بچيل برياني ٻيهر گرم ڪري ڪاڌي وڃي تہ ان ۾ لذت گهٽ ٿي ويندي آهي.

## ڇهہ لک قيدي!

**سوال** : ڪاڏو ڪڏهن کان خراب ٿيڻ شروع ٿيو؟

**جواب** : بني اسرائيل جي دؤر کان. ان جوتفصيلي واقعو عرض ڪريان ٿو. فرعون جي نيل درياهه ۾ غرق ٿيڻ کان بعد خداعَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **ڇهه لک** بني اسرائيل کي ساڻ ڪري عمالقه جي قوم سان جهاد ڪرڻ بيت المقدس ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن ويجهو پهتا ته سندن قوم نافرماني ڪئي ۽ جنگ کان انڪار ڪندي ايتري تائين چئي ڇڏيو، ته توهان ۽ توهان جو خداعَزَّوَجَلَّ هن زبردست قوم سان جنگ ڪريو، حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان کان ڏڪارا ٿيا. اهي **ڇهه لک** ماڻهو 27 هزار گز ويڪري ۽ ٽيهه ميل ڊگهي ميدان ۾ **چاليهه** ورهين جي لاءِ قيد ڪيا ويا. سڄو ڏينهن هلندا هئا پرشام جو اتي ئي هوندا هئا جتان هليا هئا. ان جهنگ جو نالو **تِيَه** پيو. تِيَه يعني ڀٽڪندو رهڻ جي جاءِ ." (ماخوذ از تفسيرِ نعيمي ج6 ص 336 کان 351)

## مَنّ وَ سَلوىٰ

**روح البيان** ۾ آهي ته جڏهن حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بني اسرائيل جي **ڇهه لک** ماڻهن سان گڏ **تِيَه** جي ميدان ۾ ترسيل هئا ته الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي کائڻ لاءِ آسمان مان ٻه کاڌا لاٿا. هڪ جو نالو "**مَنّ**" ۽ ٻئي جو نالو "**سلوىٰ**" هو. مَنّ بلڪل اڇو ماکيءَ وانگر هڪ حلوو هو يا اڇي رنگ جي ماکي ئي هئي جيڪا روزانو آسمان مان برسات وانگر وسندي هئي، ۽ **سلوىٰ** پکل ٻٽيرا (يعني تِتر) هئا جيڪي ڏکڻ جي هوا سان گڏ آسمان مان نازل ٿيندا هئا.

## ڪاڏو خراب ٿي وڃڻ جو سبب

مَنَّ وسلويٰ جي باري ۾حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَاوَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حڪم هو تہ توهان هن کي روزانو کائي ڇڏيندا ڪريو سياڻي جي لاءِ هرگز بچائي نہ رکجو، پرضعيف الاعتقاد (ڪمزور عقيدي وارن) ماڻهن کي هي خوف ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن من وسلويٰ نہ لٿا تہ اسان هن غير آباد ميدان ۾ بُک مري وينداسين.“ پوءِ انهن ڪجهہ لڪائي ڪري سياڻي جي لاءِ رکي ڇڏيو تہ نبيءَ جي نافرمانيءَ سان اهڙي نحوست ڦهلي جو جيڪو ڪجهہ سياڻي جي لاءِ جمع ڪيو هئائون سو سڀ خراب ٿي ويو ۽ آئنده جي لاءِ انهن جو لهڻ بند ٿي ويو. (تفسير روح البيان ج 1 ص 142) انهيءَ لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **بني اسرائيل نہ هجن ها تہ، نہ ڪاڏو ڪڏهن خراب ٿئي ها ۽ نہ گوشت خراب ٿئي ها.** (صحيح مسلم ج2 ص 775 حديث 1470) خبر پيئي تہ ڪاڏي جو خراب ٿيڻ ۽ گوشت جو خراب ٿيڻ انهيءَ تاريخ کان شروع ٿيو، نہ تہ ان کان اڳ نہ ڪاڏو خراب ٿيندو هو نہ ئي گوشت خراب ٿيندو هو.

## 12 چشما وهي نڪتا

**ڏٺو توهان!** نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جي نافرمانيءَ بني اسرائيل کي ڪيتريقدر هلاڪت ۾ وڌو! تِيَہ جي ميدان ۾ قيد ٿيڻ وقت جن جي عمر ويهہ سالن کان مٿي هئي اهي سڀ انهيءَ مدت ۾ اتي ئي فوت ٿي ويا. حضرت سيدُنا موسیٰ **ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ اتي ئي ترسيل هئا تنهنڪري سندن برڪت سان من وسلویٰ نازل ٿيو، پاڻ عَلَيۡهِ

السَّلَام پٿر تي پنهنجي عصا (يعني لٺ) مبارڪ هڻئي تہ ان مان 12 چشما وهي نڪتا جنهن مان بني اسرائيل پاڻي پيئندا ۽ وهجندا هئا، ان قيد جي دوران جيڪي لباس سندن جسم تي هئا اهي نہ ميرا ٿيندا هئا، نہ ڦرندا نہ ڦاٽندا هئا، انهن جا ننهن ۽ وار نہ وڌندا هئا. تنهنڪري ڪين حجامت جي ضرورت نہ پوندي هئي. رات جو هڪ ٿنڀو ظاهر ٿيندو هو جنهن مان روشني نڪرندي هئي ائين سمجهو اهو " ٽيوب لائيٽ " جو ڪم ڏيندو هو. ڏينهن جو هلڪو بادل انهن تي ڇانوَ ڪندو هو، انهن وٽ جيڪو ٻار پيدا ٿيندو هو، ان تي قدرتي ننهن جو لباس هوندو هو جيڪو ان جي وڌڻ سان گڏوگڏ وڌندو ويندو هو، ان قيد ۾ اهي سموريون نعمتون ڪين الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول حضرتِ سيّدُنا موسیٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي برڪت سان حاصل ٿيون. (ماخوذ از تفسير روح المعاني في تفسير القرآن والسبع المثاني حصو6 ص 383)

## نوڪر جو نفل پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**هن** قرآني واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ گناهن ۽ نافرمانين جي سبب دنيا ۾ بہ تڪليفون اينديون آهن، مهرباني ڪري! **بورچي** اسلامي ڀائر بہ پنهنجي ذميداري مڪمل طور تي نڀائين، اڄڪلهہ ڪجهہ ملازم مدني ذهن نہ هئڻ سبب ڊيوٽي پوري ناهن ڏيندا، مقرر ٽيل ڪم چاٽي واٽي نامڪمل رکندا آهن پر مزدوري پوري وٺندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي روزي خراب ڪندا آهن، **ياد رکو! ملازم ڊيوٽي جي وقت ۾ سيٺ جي اجازت کان بغير نفل نہ ٿو پڙهي سگهي.** جيڪڏهن ڪمزوريءَ جي سبب ڪم ۾ ڪوتاهي ٿيندي

هجي تہ بغيراجازت جي نفل روزو بہ نہ ٿو رکي سگهي. (ردالمحتار ج 9 ص 97) ها باجماعت فرض نمازن ۽ رمضان شريف جي روزن کان سيٺ کي روڪڻ جو اختيارناهي، اهو روڪي تڏهن بہ نہ رڪجي.

## توهان داڻي داڻي جا امين آهيو

**سوال** : ڇا جامعة المدينه جي بورچيخاني جو بورچي امين هوندو آهي؟

**جواب** : جي ها. جيڪڏهن چاڻي واڻي اناج جو هڪ داڻو بہ اجايو خرچ ڪيائين تہ آخرت ۾ جواب ڏيڻو پوندس. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هرطرح جي **امانت** جي حفاظت نصيب ڪري ۽ **خيانت** کان محفوظ فرمائي. خيانت جو عذاب نهايت ئي ڏکوئيندڙ آهي. جيئن تہ **حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي مکاشفة القلوب ۾ نقل ڪن ٿا تہ

## خيانت جو پيدائتو عذاب

**قيامت** جي ڏينهن هڪ شخص کي خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو، ارشاد ٿيندو، تو فلاڻي شخص جي امانت واپس ڪئي هئي؟ عرض ڪندو،"نہ"حکم مِلڻ تي فرشتو کيس جهنم ڏانهن وٺي ويندو. اتي جهنم جي اونهائيءَ ۾ ان "امانت" کي رکيل ڏسندو ۽ اهو شخص ان امانت ڏانهن ڪِرڻ شروع ٿيندو ايتري تائين جو ستر سالن کانپوءِ اتي پهچندو ۽ ان امانت کي کڻي ڪري مٿي چڙهندو. جڏهن جهنم جي ڪناري تي پهچندو تہ پير ترڪي ويندس ۽ وري جهنم جي اونهائيءَ ۾ وڃي ڪِرندواهڙيءَ ريت هو ڪِرندو ۽

ڇڙهندورهندو ايتري تائين جو سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان ڪيس رب العالمين جل جلاله جي رحمت حاصل ٿي ويندي ۽ امانت جو مالڪ ڪانئس راضي ٿي ويندو. (مکاشفة القلوب ص 44 ، 45)

## مدرسن ۾ ڪاڏو ضايع ٿيڻ جو سبب

**سوال**: پاڻ (يعني اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة ) **بورچي اسلامي ڀائرن ڪان پُڇيائون ٻُڌايو! تہ هوٽلن ۾ ڪاڏو گهڻو ضايع ٿيندو آهي يا مدرسن ۾ ؟**

جواب مليو ”مدرسن ۾“ ان تي فرمايائون دراصل ڳالهہ هي آهي تہ هوٽل واري جي پنهنجي ڪيسي مان رقم خرچ ٿيندي آهي، ان کي ڪمائي ڪرڻي هوندي آهي تنهنڪري هو ڪاڏي پچائڻ جي سخت نگراني ڪندو آهي ۽ بچت ڪان ڪم وٺندو آهي، باقي رهيا مدرسا، تہ اهي جيئن تہ ماڻهن جي چندن سان هلندا آهن، نہ منتظمين جي ڪيسي مان پيسو ويندو آهي نہ ئي بورچيءَ جي. تنهنڪري سخت بي احتياطيون ڪيون وينديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ صدقي جو آيل ۽ ذبح ٿيل سڄي جو سڄو ٻڪرو لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن رکيو رهجي ويندو آهي، پوءِ خراب ٿي ويندو آهي، آخرڪار اڇلايو ويندو آهي. آهہ ! آهہ! آهہ! مسلمانن جي چندي جو ايتريقدر بيدرديءَ سان زيان ڪٿي آخرت ۾ نہ ڦاسائي وجهي. مدرسن، جامعات ۽ تمام مذهبي ۽ سماجي ادارن جا ذميدار ياد رکن! قيامت جي ڏينهن هڪ هڪ ذري جو حساب ڏيڻو آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ 30 هين سيپاري ۾

سُوۡرَةُ الزِّلۡزَالِ جي آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ **ارشاد فرمائي ٿو:**

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ﴿۷﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ﴿۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** تہ جيڪو هڪ ذري برابر هڪ ڀلائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو هڪ ذري برابر بُرائي ڪري ان کي ڏسندو.

## فريزر ۾ ڪاڏي رکڻ جو طريقو

**سوال:** گوشت ۽ ڪاڏي جي حفاظت جا ڪجهہ مدني گل عنايت فرمايو؟

**جواب:** هن ڳالهہ جو بہ خيال رکو تہ ”ڊيپ فريزر“ صحيح ڪم ڪري رهيوآهي يا نہ، گرمين ۾ ڪڏهن ڪڏهن وولٽيج گهٽ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ٿڌاڻ (Cooling) گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ غذا خراب ٿي وڃڻ جو انديشو هوندوآهي. اهڙن موقعن تي ڪاڏي پيتي جي شين کي کولي ڪري کليل هوا ۾ بہ رکي سگهجي ٿو، گوشت کي پٽ وغيره جي ٽيڪ ڪان بغير کليل هوا ۾ لڙڪائڻ سان دير تائين تازو رهي سگهي ٿو. جڏهن بہ پکل ڪاڏو يا ڀاڄي فريزر ۾ رکو تہ ٿانوَ جو ڍڪڻ ضرور کولي ڇڏيندا ڪريو تہ جيئن ٿڌاڻ اندر پهچي سگهي، ننڍن ٿانوَن، ٿالهن يا پلاسٽڪ جي ننڍين ٿيلهين ۾ رکڻ مناسب هوندو آهي، ڪاڏي سان ڀريل وڏي ديگڙيءَ جي اندروني حصي ۾ ٿڌاڻ نہ پهچڻ سبب ڪاڏو خراب ٿي وڃڻ جو انديشو رهندو آهي. خصوصًا کچڙي، پکل دال ۾ گهڻي احتياط جي ضرورت آهي نہ تہ اهي جلدي خراب ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت اهڙيون غذائون جن ۾ ٽماٽا يا کٽاڻ گهڻي مقدار ۾ هجي انهن جي بہ جلد خراب ٿيڻ جو امڪان رهندو آهي.

## ڪچو گوشت ڪافي ڏينهن تائين خراب نہ ٿئي

**سوال** : ڪچو گوشت گهڻن ڏينهن تائين خراب نہ ٿئي ان جو ڪو طريقو ٻُڌائي ڇڏيو؟

**جواب** : ڪچو گوشت جيڪڏهن وڏي ديڳڙي يا ٽوڪريءَ ۾ پري ڪري ديپ فريزر ۾ رکندؤ تہ اندروني حصي ۾ ٿڌاڻ گهٽ پهچڻ سبب خراب ٿي وڃڻ جو قوي انديشو آهي، تنهنڪري ان جي حفاظت جو طريقو چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو. پهريان ٽوڪريءَ جي تري ۾ برف رکو پوءِ ان جي مٿان گوشت جو تهہ جمايو پوءِ ان تي برف، وري مٿان گوشت جو تهہ، بعد ۾ ديپ فريزر ۾ رکي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت هينئان، مٿان ۽ اندران هر طرف ٿڌاڻ ٿي ٿڌاڻ رهندي ۽ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪافي ڏينهن تائين گوشت خراب نہ ٿيندو.

## برياني خراب ٿي وڃي تہ ڇا ڪجي؟

**سوال** : ڪاڌو خراب ٿي وڃڻ جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟

**جواب** : ڪاڌو ۽ ٻاجي خراب ٿيڻ جي نشاني هي آهي تہ ڪٿي بدبوءِ ايندي ۽ جيڪڏهن رس واري غذا آهي تہ مٿان جهڳ بہ اچي ويندي. جيڪڏهن پلاءُ برياني يا قورمو خراب ٿيڻ شروع ٿئي تہ اڱ ۾ جيئڻ تہ ۾ ڪٿيون ۽ نرم شيون خراب ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن، تنهنڪري بوٽيون ڪڍي ڌوئي ڪري استعمال ڪريو، جنهن جو گوشت اجان خراب ناهي تيو اهڙي ٻاجي ۽ پلاءُ وغيره چاٽي واٽي نہ اڇلايو.

## خراب گوشت کائڻ حرام آهي

**سوال**: گوشت گوشت خراب ٿئي تہ ڇا ڪجي؟

**جواب** : ان کي اچلائي ڇڏيو جو صدرالشريعه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا، ”**جيڪو گوشت خراب ٿي وڃي**، بدبوءِ ڪري وڃي ان جو کائڻ حرام آهي، جيتوڻيڪ اهو نجس (يعني ناپاڪ) نہ آهي.“

(بهارِ شريعت حصو پيون ص 151)

## ڦٽي ويل کير جو استعمال

**سوال** : ڦٽي ويل کيرڪيئن کائجي؟

**جواب** : ڦٽي ويل کير جو استعمال تہ بلڪل آسان آهي، ماکي يا کنڊ وجهي ڪري چلهي تي چاڙهي ڇڏيو، ان جو پاڻي سڙي ويندو ۽ مائو رهجي ويندو جيڪو ڏاڍو مزيدار هوندو آهي.

## ويجيٽيبل گيهہ

**سوال**: ڇا ويجيٽيبل گيهہ کائي سگهجي ٿو؟

**جواب** : ان جو کائڻ جائز آهي پر اڪثر ملاوٽ وارو هئڻ جي سبب صحت لاءِ نقصانڪار آهي، اڄڪلهہ عام طور تي ماڻهن جا پيٽ خراب رهندا آهن، ان جو هڪ سبب غير معياري ويجيٽيبل گيهہ بہ آهي. جيڪڏهن اصلي گيهہ ميسر نہ هجي تہ ڪوڪنگ آئل استعمال ڪريو. ڪارن آئل (يعني مڪئي جو تيل) ان کان بهتر ۽ زيت

يعني زيتون شريف جو تيل تہ بهترين آهي.

## پوڙهائپ جي آساني لاءِ

**سوال** : گيهہ يا تيل جي استعمال سان صحت کي نقصان نہ ٿئي تہ ان سلسلي ۾ ڪو مفيد احتياط ارشاد ٿئي؟

**جواب** : گيهہ، تيل ۽ هر طرح جي سٽيپ کي هضم ڪرڻ ۾ دير لڳندي آهي ۽ گهڻو استعمال بيمارين ۽ ٿولهہ جو سبب بڻبو آهي. **تنهنڪري جوانيءَ کان ئي تيل، ميدي ۽ کنڊ جي استعمال ۾ گهٽتائي شروع ڪئي وڃي تہ زنده رهڻ جي صورت ۾ پوڙهائپ ۾** اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **صحت** سٺي رهندي. منهنجو مدني مشورو آهي تہ توهان ڪاڏو بچائڻ ۾جيترو تيل، مصالحو ۽ لوڻ مرچ وغيره وجهندا آهيو بنا هٻڪ جي انهن سڀني جو مقدار اڌ ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جا فائدا پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ. البت مريض کي گهرجي تہ اهو ڊاڪٽر جي مشوري تي عمل ڪري.

## بغير تيل جي پچائڻ جو طريقو

**سوال**: ڇا بغير گيهہ يا تيل جي بہ ڪاڏو پچائي سگهجي ٿو؟

**جواب** : جي نہ. ڪجهہ ڪاڌا بغير تيل جي بہ پچائي سگهجن ٿا مثال طور سادا چانور، ڪچڙي، ڪڙهي ۽ دال وغيره. ٿلهي ٻڪر ۽ ڳئون جي پاون ۾تيل وجهڻ جي ضرورت ئي ناهي هوندي ڇو تہ ان ۾ موجود سٽيپ پگهرجي ڪري پاڻ ئي تيل جو ڪم ڏيندو آهي. بلڪ

هر قسم جي ڀاڄي بغير تيل يا گيھ جي پچائي سگھجي ٿي، ان جو طريقو هي آهي تہ تمام گھٽو سائو مصالحو پيهي ڇڏيو بيشڪ پنهنجي پسند جون سبزيون بہ گڏ ئي پيهي ونو، هاڻي ان جي گھاٽي مڪسچر ۾ ڀاڄي پچايو، ضرورت موجب پاڻي، ڏهي، مرچ، گرم مصالحا بہ وجهو، ڪجھ ڀيرا پچائڻ ڪانپوءِ توهان کي ان ۾ مهارت حاصل ٿي ويندي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

## گٽر جي نالي ءَ جي حفاظت

**سوال** : مطبخ (يعني بورچيخاني) جي صفائيءَ جي باري ۾ ڪجھ مدني گل عنايت فرمايو.

**جواب** : مطبخ (يعني بورچيخاني) جي صفائي رکڻ تمام ضروري آهي. فرش ۽ پتين جا داغ صاف ڪري ڇڏيندا ڪريو. غذائن جا ذرڙا هيڏانهن هوڏانهن پکڙيل هوندا آهن ۽ اتي پئي پئي خراب ٿيندا ۽ جراثيمن جي پيدا ٿيڻ جو سبب بڻجندا آهن، تنهنڪري پابنديءَ سان جيت ماردوائون استعمال ڪرڻ ضروري آهي. هن ڳالهہ جو هميشہ خيال رکو تہ رس، هڏا ۽ کنهن بہ قسم جو سٽي نالي ءَ ۾ نہ ڪِري، نہ تہ گٽر پرجي سگھي ٿو، تنهنڪري ٿانوَ ڌوئڻ کان اڳ ان ۾ موجود مصالحو ۽ سٽي بُوسي وغيره سان صاف ڪري الڳ دٻي ۾ وجهي ڇڏيو.

## پٽريون ۽ گُهٽو

**سوال** : چانورن ۾ ڪڏهن ڪڏهن گُهٽو (ننڍڙو ڳاڙهو جيت) ۽ پٽريون بہ گڏ پچي ونديون آهن جيڪڏهن اهي پُل ۾ ڪاڏا وجن تہ؟

**جواب** : پچائڻ کان اڳ چانورن ۽ دالين وغيره مان متي، پٽريون ۽

سرو صاف ڪري ڇڏيو. ياد رهي! مٿي نقصان ڏيڻ جي حد تائين کائڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي هڪ به گهُٽو ڪاڏو ويو ته حرام ۽ گناهه آهي. جيڪڏهن گهُٽو ڪاڏي سان گڏ پچي ويو ته ان کي ڪڍي ڇڏيو ۽ ڪاڏو کائي ڇڏيو. جيڪڏهن پچائڻ ۾ سُستيءَ جي سبب ڄاڻي واڻي منجهس پٽريون وغيره رهڻ ڏينديؤ جنهن سبب کائڻ وارن کي تڪليف ٿئي ته صفائي ڪرڻ جن جي ذميدارين ۾ شامل آهي اهي بورچي گناهگار ٿيندا.

## ثابت بُڪي ياجيءَ ۾ نه وجهو

**سوال** : جانور ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت جو ڇا حڪم آهي؟ ۽ پڻ ڇا ثابت بُڪي ياجيءَ ۾ پچائڻ گهرجي؟

**جواب** : **گوشت** پچائڻ ۾ تمام گهڻي احتياط جي ضرورت آهي. ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت ناپاڪ ۽ ان جو کائڻ حرام آهي. تنهنڪري گوشت کي چڱيءَ طرح ڌوئي ڇڏيو ته جيئن اهڙو رت جيڪڏهن هجي ته ڌوپجي وڃي ۽ ان جو اثر ختم ٿي وڃي. **ثابت بُڪيون** ياجيءَ ۾ ائين نه وجهو انهن کي **چيري** چڱيءَ طرح ڌوئي ڇڏيندا ڪريو.

**سوال** : بڪيون ۽ تِري کائڻ ڪيئن آهن؟

**جواب** : جائز آهي. پر اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي شين کي کائڻ پسند نه فرمائيندا هئا، جيئن ته ٻه حديثون ملاحظ ڪريو

﴿1﴾ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُڪيون (کائڻ) ناپسند ڪندا هئا ڇو ته اهي پيشاب جي ويجهو هونديون آهن. (ملخصاً ڪنزالعمال ج7ص41 حديث 18212) ﴿2﴾

سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تِري (ڪائڻ ڪان) نفرت هئي پران کي حرام قرار نہ ڏنائون. (ملخصًا اتحاف السادة المتقين ج 8ص 243)

**سوال** : ڇا اسان کي تِري ۾ ٻُڪيون نہ ڪائڻ گهرجن؟

**جواب** : عشق تہ اهو ئي آهي تہ نہ ڪائجن، پر جيڪو ڪائي ان کي هرگز بُرو نہ چئجي ڇو تہ انهن جو ڪائڻ حلال آهي جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪرِ جُود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربُّ الْعزت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، اسان لاءِ بہ مئل جانور ۽ بہ رت حلال آهن. بہ مُئل مڇي ۽ ماڪڙ ۽ بہ رت جيرو ۽ تِري آهي.

(مُسند امام احمد ج2 ص 415 حديث 5727)

**سوال** : ڇا ڪابہ مڇي حرام ناهي؟

**جواب** : مڇي بغير مارڻ جي پنهنجو پاڻ مري ڪري پاڻيءَ جي سطح تي اونڌي ٿي ويئي. اها حرام آهي. مڇيءَ کي ماريو ويو ۽ اها مري اونڌي ٿي ترڻ لڳي تہ حرام ناهي. (الدرالمختار مع ردالمحتار ج 9 ص 445)

## فضائي مڇي

**مڇيءَ** جي باري ۾ هڪ دلچسپ حڪايت ٻُڌو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو. جيئن تہ هڪ ڀيري خليفي **هارون الرشيد** پنهنجو شڪاري باز فضا ۾ اڏاريو اڏرندي اڏرندي اهو نظرن کان غائب ٿي ويو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ پنهنجي پيرن ۾ هڪ (فضائي)

مڇي پڪڙي لٿو. خليفي کي ڏاڍي حيرت ٿي، ان زبردست عالم حضرت سيّدُنا مقاتل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ فتويٰ پُڇي، فرمائن ٿا تہ، توهان جا جدِ امجد حضرتِ سيّدُنا **عبدالله ابن عباس** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ ”فضا ۾ قسمن قسمن جي مخلوق رهندي آهي جن مان ڪي اڇي رنگ جا جانور بہ هوندا آهن، جيڪي مڇي جهڙا ٻچا ڄڻيندا آهن انهن جون ٻانهون تہ هونديون آهن جيتوڻيڪ پَرَ ناهن هوندا ان کان بعد حضرت سيّدُنا مقاتل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان کي کائڻ جي اجازت ڏني تہ ان جانور جو احترام ڪيو ويو. **(حياة الحيوان الکبريٰ ج1 ص 157)**

## مڇي ٿوري مقدار ۾ کائڻ گهرجي

**حضرت** امام برهان الدين ابراهيم زرنوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، حڪيم جالنيوس جو قول آهي تہ ڏاڙهونءَ ۾ بيشمار فائدا آهن جڏهن تہ مڇيءَ ۾ تمام گهڻا نقصان آهن. پر ٿوري مڇي کائڻ گهڻا ڏاڙهون کائڻ کان بهتر آهي. **(تعليم المتعلم طريق التعلم ص 42)**

## جالنيوس ڪير هو؟

**سوال**: جالنيوس ڪير هو؟

**جواب** : جالنيوس جو اصل نالو ”**ڪلاڊيسن گيلن**“ هو، هو اسان جي پياري آ قا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بعثت (يعني تشريف آوري) کان بہ اڳ ٿي گذريو آهي. **131**ع ۾ پيدا ٿيو ۽ **201**ع ۾ فوت ٿي ويو، قديم يونان جو نهايت ئي ماهر طبيب هو ۽ طب جي فن ۾ تمام يوناني طبيبن کي ان پُٺتي ڇڏي ڏنو. يونان جي طبابت تمام گهڻي مشهور آهي، هي

شخص ايڏو ماهر طبيب مجيو ويندو هو جو اڄ **1800** سؤ سالن کان بعد به ان جو دنيا ۾ نالو آهي.

## ذبح ٿيل جانور جا 22 منع ٿيل جُزا

**سوال**: ذبح ٿيل جانور جا اهي ڪهڙا جزا جيڪي نہ کائڻ گهرجن؟

**جواب** : اهڙي قسم جي هڪ سوال جو جواب ڏيندي منهنجا آقا اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: حلال جانور جا سڀ جزا حلال آهن پر ڪجهه حرام يا ممنوع يا مڪروه آهن. ﴿1﴾ رڳن جورت ﴿2﴾ پِتو ﴿3﴾ مثانو ﴿5،4﴾ مادي ۽ نر هئڻ جون نشانيون ﴿6﴾ ڪپورا ﴿7﴾ غُدود ﴿8﴾ حرام مغز ﴿9﴾ڪنڌ جون بہ مشڪون جيڪي ڪلهن تائين ڇڪيل هونديون آهن﴿10﴾ **جيري جو رت ﴿11﴾ تِريءَ جو رت ﴿12﴾ گوشت جو رت جيڪو ذبح کان پوءِ گوشت مان نڪرندو آهي** ﴿13﴾ دل جو رت ﴿14﴾ هيڊي رنگ جو ڪڙوپاڻي جيڪو پِتي جي اندر هوندو آهي ﴿15﴾ نڪ جي رطوبت (يعني پاڻيات) جيڪا رڍ ۾ اڪثر هوندي آهي ﴿16﴾ پائخاني واري جڳهہ ﴿17﴾ اوجهري ﴿18﴾ آنڊا ﴿19﴾ نطفو ﴿20﴾ اهو نطفو جيڪو رت ٿي ويو ﴿21﴾ ۽ پڻ اهو جيڪو گوشت جو ٽڪر ٿي ويو. ﴿22﴾ اهو جيڪو پورو جانور بڻجي ويو ۽ مردار (يعني مئل) نڪتو يا بنا ذبح ڪرڻ جي مري ويو. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 240، 241) سمجهدار ڪاسائي ڪجهه منع ٿيل شيون ڪڍي ڇڏيندا آهن، پرڪجهه جي باري ۾ ڪين بہ معلومات ناهي هوندي يا بي احتياطي ڪندا آهن، تنهنڪري اڄڪلهہ عمومًا

لاعلمي جي سبب جيڪي شيون پاڃيءَ ۾ پچايون ۽ کاڌيون وينديون آهن، انهن مان ڪن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

## رت

**ذبح ڪرڻ** وقت جيڪو رت نڪرندو آهي ان کي ”دمِ مسفوح “چوندا آهن. اهو ناپاڪ هوندو آهي، ان جو کائڻ حرام آهي. ذبح کان پوءِ جيڪو رت گوشت ۾ رهجي ويندو آهي،مثلاً: ڪنڌ جي ڪٽيل حصي تي، دل جي اندر، جيري ۽ ترِيءَ ۾ ۽ گوشت جي اندر وارين ننڍين ننڍين رڳن ۾ اهو جيتوڻيڪ ناپاڪ ناهي پر ان رت جو به کائڻ ممنوع آهي. تنهنڪري پچائڻ کان اڳ صفائي ڪري ڇڏيو، گوشت ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي ننڍين ننڍين رڳن ۾ رت هوندو آهي. انهن جي نظرداري ڪرڻ ڪافي مُشڪل آهي، پچڻ ڪانپوءِ اهي رڳون ڪاري ڏوريءَ وانگر ٿي وينديون آهن. خاص طور تي ميجالي، مُنڍي، پيرن ۽ ڪڪڙ جي ران ۽ پَرَ جي گوشت وغيره ۾ سنهيون ڪاريون ڏوريون ڏٺيون وينديون آهن، کائڻ وقت انهن کي ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. **ڪڪڙ جي دل به ثابت نه پچايو، ڏيگهه ۾ چار چير ڏئي ڪري ان جو رت پهريان چڱيءَ طرح صاف ڪري ڇڏيو.**

## حرام مغز

**هي** اڇي ڏوريءَ وانگرهوندوآهي. ميجالي کان شروع ٿي ڪنڌ کان گذرندو پوري ڪرنگهي جي هڏيءَ جي آخر تائين ويندو آهي. ماهر ڪاسائي ڪنڌ ۽ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي وچ مان به حصا ڪري حرام مغز ڪڍي اڇلائيندا آهن. پر اڪثر ڪري بي احتياطيءَ جي سبب ٿورو

ڳهٽو رهجي ويندو آهي، ۽ پاڄيءَ يا برياڻيءَ وغيره ۾ پچي به ويندو آهي، ان لاءِ ڪنڌ چاپ ۽ ڇيلھ جو گوشت ڌوئڻ وقت حرام مغز ڳولي ڪري ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. اهوڪڪڙ ۽ ٻين پکين جي ڪنڌ ۾ ڪرنگھي جي هڏي ۾ به هوندو آهي پچائڻ کان پهريان ان کي ڪڍڻ تمام مُشڪل آهي تنهنڪري کائڻ وقت ڪڍڻ گهرجي.

## سخت مشڪون

**ڪنڌ** جي مضبوطيءَ لاءِ ان جي ٻنهي طرفن کان ڦڪي رنگ جون به ڏگهيون سخت مشڪون هونديون آهن جيڪي ڪلهن تائين چِڪيل هونديون آهن، انهن مشڪن جو کائڻ ممنوع آهي، ڳئونءِ ٻڪريءَ جون ته آسانيءَ سان نظر اچي وينديون آهن پر **ڪڪڙ** ۽ پکين جي ڪنڌ جون رڳون آسانيءَ سان نظر نه اينديون آهن.کائڻ وقت ڳولي يا ڪنهن ڄاڻ واري کان پُڇي ڪري ڪڍي ڇڏيو.

## غُدُود

**ڪنڌ** تي، نِڙي ۾ ۽ ڪن جڳهن تي چربي وغيره ۾ ننڍا وڏا ڪتي ڳاڙهي ته ڪتي پوري رنگ جا گول گول ڳِنڍ هوندا آهن انهن کي عربيءَ ۾ غدَّہ ۽ اردو ۾ غُدود چوندا آهن. اهي به نه کائو، پچائڻ کان اڳ ۾ ڳولي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي جيڪڏهن پڪل گوشت ۾ به نظر اچي وڃي ته ڪڍي ڇڏيو.

## ڪپُورا

**ڪپورن** کي خصيہ، فوطہ يا بيضہ به چوندا آهن انهن جو کائڻ مڪروهِ تحريمي آهي اهي ٻڪر، سانَ، ڏاند وغيره يعني نر (مذڪر) جانور ۾ واضح هوندا آهن، ڪڪڙ جو پيٽ کولي ڪري آنڊا هٽائيندؤ

تہ پُنيءَ جي اندروني سطح ۾ آني وانگر اڇا بہ ننڍا ٻج نظر ايندا، اهي ئي ڪپورا آهن، انهن کي ڪڍي ڇڏيو. افسوس! مسلمانن جي ڪجھ هوٽلن ۾ دل، جيري کان علاوه ڏاند ۽ ٻڪر جا ڪپورا بہ تئي تي پُچي ڪري پيش ڪيا ويندا آهن، غالبًا هوٽل جي زبان ۾ ان ڊش کي ” کٽاکٽ “ چيو ويندو آهي. **(شايد ان کي کٽاکٽ ان لاءِ چوندا آهن جو گراهڪ جي سامهون ئي دل يا ڪپورا وغيره وجهي ڪري تيز آواز سان تئي تي ڪٽيندا ۽ پُچيندا آهن ان مان ” کٽاکٽ “ جو آواز گونجندو آهي.)**

## اوجهري

**اوجهري** جي اندر ناپاڪي پريل هوندي آهي، ان جو کائڻ مڪروهِ تحريمي آهي پر مسلمانن جو وڏو تعداد اڄڪلھ ان کي شوق سان کائيندو آهي.

## منع ٿيل جزن کي ڪيئن سڃاڻجي؟

**سوال** : چاڻايل ممنوعہ جزن جا تفصيل ڪيئن معلوم ٿين؟

**جواب** : تمام بورچين بلڪ سيني اسلامي ڀائرن کي گھرجي تہ اهي ذبح ٿيل جانور جي منع ٿيل شين جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ فتاويٰ رضويہ جي **جلد 20 ص 234 کان 241** جو ضرور مطالعو ڪن، سمجھ ۾ نہ اچي تہ علماءِ ڪرام کان پُڇن، ان کانپوءِ ڪنهن گوشت واري سان ملي ڪري انهن شين جي سڃاڻپ حاصل ڪن. يقينًا پڙهڻ فائديمند هوندو آهي پر گڏوگڏ تجربو بہ هجي تہ سون تي سهاڳو.

## بي نمازي جي هٿن جي ماني کائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال** : ڪجهه ماڻهو بي نمازي جي هٿن جي ماني ناهن کائيندا، اسان جا ڪي بورچي بہ نماز ۾ سُستي ڪندا آهن، انهن کي نصيحت فرمايو.

**جواب** : بي نمازيءَ جي هٿ جي ماني کائڻ جائز آهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن پرهيزگار ماڻهو بي نمازيءَ جي اصلاح جي لاءِ تنبيهہ جي طور تي ان جي هٿ جي ماني نہ کائن تہ حرج ناهي، باقي هن وقت جيڪي بورچي اسلامي ڀائر جمع ٿيا آهن انهن جو تعلق تہ اسلامي مدرسن سان آهي، اڪثر مدرسا بہ مسجدن سان لاڳاپيل آهن انهن بورچين کي تہ فرائض سان گڏوگڏ اوابين، تهجد، اشراق ۽ چاشت جا نفل بہ نہ ڇڏڻ گهرجن جو تہ اسان وٽ ڊيوٽيءَ جي دوران انهن نفلن تي ڪا پابندي ناهي. ياد رکو! فرض نماز نہ بورچيءَ کي مُعاف آهي تہ ان جي مُعاون کي، نہ ئي مانيون لڳائڻ واري کي، جيئن ئي اذان ڪان اڳ درود شريف جو آوازبُڌو، تاڪيد آهي تہ هڪدم چلهو بند ڪري ڇڏيو ۽ تڪبير اوليٰ سان باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي پهرين صف ڏانهن رخ ڪريو. خيرخواهہ[1] اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ اهي جهڙيءَ طرح ٻين شاگردن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا ۽ مسجد ۾ پهچائيندا آهن اهڙيءَ طرح بورچيخاني جو بہ رخ ڪن ۽ چلهو بند ڪرائي انهن کي نماز جي لاءِ روانو ڪن.

---

[1] نمازن جي لاءِ شاگردن کي مسجد جي صفن ۾ پهچائڻ ۽ درس ۽ بيان جي دوران ماڻهن کي مبلغ جي پرسان ويهارڻ جي خدمت تي مقرر ڪيل اسلامي ڀائرن کي دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ خيرخواهہ چيو ويندو آهي.

## علم دين جي شاگردن جي خدمت سعادت آهي

**سوال** : ڇا بورچي خوشنصيب ناهن جو انهن کي علم دين جي شاگردن جي خدمت جي سعادت ميسرآهي؟

**جواب** : ڇو نہ. واقعي پيارا بورچيو! توهان ڏاڍا خوشنصيب آهيو جو قرآن جي حفظ ۽ علم دين جي طلب ۾ مشغول رهڻ وارا اهي شاگرد توهان جي هٿن جو کاڌو کائيندا آهن، جن تي رحمتون جهومي جهومي ڪري وسنديون آهن. علم دين جي شاگرد جو مرتبو تمام بلند، بالا ۽ عظمت وارو هوندو آهي. حضرت سيدُنا ابو درداء رضي الله تعالى عنه جڏهن ڪنهن علمِ دين جي شاگرد کي ڏسندا هئا تہ"مرحبا پلي ڪري آيا" چوندا هئا ۽ فرمائيندا هئا **رسول الله** صلى الله تعالى عليه واله وسلم توهان جي باري ۾ (نيڪ سلوڪ ڪرڻ جي) خاص وصيّت فرمائي آهي. (سنن دارمي ج1 ص 111 حديث 348) يقينًا خاص ڪري نوجوان شاگرد رشڪ جي قابل آهن جو هن عمر ۾ عام طور تي راند روند جو مشغلو هوندو آهي پر انهن پنهنجي جوانيءَ جون بهارون علمِ دين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن.

## ياالله! شاگردن جي صدقي مون کي بخشي ڇڏ

**سوال** : جامعات المدينه جي شاگردن جي باري ۾ توهان جا ڪهڙا جذبات آهن؟

**جواب** : مان دعوتِ اسلاميءَ جي جامعات ۽ مدرسن جي شاگردن سان تمام گهڻي محبت ڪندو آهيان ۽ انهن جي صدقي سان پنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهندو آهيان. جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪجھ شرارتي

ٻه هوندا آهن پر ٻار جو ٿيا! ٻار ڪيڏا ٻه شرارتي هجن پر ماءُ پيءُ کي پيارا هوندا آهن. ڪجهه شاگردن جي شرارت ڪرڻ سان هر شاگرد خراب ته ناهي ٿي ويندو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جا شاگرد پنج وقتن جي نمازڪان علاوه ٻيا نفل ٻه پڙهندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جا ڪيترائي شاگرد ملي ڪري **صلوة التوبہ**، تهجد، اشراق ۽ چاشت جي نمازن جو اهتمام ڪندا آهن. هزارين شاگرد مدني انعامات جا ڪارڊ پري جمع ڪرائيندا آهن، بيشمار شاگرد مدني قافلن ۾ سفرڪندا آهن. ڪيترائي اهڙا آهن جن جون مدرسن ۽ جامعات جي آس پاس دعوتِ اسلاميءَ جون مدني ڪم جون ذميداريون آهن ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهن بيشمار مسجدن کي سنياليو ۽ آباد ڪيو آهي. اللهمَّ زدفزدثُمَّ زد يعني: اي الله وڌاءِ اڃان وڌاءِ وري وڌاءِ.

## شڪايت ڪرڻ جو طريقو

**سوال** : بورچي اسلامي ڀائر شاگردن جي شڪايت کي اهميت ناهن ڏيندا؟

**جواب** : ڏسو! بورچيءَ جي ٻه عزّت نفس آهي، جنهن کي دل ۾ آيو اهو وقت بي وقت جيڪڏهن بورچيءَ کي گهٽ وڌ چوندو رهندو ته ان کي ٻه سنون نه لڳندو، ظاهر آهي هڪ يا ٻه بورچي هڪ جامعه يا مدرسي جي سيني شاگردن کي مطمئن ڪري ٻه نه ٿا سگهن، پيارا شاگردؤ! توهان ٻه ياد رکو ته هرهر شڪايت ڪندو رهڻ سان شڪايت ڪندڙ جو وقار ختم ٿي ويندو آهي ۽ اهو اثر وڃائي ويهندو آهي، تنهنڪري شڪايت هڪ ئي ڀيرو ٿئي پرنرميءَ سان ۽ پرپور انداز ۾ ٿيڻ گهرجي بلڪ تحريري هجي ته وڌيڪ بهتر، تجربو اهو ئي آهي ته اهڙن مُعاملن

۾ ”تقرير“ جي بجاءِ تحرير وڌيڪ موثر هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ اڪثر طلباءَ پڪي ذهن وارا ناهن هوندا، ۽ اهي عام طور تي ڳالهہ ناهڻ جي بدران بگاڙي ويهندا هوندا ، تنهنڪري ڪوبہ شاگرد ڪنهن بہ بورچيءَ وٽ شڪايت ڪٽي نہ وڃي جنهن کي شڪايت هجي اهو تحريري طور تي پنهنجي جامعة المدينه يا مدرسة المدينه جي بورچيخاني جي ذميدار اسلامي ڀاءُ کي پيش ڪري. (**اميرِ اهلسنّت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **جي ان ارشاد تي بورچين تمام گهڻي اطمينان جو اظهار ڪيو**)

## جيڪڏهن پچائڻ مهل کاڌو سڙي وڃي تہ ان جو ذميدار ڪير آهي؟

**سوال** : جيڪڏهن بورچي کاڌو ساڙي ڇڏي تہ ڇا ان کي مُعاف آهي؟

**جواب** : جي نہ. بورچي جيڪو مزدوري وٺي پچائي رهيو آهي! اهو ان جو ذميدار آهي فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا تہ ”بورچي کاڌوخراب ڪري ڇڏي يا ساڙي ڇڏي يا ڪچو ئي لاهي ڇڏي تہ ڪيس ان کاڌي جو ضمان (يعني جيڪو نقصان ٿيو هو) ادا ڪرڻو پوندو. (درالمختار مع رد المحتار ج 9 ص 22) هتي ذميدارغورڪن تہ جيڪڏهن بورچيءَ ضمان ادا نہ ڪيو تہ قوم جي چندي جي مُعاملي کي توهان نظرانداز نہ ٿا ڪري سگهو، جيڪڏهن توهان جي ذاتي رقم هجي ها تہ شايد هڪ هڪ پائي وصول ڪيو ها، تنهنڪري هن وقف جي رقم جي نقصان جو ضمان بهرحال ڏيڻو پوندو، يعني کاڌو خراب ٿيڻ جي سبب جيتري رقم جو نقصان ٿيو اهو ادا ڪرڻو پوندو،“هلو ڀيهر

خيال رکنداسين“ اهو چوڻ سان چوٽڪارو نہ تہ تو تي سگهي پويون سمورو حساب بہ ڏيڻو پوندو.

## تنور جي مانيءَ ڪاڏي جي سوڊا

**سوال** : تنور جي ماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪائڻ جي سوڊا، گهٽي وڌي ويندي آهي ڇا هي نقصانڪارناهي؟

**جواب** : هر شيءِ ۾ وچٽرائي ضروري آهي، ظاهر آهي تہ مانيءَ ۾ گهٽي سوڊا هوندي تہ مانيءَ جوذائقو خراب ٿي ويندو ۽ سوڊا جو گهڻو استعمال جسم کي ڳاريندو آهي.

**سوال** : چٽا اوٻارڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

**جواب** : چٽا اوٻارٽا هجن تہ بهتر هي آهي تہ تقريبًا 8 ڪلاڪن جي لاءِ پاڻيءَ ۾ پجائي رکيا وڃن پرانهن کي نرم ڪرڻ ۽ جلد پچائڻ لاءِ ڪاڏي جي سوڊا بہ وجهي سگهجي ٿي.

## پڪو گوشت ڳارڻ جو طريقو

**سوال** : پڪي (يعني پوڙهي جانور جي) گوشت ڳارڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

**جواب** : پوڙهي جانور جي گوشت کي پچائڻ وقت جيڪڏهن ڪجهہ پپيتو وڌو وڃي تہ اهو جلدي ڳري ويندو آهي، شيخ تي سيڪجندڙ

ٻوٽين جي مصالحي ۾ به ڪجهه پپيتو وڌو ويندوآهي، هوٽلن ۾ ماٺهو جيڪي مزي مزي سان نهاري کائيندا آهن ان ۾عام طور تي اٺ يا پوڙهي ڳئون يا ڪانگهاري مينهن **(يعني اها مينهن جيڪا کير ڏيڻ بند ڪري ڇڏي)** يا ڳهاٽي يا ٻنيءَ جي فارغ ٿيل (**Retired**) پوڙهي ڏاند جو گوشت هوندو آهي اهو پپيتي جو ڪمال آهي جو ان کي ميڻ جيان نرم ڪري کائڻ جي لائق بڻائي ڇڏيندو آهي. ڳڏوڳڏ ڪندۀ قودني جون ڏانديون ۽ سوپاري وغيره به گوشت کي ڳارڻ جي ڪم ايندا آهن، گهڻي دير تائين چلهي تي رکڻ سان به گوشت ڳري ويندو آهي. جڏهن ياجي يا پلاءُ وغيره پچايو ته ڪڪڙ وغيره جي گوشت جا ننڍڙا ٽڪرا وجهو ته جيئن اندر تائين پچي وڃن. ها وڏي ڪڙهائي ۽ ديڳ ۾ وڏا ٽڪرا وڏا وجن ته ضرورت مطابق تپش ملي وڃڻ جي صورت ۾ پچي ويندا آهن. منهنجو مدني مشورو آهي ته هر ياجيءَ ۾ تبرڪ جي طور تي ٿورو ڪدُّو شريف وجهڻ جو معمول بڻايو وڃي، گوشت ۾ سبزي وجهڻ جو هڪ فائدو هي به آهي ته ان سان گوشت جا ڪجهه منفي اثر دُور ٿي ويندا آهن.

## نه ڳرڻ وارو گوشت

**سوال** : جيڪو گوشت ڪنهن صورت ۾ به نه ڳرندو هجي ان جو ڪهڙوعلاج آهي؟

**جواب** : ان جو ڪو علاج ناهي، منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امام احمد رضا عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا ته ” خُنثيٰ جيڪو نرءِ مادي ٻنهي جون

علامتون رڪندو هجي ٻنهي (ڄڳهن) ڪان ڪيس برابر پيشاب ايندو هجي، ترجيح جو ڪو سبب نہ رڪندو هجي (تہ ڪيس نر چئجي يا مادي!)، ان جو گوشت ڪنهن بہ طرح پچائڻ سان ناهي پچندو، هونئن شرعي ذبح سان حلال ٿي ويندو، جيڪڏهن ڪو ڪچو گوشت کائي، تہ کائي. **ان جي قرباني جائز ناهي**. (ملخصًا فتاويٰ رضويه تخريج شده ج 20 ص 255)

## عمده گوشت جي سڃاڻپ

**سوال** : عمده گوشت جي سڃاڻپ ڇا آهي؟

**جواب** : پوڙهي جانور جوگوشت ڳاڙهو هوندو آهي جڏهن تہ جوان جانورجوگوشت پوري رنگ جو هوندو آهي ۽ ان ۾عام طور تي چربي گهٽ هوندي آهي، پورو گوشت وڏيڪ سنو هوندوآهي گهر جي لاءِ آخري بچيل گوشت خريد ڪرڻ فائديمند ٿي سگهي ٿو ڇو تہ وڪڻڻ وارا جلدي جلدي چربي ۽ هڏا تور ۾وجهي هلائي ڇڏيندا آهن ۽ ائين آخر جي بچيل گوشت ۾ ٻوٽيون گهٽيون هونديون آهن! سبزين ۽ ميون جو معاملو ان ڪان ابتڙ آهي جو تازا ۽ عمده جلدي جلدي وڪامجي ويندا آهن، ۽ آخر ۾ ڳريل سڙيل وڃي بچندا آهن ان لحاظ ڪان هي چوڻي صحيح آهي تہ ”سبزي ۽ ميوا شروع ۾ ۽ گوشت آخر ۾ خريد ڪريو.“

## جانورن جي مظلوميت

**سوال** : ڇا ڪو صحابي بہ گوشت جو ڪم ڪندو هو؟

**جواب** : جي ها! حضرتِ سيّدُنا عَمرو بن العاص ۽ حضرتِ سيّدُنا زبير

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا گوشت جو کم کندا هئا، الله عَزَّوَجَلَّ هر گوشت وڪڻڻ واري کي انهن صحابهِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي نقشِ قدم تي هلائي. اڄڪلهه هن ڪاروبار ۾ تمام گهڻا گناهه ڪيا ويندا آهن. گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ پرورش ٿيل بي زبان جانور عام طور تي شروع کان ئي ظلم سهندي ”مذبح“ (يعني ذبح ڪرڻ جي جاءِ) تائين پهچندو آهي. بيشڪ ذبح ڪرڻ جائز آهي پر اڄڪلهه هن جائز ڪم جي دوران ويچارن جانورن کي ايتري قدر اجايو تڪليفون پهچايون وينديون آهن جو ڏسو ته گهبرائجي وڃو.

**سوال** : **جانورذبح ڪرڻ جا اهي احتياط ارشاد فرمايو جنهن سان ان کي گهٽ کان گهٽ تڪليف ٿئي؟**

**جواب** : ڳئون وغيره کي ليٽائڻ کان اڳ ۾ ئي قبلي رخ ڪرڻ جو خيال ڪيو وڃي، ليٽائڻ ڪانپوءِ بالخصوص پٿريلي زمين تي گهلي ڪري قبلي رخ ڪرڻ بي زبان جانور جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي، ذبح ڪرڻ ۾ چار رڳون ڪٽجي وڃن يا گهٽ ۾گهٽ ٽي رڳون ڪٽجي وڃن. ان کان وڌيڪ نه ڪٽيو جو ڇُري ڪنڌ جي مڻڪي تائين پهچي وڃي جو اها بي سبب جي تڪليف آهي پوءِ جيستائين جانور مڪمل طور تي ٿڌو نه ٿي وڃي، نه ان جا پير ڪٽيو نه کل لاهيو، بهرحال ذبح ڪرڻ کان پوءِ جيستائين روح نه نڪري وڃي ڇُري بلڪ ڪٽيل مُنڍي تي هٿ به بلڪل نه لڳايو، غور فرمايو توهان جي زخم تي ڪو هٿ يا آڱريون رکي ته تڪليف ٿيندي يا نه؟ ڪجهه ماڻهو ڳئون کي جلدي ”ٿڌو“ ڪرڻ لاءِ ذبح ڪانپوءِ ڳچيءَ جي کل لاهي ڇُري هڻي دل جون رڳون ڪٽيندا آهن، اهڙيءَ ريت ٻڪريءَ کي ذبح ڪرڻ کان هڪدم

پوءِ، ويچاري جو ڪنڌ پَچي ڇڏيندا آهن، بي زبانن تي اهڙي طرح جا ظلم نہ ڪيا وڃن، جنهن ڪان تي سگهي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ جانور کي بنا سبب ايذاءَ پهچائڻ واري کي روڪي، بهارِ شريعت حصو 16 ص 259 تي آهي،" جانور تي ظلم ڪرڻ ذمي ڪافر تي (هاڻي دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن) ظلم ڪرڻ کان بہ بُروآهي ۽ ذمي تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان بہ بُرو آهي ڇو تہ جانور جو ڪو والي ۽ واهر الله عَزَّوَجَلَّ کان سوا ناهي هوندو، ان غريب کي هن ظلم کان ڪير بچائي!".

**سوال** : ذبح ٿيڻ واري جانور جو تماشو ڏسڻ ڪيئن آهي؟

**جواب** : بي زبان جانورجي ذبح ٿيڻ کي تماشو بڻائڻ بدران ان تي رَحم ڪرڻ گهرجي، ۽ غور ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ان جي جڳهہ تي مون کي ذبح ڪيو وڃي ها تہ منهنجي ڇا حالت هجي ها! ذبح جي وقت جانور تي رَحم ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي، جيئن تہ هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ **رحمة للعلمين** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو، **يارسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ٻڪري ذبح ڪرڻ تي رَحم ايندو آهي، فرمايائون جيڪڏهن توهان ان تي رَحم ڪندؤ تہ الله عَزَّوَجَلَّ بہ توهان تي رَحم فرمائيندو. (مستدرڪ للحاڪم ج5 ص 327 حديث 7636) ان حديثِ پاڪ ۾ تہ جائز طريقي سان ذبح ڪرڻ تي رَحم ڪرڻ جو تذڪرو آهي جڏهن بي زبان جانور تي ظلم ٿي رهيو هجي جيئن عرض ڪيو ويو تہ ان کي تماشو بڻائڻ ڪيئن آهي؟ ظاهر آهي جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ظالم کي سمجهائجي ۽ ڪيس ظلم کان منع

ڪجي جيڪڏهن ائين نہ ٿو ڪري سگهجي تہ دل ۾ بُرو ڄاڻيندي اتان ڪان هٽي وڃجي بلڪ جڏهن جانور ذبح ٿي رهيو هجي تہ بنا ضرورت جي ان ڏانهن ڏسڻ کان ئي پاسو ڪري، ان جي چوڏاري بيهي رهڻ، ان جي رڙڻ، تڙپڻ ۽ ڦٿڪڻ مان مزو وٺڻ، کلڻ، ٽهڪ لڳائڻ ۽ ان جو تماشو بڻائڻ سراسرغفلت جي نشاني آهي، **ٻڪريءَ جواحترام ڪرڻ** گهرجي ڇو تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ ٻڪريءَ جي عزّت ڪريو ۽ ان کان مٽي ڇنڊيو ڇوتہ اهو جنّتي جانورآهي. (الجامع الصغير ج1 ص 88 حديث 1421)

## اٺ کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال** : اڄڪلهہ اٺ کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪيوويندوآهي اهو ڪيتري قدر صحيح آهي؟

**جواب** : اٺ کي ٽن جڳهن کان ذبح ڪرڻ زيادتي آهي هڪ ئي جڳهہ ڪافي آهي بلڪ اٺ کي **نحر** ڪرڻ سنّت آهي، ڳڙي جي آخري حصي ۾ نيزو (يا ڇهنب واري ڇُري وغيره) ٿُنبي ڪري رڳون ڪٽڻ کي" **نحر** "چوندا آهن. (بهارِ شريعت حصو 15ص 115 مدينة المرشد بريلي شريف) **نحر** ڪرڻ کانپوءِ هاٿي هڪ پيرو بہ ڳلي تي ڇري ڦيرڻ يعني ذبح ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

## اٺ جي مٿي تي لوهي ڏنڊي جو ڌڪ!

الله عَزَّوَجَلَّ هرهراسان سيني کي حج ۽ مديني جو ديدارنصيب فرمائي ۽ منيٰ شريف[1] ۾ قرباني جي سعادت بخشي، آهہ! حج 1422هہ جي ڏينهن ۾ اتي ايتريقدر ڏوٽي ڇڏيندڙ منظر ڏٺا ويا جو

[1] حج جي قرباني منيٰ شريف ۾ ڪرڻ سنّت آهي پر اڄڪلهہ "مذبح" (يعني قرباني جي جڳهہ) مزدلفہ ۾ آهي.

رَحم دل ماڻهو بيهوش ٿي وڃي! آهه! ويچاري غريب اٺ جي مظلوميّت! هڪ قد آور ڪارو حبشي لوهه جو وزندار ڏنڊو پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي وڏي ڦڙتيءَ سان بي خبر بيٺل اٺ جي مٿي تي زور سان هڻي پيو، جنهن تي اهو غريب رڙندي چڪرائجي ڪِري پيو پوي، پوءِ ڪجهه ڪاسائي حاوي ٿي ان کي ٽن ڄڱهن کان ذبح ڪن پيا. ڪٿي ڪٿي هي به ڏٺو ويو ته ڇهريان بيٺل اٺ کي نحر ڪندا هئا، جنهن سان رت جو ڦوهارو نڪرندو هُو گهٻرائجي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ته ان جي مٿي تي لوهي ڏنڊي جو زوردار وار ڪيو ويندو هو جنهن سان اهو ويچارو دانهن ڪري زمين تي ڪري پيو، پوءِ ڪيس ٽن ڄڱهن کان ذبح ڪيو ويندو هو، اهي ڏکوئيندڙ منظر مون پاڻ ناهن ڏٺا 1422ھ جي ”چل مدينه“ واري قافلي جي طرف کان قرباني ڪرڻ جي لاءِ ”مذبح“ (يعني قرباني جي جڳهه) تي ويندڙ اسلامي ڀائرن مون کي اکين ڏٺو حال ٻُڌايو هيو.

## گوشت وڪندڙن لاءِ احتياط

**سوال** : گوشت وڪٽندڙن لاءِ ڪجهه مدني گل ڏئي ڇڏيو.

**جواب** : اڪثر گوشت وڪڻ وارا اڄڪلهه تمام گهڻيون غلطيون ڪري گناهه ڪمائيندا آهن. ۽ پنهنجي روزي خراب ڪري ويهندا آهن. انهن مان هڪ هي ته برفخاني مان نڪتل پاروٿي گوشت کي تازو چئي ڪري وڪڻ، پوڙهي ڏاند يا پوڙهي مينهن يا پوڙهي سانَ جي گوشت کي ڳئون يا ڳابي جو گوشت چئي وڪڻ يا پوڙهي

ڳئون يا وهڙي جي ران تي ڪنهن ٻئي ڳابيءَ جا ننڍا ننڍا ٽڻ لڳائي ڏوڪي سان وڪڻڻ جن هڏين ۾ ڇچڙن ڪي اچلائي ڇڏڻ جورواج آهي انهن کي دوکي سان تور ۾ هلائي ڇڏڻ، گوشت يا قيمي کي بغير تورڻ جي صرف اندازي سان تور جي نالي تي ڏيڻ (مثال طور: ڪنهن اڌ پاءُ قيمو گهريو ته مٺ ۾ ڪٽي بغير تورڻ جي اڌ پاءُ جي طور تي ڏنو) وغيره گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وني وجڻ وارا ڪم آهن.

## اندازي سان تورڻ جي منع

**سوال** : هينئر اوهين اندازي سان قيمو تورڻ کان منع فرمائي، ان ۾ ته آزمائش آهي، جو ته ڪيترين ئي شيون اڄڪلهه اندازي سان ئي توري ڏيڻ جو عرف (يعني رواج) آهي، ڇا وڻڻ وارو به گناهگار آهي؟

**جواب** : جي ها! جيڪڏهن تور جي نالي تي اندازي سان خريد ڪيو ويو ته وڻڻ وارو به گناهگار آهي، ان کان بچڻ جو هڪ طريقو هي به آهي ته جيڪي شيون تور جي نالي تي بغير تورڻ جي اڄڪلهه ڏنيون وينديون آهن، اهي توهان تورجي نالي تي نه گهرو بلڪ ان جي قيمت چئو مثال طور چئو ته مون کي 5 روپين جي ڌهي ڏيو، 12 روپين جو قيمو ڏيو، پوءِ اهو جهڙي طرح به ڏئي، ٻئي گناهه کان بچي ويؤ.

## قيمي جا بازاري سموسا

**سوال** : ڇا بغير ڌوئڻ جي قيموڪائي سگهجي ٿو؟

**جواب** : جيستائين نجاست جي ڄاڻ نه هجي بغير ڌوئڻ جي ڪائڻ ۾ حرج ناهي پر احتياط ان ۾ ئي آهي ته ڌوتو وڃي، بازارن ۽ دعوتن جا

چٽ پٽا سموسا کائڻ وارا توجهه سان ٻُڌن، عام طورتي سموسا ناهڻ وارا قيمو ڏوئندا ناهن، انهن جي چوڻ موجب قيموڌوئي ڪري وجهون ته ڪباب سموسي جو ذائقو متاثر ٿيندو آهي! قيمي ۾ ڪڏهن ڪڏهن چا چا هوندو آهي، اهو به ٻُڌي ونو! ڳئون جي اوجهريءَ جي کل لاهي ان جي ٿلهي گوشت ۾ ٽِري بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ته ڄميل رت وجهي ڪري، مشين ۾ پيهندا آهن اهڙيءَ طرح اڇي ٿلهي گوشت جي قيمي جورنگ گوشت جيان ڳلابي ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪباب سموسي وارا ان ۾ ضرورت موجب، ادرڪ، ٿوم وغيره به ڳڏ ڪري پيهائي ڇڏيندا آهن، پوءِ ان قيمي کي ڌوئڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، انهيءَ قيمي ۾مرچ مصالحا وجهي پُچي ڪري ان جا سموسا ٺاهي ڪري وڪڻندا آهن، هوٽلن ۾ به ان طرح جي قيمي جي پاڃيءَ جو انديشو رهندو آهي، گندي ڪباب سموسن واري کان پڪوڙا به نه ورتا وڃن ڇو ته ڪڙهائي هڪ ۽ تيل به اهو ئي گندي قيمي وارو هوندو آهي. خير مان هي نه ٿو چوان ته مَعاذَالله هر گوشت وڪڻ وارو ائين ڪندو آهي يا خدانخواسته هر ڪباب سموسي وارو ناپاڪ قيمو ئي استعمال ڪندو آهي، يقيناً خالص گوشت جو قيمو به ملي سگهي ٿو. عرض ڪرڻ جو مقصد هي آهي، ته قيمو يا ڪباب سموسا اطمينان جوڳي مسلمان کان وٺڻ گهرجن ۽ جيڪي مسلمان اهڙيون گنديون حرڪتون ڪندا آهن انهن کي توبهه ڪرڻ گهرجي.

## مئل ڪڪڙيون

اڄڪلهه بد ديانتي جو دؤر آهي. چون ٿا ته جڏهن ڪڪڙين ۾ وبا (بيماري) ڦهلجندي آهي ته ڏوهاري ذهنيت رکڻ وارا ماٺهومُئل

ڪڪڙين جو گوشت بہ شيخ ڪباب وارن ۽ هوٽلن وارن کي دوکي سان سپلاءِ ڪندا آهن.

## مرڻ جي ويجهو ٿيل ٻڪريءَ جي ذبح جا احڪام

**سوال** : جيڪڏهن بيمار ٻڪري مرڻ جي ويجهو ٿي وئي تہ ڇا ان کي ذبح ڪري سگھجي ٿو؟

**جواب** : ها. پراڻ سلسلي ۾ ڪجھہ ڳالهيون خيال ۾ رکو، بيمار ٻڪري جڏهن ذبح ڪئي ۽ صرف ان جي وات ۾ حرڪت ٿي ۽ اها حرڪت هي آهي تہ وات کوليائين تہ حرام آهي ۽ بند ڪيائين تہ حلال آهي، اکيون کوليائين تہ حرام ۽ بند ڪيائين تہ حلال. پير ڈگهيرياائين تہ حرام ۽ سوڙها ڪيائين تہ حلال. وار ايا نہ ٿيا تہ حرام ۽ ايا ٿيا تہ حلال. يعني جيڪڏهن صحيح طور تي ان جي زنده هجڻ جو علم نہ هجي تہ انهن نشانين کان ڪم ورتو وڃي ۽ جيڪڏهن يقيني طورتي زنده هجڻ معلوم آهي تہ انهن شين جو خيال نہ ڪيو ويندو. بهرحال جانورحلال سمجهيو ويندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 286)

## ذبح ڪرڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ وسري وڃي تہ

**سوال** : مسلمان بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم چئي ڪري ذبح ڪيو تہ ڇا جانور حلال ٿي ويو؟ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ ئي وسري ويس تہ ڪهڙوحڪم آهي؟

**جواب** : جي ها حلال ٿي ويو. ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو وٺڻ ضروري آهي، پر بهتر هي آهي ته بسم اللهِ الله اکبر چوي”عربي“ کان علاوه ڪنهن بي زبان ۾ به الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتائين تڏهن به جانور حلال ٿي ويندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 286) جيڪڏهن ذبح جي وقت الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو وٺڻ وسري ويو تڏهن به جانور حلال آهي. ها جيڪڏهن ڄاڻي واڻي نه ورتائين ته حرام ٿي ويندو. تفصيلي احڪام بهارِ شريعت حصي 15 ۾ ملاحظ فرمايو.

## هڏي کائي سگهجي ٿي يا نه؟

**سوال** : ڇا ذبح ٿيل جانورجي هڏي به کائي سگهجي ٿي؟

**جواب** : **جي ها!** سيّدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، ”حلال ذبح ٿيل جانور جي هڏي (کائڻ ۾) ڪنهن به قسم جي منع ناهي جيستائين ان جي کائڻ ۾ نقصان نه هجي.“ (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 340) بالخصوص اچي هڏي جيڪا پلاسٽڪ وانگرلچڪدار هوندي آهي، **اها!** اڪثر نرم ۽ لذيذ هوندي آهي، چوپاين جي پيٽ جي پردي جي ويجهو واري نرم هڏي جون پاسريون، هٿ جي هڏي سان مليل اڇي ويڪري هڏي به نرم هوندي آهي، ساهه جي نلي جنهن کي عربي ۾ ”**حلقوم**“ ۽ سنڌيءَ ۾ ”**نِرگهٽ**“ چئبو آهي ۽ اها ڦقڙن سان مليل هوندي آهي، ان کي ديگهه ۾ چيري ڪري صاف ڪرڻ گهرجي، سيني جو گوشت پچڻ کانپوءِ ان ۾جيڪا اڇي هڏي هوندي آهي، اها به کاڌي ويندي آهي ان سان گڏ ئي ڪاري هڏي

هوندي آهي جيڪا پُرٽي، لذيذ ۽ غذائيت سان ڀرپور هوندي آهي، تقريبًا تمام جوان جانورن جي ڪاري هڏي ڀرٽي هوندي آهي، ان کي خوب چڱيءَ طرح چٻاڙيوآخر ۾ وات جي اندرجيڪو خشڪ چورو رهجي وڃي اهوا ڇلائي ڇڏيو، جيڪي هڏيون ڪائي يا چٻاڙي نہ ٿيون سگهجن، انهن جي ڀڳل حصي کي چوسڻ سان لذت بہ ملندي آهي ۽ غذائيت بہ، تنهنڪري جيستائين لذت ايندي رهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت مان فائدوکڻو، ان کانپوءِ دسترخوان تي رکي ڇڏيو.

**سوال** : ڪچي گوشت ۾ڪاري هڏي تہ ڪڍڻ بہ ناهي ڏني؟

**جواب** : ڪچي گوشت ۾ جيڪا هڏي بلڪل ڳاڙهي هوندي آهي اها ئي پچي ڪري ڪاري ٿي ويندي آهي بلڪہ رت بہ جڏهن چڱيءَ طرح پچي وڃي تہ ڪارو ٿي ويندوآهي!

## هڏين سان علاج جا مدني گل

**سوال** : هڏين جا ڪجهہ فائدا بہ بيان ڪري ڇڏيو.

**جواب** : هڏيون بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهن ۽ انهن ۾ بہ غذائيت رکي وئي آهي جيڪي ماڻهو گهر ۾ پچائڻ جي لاءِ بغير هڏيءَ وارو گوشت خريد ڪندا آهن اهي پاڻ سان گڏ پنهنجي گهروارن کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نعمت کان محروم ڪندا آهن، يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ ڪا شيءِ بيڪار ناهي بڻائي، هڏيون غذا سان گڏوگڏ دوا جو ڪم بہ ڏينديون آهن،طبيب ڪجهہ مريضن کي هڏين جو شوروو پيئڻ جو مشورو

ڏيندا آهن بلڪ توهان مان شايد اڪثريت پيتو به هوندو، البت خالص ٻوٽيءَ جو سوپ ڪنهن به نه پيتو هوندو، هڏيون انتهائي اهم آهن، طبي طريقي موجب هڏين مان حاصل ڪيل عرق جون سُيون به مريضن کي لڳايون ويندڀون آهن. ڳئون جا سِڱ پيهي ڪري ڪاڏي ۾ ملائي جنهن کي هر چوٿين ڏينهن بخاراينڊو هجي ان کي ڪارائڻ سان باذن الله عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي آهي، ڳئونءَ جا وار ساڙي ڪري پاڻي ۾ ملائي پيئڻ سان ڏندن جو سورختم ٿي ويندو آهي. (حيوٰة حيوان الكبريٰ ج1ص219)

ڪبوتر جيڪو حلال پکي آهي ان جي هڏي ساڙي زخم تي لڳائڻ سان الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان زخم ٺيڪ ٿي ويندو آهي.

(عجائب الحيوانات ص 147)

## ڪڪڙجي گوشت جا فائدا

**سوال** : ڪڪڙجي گوشت جا به ڪي فائدا بيان ڪريو؟

**جواب** : ڪڪڙ جو گوشت کائڻ سان حافظو مضبوط ٿيندو آهي گڏوگڏ هي پيٽ جي سورجي لاءِ به فائديمند آهي. بهتر هي آهي ته ديسي ڪڪڙ کاڌي وڃي، ديسي ڪڪڙ خريد ڪرڻ هاڻي آسان ناهي ڇو ته پولٽري فارم جي ٿئي ننڍي سائيز جي ڪڪڙ ۽ ننڍن انڊن کي رنگ لڳائي ڪري اڄڪلهه ”ديسي“ جي نالي ۾ کپايو ويندو آهي. ديسي ڪڪڙ جي سڃاڻپ هي آهي ته سنهي ۽ ننڍي پيٽ واري هوندي آهي جڏهن ته پولٽري فارم واري ٿلهي متاري ۽ پريل گوشت واري هوندي آهي.

## ڪُڪڙ جون هڏيون کائڻ ڪيئن آهن؟

**سوال**: ڇا ڪُڪڙ جون هڏيون کائڻ جائز آهن؟

**جواب** : جي ها. منهنجو تقريبًا ننڍپڻ کان معمول آهي جڏهن به ڪُڪڙ کائيندو آهيان ته ان جي اچي نرم هڏي به کائي ڇڏيندو آهيان. البت عوام ۾ مشهور آهي ته ڪُڪڙ جي هڏي کائڻ سان نقصان ٿيندو آهي، مون هڪ غذائيات جي ماهر طبيب کان جنهن غذائن جي خاصيتن متعلق ڪتاب به لکيو آهي ڪُڪڙ جي هڏين جي نقصانن جي باري ۾ پُڇيو ته هُن اهو ئي جواب ڏنو ته انهن جي کائڻ سان ڪنهن به قسم جو نقصان ناهي ٿيندو.

وَاللّٰہُ وَرَسُولُهٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مڇيءَ جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون يا نه؟

**سوال**: مڇيءَ جون هڏيون کائي سگهجن ٿيون يا نه؟

**جواب** : کائي سگهجن ٿيون. مڇيءَ جون هڏيون عام طور تي سخت هونديون آهن ۽ ڪاڏيون نه وينديون آهن پر ڪِن جون نرم ۽ ملائم هونديون آهن. مثال طورسمنڊ جي پاپليٽ ۽ سرمائي مڇي وغيره جون هڏيون نرم ۽ لذيذ ٿينديون آهن، انهن کي خوب چٻاڙيو ۽ جيڪڏهن ڳهڻ نه چاهيو ته چڱيءَ طرح چوسي ڪري ٻچيل چورو اڇلي ڇڏيو.

## مڇي جي کل کائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال** : مڇي جي کل کائي سگهجي ٿي يا نہ؟

**جواب** : کائي سگهجي ٿي، عمومًا ماڻهو مڇيءَ جي کل ڀهريان کان ئي يا پچڻ کان پوءِ ڪڍي ڪري اڇلي ڇڏيندا آهن، ائين نہ ڪجي جيڪڏهن ڪا مجبوري نہ هجي تہ مڇيءَ جي کل بہ کائڻ گهرجي، ڪجھ مڇين جي تہ کل ڏاڍي لذيذ هوندي آهي.

## ڪيڪڙو کائڻ ۽ وڪڻڻ

**سوال** : ڪيڪڙو کائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب** : حرام آهي. مڇيءَ کان علاوه درياھ جو هر جانور کائڻ حرام آهي، ڪيڪڙو وڪڻڻ بہ ناجائزآهي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا، مڇيءَ کان علاوه پاڻيءَ جا سيئي جانور ڏيڏر، ڪيڪڙو وغيره ۽ حشرات الارض (يعني زمين مان نڪرندڙ ڪيڙا ماڪوڙا مثلاً مکيون، ڪوِليون) ڪوئو، ڇڇوندر، (هڪ قسم جو بدبودار ڪئو) گهونس (هڪ قسم جو وڏو ڪئو) ڪرڙي، ساندو، ڳوھ، نانگ ۽ وڇونءَ ڪي وڪڻڻ ناجائز آهي. (فتح القدير ج 6 ص 58)

## جيڪڏهن ڀاڄي سڙي وڃي تہ ڇا ڪجي؟

**سوال** : جيڪڏهن ڀاڄي سڙي وڃي تہ ان جو ڪو حل آهي؟

**جواب** : مٿان مٿان ٻوٽيون ۽ مصالحو ڪڍي ڇڏيو، ٻي ديڳڙيءَ ۾ تيل

وجهي ڪري بصر ڳاڙها ڪرڻ کان پوءِ اهي ٻوٽيون ۽ مصالحو وغيره وجهي ڪري اڌ ڪوپ کير جو وجهي چڙهيو، ڪيرسان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سڙڻ جي بوءِ ختم ٿي ويندي.

## هاضمو ڪيئن صحيح ٿئي؟

**سوال**: هاضمي صحيح ٿيڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

**جواب** :ڪاڌي پيتي ۾ احتياط. هر وقت ڪائيندو پيئندو رهڻ سان معدو خراب ۽ هاضمو تباهه ٿي ويندو آهي، جيستائين بُک نہ لڳي ان وقت تائين ڪائڻ سنّت ناهي، جڏهن بہ کو ڪائي تہ بُک جا ٽي حصا ڪري، هڪ حصو ڪاڌو، هڪ حصو پاڻي، هڪ حصو هوا. ڪائڻ کانپوءِ ڏيڍ يا ٻن ڪلاڪن تائين نہ سُمهي، گوشت گهٽ ۽ سبزي ۽ ميون جو استعمال گهڻو ڪري، حتي الامڪان روزانو هڪ ڪلاڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ پيدل هلي رات جو ڪاڌو ڪائي 150 قدم هلي، بدهاضميءَ جون اهي بيماريون جيڪي ڪنهن دوا سان صحيح نہ ٿينديون هجن اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ!صحيح ٿي وينديون. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان کي 80 سيڪڙو بيمارين کان حفاظت حاصل ٿيندي جن ۾ دل جو دورو، فالج ۽ لقوو (فالج جو هڪ قسم)، دماغي بيماريون، هٿن پيرن ۽ جسم جو سور، زبان ۽ ڳلي جون بيماريون، وات جا ڇالا، ڇاتيءَ ڦڦڙن جو بيماريون سيني ۾ ساڙو، شگر، هاءِ بلڊ پريشر، جگر ۽ پِتي جون بيماريون وغيره شامل آهن.

## بدهاضميءَ جا ٻہ مدني علاج

﴿1﴾ جنهن شخص کي بدهاضمي جي بيماري هجي ۽ اهو هن آيتِ

ڪريم کي پڙهي ڪري پنهنجي هٿ تي دم ڪري ان کي پنهنجي پيٽ تي ڦيريندو ۽ ڪاڌي وغيره تي دم ڪري کاڌو کائيندو ته اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ بدهاضمي جي شڪايت ختم ٿي ويندي. الله تبارڪ و تعاليٰ 29 سيپاري سُوْرَةُالْمُرْسَلٰتِ جي 43 ۽ 44 آيت مبارڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِیْٓــًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ﴿۴۳﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ﴿۴۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: کائو ۽ پيئو خوشگوار تي پنهنجن عملن جو انعام بيشڪ نيڪن کي ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون.

﴿2﴾ امام ڪمال الدين دميري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪجهه علماءِ ڪرام کان نقل ڪن ٿا ته جيڪو گهڻو کاڌو کائي وينو ۽ کيس بدهاضميءَ جو خوف هجي اهو پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيريندي تي پيرا هي چوي

اَللَّيْلَةُ لَيْلَةُ عِيْدِيْ يَا كَرِشِيْ وَرَضِيَ اللهُ عَنْ سَيِّدِيْ اَبِيْ عَبْدِاللهِ الْقَرَشِيْ.

ترجمو: اي منهنجا معدا: اڄ جي رات منهنجي عيد جي رات آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي اسان جي سردار حضرت ابوعبدالله قرشي[1] کان.

۽ جيڪڏهن ڏينهن جو وقت هجي ته الليلة ليلة عيدي جي بدران اليوم يوم عيدي چوي

(حيوٰة الحيوان الکبريٰ ج1 ص460)

[1] سيّدي ابوعبدالله قرشي هاشمي مصر جي اڪابر اولياءُ منجهان هئا، سيّدنا غوث اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي زماني ۾ سورهن سترهن ورهين جا هئا 6 ذوالحجه 599 جو بيت المقدس ۾ انتقال فرمايائون. (فتاويٰ افريقه ص 177)

# قبض جو طبي علاج

**بدهاضميءَ** جا ڪيترائي علاج آهن، جن مان ڪجھ هي آهن ﴿1﴾ قبض هجي ته هڪ ٻن وقتن جو ڪاڌو نه کائجي، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پيٽ جو بار هلڪو ٿي ويندو ۽ معدي کي آرام به ملندو ﴿2﴾ مناسب مقدار ۾ پيپيتو کائي ڇڏجي ﴿3﴾ اسپنگر جي ڍُهي هڪ يا ٻه چمچا پاڻي سان استعمال ڪجن. جيڪڏهن ان سان ڪم نه هلي ته ضرورت موجب ان جو مقدار وڌايو، جيڪڏهن اڪثر قبض رهندو هجي ته هفتي ۾ هڪ به پيرا ائين ڪجي. ﴿4﴾ پينل هريڙ ڇانھ جي اڌ چمچي جيتري سمهڻ وقت پاڻيءَ سان استعمال ڪريو، ٿي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ چار مهينن تائين روزانو استعمال ڪريو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ قبض سان گڏوگڏ تمام گهڻيون بيماريون ختم ٿينديون بلڪ حافظي جي لاءِ به فائديمند آهي.

## شاگرد کاڌو نه کيرائن ان جو حل

**سوال:** شاگرد اڪثر کائڻ وقت کاڌي جا ذرا کافي کيرائي ڇڏيندا آهن ان جو حل ارشاد فرمايو؟

**جواب:** صرف شاگرد ئي نه اها بلا اڄڪلھ عام آهي. هزارن لکن ۾ کو خوشنصيب مسلمان اهڙوهوندو، جيکوکاڌي جا ذرا ضايع ڪرڻ کان بچندو هوندو. شاگردن کي کائڻ ۾ هي احتياط ڪرڻ گهرجي ته کو به ذرو ضايع نه ٿئي، منتظمين به ان ڳالھ کي ذهن ۾ رکن ته مدرسا وقف جي پيسن مان هلندا آهن غذا جو هڪ هڪ ذرو

شاگردن جي پيٽ ۾ وجي، ان جو خيال ڪندا ڪريو. ڪاڏو ڪائڻ وقت ڪجهه شاگرد گهمندي ڦرندي باقاعدي ”خيرخواهي“ فرمائيندا رهن[1] شاگردن کي ڪاڏي جي دوران ڪائڻ پيئڻ جون سنتون ٻُڌائيندا رهن، ڪاڏي جون نيتون بہ ڪرائين، ڪاڏي جون دعائون بہ پڙهائين، چانورن ۽ مانيءَ جا جيڪي ذرا دسترخوان تي ڪِريل هجن اهي نرمي سان انهن کان ئي کٽائي انهن کي ئي کارائين.

## ماني ٽوڙڻ جو طريقو

**سوال:** ماني ٽوڙڻ جو طريقو ٻُڌايو.

**جواب** : ماني کابي هٿ ۾ جهلي ڪري ساڄي هٿ سان ٽوڙڻ سنّت آهي، مانيءَ جا ذرا دسترخوان تي نہ ڪرن، ان جو طريقو هي آهي تہ پليٽ يا ياڃيءَ جي ٿانوَ جي مٿان وچ تائين هٿ وڏائي ڪري ماني ۽ ڊبل روٽي ٽوڙڻ جي عادت بڻايو اهڙيءَ طرح تمام ذرا ٿانوَ ۾ ئي ڪِرندا، اهو ئي احتياط، سموسن، پيٽس، بسڪيٽ، نان خٽائي ۽ هران غذا ۾ ڪريو جن جا ذرا ٽوڙڻ سان ڪِرندا آهن، مناسب هي آهي تہ جيستائين هڪ مانيءَ جا ٽڪر ڪاڏا نہ وجن، تيستائين ٻي نہ پيگي وجي.

## ٻچيل مانين جي استعمال جو طريقو

**سوال** : جيڪي مانيون يا انهن جا ٽُڪرا ٻچي پوندا آهن انهن جو ڇا ڪيو وجي؟

---

[1] دعوتِ اسلامي جي جامعات و مدرسن ۾ انهن ڪمن جي لاءِ مجالس جي ترڪيب آهي.

**جواب** : مدرسن جي چندي جا پيسا مدرسن جي ڪمن ۾ ئي خرچ ٿيڻ گھرجن، ان لاءِ بچيل مانيون ۽ انهن جا ٽڪر بنا شرعي اجازت جي ڪنهن ٻئي ڪم ۾ استعمال نہ ڪيا وڃن، انهن کي فريزر ۾ رکي ڇڏيو يا ڪليل هوا ۾ پکيڙي ڇڏيو، ٻئي يا ٽئين ڏينهن ڀاڄيءَ سان گڏ پچائي ڇڏيو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪافي لذيذ ڪاڌو ٺهجي ويندو، ڪاڌي جي وقت ٿورو ٿورو ورهائي ڇڏيو، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شاگرد شوق سان کائيندا.

## دستر خوان تي ڪريل داڻا

**سوال**: دستر خوان تي ڪريل داڻن وغيره جو ڇا ڪجي؟

**جواب** :انهن کي چوندي کائي ڇڏيو. گھرن ۾ بچيل غذائي ذرا اچلائڻ بدران ڊڳين، ٻڪرين، جهرڪين، ڪڪڙين يا ٻلين وغيره کي کارائي بي ادبي ۽ اسراف جي گناهہ کان بچي سگھجي ٿو.

## ڪاڌي جي نيت ڪيئن ڪجي؟

**سوال** : توهان ڪاڌي جي نيّت جي باري ۾ ٻُڌايو تہ ڪاڌي جي نيّت ڪيئن ڪبي آهي؟

**جواب** : مسلمان کي هر مباح ڪم ۾ سنيون سنيون نيّتون ڪرڻ گھرجن، اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هر هر سني نيّت تي ثواب ملندو. اهڙيءَ ريت کائڻ لاءِ هيءَ نيّت دل ۾ حاضر هجي تہ مان عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪاڌو کائي رهيو آهيان. پر هيءَ نيّت انهيءَ صورت ۾

صحيح ٿيندي جڏهن ٻُک کان گهٽ کائجي. خوب ڏؤ ڪري کائڻ سان عبادت تي قوت حاصل ٿيڻ ته پري رهيو ويتر سُستي ايندي آهي.(ڪاڏي جي ٻين نيّتن جي فهرست آداب طعام ص6 تي ملاحظ فرمايو.)

## چانهه جا احتياط

**سوال**: چانهه جا احتياط ارشاد فرمايو.

**جواب** : چانهه گردن ۽ پيشاب جي مريضن لاءِ نقصانڪار آهي، ان جو استعمال گهٽ ئي ٿيڻ گهرجي. چانهه جا ناز نخرا تمام گهڻا آهن نه ته اها صحيح ناهي بڻبي. ان جي لاءِ عمدو کير ۽ بهترين چانهه جي پتي گهرجي. پَتي، کنڊ ان جا ٿانوَ پيالا، چاڻي وغيره سڀ بورچيخاني کان ايترو پري رکيا وڃن جو ڪاڏي جو دونهون به انهن کي نه پهچي، هڪ پيرو جنهن ٿانوَ ۾ چانهه ناهي ٻيهر انهيءَ ۾ جيڪڏهن فورًا به ناهڻي هجي ته ڌوئي ڪري ناهي وڃي، چانهه جا ٿانوَ به سيني کان الڳ ٿلهگ ڌوتا وڃن، چانهه جي پَتي جو دٻو چڱيءَ طرح بند رکيو وڃي نه ته ان جي خوشبو ضايع ٿيندي رهندي، نهڻ کانپوءِ جلد پيتي وڃي، ٻيهر گرم ڪرڻ سان ان جو ذائقو بدلجي ويندو آهي. چانهه جي مٿان جيڪا ملائي جمندي آهي اها ڪڏهن چڏڻ گهرجي، چون ٿا ته ”جيڪڏهن چانهه جي 100 ڪوپن جي ملائي ٻليءَ کي کارائي وڃي ته هوءَ ان جي زهر کان مري وڃي“.

## چانهه ٺاهڻ جو طريقو

**سوال**: چانهه ٺاهڻ جوطريقو به ٻُڌائي ڇڏيو.

**جواب**: ”**کير پتي**“ چانهه پيئڻي هجي ته کير کي خوب گرم ڪريو، ان دوران ڪنڊ به وجهي ڇڏيو، هاڻي ابرنڊڙ کير ۾ ايتري پتي وجهو جو ان جو رنگ تيز ڦڪو ٿي وڃي، ٻه ٽي ڀيرا ابرڻ تائين چمچو گهمايو، ان کان پوءِ لاهي ڇڏيو ۽ ڇاڻي ڪري استعمال ڪريو. جيڪڏهن پاڻيءَ جي چانهه ناهڻي هجي تڏهن به پاڻي ۾ ضرورت مطابق کير ۽ کنڊ ڀريان کان ٿي وجهي خوب پچايو، ان کانپوءِ پتي وجهي ڪري ڄاڻايل طريقي تي عمل ڪريو، طبيعت پسند ڪندي هجي ته ننڍا ڦوٽا به وجهي سگهو ٿا.

## چانهه ۾ ماکي وجهي سگهجي ٿي يا نه؟

**سوال**: ڇا چانهه ۾ ماکي وجهي سگهجي ٿي؟

**جواب**: وجهي سگهجي ٿي بلڪ جنهن کي وسعت هجي اهو کنڊ جي بدران ماکي ئي وجهي. عام طور تي ماٺو تمام گهڻي کنڊ وجهي ڪري خوب مٺي چانهه پيئندا آهن، اهڙي چانهه گهڻي مقدار ۾ پيئڻ تمام نقصانڪار آهي ۽ ان سان رت ۾ شگر جو مقدار وڌڻ جي مرض جو امڪان رهندو آهي. تڏين بوتلن ۽ آئسڪريم جا شوقين به عام طور تي شگر جا مريض بڻجي ويندا آهن هڪ ٿڌي بوتل ۾ تقريبًا ست چمچا کنڊ هوندي آهي، جڏهن ته آئسڪريم ته چڱو خاصو ”**شگربم**“ آهي!

وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

توهان چانهه ۾ جيڪڏهن ماکي نه ٿا وجهي سگهو ته معمول کان اڌ مقدار ۾ کنڊ وجهي ڇڏيو.

# ڏندن جي صفائي جو عمل

**سـوال** : چانهه پيئڻ سان ڏند ڦڪا ٿي وڃن ٿا، ان جو ڪوحل؟

**جواب** : چانهه پيئڻ کان ڪجهه منٽن کانپوءِ ڪوپ ۾ ٿورو پاڻي وجهي ڪري چڱيءَ طرح لوڏي ان جي گرڙي پريو، وات ۾ ٿوري دير ڦيرائي ڪري پي وڃو، اهڙيءَ طرح بـ ٿي پيرا ڪريو ايتري تائين جو ڪوپ ۾ چانهه جو اثر ختم ٿي وڃي، اهو ان لاءِ ڪرڻو آهي تـ چانهه جو ڪو قطرو ضايع بـ نـ ٿئي، ڪوپ بـ ڌوپجي وڃي ۽ ڏند بـ ڦڪا نـ ٿين، جيڪڏهن گرڙيءَ وارو پاڻي نـ پيئڻ چاهيو تـ اڇلائي ڇڏيو، ڪجهه منٽن کان پوءِ جو ان لاءِ عرض ڪيو آهي جو گرم چانهه کان فورًا بعد ٿڌي پاڻيءَ جو استعمال ڏندن لاءِ نقصانڪار آهي، چانهه کان فورًا بعد ڪوپ ڌوئي ڪري جيڪو پاڻي پيئوان جو مقدار ٿورو هئڻ گهرجي، جيڪڏهن هر غذا کائڻ کان پوءِ هي عمل ڪندؤ تـ اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ صفائي بـ رهندي ۽ مهارن جي بيمارين کان حفاظت بـ. اڄڪلهه ڏندن ۾ رت اچڻ جي شڪايت عام آهي، ان جو هڪ سبب هي بـ آهي تـ غذا جا ذرا مهارن جي اندر گڏ ٿي ڪري پٿر وانگر سخت ٿي ويندا آهن، اهڙيءَ ريت ڏندڻ ڪرڻ، کائڻ، چبارڻ وغيره سان رت نڪرندو رهندوآهي، جيڪڏهن هر غذا کائڻ کان پوءِ وات ۾ پاڻي ڦيرائڻ وارو عمل ڪندا رهندؤ تـ اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ڏندن جي صفائي سان گڏوگڏ ڏندن ۾ رت جي شڪايت وغيره بيمارين کان بـ حفاظت ٿيندي، خوب ڊؤ ڪري کائڻ سان عام طور تي پيٽ خراب

ٿيندو آهي ۽ مختلف بيمارين سان ڳڏوڳڏ ڪجهہ ماڻهن کي مهارن ۾ رت اچڻ جي شڪايت بہ ٿي پوندي آهي، جيڪڏهن توهان پنهنجي غذا ۾ وچٿرائي آڻيندؤ تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ حيرت انگيز طور تي سالن کان پراڻيون بيماريون ختم ٿيڻ سان ڳڏوڳڏ مهارن ۾ ايندڙ رت بہ بند ٿي ويندو، نہ تہ تجربو اهو ئي آهي تہ دوائن سان رُڳو عارضي طور تي فائدو ٿيندو آهي ۽ وري بيماري موٽي ايندي آهي!

## ڦڪن ڏندن جي صفائي

**سوال:** جنهن جا ڏند ڦڪا ٿي ويا هجن، اهو ڇا ڪري؟

**جواب** : خوب چڱيءَ طرح ڏندڻ ڪندا ڪريو، لوڻ ۽ ڪاڏي جي سوڍا، هڪ جيترو وزن ڪٽي ملايو ۽ ڏندن تي اهڙيءَ ريت احتياط سان مَليو جو مهارن کي نہ لڳي، اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ ڏند حيرت انگيز طور تي صاف ٿي ويندا، پر هي عمل گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن تائين لڳاتار نہ ڪريو. جنهن جون مهارون ڪمزور هجن ۽ انهن مان رت ايندو هجي تہ اهي هي عمل نہ ڪن.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوۡبُوۡا اِلَی اللّٰه اَسۡتَغۡفِرُاللّٰه

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# جيڪڏهن توهان صحتمند رهڻ چاهيو ٿا ته

هر ڪاڌي، ڀاڄيءَ ۾ تيل مصالحو معمول کان اڌ ۽ چانهه ۾ کنڊ بہ اڌ وجهڻ جي تاڪيد آهي، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان سان صحت بهتر ۽ اسلامي تعليم جي مدني مقصد جي حاصل ڪرڻ ۾ سهولت رهندي، گهرن ۾ بہ ڪاڌي جي لاءِ هن جدول مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## دعوتِ اسلاميءَ جي جامعات المدينہ جي لاءِ جدول براءِ طعام

| ڏينهن | صبح | منجهند | شام |
|---|---|---|---|
| جمعو: | چانهه پاپا | دال گوشت ۽ ماني | دال پالڪ، ماني ۽ چانهه |
| ڇنڇر: | ڪابلي ڇٽا، چانهه ۽ ماني | اڇا چانور يا گوشت پلاءُ | مڪس سبزي (پٽاٽا، ڪدو، مٽو ڪدو، گوگڙو) ، ماني ۽ چانهه |
| آچر: | ڪابلي ڇٽا، چانهه ۽ ماني | ڪدو شريف، دال ۽ ماني) | سبزي، ماني ۽ چانهه |
| سومر: | ڪابلي ڇٽا، چانهه ۽ ماني | دال ۽ ماني | برياني ۽ چانهه |
| اڱارو: | چانهه پاپا يا چانهه ۽ ماني | مڪس سبزي ۽ ماني | ڪدو شريف، دال، ماني ۽ چانهه |
| اربع: | ڪابلي ڇٽا، چانهه ۽ ماني | ڪڙهي چانور يا دال چانور | ڪدوشريف، پٽاٽا، ماني ۽ چانهه |
| خميس: | پٽاٽن جي ڀاڄي ۽ ماني | جَوَن جي ڪش يا پٽاٽا گوشت ۽ ماني | قرين جي ڀاڄي، ماني ۽ چانهه |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# مڪتُوبِ عطار دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة

بنام

# شهزاده عطار دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة

**هي صحت جي حفاظت جي مدني گلن جو حسين گلدستو آهي جيڪوان مطابق عمل ڪندو**

اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

**طبيبن جو محتاج نه رهندو......**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سگِ مدينه **محمد الياس** عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنْهُ جي طرف کان مبلغ دعوتِ اسلامي منهنجي مني مني پٽ **الحاج ابو اُسيد احمد عبيد رضا عطاري مدني** سلمه الغني جي خدمتِ عالي ۾ ڪربلا مُعلّٰي جي ڪهتين مان ڪهمندو، امام عاليمقام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي

مزار جي گنبذ ۽ مينار کي چمندو، محرم الحرام جي مهيني جي برڪتن سان مالا مال خوشگوار ۽ خوشبودار سلام:

اَلسّلامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وبَرَكَاتُهٗ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حال

حديثِ پاڪ ۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا جريربن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ، ”مون حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هن ڳالهہ تي بيعت ڪئي هئي تہ نماز قائم ڪندس ۽ زڪوٰة ادا ڪندس ۽ عام مسلمانن جي خيرخواهي ڪندس(يعني ڀلائي چاهيندس) (صحيح مسلم ص 48 حديث 97) اَلْحَمْدُللهِ عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي مسلمانن جي خيرخواهن ۾ وقف ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي مقدس جذبي جي تحت دعا سان گڏوگڏ صحتمند رهڻ جي لاءِ ڪجهہ مدني گل خدمت ۾ حاضر ڪيا آهن. جيڪڏهن رُڳو دنيا جي رنگينين مان مزا ماڻڻ جي لاءِ تندرست رهڻ جي خواهش آهي تہ خط پڙهڻ بند ڪريو ۽ جيڪڏهن سُني صحت جي ذريعي عبادتن ۽ سنّتن جي خدمت تي قوت حاصل ڪرڻ جو ذهن آهي تہ ثواب ڪمائڻ جي غرض سان سٺيون سٺيون نيّتون ڪندي درود شريف پڙهي ڪري اڳتي وڌو ۽ خط مڪمل پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ منهنجي، توهان جي ۽ تمام خاندان وارن ۽ سڄي امت جي مغفرت فرمائي. اسان کي صحت ۽ عافيّت سان ۽ دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۾ رهندي اسلام جي خدمت تي استقامت عنايت فرمائي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جون جسماني بيماريون دور ڪري اسان کي بيمارِ مدينه بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لاءِ مون کي توهان جي ضرورت آهي. براءِ ڪرم! صحت جي معاملي ۾ غفلت نہ ڪريو اڪثر ڪري معمولي رهڙ بہ وڌندي وڌندي وڏو زخم پوءِ ناسور ۽ آخرڪار موت جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي **مشاهدو**آهي تہ جتي دوائون ڪم نہ ڪنديون آهن اتي پرهيز ڪرڻ سان حيرت انگيز نتيجا نڪرندا آهن! نئون ڪپڙو جيڪڏهن هڪ ڀيرو بہ ڌوتو وڃي تہ پوءِ ان جي پهريان جهڙي چمڪ باقي رهندي آهي ۽ نہ ئي قيمت. سو دوائن جي ذريعي علاج سان صحت حاصل ڪرڻ بعد انساني جسم بہ جڻ تہ ”ڌوتل ڪپڙي“ جيان ٿي ويندو آهي، تنهنڪري هر ممڪن صورت ۾دوائن بدران غذا سان ۽ پڻ پرهيز جي ذريعي ڪم هلائڻ ئي عقلمندي آهي جو دوائن جا **منفي اثر** بہ هوندا آهن.

نا سمجھ بیمار کو امرت بھی زہر آمیز ہے
سچ یہی ہے سو دوا کی اک دوا پرہیز ہے۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاڌي جي باري ۾ سيني لاءِ مشورو

**هر ڪاڌي** ۾ تيل، لوڻ مرچ ۽ گرم مصالحي جو مقدار اندازي سان نہ بلڪ حساب ڪري پنهنجي گهر جي معمول ڪان اڌ ڪري ڇڏيو، غذا ۾سبزين جو استعمال وڌائي ڇڏيو، گوشت جي ياجي هفتي ۾ صرف بہ ڀيرا ۽ اها بہ گهٽ مقدار ۾ڪائو، جيڪڏهن گهر ۾ اڪثر ڪري گوشت پچندو هجي تہ **حتي الامڪان** رُڳو هڪ ٻوٽي ڪائڻ جي عادت بڻايو، جيستائين گهٽي ٻُک نہ لڳي ان وقت

تائين نہ کائو، خوب چٻاڙي ڪري کائو ڏندن جو (چٻاڙڻ وارو) ڪم آنڊن کان نہ وٺو ۽ ٿوري بُک باقي هئڻ جي صورت ۾ هٿ روڪي ڇڏيو، پيٽ ڀري ڪري کائڻ جي عادت ڪڍي ڇڏيو. ڪنڊ وارا فروٽ جوسز استعمال نہ ڪريو، ميدي، سٽپ ۽ ڪنڊ واريون غذائون گهٽ کان گهٽ کائو. آئسڪريمن، ٿڌين بوتلن، تَريل غذائن، ديڳن يا بازاري کِچن ۾ پڪل کاڌن، ٽافين ڪوڪو چاڪليٽ، سگريٽ پيئڻ، پان، سوپاري، گٽڪي، خوشبودار سوپاري، تماڪ، مين پڙي، پان وغيره کان بچو. چانهہ پيئڻ چاهيو تہ ڏينهن رات ۾ ٻہ يا ٽي ڀيرا اڌ ڪوپ ۽ ان ۾ بہ ڪنڊ جي بدران ماکي وجهو، مجبوري هجي تہ ڪنڊ ضرورت کان اڌ مقدار ۾ وجهو. منيون غذائون ماکيءَ ۾ ٺاهيو جيڪڏهن ان جي سگهہ نہ هجي تہ ڪنڊ گهر جي معمول مان فقط چوٿون حصو وجهو، خوب مني چانهہ، مني ۾منن کاڌن ۽ ڪولڊ ڊرنڪس جي شوقينن جو شگر جي بيماري کان محفوظ رهڻ تمام ڏکيو هوندو آهي (شگر ۽ B.P جي گهٽ يا وڌ هئڻ يا ٻين بيمارين وارا ڊاڪٽر جي هدايتن تي عمل ڪن) روزانو هڪ ڪلاڪ ۽ نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾گهٽ اڌ ڪلاڪ پيادل هلو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جو Lipid profile نارمل ٿيڻ سان گڏوگڏ جسم جو وزن بہ وچٿرو رهندو، پيٽ ٻاهر نہ نڪرندو، معدو صحيح ٿي ويندو، ڪيترين ئي بيمارين پري رهنديون ۽ جيڪي موجود هونديون انهن مان اڪثر اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻمرادو نيڪ ٿي وينديون اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان عبادت ۽ دين جي خدمت ۽ مدني ڪمن ۾چُستي محسوس ڪندؤ. جيتوڻيڪ هي ڳالهيون نفس تي وزندار آهن پر عادت ٻڌجي وڃڻ جي صورت ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آساني ٿي ويندي. هي ياد رهي تہ غذا

جي لذت فقط نِڙيءَ جي پاڙ تائين هوندي آهي. جيئن ئي گرهه هيٺ لٿو جَوَن جي سکل ماني ۽ گيهه ۾ٻُڏل برياني سڀ هڪ ٿي ويا۔جڏهن تہ جَوَن جي سُکل ماني زندگيءَ کي خوشگوار بڻائيندي ۽ گيهه واري برياني ڊاڪٽرن وٽ ڌڪا کارائيندي! (تولهه هئڻ جي صورت ۾ جڏهن وزن گهٽجڻ شروع ٿيندو آهي تہ ڪن جوعارضي طور تي **Uric Acid** وڌڻ لڳندو آهي آخرڪار پاڻ ئي نارمل ٿي ويندو آهي پوءِ بہ احتياط خاطر انهن ڏينهن ۾ هر ڏيڍ مهيني ڪانپوءِ ان جي ٽيسٽ ڪرائيندا رهو، پاڻي گهڻو پيئڻ سان غير ضروري **Uric Acid** خارج ٿيندو رهندو آهي.)

## ڏينهن ۾ بہ پيرا کائو

**ممڪن** هجي تہ ڏينهن ۾ ٽي پيرا کائڻ بدران بہ پيرا کائو، ثواب جي نيّت سان **پيٽ جو قفلِ مدينه** لڳائيندي ٻئي پيرا خوب بُک لڳڻ جي صورت ۾ ئي کائو ۽ اجان بُک باقي هجي تہ هٿ روڪي ڇڏيو، وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جي بازاري شيءِ نہ کائو، بُک لڳي تہ هڪ صوف يا ٿورا ميوا کائو، جيتوڻيڪ عمومًا ميوا جسم جو وزن وڌائيندا آهن پر ان جا فائدا بيشمارآهن. ها جنهن جي رت ۾ شگر يا ٽرائيگليسرائيڊز جو مقدار گهڻو آهي اهو مـنن ميون ۾، خشڪ ميون، ۽ بادي سبزين (**يعني اهي سبزيون جيڪي زمين جي اندر پيدا ٿينديون آهن.**) مثال طور گجر، موري، پٽاٽو، لاهوري گجر ۽ چقندر (گوگڙو جهڙي سبزي) وغيره کان پرهيز ڪري ۽ ڊاڪٽر جي هدايتن تي عمل ڪري، زهي نصيب! صومِ داودي (يعني هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن روزو) جي رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عادت ٻڌجي وڃي تہ ضمني طورتي کائڻ پيئڻ جا ڪيترائي مسئلا حل ٿي وڃن.

## رت Test ڪرايو

**جيتوڻيڪ هڪ حد تائين انهن شين جي انساني جسم کي ضرورت هوندي آهي تنهن هوندي بہ انهن جي گهڻائي نقصانڪار آهي، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ رت جون هي ٽيسٽون ڪرائڻ مناسب آهن.**

(1) **Lipid Profile** : (ان ۾ **Cholestrol** بہ شامل آهي ان جي ٽيسٽ لاءِ **12** ڪان **14** ڪلاڪن تائين پيٽ خالي رهڻ ضروري آهي.)

(2) **Glucose** (خالي پيٽ ۾ نارمل ڪان وڌيڪ هجي تہ ڀريل پيٽ ۾ بہ ڪرايو.)

(3) **Uric Acid** :

**Se rum Creatinine(4)** (هن مان گردي ۾ جيڪڏهن ڪنهن قسم جي خرابي ۽ فيل ٿيڻ جو خطرو شروع ٿيو هجي تہ معلوم ٿي سگهي ٿو ۽ بروقت علاج جي ترڪيب بڻجي سگهي ٿي، ان تي نظررکڻ تمام ضروري آهي چو تہ اڄڪلهہ اسان وٽ گردا فيل ٿيڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن.) الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ روزو رکي ڪري ٽيپهريءَ جي نماز کانپوءِ تمام ٽيسٽون ڪرائي سگهجن ٿيون. نہ تہ رات جلدي کاڌو کائي ڇڏيو ۽ صبح ناشتي کان اڳ ۾ ڪرايو. **نوٽ**: رپورٽ ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، صحتمند کي هر ڇهن مهينن بعد ۽ مريض کي ڊاڪٽر جي هدايتن مطابق اهي ٽيسٽون ۽ ان کان سواءِ جن جو اهي مشورو ڏين ضرورضرورضرور ڪرائيندو رهڻ گهرجن. اهو سوچي ڪري

ٽيسٽون نہ ڪرائڻ تہ جيڪڏهن "**ڪجھہ نڪتو**" تہ علاج ۽ پرهيز جون پريشانيون ٽيڻديون عقلندي ناهي جو بيماريءَ جي طرف ڪان لاپرواهي، مسئلي جو حل ناهي. ياد رکو! ظاهر ۾ صحتمند نوجوانن وغيره جو جيڪو دل جي دوري سبب انتقال ٿي ويندوآهي ان جو هڪ وڏو سبب "**لپڊپروفائل**" وڏي وڃڻ بہ هوندو آهي.

## ڪوليسٽرول جو مريض هنن غذائن ڪان پرهيز ڪري

﴿1﴾ هر طرح جوسٽپ ﴿2﴾ گيهہ ۽ ڪوڪنگ آئل جون نهيل شيون ﴿3﴾ انڊي جي زردي ﴿4﴾ نمڪو ۽ ﴿5﴾ بيڪريءَ جون اڪثر شيون، ﴿6﴾ ڳئون جو گوشت ﴿7﴾ پِزا ﴿8﴾ پراٺو ﴿9﴾ تريل غذائون مثلاً انڊو، آمليٽ، ڪباب، سموسا، پڪوڙا وغيره. ﴿10﴾ ملائي، ﴿11﴾ مکڻ ﴿12﴾ آئسڪريم وغيره (گھٽو ڪوليسٽرول سڌو سنئون دل کي نقصان پهچائيندو آهي تنهنڪري وڏيڪ ڊاڪٽر سان مشورو ڪريو) **ڪڪڙ** يا مڇي گڏوگڏ گھٽ مقدار ۾ ڪارن آئل کائڻ ۾حرج ناهي، ڊاڪٽر مشورو ڏئي تہ چربي ڪڍي ڪري ٻڪري جوگوشت بہ کائي سگھو ٿا. هڪ طبي تحقيق جي مطابق "**زيت**" يعني زيتون شريف جو تيل ڪوليسٽرول جي مريضن لاءِ فائديمند آهي چو تہ اهو وڏيڪ گندي ڪوليسٽرول کي رت مان خارج ڪندو آهي رت ۾ ٽرائيگليسرائڊز (**Triglycerides**) گھٽو هئڻ جي صورت ۾ ذڪر ڪيل پرهيزن ڪان سواءِ مناڻ ۽ گانگٽ مڇيءَ کان بہ بچڻو پوندو.

# يورڪ ايسڊ

Uric Acid مناسب درجي کان گهڻو هجي ته چمڙي جي بيمارين ۾ سنڌن جي سور کان علاوه گردي ۾ دماغ کي نقصان پهچي سگهي ٿو، ايتري تائين جو گهڻو اڳتي وڌي ڪري مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ جگر جو ڪينسر به ٿي سگهي ٿي. هڪ طبي تحقيق جي مطابق رت ۾ يورڪ ايسڊ انهن غذائن سان وڌندو آهي، جن ۾Purine جو مقدار گهڻو هجي، الڪوحل (وارين دوائن) ۽ پيشاب ڏيارينڌڙ دوائن جو استعمال ۽ پڻ ٿولهه به Uric Acid وڌڻ جا سبب آهن. **يورڪ ايسڊ جي مريض جي لاءِ پرهيز:** تمام قسمن جو گوشت ۽ انهن مان تيار ٿيل شين، گوشت جي شوروي (Soup)، مڇي، ڳانگٽ، مڇري ۽ ان جي دال، ڦريون، مٽرن، پالڪ ۽ گوبي وغيره کان پرهيز ڪري جو ان ۾ پيورين (Purine) جومقدار گهڻو هوندو آهي.

## گهٽ پيورين واريون غذائون

کير ۽ ان مان ٺهيل شيون، انڊو، ڪنڊ، ڪڻڪ ۽ ان جون ٺهيل شيون ايرو روٽ (يعني سابوداڻي جي قسم تي هڪ نرم غذا جيڪا وڻن مان حاصل ٿيندي آهي ۽ اها کير ۾ پچائي بيمارن ۽ ننڍن ٻارن کي کارائي ويندي آهي)، سابوداڻا، گيهه، مارجرين (مکڻ جهڙيون شيون) ميوا ۽ انهن جو جوس،سلاد ڪن کان سواءِ تمام سبزيون، ٽماٽا ۽ ٿڌيون بوتلون وغيره. **ڪن** ڊاڪٽرن جي بقول Uric Acid جي مريض جي لاءِ ڳئون

جو گوشت وڌيڪ نقصانڪار هوندو آهي. پوءِ ان کان گهٽ ٻڪر، پوءِ ڪڪڙ ۽ مڇي.

## يورڪ ايسڊ جو پاڻيءَ سان علاج

**هڪ ڏينهن** رات ۾ **40** گلاس پاڻي پي وڃو، بيشڪ پاڻي نڙيءَ تائين اچي وڃي ۽ پيٽ خوب پرجي وڃي، گهبرايو نہ جلد ئي پيشاب جي ذريعي خارج ٿي ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ ئي ڏينهن ۾ فائدو ٿي ويندو. مثلاً **Uric Acid** جي نارمل رينج 7 کان **3** هجي ۽ توهان جو وڌي **8** تائين پهچي وڃي تہ پوري هڪ ڏينهن رات ۾ **40** گلاس پاڻي پيئڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهٽتائي ٿيندي رهندي، گهڻو پاڻي پيئڻ سان عارضي طور تي پيشاب گهڻو ايندو، ان سان معدي، آنڊن، گردن ۽ مثاني وغيره جي خوب صفائي ٿي ويندي ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ضمني طور تي ڪيترائي فاسد مادا خارج ٿي ويندا، پاڻي جي علاج واري ڏينهن ڪاڌو وغيره کائڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر هي طبي اصول ياد رکو تہ کاڌي کان هڪدم پوءِ پاڻي پيئڻ سان جسم سُڄندو (يعني ٿلهو) ٿيندو آهي، تنهن ڪري ڪاڌي کان هڪ يا ٻہ ڪلاڪ پوءِ پاڻي پيئڻ گهرجي. (ڪنهن ماهر ڊاڪٽر سان مشورو ڪري وٺو)

**مدني مشورو :** پنهنجي ڊائري ۾ لڳائي ڇڏيو، پنهنجي گهروارن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي گڏ ڪري هي مڪتوب پڙهي ڪري ٻُڌايو، چاڻايل ٽيسٽون ڪرائڻ جو مشورو ڏيو ۽ پڻ ضرورت جي مطابق هن مڪتوب جي **Copy** پيش ڪري ثواب ڪمايو.

جيڪڏهن پڙهي ورتو هجي تڏهن بہ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هڪ ڀيرو ٻيهر **فيضانِ سنّت** جو باب **”پيٽ جو قفلِ مدينه “** ص 65 کان 110 جو مطالعو فرمائين.

هڪ چپ
سؤ
سک

**والسلام مع الاڪرام**

**طالب غم مدينه**
**بقيع و مغفرت و**
**بي حساب**
**جنت الفردوس**
**۾ آقا جو پاڙو**



صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪر مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابند سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن بڻجندو.**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# حاجي مشتاق عطاري

## درود شريف جي فضيلت

حضــور اكــرمِ، نــورِ مجســمِ، شــاه بنــي آدمِ، رســولِ محتشمِ، شافعِ امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهندو ،اهو جڏهن قيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان سان گڏ هڪ اهڙو نور هوندو جو جيڪڏهن اهو نور سڀني مخلوق ۾ ورهايو وڃي تہ سڀني لاءِ ڪافي ٿي وڃي.“ (حيلة اولياء ج 8 ص 49 حديث 11341)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ثنا خوان رسول مقبول، بلبل روضہِ رسول، مداح صحابہ و آل بتول، گلزارِ عطار جي خوشبودار گل، مبلغ دعوت اسلامي الحاج ابو عبيد قاري محمد مشتاق عطاري عَلَیْہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡبَارِی بن مولانا اخلاق احمد جي ولادت غالبًا آچر ڏينهن 18 رمضان المبارڪ 1386 ھ بمطابق 67-1-1 ع جو بنون (سرحد، پاڪستان) ۾ ٿي، ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ سردار آباد (فيصل آباد، پاڪستان) ۾ بہ ترسيا ۽ بعد ۾ باب المدينہ ڪراچي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائون.

❁ مدينه مسجد (اورنگي ٽاؤن باب المدينه) ۾ ڪيترن ئي سالن تائين امامت ڪرائيندا رهيا. ❁1995 ڪان وفات تائين جامع مسجد ڪنزالايمان (بابري چوڪ باب المدينه ڪراچي) ۾ امامت ۽ خطابت جي منصب تي فائز رهيا. ❁ قرآن پاڪ جا اٺ سيپارا حفظ هئا. ❁ تمام سنا قاري هئا. ❁ **درسِ نظاميءَ** جا چار درجا پڙهيا هئائون پر ديني معلومات ڪنهن چڱي ڀلي عالم کان گهٽ نہ هئي. ❁ اڪائونٽ ڊپارٽمينٽ ۾ سينيئر آڊيٽر جي حيثيت سان ڪافي سالن تائين گورنمينٽ نوڪري رهي. ❁ **جامعة المدينه** (**سبزي مارڪيٽ باب المدينه ڪراچي**) ۾ انگريزيءَ جو ڪلاس پڙهائيندا رهيا. ❁ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪين چار ڀيرا حج ۽ **مدينهءِ منوره** جي زيارت جون سعادتون نصيب ٿيون.

اگرچِہ دَولتِ دنیا مِری سب چھین لی جائے
مِرے دل سے نہ ہر گز یا نبی تیری وِلا نکلے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حاجي مشتاق عطاري مدني ماحول ۾

دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان اڳ بہ حاجي مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الرَّازِق جو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مذهبي ذهن هو. باريش نوجوان ۽ خوش الحان نعت خوان هئا. دعوتِ اسلامي ۾ پهنجي شامل ٿيڻ جو واقعو پاڻ مون کي (**سگِ مدينه** عُفِيَ عَنهُ کي) ڪجهہ هن طرح ٻڌايو هئائون تہ مان جڏهن پهريون ڀيرو **هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع** ۾ حاضري جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي پهرئين

مرڪز جامع مسجد **گلزارِ حبيب** آيس، اجتماع ڪان پوءِ ماڻهو پڪڙڻ لڳا تہ مان بہ هلڻ لڳس، ايتري ۾ هڪ باريش باعمامہ اسلامي ڀاءُ پاڻ اڳتي وڌي ڪري مون سان مصافحو ڪيو، ان جي ملڻ جو انداز مون کي تمام گهڻو وڻيو، وڌي محبت سان انفرادي ڪوشش ڪندي هن توهان (يعني سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ) سان منهنجي ملاقات ڪرائي. مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حاجي مشتاق نگرانِ شوريٰ بڻجي ويا

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **حاجي محمد مشتاق** عَلَيهِ رَحمَة اللهِالرَّازق کي **الله** عَزَّوَجَلَّ آواز تمام سُريلو بخشيو هو. وڏن وڏن اجتماعاتِ ذڪر و نعت ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون پُڙهائڻ ۽ عاشقانِ رسول کي تڙپائڻ لڳا، مبلغ بہ تمام سٺا هئا، مدني ڪمن جو جذبو بہ خوب هين، الله عَزَّوَجَلَّ کين تمام گهڻي ترقي عطا فرمائي، جنوري **2000** ۾ پوري شهر جي نگرانن جي منظوريءَ سان **باب المدينه ڪراچي** جا نگران بڻجي ويا ۽ انهيءَ سال آڪٽوبر ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران جي منصب تي فائز ٿي ويا.

رضا پر رب کی راضی ہیں تمہارے ہم بھکاری ہیں
ہماری آخرت بہتر بنا دو یارسول اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حضور ﷺ پنهنجي مشتاق کي سيني سان لڳائي ڇڏيو

حاجي محمّد مشتاق عطاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی جي وفات کان ڪجهه مهينا اڳ مون کي (يعني سگِ مدينه کي) **اسلامي ڀاءُ** هڪ خط موڪليو هو، ان ۾ هن قسم کڻي پنهنجو واقعو ڪجهه هيئن لکيو هو، ”مون خواب ۾ پنهنجو پاڻ کي سونهري ڄارين جي سامهون ڏٺو، ڄاري مبارڪ ۾ موجود ٽن سوراخن مان هڪ سوراخ ۾ جڏهن جهاتي پاتم ته هڪ حسين منظر نظر آيو، ڇا ٿو ڏسان ته سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه، فيض گنجينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن ۽ پڻ شيخين ڪريمين يعني حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق ۽ حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا به خدمت ۾ حاضر آهن، ايتري ۾ **حاجي محمّد مشتاق عطاري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی **محبوب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي بارگاهه** ۾ حاضر ٿيا. سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **حاجي مشتاق عطاري** کي سيني سان لڳايو ۽ پوءِ **ڪجهه ارشاد فرمايائون** پر اهو مون کي ياد ناهي پوءِ اک کلي وئي.

آپ کے قدموں سے لگ کر موت کی یا مصطفٰے
آرزو کب آئیگی بَر بیکس و مجبور کی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حاجي مشتاق جو حضور ﷺ جي درٻار ۾ انتظار

**حاجي مشتاق** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الرَّزَاق جيئن ته انهن ڏينهن ۾ سخت بيمار هئا، مون سندن جي باري ۾ ڏٺل اهو ئي ايمان افروز خواب وارو خط سندن دلجوئي خاطر ڪين پيش

ڪيو، منهنجو حُسن ظن آهي تہ **حاجي مشتاق عطاري** سلّمہ البـاري تي رحمتِ عالم، نور مجسم، شاهِ بني آدم رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خصوصي نظرِ ڪرم هئي، جيئن تہ هڪ بئي اسلامي ڀاءُ مون ڪي ڪجهہ هن طرح لکيو تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سومر ۽ اڱاري جي وچين رات مون هي ايمان افروز خواب ڏٺو تہ **مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رونق افروز آهن ۽ چوڌاري انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام، **خلفاءِ راشدين**، حسنين ڪريمين ۽ بيشمار اولياءِ ڪرام رِضۡوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِمۡ اَجۡمَعِیۡن حاضرآهن. هر طرف خاموشي طاري هئي، ايتري ۾ منا منا آقا مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي طرف متوجهہ ٿيا، لبن مبارڪن کي حرڪت ٿي، رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا ۽ لفظن ڪجهہ هيئن ترتيب ماڻي (اي ابوبڪر!) **محمّد مشتاق عطاري اچڻ وارا آهن مان ساڻن هٿ ملائيندس، توهان بہ هٿ ملائجو هو هتي اچي اسان کي نعتون ٻڌائيندا.**“ پوءِ منهنجي اک کلي وئي، جڏهن ڏينهن ٿيو تہ خبر آئي تہ اڄ 29 **شعبان المعظم** 1423 ھ (بمطابق **5.11.2002** ع صبح سوا اٺ ۽ ساڍي اٺين بجي جي وچ ۾ **حاجي مشتاق عطاري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰہِ الۡبَارِی جي وفات ٿي وئي آهي. اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّاۤ اِلَیۡہِ رٰجِعُوۡن

لب پر نعتِ نبی کا نغمہ کل بھی تھا اور آج بھی ہے
پیارے نبی سے میرا رشتہ کل بھی تھا اور آج بھی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروزخواب مان هي حُسن ظن قائم ٿي رهيو آهي تہ مرحوم حاجي محمد مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الرَّازق بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مقبول ثنا خوان هئا. تڏهن تہ وفات کان ڪجهہ ڪلاڪ اڳ اچڻ جو انتظار ڪرڻ ۽ نعتون ٻڌڻ جي بشارت ٻڌائي وئي.

يِہی آرزو ہو جو سُرخرو، ملے دوجہاں کی آبرو
میں کہوں غلام ہوں آپ کا، وہ کہیں کہ ہم کو قبول ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حاجي مشتاق جو جنازو

نشتر پارڪ (باب المدينہ ڪراچي) ۾ مرحوم جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي.

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے
محبوب کی گلیوں سے ذرا گھوم کے نکلے

مون (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْہُ) وڏن وڏن ماڻهن جي جنازن ۾ حاضري ڏني آهي پر ان کان اڳ ڪڏهن ڪنهن جي جنازي ۾ ماڻهن جو ايڏو هجوم نہ ڏٺو هو، جيترو حاجي محمد مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الرَّازق جي جنازي ۾ هيو، تمام رقت انگيز منظر ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا، غمِ مشتاق ۾ ديوانا سڏڪا ڀري روئي رهيا هئا، آهُن ۽ سڏڪن جي جگر ڏاريندڙ صدائن ۽ ٻِنل اکين سان انتهائي پُرسوز ماحول ۾ مرحوم کي صحراءِ مدينہ (ٽول پلازه باب المدينہ ڪراچي) جي مٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو.

شہا عطّار کا پیارا ہے یہ مشتاق عطّاری
یہی مژدہ اسے تم بھی سنا دو یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايصالِ ثواب جا انبار

دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (باب المدينه ڪراچي) ۾ مرحوم جو ٽيجهو ٿيو، جنهن ۾ بيشماراسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي، حاجي مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْبَارِی جي ٽيجهي ۾ مختلف شهرن مان جيڪي تحفا آيا، انهن جي مختصر فهرست هي آهي، ﴿1﴾ قرآن پاڪ 13919 ﴿2﴾ متفرق سيپارا 5613 ﴿3﴾ سورهءِ ياسين 1038﴿4﴾ سورة الملڪ 1140 ﴿5﴾سورهءِ رحمٰن 165 ﴿6﴾ سورهءِ مزمل 10 ﴿7﴾ آية الڪرسي 33592 ﴿8﴾ الڳ الڳ سورتون 93186 ﴿8 درود شريف 13888087 ﴿10﴾ ڪلمهءِ طيبه 348400 ﴿11﴾ مختلف تسبيحات 357200.

الٰہی! موت آئے گنبدِ خضرا کے سائے میں
مدینے میں جنازہ دھوم سے عطّار کا نکلے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حاجي مشتاق جي ڪردار جون جهلڪيون

هڪ اسلامي ڀاءُ تجربن ۽ مشاهدن جي روشني ۾ الحاج قاري ابو عُبيد محمّد مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ

اللّٰهِ البَارِی جي باري ۾ تاثرات لکي ڪري ڏنا هئا، جيڪي ڪجھ هيئن هئا، ❁ جن ڏينهن ۾ حاجي محمد مُشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الرَّازق اورنگي ٽاؤن باب المدينه ڪراچي جا رهواسي ۽ **دعوتِ اسلاميءَ** جا علائقائي نگران هئا، مان بہ تقريبًا 6 سال اتي ترسيل هيس، ❁ مون ڪين غيبت ڪندي يا ڪاوڙ ۾ اچي ڪري ڪنهن کي دڙڪا يا چڙبُون ڏيندي ڪڏهن نہ ڏٺو. ❁ وڏي ڪان وڏو پنهنجي اسلامي ڀائرن ۾ تڪرار يا تنظيمي مسئلو پيش ايندو هو تہ حڪمت عمليءَ سان ڪلي ڳالهائي حل ڪري ڇڏيندا هئا. ❁ ڪو ڪيڏي بہ دل آزاريندڙ ڳالھ چوندو هو، ٻُڌي ڪري ڪاوڙ ۾ اچڻ تہ رهيو هڪ طرف ،ڪڏهن بہ سندن پيشانيءَ ۾ گُھنج پوندي نہ ڏٺا. ❁ جڏهن ڪنهن کي وقت ڏيندا هئا تہ **حتي الامكان** ان جي پابندي ڪندا هئا. ❁ اڪثر ڏٺو ويو تہ جڏهن اجتماع ذڪر و نعت ۾ نعت شريف پڙهڻ جي لاءِ شرڪت واسطي يا نڪاح پڙهڻ لاءِ سواريءَ جي پيشڪش ڪئي ويندي هئي تہ اهو چئي ڪري انڪار ڪندا هئا تہ مون وٽ بائيڪ (Bike) موجود آهي اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ تي حاضر ٿي ويندس، بس مون کي ايڊريس ٻُڌائي ڇڏيو، ❁ اچڻ وڃڻ جو ڪرايو وغيره گهرڻ تہ رهيو هڪ طرف، ڪو پاڻ پيش ڪندو هو تڏهن بہ اڪثر مرڪندي ٽاري ڇڏيندا هئا. ❁ 19.12.1996 جو منهنجو نڪاح هو، منهنجي گذارش تي جڃ سان گڏ لانڍي قائد آباد تشريف ڪٽي آيا، نڪاح بہ پڙهايائون ۽ سِهرو بہ پڙهيائون، واپسيءَ تي گهروارن ڪافي اصرار ڪيو تہ توهان کي گهوٽ جي گاڏيءَ ۾ گهر پهچايون ٿا يا ٽيڪسي ڪرائي ڏيون ٿا پر نہ مڃيائون ۽ انتهائي عاجزيءَ سان لانڍي قائدآباد کان اورنگي ٽائون جو ڏکھو سفر عام روٽ جي بس ۾ اختيار ڪيائون.

حضرتِ مشتاق عطّاری سے ہم کو پیار ہے
ان شاءاللہ دوجہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### مشتاق جي دربار ۾ مراد پوري ٿي ڏيندي

اَلْحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ صحراءِ مدينه باب المدينه ڪراچيءَ ۾ مشتاق جي دربار تي ماٿهو حاضري ڏيندا آهن، اسلامي ڀائر ڀري ڀري ڪان ايندا آهن ۽ فيض حاصل ڪندا آهن جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجھ هن طرح جي تحرير پيش ڪئي، منهنجي گهرواري ”اميد“ سان هئي، ميڊيڪل رپورٽ جي مطابق ڌيءَ جي پيدائش ٿيڻي هئي پر مونکي ”پٽ“ جي خواهش هئي جو تہ هڪ ڌيءَ اڳ ۾ ئي گهر ۾ موجود هئي، مون صحراءِ مدينه ۾ اچي ڪري مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِالرَّازق جي دربار ۾ حاضري ڏني ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾دعا گهري، ميڊيڪل رپورٽ غلط ثابت ٿي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي گهر ۾ چند جهڙو چهرو چمڪائيندي ۽ خوشين جا گل مهڪائيندي مدني مُنّو تشريف وٺي آيو.

مصطفٰی کا ہے جو بھی دیوانہ
اُس پہ رحمت مُدام ہوتی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### گندا اثر ختم ٿي ويا

هڪ اسلامي ڀاءُ جوبيان آهي، مون تي گندا اثر هئا، پنهنجي حلقي جي اسلامي

يائرن سان گڏ صحراءِ مدينه ۾ مشتاق جي درٻارتي مون حاضري ڏني ۽ دعا گهري، ائين محسوس ٿيو جيئن مونکي ڪنهن پڪڙي ورتو آهي ڪجهه دير ڪانپوءِ اها ڪيفيت ختم ٿي وئي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي طبيعت بهتر ٿي وئي.

سُن لو ہر ایک نیک شخصیّت
قابلِ اِحترام ہوتی ہے

يا رب مصطفي عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي حاجي محمّد مشتاق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى، هردعوتِ اسلامي واري ۽ واريءَ ۽ تمام امتِ مسلمه جي مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**هڪ چپ**
**سؤ**
**سڪ**

**والسلام مع الاكرام**
طالب غم مدينه
بقيع و مغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُالله
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami